# ٤ مارچ ۽ اڄ جي سنڌ



سهيڙيندڙ - پروفيسر اعجاز قريشي

منڇر پبليڪيشن دادو سنڌ

# 4 مارچ

۽

# اڄ جي سنڌ

پروفيسر اعجاز قريشي

ڪتاب جي هڙني حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | 4 - مارچ ۽ اڄ جي سنڌ |
| سهيڙيندڙ | : | پروفيسر اعجاز قريشي |
| ڇاپو | : | پهريون، 4 مارچ 2003ع |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ٽائيٽل | : | فتاح هاليپوٽو |
| ڪمپوزنگ | : | نويد نواز چنه |
| ڇپيندڙ | : | منڇر پبليڪيشن - دادو سنڌ |
| پرنٽنگ پريس | : | مسعود پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد |
| قيمت | : | 200 رپيا |
| پاران | | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

# 4 th March and Ajh Ji Sindh

***( 4 th March and Today's Sindh)***

Compiler and Editor: Prof. Aijaz A. Qureshi

Year: March 2003

Manchhar Publication - Dadu, Sindh

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپڻا

هيءُ ڪتاب،
وڏي چاهه ۽ اتساهه سان اربعي تو
چوٿين مارچ 1967ع جي مک ڪردار
**محترم محمد يوسف لغاري**
۽ انهن سيني جاکوڙين جي نالي،
جيڪي انهيءَ تحريڪ دوران
رياستي ڏاڍ ۽ جبر جو شڪار رهيا.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | محمد ابراهيم جويو | 5 |
| سهيڙيندڙ پاران | اعجاز قريشي | ٩ |
| سنڌيت زنده ۽ جاويد رهندي | شيخ اياز | 11 |
| سنڌ جي قومي تاريخ جو اڻ وسرندڙ باب: "4 - مارچ جي تحريڪ" | رسول بخش پليجو | 22 |
| 4 - مارچ: "سنڌ جي طويل تاريخ جو يادگار ڏينهن" | عبدالواحد آريسر | 26 |
| 4 - مارچ: قومي تحريڪ جو روشن ڏينهن | يوسف لغاري | 32 |
| 4 - مارچ کان اڳ ۽ پوءِ واري دؤر جي ڪهاڻي | مسعود نوراني | 65 |
| وڏيو هئين تہ ويهہ... | رسول بخش پليجو | 163 |
| 4 - مارچ، ون يونٽ خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد جو داستان | اعجاز قريشي | 169 |
| تاريخي سچائي ۽ اسان جي جدوجهد | مشتاق ميراڻي | 192 |
| 4 مارچ قومي جدوجهد جو ڏينهن | يوسف ميمڻ | 199 |
| نئون نسل ۽ چوٿين مارچ | اعجاز منگي | 203 |
| 4 - مارچ: قومي جدوجهد جي سفر جو شاندار آغاز | گلشن لغاري | 210 |
| 4 - مارچ ۽ قومي حقن لاءِ جدوجهد | احمد خان ملڪاڻي | 213 |
| چوٿين مارچ جي هيري يوسف لغاري سان ملاقات | مدد علي سنڌي | 218 |

# پيش لفظ

مانائتي اداري "منچر پبليڪيشن، دادو"، 4 مارچ 1967ع جي واقعي بابت ڪتاب ترتيب ڏيئي هڪ تاريخي ڪم ڪيو آهي.

اسان جي شاعر شيخ اياز جي لفظن ۾، "4 مارچ سنڌ جو مئي ڊي (May Day)" آهي. سنڌ جي محب وطن شاگردن اڄ کان 36 سال اڳ، سنڌ، سنڌي زبان، سنڌي اختيار اعلي، حق خودارادیت، سنڌي تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ مرڪز يعني پنجاب زده نظامت جي مداخلت ۽ بيٺڪي رويي کي للڪاريو هو. هي واقعو، ايوبي ڏهڪاءَ ۽ بربريت واري دؤر ۾ ٿيو هو، جڏهن بنگال ۽ بلوچستان جي "عوامي قيادت" جيلن ۾ بند هئي، پشتونخواه جو عظيم محب وطن اڳواڻ بادشاهه خان پنهنجي هم وطنن جي بي شعوريءَ جو ڏک نه سهي، افغانستان هليو ويو هو. سنڌ جو "قومي رهبر" سائين جي ايم سيد نظر بند هو. شيخ اياز ۽ سندس ست جي شاعرن جي شاعري عتاب هيٺ هئي، سنڌ جو "قومي تشخص" ختم ڪيو ويو هو ۽ سنڌ جو نالو وٺڻ "ڪاريهر تي پير پوڻ" جي برابر هو. نصاب ۾ سنڌ کي "سابق سنڌ" سڏيو ٿي ويو، ڪا منظم سياسي پارٽي ميدان ۾ نه هئي، سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ان جو سدا بهار اڳواڻ حيدر بخش جتوئي سرڪاري ڪارندن جي نظر ۾ "ناپسنديده" شخص هو، اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن، "قومي شعور" ۽ "قومي بڌيءَ" جو مظاهرو ڪندي، جنهن جو انمرديءَ سان قومي شعور ۽ جمهوريت جي دشمن سرڪار ۽ اُن جي سنڌ ۾ وڏي ڪارندي مسرور حسن ڪمشنر سان مهاڏو ڏنو. اهو معرڪو سنڌ جي تاريخ ۾ "قومي هلچل" جو وڏو موڙ آهي، جيئي سنڌ تحريڪ، سنڌي عوامي تحريڪ ۽ سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند شاگردن جي جماعتن منظم شڪل ۽ پارٽي حيثيت، اصل ۾ هن واقعي کان پوءِ حاصل ڪئي، هي واقعو سائين جي ايم سيد جي سالن جي محنت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي جدوجهد ۽ سنڌ جي روشن ضمير، ترقي پسند محب وطن اديبن ۽ دانشورن جي خوابن جي ساپيان بنجي آيو.

هيءُ واقعو ڪنهن اوچتي ردعمل جو اظهار نه هو، نه ئي ڪنهن "ون يونٽ" جي خلاف ڪو اوچتو اُڀار هو. هن واقعي جي پٺيان سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم خلاف ٿيندڙ

سازشن ۽ سنڌ جي قومي وجود کان انڪار وارين ڪوششن تي سنڌ جي نوجوانن جي برهميءَ جو هڪ اهڙو اظهار هو. جيڪو طوفان جي صورت وٺي رهيو هو.

سنڌ جي قومي جدوجهد، جيڪا ڪراچيءَ جي ڪسجڻ ۽ سنڌ کي مغربي پاڪستان جي "يڪي صوبي" (ون يونٽ) ۾ مدغم ڪري اُن جي وجود کي ختم ڪرڻ خلاف انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششن سان سلهاڙ جي، هڪ منظم تحريڪ ڏانهن وڌي رهي هئي. 4 مارچ جو واقعو اُن جي لاءِ سنگ ميل ثابت ٿيو.

جيڪي ماڻهو هن واقعي کي رڳو ڪمشنر مسرور حسن جهڙي ڪاموري خلاف ردعمل ۽ حسن علي عبدالرحمان وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽيءَ جي حمايت جو مظاهرو سمجهن ٿا، تن کي ياد رکڻ کپي تہ ڪمشنر مسرور حسن، سنڌ اندر "ايوب شاهيءَ" جو هڪ مضبوط ٿنڀو هو. جنهن کي خبر هئي تہ سنڌ جي قومي ڪارڪنن، محب وطن اديبن ۽ شاگردن، سنڌي ٻوليءَ خلاف "شريف ڪميشن" جي سازش ختم ڪرائي هئي، جنهن کي ڄاڻ هئي تہ ون يونٽ خلاف سڄي پاڪستان ۾ سگهارو آواز ۽ تحريڪ فقط سنڌ هلائي هئي، جنهن کي خبر هئي تہ ٽڪا خان - حيدرآباد جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر - سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار آغا تاج محمد مرحوم آڏو اعلان ڪيو هو تہ "اسان جا ٻار سنڌي نہ پڙهندا" ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ان سرڪاري مداخلت خلاف احتجاج طور اڳتي هلي وائيس چانسلريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏي هئي. علامہ صاحب نہ رڳو مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جو اهو حڪم نہ مڃيو هو. پر هُن مارشل لا وارن جي هڪ حمايتي پروفيسر احمد مختيار کي ، ٻنائر ٿيڻ کان پوءِ سندن خواهش موجب، وڌيڪ عرصي لاءِ ملازمت ۾ بہ نہ رکيو هو.

ڪمشنر مسرور حسن مادري، ٻولين خلاف سازش طور ويهاريل "شريف ايڊيوڪيشن ڪميشن" ۽ برگيڊيئر ٽڪا خان جو تسلسل هو. حسن علي عبدالرحمان، سنڌ يونيورسٽيءَ کي خودمختيار درسگاهہ بنائڻ جو حامي هو ۽ هن اُن ۾ ڪمشنر ۽ ڪنهن ٻئي ڪاموري جي مداخلت برداشت نہ پئي ڪئي، هن ڪمشنر مسرور حسن جي لاڏلي ۽ هڪ سرڪاري انفارمر شاگرد "طاهر". کي نقل ڪيس مان آجو ڪرڻ کان پڻ انڪار ڪيو هو.

لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو ڪرنل نجيب، مسرور حسن جي محڪمانہ شهہ ۽ مداخلت تي سنڌي شاگردن سان دولاب ۽ ٻياٽيءَ جو سلوڪ ڪري رهيو هو. يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ٻهراڙيءَ جي وڌيڪ ڪوٽا جي ابتڙ

ڪمشنر مسرور حسن پنهنجي حمايتي غير سنڌي شاگردن کي داخلائون ڏياري، تعليمي ادارن ۾ باقاعدي سرڪاري دخلڪاريءَ جو بڄ وجهي رهيو هو. هن ئي سنڌي غير سنڌي - تضاد ۽ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ باهمي عداوت جي ٻج ڇٽڻ جي ڪوشش ڪئي: جنهن ڪي سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ٻين ڪاليجن جي لائق سربراهن ناڪام بنايو. ڪمشنر مسرور حسن پنجابي مستقل مفاد جي نمائندي جي حيثيت ۾ سنڌ اندر "مستقل آباد ماڻهن" ۾ سهڪاري اتحاد جو مخالف هو. نتيجي طور هن تعليمي ادارن ۾ سرڪاري دخل اندازيءَ کي باقاعدي جنم ڏنو. سنڌ جي باشعور شاگردن ان قسم جي سرڪاري بدعمليءَ کي، سنڌ جي وسيع پس منظر ۾ ڏٺو ته کين اها تعليمي ادارن ۾ مداخلت - سنڌ جي تعليم، سنڌي زبان، سنڌ جي سياست ۽ سنڌ جي اقتدار اعليٰ خلاف هڪ سازش نظر آئي. اُن تي سنڌي شاگردن جو ردعمل هڪ فطري قدم هو ۽ سندن جدوجهد، ان ڏهڪاءَ ۽ بربريت واري دؤر ۾ جمهوريت، سچي پچي جمهوريت، ۽ قومن جي جمهوريت ڏانهن هڪ اڳيرائي ۽ پيش قدمي هئي.

4 مارچ جي جدوجهد ۽ ان جي متاثر نوجوانن کي سنڌ جي محب وطن ۽ روشن ضمير اديبن ۽ وچئين طبقي جي فردن جي حمايت حاصل هئي - خاص ڪري مرحوم محمد ميمڻ وڪيل، محترم رسول بخش پليجي ۽ حميد سنڌيءَ جهڙن نوجوان وڪيلن، عبدالستار پيرزادي ۽ ٻين برجسته وڪيلن جو قانوني سهڪار به حاصل هو. جن جو ڪردار به وساري نه ٿو سگهجي. هتي هن شاگرد تحريڪ جي مک اڳواڻ ۽ روح روان محترم يوسف لغاري کي جس ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهان.

اسان جي نوجوان شاگردن جي هيءَ بهادرانه جدوجهد سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي. ۽ اُن باب جو مواد، اسان جي پياري ياءُ، اعجاز قريشيءَ سهيڙي، ڪتابي صورت ۾ اسان جي اڳيان پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ کيس شاباس ۽ جس ڏيان ٿو. اعجاز قريشي خود به 4 مارچ جي جدوجهد جو هڪ متحرڪ ڪردار هو، ۽ اڄ تائين هو سنڌ جي مسئلن لاءِ جاڪوڙيندو رهي ٿو ۽ سندس من ۾ پنهنجي وطن لاءِ جيڪو پيار آهي، سو سندس هن وقتائتي قدم ۽ هن پورهئي مان ظاهر آهي.

**محمد ابراهيم جويو**
حيدرآباد، سنڌ
20 فيبروري 2003ع

# سهيڙيندڙ پاران

هر ماڻهوءَ جون ٻه مائرون آهن. هڪ اها جيڪي ڄڻي ٿي ۽ پنهنجي ڇاتيءَ مان ٻار لاءِ کير مهيا ڪري ٿي. هڪ ٻي ماءُ "ڌرتي" هجي ٿي. جڏهن ٻار ماءُ جو کير پي پنڌ ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿو. تڏهن ڌرتي ڪيس وسيع ڇاتي آڇي ٿي. جتي هو ڊوڙي ڪُڏي ٿو. اها ڌرتي ماءُ پنهنجي ڇاتيءَ مان اَنُ اُپائي ماڻهوءَ جي کاڌ خوراڪ لاءِ سامان مُهيا ڪري ٿي ته پوءَ کير آهي جيڪو انهن مائرن جي محبت کي مانُ نه ڏيندو. اهي مائرون ڪيڏيون نه پياريون هونديون جيڪي وسيع آغوش ۾ ماڻهن جي پالنا ڪن ٿيون. اها ئي آغوش هر ماڻهوءَ لاءِ پناهه هجي ٿي.

سنڌ ٻه اسان جي اُن ماءُ جهڙي ئي آهي. جنهن اسان کي جنم ڏنو. آءٌ ايئن چوندس ته هڪ ماءُ جنهن جنم ڏنو ۽ ٻي ماءُ (ڌرتي) جنهن اسان جي پالنا ڪئي ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪيو. هڪ ماءُ جنم ڏيندڙ آهي ۽ "ٻي ماءُ" پاليندڙ آهي". هر قوم جي باشعور ۽ ذميوار فرد جيان مان ٻه ڪافي عرصي کان سوچيندو پيو اچان ته سنڌ ڌرتيءَ جو قرض ڪيئن لاهجي؟ هر دفعي مختلف خيال ذهن ۾ ايندا آهن ۽ دنيا جي مصروفيتن ۽ سستي سبب ڪجهه نه ڪري سگهڻ وارو احساس وري ڪا جذبي جي ڇٽنگ دکائي ويندو آهي. گهڻ ۾ گهٽ اهو سالن کان طئه ڪري ڇڏيو هئم ته سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ کي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏيندس. جنهن ۾ ڪيترين ئي اهم ۽ تاريخي حقيقتون هميشه لاءِ محفوظ ٿي وينديون ۽ سياڻي جي مؤرخن ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ ڊاڪيومينٽ ٿي پوندو. نيٺ هلندڙ سال جي شروع ۾ صرف "ون يونٽ واري دؤر ۽ 4 - مارچ جي تحريڪ" بابت مواد هٿ ڪرڻ شوع ڪيم. پهريان ته انهيءَ دؤر جي مقبول رسالن "سهڻي"، اڳتي قدم". "روح رهاڻ" جا تقريبن سيئي پرچا هٿ ڪيا. جنهن ۾ مختلف دوستن جا لکيل مضمون ٻيهر پڙهي ۽ بهتر ترتيب سان ٻيهر ڪمپوز ڪيا ۽ ڪجهه ٻين ڪتابن تان هٿ ڪيم. 1960ع واري ڏهاڪي جا رسالا هٿ ڪرڻ اخبارون ۽ ٻيو مواد هٿ ڪرڻ يقينن ڏکيو ڪم هو. ٿوري جاکوڙ ۽ پيچ پچان کانپوءِ ڪافي مواد هٿ ڪري پڙهي ۽ سهيڙي عنوان مطابق لکيل مواد تي مشتمل هي ڪتاب ترتيب ڏنو اٿم جيڪا هن ناچيز جي سنڌ جو قرض لاهڻ جي هڪڙي ننڍڙي ڪوشش آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪن دوستن جا ڪجهه مضمون رهجي ويا هجن جيڪي ڪنهن ٻئي وقت هٿ ڪري سهيڙبا.

مواد سهيڙيندي ون يونٽ بابت بيو بہ ڪيترو ئي مواد هٿ لڳو آهي، جيڪو في الوقت ڇپائي ڪونہ پيا سگهون. مرحوم تنوير عباسي، اياز قادري، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني ۽ ٻين شاعرن جي انهيءَ دؤر تي مشتمل شاعري هن ڪتاب ۾ توڙي جو جاءِ والاري ناهي سگهي پر انشاءَ الله آئنده سال اجان وڌيڪ مواد هٿ ڪري هڪ ٻيو ڪتاب بہ شايع ڪرائبو. تنهن ڪان علاوه ان دؤر جي اخبارن جا 4 مارچ ۽ ون يونٽ جي حوالي سان ايڊيٽوريل، اخبارن جي خبرن تي مشتمل ڪٽنگس ۽ ٻيو مواد آئينده ڪتاب ۾ شامل ڪبو.

ون يونٽ ۽ 4 مارچ جي حوالي سان مواد هٿ ڪرڻ ڪان وٺندي، مواد سهيڙڻ، مضمون ترتيب ڏيڻ، ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ ۽ ايڊيٽنگ ڪلن وٺندي ڪتاب جي ڇپائي تائين مون سان گڏ ڪيترن ئي دوستن جو ساٿ ۽ تعاون رهيو. جن جي ڪري ئي هي ڪتاب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي سگهيو آهي. اهڙن دوستن جو ذڪر ڪرڻ ڪان رهي نہ ٿو سگهجي، سيني ڪان اول آءٌ پنهنجي محسن ۽ استاد سائين محمد ابراهيم جويي جا ٿورا مڃيندي ڪين هن عمر جي پوئين حصي ۾ ڏکهي ڇمار ماٺڻ جون دعائون ڏيان ٿو. جنهن سمورن مضمونن جي پروفنگ ۽ ايڊيٽنگ نهايت دلچسپي سان ڪئي ۽ هر وقت پيار پريو ۽ شفقت وارو هٿ رکيو. آءٌ ٿورا مڃيندس پنهنجن سائين خاص طرح سان 4 مارچ جي هيري محترم يوسف لغاري ۽ ٻين دوستن ايس لعل آهوجا، نذير ميمڻ، اسلم بلوچ ۽ ٻين جا جن ڪتابي مواد هٿ ڪرڻ ڪان وٺندي ڪتاب جي ڇپائي تائين مون سان هٿ ونڊايو. آءٌ پنهنجي نوجوان دوست ۽ ايس آر ايس پي جي سرگرم ڪارڪن امام علي ڏيٿي کي پڻ پاڻ سان گڏ هن سموري ڪتابي پورهيئي ڪرڻ تي جس ڏيان ٿو، جنهن نهايت ٿورڙي عرصي ۾ ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي جو ڪم ذمي ڪئي پنهنجو پورهيو بہ سنڌ حوالي ڪيو. آءٌ پنهجي هڪ ٻئي دوست ۽ سنڌ جي اديب تاج جوئي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتان کي سهيڙڻ ۾ هروقت صلاح مشورو پئي ڏنو آهي ۽ هٿ ونڊايو آهي. تنهن ڪان علاوه سنڌ جي نوجوان اديب ۽ شاعر علي آڪاش جا بہ لک لائق جنهن مضمونن جي ٻولي درست ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، ٻين دوستن ۾ نوجوان ساٿي ۽ ڪهاڻيڪار طارق قريشي، اياز ڪاڪا، نصر الله ٿهيم، سڪيو ابڙو، علي غلام جوڻيجو، نظر جويو، مبارڪ علي ٽالپر، جهامن داس، صبور انصاري، عمران دايو، ياسر قاضي، فرحان انصاري، پرويز ٻانيڻ، رياض آگرو، نصير احمد آرائين، شاهين خان، منور ملاح تنوير شيخ ۽ ٻين دوستن جا ٿورا جن هن ڪم ۾ منهنجو هٿ ونڊايو. آءٌ ٿورا مڃان ٿو

مسعود پريس جي اسرار احمد ۽ عرفان احمد جا جن هميشہ جيان هن ڀيري بہ چند ڏينهن اندر ڪتاب ڇپائي وقت سر مون حوالي ڪيو. گڏوگڏ پنهنجي نوجوان ساٿي ۽ ڪمپوزر نويد نواز چنہ جا پڻ ٿورا مڃيندس جنهن ڏينهن رات ڪري، نور نچوئي ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي. محترم ساٿي عبدالفتاح هاليپوٽو جا ٿورا ڪيئن ٿا وساري سگهجن جنهن ڪتاب جو ٽائيٽل ڊيزائين ڪري پنهنجي تخليق اسان جي حوالي ڪئي.

**پروفيسر اعجاز قريشي**
88 - مسلم هائوسنگ سوسائٽي، حيدرآباد
قومي جدوجهد جو يادگار ڏينهن
4 مارچ 2003ع

# سنڌيت زنده ۽ جاويد رهندي

## شيخ اياز

سنڌ جا سپوتو، انقلابي اديبو، شاعرو، شاگرد، منهنجا وطن دوست پيائر ۽ پينرون — جيئي سنڌ.

چوٿين مارچ سنڌ جو مئي ڊي (May Day) آهي. اڄوڪي ڏينهن حيدرآباد ۾ سنڌ جي شاگردن انهيءَ ظلم جي خلاف پنهنجي رت ۾ رڱيو جهنڊو اپو ڪيو هو، جنهن سنڌ جي صوبي، ان جي قوميت، زبان، ثقافت، سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي برادريءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش رچي هئي. مون کي چيو ويو ته اڄوڪي ڏينهن مان حيدرآباد ۾ هجان، ڇو ته حيدرآباد سنڌ جي سياست ۽ ثقافت جو مرڪز آهي ۽ اتي ئي سنڌ تي ٿيندڙ ظلم خلاف پهريون مؤثر آواز اٿيو هو ۽ سنڌي شاگردن پنهنجو رت ڏيئي، جيئي سنڌ جي نعري سان ساري ڪوڙ جي قلعي کي ڏوڏي ڇڏيو. مون کي حيدرآباد جي مرڪزي اهميت کان انڪار نه آهي، پر اهو سکر جو شهر آهي جنهن جي گرمي جبريل جا پر به ساڙي ڇڏيندي آهي پر پوءِ به اتي انهيءَ شاعريءَ جو نزول ٿيندو رهيو آهي، جنهن اوهان کي پنهنجيءَ قومي تقدير جو شعور ڏنو آهي، ۽ اهو سکر جو شهر آهي جتي جبر جو حصار معصوم شاهه جي مناري کان اوچو پئي رهيو آهي، هتي ئي سنڌ جي بئي ڪنهن به شهر کان وڌيڪ ايوب خاني ۽ يحيٰ خاني آمريت پنهنجي ننگي روپ ۾ نروار ٿي هئي. اهو سکر جو شهر آهي، جتي تيرنهن سال بيوروڪريسي ڪنهن راڪاس وانگر آدم بوءِ ڪندي رهي ۽ سي - آءِ - ڊي هٽلر جي گيسٽاپو کي به شهه ڏيئي وئي آهي. هتي ئي پُنّي صاحب تي ڪوڙو ٽرئڪٽر ڪيس چالان ڪيو ويو هو ۽ هتي ئي مون تي سون رجعت پرست غندن خوني حملو ڪيو هو، ڇو ته هنن منهنجي آواز کي سنڌ جو آواز سمجهي، ان کي ختم ڪرڻ چاهيو هو. هتي ئي سنڌوءَ جي سچي ڪپ تي ستين جو آستان

آهي جو دلوراءِ جي نگريءَ جا اهڃاڻ ڏئي رهيو آهي ۽ سچي ڪپ تي گذريل تيرنهن سال دلوراءِ جي نگريءَ کان بہ وڌيڪ انڌير ٿيندو رهيو آهي. هن شهر جي آس پاس جا سنڌ جي امر تاريخ پکڙي پئي آهي ان جي اوک ڊوک مان مستقبل جي مورخ لاءِ چڏيان ٿو. مان اوهان کي فقط اهو ٻڌايان ٿو تہ هن مهراڻ ڪلچرل سينٽر کان، جنهن جي انتظامي ڪاميٽيءَ ۾ اوهان جو سنڌي ڪلچر جو هڪ بہ عيوضي شامل نہ آهي، ٽي فرلانگ پري ڪرڙيءَ جي ميدان ۾ جنگ لڳي هئي ۽ سنڌ جي جنگي جوڌن شاهہ شجاع کي سنڌ مي هميشہ لاءِ لوڏي ڪڍيو هو. ڪرڙيءَ ۾ ايترو رت وهيو، جو سنڌ جي هڪ زرمي شاعر چيو هو:

**"ڪرڙي ڪائي رَتَ، پَتَ نہ وجهي وات ۾."**

۽ ساڳئي شاعر شاهہ شجاع کي اطلاع ڏنو هو:

**شُجاع! سنڌ ۾ ويهہ، اڌا اڌي نِجُهرا،**

**هيءَ تَنِي جو ڏيهہ، سِرَ جَنِي جا سَتَ ۾.**

اهو سڀ ڄٽي، مون ارادو ڪيو تہ مان 4 مارچ تي سکر ۾ رهندس، ان ڪري نہ تہ منهنجو شهر آهي (سنڌ جو هر شهر منهنجو شهر آهي) پر ان ڪري جو پاڪستان ڪانپوءِ ظلم جي ترار انهيءَ شهر تي سڀ کان وڌيڪ ڪري آهي ۽ هتي بہ 4 مارچ جو ريٿو جهنڊو پنهنجيءَ پوريءَ اهميت سان لهرائي سگهي ٿو.

ڪنهن بہ قوم جي پهرين سُڃاڻ ان جي ٻوليءَ مان ٿي آهي. ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ قوميت جون جڙون ٿينديون آهن. ڌرتيءَ ڪانسواءِ بہ قوميت ٽڪي سگهي ٿي، پر ٻوليءَ ڪانسواءِ ان جو وجود برقرار رکڻ ناممڪن آهي. ون يونٽي حڪومت سنڌ جي نقشي کي مٽائي، ان جي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي مٽائڻ جي، جا ناپاڪ سازش ڪئي هئي. اها اوهان کان ڳجهي نہ آهي. اها اسان جي سنڌ هئي، جنهن برصغير کي مهذب زندگي ڏني هئي. برصغير جي تاريخ جو هر ڪتاب موهن جي دڙي جي تمدن سان شروع ٿئي ٿو. اسان جي ٻولي بہ دنيا جي قديم ترين ٻولين مان آهي. ان جي عمر گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن هزار سال آهي. موهن جي دڙي جي پنج هزار سال پراڻي تمدن تائين پهچڻ لاءِ اسان جي ٻوليءَ ڪيئي هزارها سال ارتقا جون منزلون طئہ ڪيون هونديون. اڄ جڏهن ڪمپيوٽرن

عربيءَ جي ابن زيرون، وچولي دؤر جي لاطيني شاعرن، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، فرانس جي وڪٽر هيوگو (Victor Hugo) ۽ علامه اقبال جا انگرزيءَ ۾ ترجما ڏنا آهن. انهيءَ ساڳئي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر سورليءَ لکيو آهي:

**"To me it seems clear that of all the poets from whose work I am offering translations now, 'SHAH' is the greatest."**

**"يعني مون لاءِ اهو بلڪل ظاهر آهي ته ملن جن به شاعرن جا ترجما هاڻي پيش ڪري رهيو آهيان، انهن ۾ "شاهه" سڀني کان عظيم آهي."**

اوهان وٽ ڀٽائيءَ کانسواءِ، عنايت آهي، عيسو آهي، سچل آهي، سامي آهي ۽ ٻيا به ڪيئي شاعر آهن. جن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو رتبو آهي، جن ڪنهن وظيفي يا سروپا لاءِ ڪنهن بادشاهه، ڪنهن نواب يا ٻئي ڪنهن ڇيڳري ڇَٽ ڌڻيءَ جا قصيدا نه چيا هئا، نه وري ڪنهن دربار ۾ ڪورنشون بجا آنديون هيون، نه سهرا لکيا هئائون، نه قرض تي ورتل مئي جا پيالا پيئندا هئا ۽ نه ڪنهن قرض خواهه اڳيان ليلڙائيون ڪندا هئا، نه وهه واهه ۽ مقرر مقرر جي ڪُل جهڙين ساراهن جا طلبگار هئا ۽ نه ڪنهن طوائف جي ڪوٺي تي آداب محفل جي نمائش ڪندا هئا. نه انهن ۾ غالب واري رسوائي ۽ ذلت هئي، نه ذوق جي درباريت ۽ غلامي هئي، نه انشاءَ جو مسخري پڻو هو ۽ نه مير جي اذيت پسندي (Masochism) هئي. جاگيرداري دؤر جي تخريبي (Decadent) تهذيب هنن کي ڇهي به نه سگهي هئي، جنهن جي ماحول ۾ برصغير جي اُردو شاعري پلي هئي. هو سنڌي عوام جا شاعر به هئا، فلسفي به هئا ۽ روحاني فيض جا سرچشما به هئا. دراصل پوريءَ سنڌو ماٿريءَ ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو ساڳيو مزاج آهي. ڀٽائي، سچل، باهو، بُلي شاهه، وارث شاهه، فريد شڪر گنج، خواجا فريد سڀ انهيءَ عظيم روحاني سلسلي جون ڪڙيون آهن. اهي عظيم شاعر هئا. انهن پنهنجي عوام جي ڏک درد کي انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳاتو هو. اهي نوابي درٻارين تي پلجندڙ اقليتن جا شاعر نه هئا. اهي انهن ڪروڙها انسانن جا شاعر هئا، جي تتيءَ ٿڌيءَ ٻنيون ڪيڙيندا، هر ڪاهيندا، پورهيي ۾ پگهر وهائيندا تا وتن. اهي ڪير آهن جي بُلي ۽ ڀٽائيءَ

ڪي رينڻ ٿا چاهين؟ اهي ڪير آهن جي سچل ۽ شڪر گنج جي ڌرتيءَ تي ڪجھ درٻاري ٻولڙين ۽ انهن جي ٻوليءَ جي اهميت جتائن ٿا؟ اهي ڪير آهن جي نہ فقط سنڌيءَ، پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ جي قومي درجي کان انڪاري آهن ۽ سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان جي عوام تي هڪ ڌاري ٻولي ۽ تهذيب مڙهڻ چاهين ٿا؟ اهي ڪير آهن جن بينگالي شاگردن تي ٻوليءَ جي مسئلي تي گوليون هلارايون ۽ انت بينگالي عوام کي ايترو تنگ ڪيائون، جو هو اسان کان جدا ٿي ويا. مان انهن کي برصغير جي تاريخ ۾ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. اها هڪ استحصالي ذهنيت آهي، جا زبان ۽ تهذيب جي آڙ ۾ هڪ ٽولي جي ڦرمار قائم رکڻ ٿي گهري. انهيءَ ٽولي هڪ هٿي قائم رکڻ لاءِ اوپر پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي نفرت ڦهلائي ۽ پاڪستان کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اهي ئي بينگالي ۽ بهاري عوام جي خون جا ذميوار آهن. اهي ئي سنڌ ۾ چوٿين مارچ تي ٿيل ڏاڍ جا ذميوار آهن انهن ئي هندستان کان آيل ماڻهن کي سنڌي عوام سان ملي ڪير ڪنڌ ٿيڻ کان روڪيو آهي. اهي پاڪستان ۽ اسلام جي آڙ وٺي، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پختون عوام تي غداريءَ جا الزام هڻن ٿا. پاڪستاني عوام جو ڪوبہ رهنما هنن جي الزامن کان محفوظ نہ رهيو آهي. انهن ئي بينگالي عوام جي چونڊيل رهنما شيخ مجيب الرحمان تي غداريءَ جا الزام هڻي، هن جي لاءِ مخالفت جي فضا تيار ڪئي هئي. انهن ئي پختون ۽ بلوچي عوام جي اڪثريتي پارٽي نئشنل عوامي پارٽيءَ جي رهنما خان عبدالولي خان تي بار بار غداريءَ جا الزام هنيا آهن ۽ انهن ئي سائينءَ جي ايم سيد ۽ مون کي غدار، نفرت جو ديوتا، مها ملحد وغيره جهڙا لقب ڏنا آهن. انهن جوئي پاڪستان جي اردو پريس تي قبضو آهي. اهي پاڻ کي اسلام ۽ پاڪستان جا واحد ٺيڪيدار سمجهن ٿا. سوشلزم ۽ صوبائي خودمختياريءَ جا دشمن آهن ۽ مرڪزيت جا ان ڪري حامي آهن تہ جيئن هنن کي پورو پاڪستان پيلڻ لاءِ ملي وڃي. اهي سکر ۾، سنڌ ۾، پوري پاڪستان ۾ ڦهليل آهن ۽ پاڪستاني صوبي جي هر قومي امنگ خلاف واويلا ڪن ٿا. اهي ئي "جيئي سنڌ" جي نعري جا ويري آهن، ائي ئي "جيوي پنجاب" جي نعري کان

جلن ٿا. سنڌي يا اڻ سنڌيءَ طرح اهي رجعت پرست ۽ فاشسٽ سياسي پارٽين. جا حامي آهن، انهن مان جيڪي منافقي ڪري پيپلز پارٽي ۽ نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن. اهي فقط چالاڪيءَ ۽ عياريءَ سان انهن پارٽين جو پروگرام پنهنجي مقصد لاءِ سبوتاج (Sabotage) ڪن ٿا. اهي ڪڏهن اسلام جي نالي ۾ عوامي امنگن سان دشمني ڪن ٿا. ڪڏهن سوشلزم جي نالي ۾. مون کي اهو ڏسي حيرت آئي هئي ته جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ميڙ ۾ ڪيل منهنجي صدارتي تقرير تي پوري اردو پريس مخالفت جو طوفان اٿاريو هو. تڏهن ساڳئي هنتي ۾ هنتي وار سياسي چٽان. زندگي. الفتح ۽ ليل و نهار به منهنجي خلاف زهر هاريو هو. چٽان ۽ زندگي رجعت پرستن جا سالار آهن. ۽ الفتح ۽ ليل و نهار نام نهاد ترقي پسندن جا رسالا آهن. پر سنڌ جي قومي آواز ۽ امنگ کي نهوڙڻ تي سيئي متنق ٿي ويا هئا.

ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ مون اردوءَ جي مشهور نقاد عبدالرحمان بنجوريءَ جا اهي لنظ حيرت سان پڙهيا ته "هندستان جا الهامي ڪتاب فقط به آهن - هڪ مقدس ويد ۽ ٻيو ديوان غالب". مون ان وقت سوچيو هو ته ڇا هندستان جي الهامي ادب ۾ ڪنهن ٽئين ڪتاب جي به گنجائش آهي؟ ڇا. شاهه جو رسالو ديوان غالب جي پائي جو الهامي ڪتاب نه آهي؟

ورهاڱي کان هڪ سال اڳ مون پنڊت نهروءَ جو ڪتاب "ڊسڪوري آف انڊيا" پڙهي ساڳيءَ حيرت سان سوچيو هو. ته نهروءَ جي پايي جو سياسي منڪر جڏهن هندستان کي دريافت ڪري ٿو. تڏهن اُردو شاعر مرزا غالب ۽ هنديءَ جي شاعرن ملڪ محمد جائسيءَ ۽ رحيم خان خانان جي ساراهه جا ڍڪ پري ٿو. پر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ. سچل سرمست. وارث شاهه. سلطان باهوءَ. خواجه فريد. خوشحال خان خٽڪ جو شڪر به نٿو ڪري. ڇڻ ته اُهي ڪجهه به نه هئا. ڇڻ ته ڏات گنگا جمنا جي ماٿريءَ تائين محدود هئي. ڇڻ ته موهن جي دڙي. هڙپا ۽ ٽئڪسيلا ڪانپوءِ سنڌو ماٿر ڏات کان وانجهي ٿي چڪي هئي! ان وقت منهنجي عمر ٻاويهه سال هئي ۽ هندي ۽ اردو ادب جي ڪافي مطالعي جي باوجود. منهنجي ڪنهن به مشهور هندي يا اُردوءَ جي اديب سان ملاقات نه ٿي

هئي - پنڊت نهروءَ جو اهو ڪتاب پڙهي مون ان وقت محسوس ڪيو هو تہ. هي هنديءَ ۽ اردوءَ جا ڪوڏيا. هي گنگا جمني ڌرتيءَ جا رهواسي، اُهي سانڙيا ڳاڏڙيا آهن. جي هونئن تہ هڪبئي جي ڏاڙهيءَ ۽ چوٽيءَ پٽ ڪن ٿا: زنّار ۽ تسبيح جا ڌاڳا پتنگ جي ڏور وانگر ڪم آڻي. هڪبئي کي ڪاٽن ٿا ۽ بنارس ۽ علي ڳڙهہ جي ويڙهاند ۾ هنديءَ ۽ اردوءَ جا جهنڊا ايا ڪن ٿا. پر بنيادي طرح برصغير جي باري ۾ ٻنهي جي ذهنيت ساڳي آهي. ٻئي احساس برتريءَ ۾ مبتلا آهن. ٻئي سڄي برصغير کي تُڇ ٿا سمجهن ۽ ڪشمير کان وني ڪيپ ڪامورن تائين هر قوميت کي هندي يا اردوءَ جي ثقافتي ڪالوني ٿا سمجهن. اُن وقت بہ بہ مون کي ان ثقافتي سامراج جا پَرون پيا هئا ۽ هنديءَ ۽ اردوءَ جي جهڳڙي ۾ ٻن ثقافتي سامراجن جي ويڙهہ نظر آئي هئي، جن مان هر هڪ برصغير تي پنهنجو ثقافتي غلبو ڪرڻ ٿي چاهيو. انگريز سامراج جي ساڳئي دؤر ۾ هندستان جي انقلابي مفڪر ايم اين راءِ چيو هو تہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، ٻنهي ۾ فاشزم جا جيوڙا آهن. جي آزاديءَ ڪانپوءِ انهن کي وبا وانگر وکوڙي ويندا — ڪانگريس هندي زبان جي حامي هئي ۽ مسلم ليگ اُردوءَ جي.

ورهاڱي ڪانپوءِ، هنديءَ وارن جي تسلط سبب ڏکڻ ڀارت جي آنڌرا. ڪرناٽڪ. تامل ۽ مليالم قومن ۾ هلچل پيدا ٿي ۽ جڏهن آئيني طور هنن تي هندي مرڪزي زبان ڪري مڙهي وئي، تڏهن انهن هندي سامراج خلاف بغاوت ڪئي ۽ هنديءَ کي ثقافتي غلبي ۽ اقتصادي ڦرمار جو ذريعو سمجهي. ڏکڻ ڀارت ۽ مرڪز جي وچ ۾ انگريزيءَ کي رابطي جي زبان برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.

پاڪستان ۾ اسلام ۽ نظريءِ پاڪستان جي نالي ۾. پاڪستان جي بينگالي اڪثريت تي اردو مڙهي وئي ۽ جيستائين ڪجهہ ڪونڌر نہ ڪنا. تيستائين بنگلا ڀاشا جي قومي حيثيت تسليم نہ ڪئي وئي. حيرت آهي تہ شيخ مجيب الرحمان جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ وري ساڳيون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ بنگاليءَ تي عربي خط مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ نيٺ پاڪستان بہ ٽڪرا

ٿي ويو. اڄ باشعور سياسي حلقا اهو تسليم ڪري رهيا آهن. تہ اوير پاڪستان انهي ڏينهن جدا ٿيو هو. جڏهن بنگالي شاگردن تي بوليءَ جي مسئلي سبب گوليون هلايون ويون هيون.

ڪجهہ وقت اڳ "نصرت" هفتيورا ۾ پنجابي اديب "شفقت تنوير مرزا" لکيو هو تہ. سال 1958ع ۾ هن جي روبرو پنجاب جي اردو نواز تعليمي ماهر "حميد احمد خان" جي صدارت هيٺ ڪيل هڪ ميٽنگ ۾. مولوي عبدالحق مرحوم چيو هو تہ "اردوءَ ڪانسواءِ پاڪستان جون سڀ زبانون بت پرستن ۽ ڪافرن جون زبانون آهن." دروغ برگردن راوي، پر اهائي ذهنيت آهي جنهن پاڪستان جي قوميتن ۾نفرت جو ٻج ڇٽيو ۽ جنهن اوير پاڪستان کي اسان کان جدا ڪيو.

مان جڏهن ٻاهران آيلن کي چوان ٿو تہ "سنڌ ۾ سنڌي، پنجاب ۾ پنجابي، بلوچستان ۾ بلوچي ۽ سرحد ۾ پختون ٿي وڃو. تہ اردو پريس ڪڪر وانگر ڇڙي وڃي ٿي ۽ منهنجي آنڊ وني، پوريءَ سنڌ ۽ ان جي زبان، تهذيب ۽ تاريخ تي آڪڙجي، اُٻري اچي ٿي. اهو هڪ خطرناڪ وطن دشمن ٺولو آهي. جو سنڌي، پنجابيءَ، پختون، بلوچي ۽ بنگاليءَ تهذيب کان وني ايراني ۽ عرب تهذيب تائين، هر تهذيب جي قومي وجود جو دشمن آهي - اهي ئي تہ هئا جن مصر جي صدر ناصر جي ان ڪري مخالفت ڪئي هئي، چو تہ ناصر اسوان ڊئم ٺهڻ سبب، يونيسڪو جا ڪروڙين ڊالر خرچ ڪرائي، ابو سبل جو تاريخي مندر هڪ هنڌان پٽائي ٻئي هنڌ رکايو هو. اهي ئي تہ آهن، جي سس پس ڪن ٿا، جڏهن ايران جو شهنشاهہ پاڻ کي آريہ مهر چوائي ٿو ۽ جڏهن هن عظيم سائرس جي قبر اڳيان سر جهڪايو. تڏهن انهن ئي هن تي طنز ڪئي ۽ پوءِ سائرس کي قرآن ۾ آيل ذوالقرنين ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي! اهي ذرتيءَ ۽ ان جي فرزندن، انهن جي زبانن ۽ تهذيبن کان ڇرڪن ٿا ۽ ڪنهن هوا ۾ ٺنگيل نظريي کي پوڄن ٿا- اهي ئي فوجي آمريت جي پاڇي ۾ مڇي مڇ ٿيا هئا ۽ اڄ جمهوريت جي آڙ وني، نئشنل عوامي پارٽيءَ کي پيپلز پارٽيءَ سان ٽڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. چو تہ صدر ڀُٽي جو مارشل لا هنن کي پنهنجي من

ماني ڪرڻ نٿو ڏئي. در اصل هنن جو جمهوريت ۾ ڪوئي اعتبار نہ آهي ۽ هو ننگا فاشسٽ آهن.

اهي ئي اڳي پنجابيءَ کي بينگاليءَ ۽ سنڌيءَ سان ويڙهائيندا هئا ۽ اڄ بلوچ ۽ پختون کي پنجابيءَ ۽ سنڌيءَ سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اڄ هو مختلف حربا استعمال ڪن ٿا. پر اسان انهن جي صيهوني ذهنيت کي چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا.

هي جي سڄيءَ دنيا ۾ پاڻ کي اسلام جو ٺيڪيدار سمجهن ٿا ۽ پنهنجي ڦرمار کي برقرار رکڻ لاءِ اسلام اسلام ڪري اسان جي نڙي گهٽڻ چاهن ٿا. انهن کي اسان جو ئي جواب آهي. "ميان! اسلام بہ اسان جو. باب الاسلام بہ اسان جو. اسان ڪائي شودرن جي اولاد تہ نہ آهيون. اسان جا وڏا اوهان جي وڏن کان چڱا مسلمان هئا."

سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جون جهونيون زبانون ۽ تهذيبون تاريخ جي هر اٿل پٿل ۽ خون خرابيءَ جي باوجود صدين کان زنده ۽ پائنده آهن. جو تہ اهي عوامي زبانون ۽ تهذيبون آهن. سنڌ ۾ يوناني، عرب، مغل، ترڪ ۽ ٻيون قومون آيون. پر اهي سنڌي تهذيب ۾ ملي جلي ويون. سنڌ ازلي ۽ ابدي آهي ۽ ان کي ڪوئي بہ مٽائي نٿو سگهي. سڪندر آيو ويو، سيوهڻ اجا اتي ئي آهي. دمادم مست قلندر جي صدا کي نہ ڪوئي ايوب خان خاموش ڪري سگهيو آهي. نہ ڪوئي يحيٰ خان ماٺ ڪرائي سگهيو آهي. ڪيئي فوجي آمر مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. پر ڌرتيءَ جي ڌمال اڃين ئي وڄندي رهي ٿي.

اسان کي هڪ عظيم تهذيبي ورثو آهي. جو اسان کي پنهنجيءَ جند جان کان وڌيڪ پيارو آهي. اسان کي هڪ عظيم تاريخي تسلسل آهي. اسان کي هڪ زنده جاويد زبان آهي. جنهن کي اشارن، رمزن، لوڪ ڪٿائن ۽ علامتن جو هڪ بي بها خزانو آهي. اسان کي پنهنجو الڳ تعمير جو فن آهي. ڀنڀور، سچل، قلندر شهباز، شاهه عنايت، مڪليءَ تي دولهہ دريا خان ۽ ڄام نندي وغيره جا مقبرا اسان جا تهذيبي مرڪز آهن.

اسان کي پنهنجي خطاطي. نقاشي ۽ موسيقي آهي. اسان امير خسروء. سلطان حسين شرقيء. نعمت خان سدا رنگ ۽ انهن کان پوءِ آيل "هندي مسلمان" موسيقارن جي تخليقي صلاحيتن کان انڪار نٿا ڪيون. انسان ذات جي هر قوم جي فني تخليق پوريء انسان ذات جو ورثو آهي. پر ڇا "سنڌي مسلمانن" کي الڳ موسيقي نہ آهي؟ ڇا فقط خسروء جي ايجاد ڪيل ستارئي دنيا ۾ هڪ ساز آهي؟ ڇا ڀٽ ڌڻيء پنج تارو طنبورو ايجاد نہ ڪيو آهي؟ ڇا سنڌ جا بوڙينڊا. يڪتارا. ڪرتالون. ڪنجهون. ناد. شرنايون. مگرمان. پيرِ. سرندا. دنبورا. مرليون. نڙ ۽ بينون اسان جي الڳ تهذيب جي ساک نٿا پرن؟

ڇا موسيقيء کي فقط خيال. ٺمريء. دادري وغيره تائين محدود ڪيو وڃي؟ ڇا سنڌ کي پنهنجا راڳ ۽ راڳڻيون نہ آهن؟ نہ فقط اسان عربي ۽ ايراني روايت مان ورتل "يمن" ۽ "حسينيء" ۽ هندستاني روايت مان ورتل سترنهن راڳن ۽ راڳڻين کي نيٺ سنڌي ٻول ڏنا. پر سنڌ جي لوڪ سنگيت موسيقيء کي راڻو. ڪوهياري. معذوري. آبري. سامونڊي. رپ. ڪاهوڙي. ليلا. ڪاپائتي. پرياتي. ڏهر. گهاتو. ڪارايل. ڪيڏارو. ماروي. ڊول ماروي ۽ هير ڏنو. جن ۾ هن ڌرتيء جي اها ڏک ڀري دانهن آهي. جنهن جو مثال اوهان کي ٻئي هنڌ مشڪل ملي.

سنڌي موسيقار عبدالعزيز جڏهن اسپين ۾ راڻو ڳايو ۽ ان جي جيسي ڏن سان هڪجهڙائي ڏيکاري. تڏهن يورپ جا موسيقار ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. اسان جا لوڪ ناچ ڏسو. ڪڏهن ٿر ۾ جهمر. جمالو. ڪڳي. ٻيگهي. لمڪيان ڙي لو ۽ ٻيا ڪيئي ناچ ڏسندؤ تہ اوهان کان رميا سنيا. ٽـُوئـسٽ ۽ راڪ ۽ رول وسري ويندا. سنڌ جا ڪيس. لويون. سوسيون. گربيون. اجرڪ. گج. جنڊي. ڪاشي وغيره سڀ شيون فقط سنڌ جون آهن. جي اسان جن وڏن کان اسان کي ورثي ۾ مليون آهن. اسان جو کاڌو پيتو بہ الڳ آهي. اي برياني کاؤ! پلو واريء ۾ سنڌين کانسواءِ ٻي ڪائي قوم پچائي نہ سگهندي آهي.

اسان جو ملڪ پاڪستان آهي. پر پاڪستان ۾ اسان سنڌي ٿي جيئڻ چاهيون ٿا ۽ اهو حق اسان کان ڪوئي کسي نٿو سگهي. تاريخ جي گذريل پنج

هزار سالن ۾ اهو حق اسان کان ڪوئي ڪسي نہ سگهيو آهي. سنڌ ازلي آهي، ابدي آهي، ڪڏهن بہ نہ مرڻي آهي، ڪڏهن بہ نہ مرندي. اسان پاڻ تہ ناجائز غرور ڪندڙ يا شاونسٽ نہ آهيون. جيتوڻيڪ اسان کي پنهنجي ورثي تي فخر آهي. فخر ڪيئن نہ ڪيون؟

هومر فقط "هيلن آف ٽراءِ" پيدا ڪئي، ڪاليداس فقط "شڪنتلا" ۽ "اروشي" سرجيون. پر سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ مارئيءَ، موڪيءَ، مومل، سسئيءَ، سهڻيءَ ۽ ليلا جا امر ڪردار خلقيا ۽ پوريءَ انسان ذات جي گوناگون امنگن ۽ آدرشن کي انهن ۾ سمائي آيو.

اڄ مان ڀٽائيءَ ۽ سچل جي روحن کي مخاطب ٿي چوان ٿو تہ: "اي پٽ ڌڻي، تنهنجي پٽ تي سچ وري اڀري رهيو آهي، ان ازلي چراغ کي ڪوئي بہ وسائي نٿو سگهي! اي سرمست! تنهنجي درازن جي دز کي بہ ڪوئي ڇُهي نٿو سگهي! جيسين سنڌي مائرون ٻار ڄڻينديون رهنديون، تون قائم ۽ دائم آهين. تنهنجون گهڙوليون ڳائبيون رهنديون، تنهنجا نغارا وڄندا رهندا. هي 4 مارچ جو ريٽو جهنڊو، هي سنڌي سپوتن جي لهوءَ ۾ لال جهنڊو، انهيءَ جي ضمانت آهي تہ اوهان زنده جاويد آهي. سنڌ جو روحاني پيغام زنده جاويد آهي. سنڌيت زنده جاويد آهي اوهان اسان کي وحدت الوجود جو پيغام ڏنو هو. اها وحدت الوجود آفاقي بہ آهي، سنڌي بہ آهي. اوهان ئي اسان جي ذرتيءَ جا ڏک سک ڳاتا هئا. اڄ سنڌ جو هر دانشور، هر اديب، هر شاعر، هر شاگرد ۽ هر وطن دوست سنڌ سان اها وحدت الوجود جي ڪيفيت محسوس ڪري رهيو آهي. اڄ 4 مارچ جو جهنڊو انهيءَ قومي وحدت الوجود جي عظيم نشان ٿي، هوا ۾ لهرائي رهيو آهي.

اها وحدت الوجود ڪڏهن بہ دوئيءَ ۽ ڏڪار ۾ نہ بدلجندي. سنڌ هڪ آهي، هڪ رهندي، جيئي سنڌ!

*(هيءُ مضمون ڪتاب " 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا" نيو فيلڊس پبليڪيشن 1978ع تان ڪنيو ويو. اصل ۾ هيءُ مضمون "سهڻي" رسالي ۾ ڇپيو.)*

# سنڌ جي قومي تاريخ جو اڻ وسرندڙ باب:
# "4 - مارچ جي تحريڪ"

## رسول بخش پليجو

4 مارچ 1968 نه رڳو سنڌي شاگردن جي تحريڪ جي شروعات جو ڏينهن آهي، پر اهو سنڌ جي قومي جدوجهد جو به هڪ وڏو حد-نشان آهي. ان ڏينهن سنڌي قوم جي هڪ مجاهد دستي اڳتي وڌي سنڌ دشمن قوتن سان آمهون سامهون ٽڪر کاڌو ۽ رت ڏنو. ان ڏينهن سنڌي شاگردن قومي جدوجهد جي واڳ پنهنجي هٿن ۾ ورتي ۽ ڪيترا سال مضبوطيءَ سان اها پنهنجي هٿن ۾ جهليو آيا. سنڌي شاگردن جي اها جدوجهد پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌي قومي جدجهد جي پنجين لهر هئي. ان کان اڳ چار لهرون اڀري چڪيون هيون. اهي چار لهرون هي هيون:

(1) محترم جي ايم سيد جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪن ٿورڙن محب وطن پارليامينٽري طريقن سان سنڌ دشمنن سان مقابلو.

(2) محترم جي ايم سيد طرفان شخصي، علمي ۽ نظرياتي جدوجهد.

(3) ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ عبدالقادر جي اڳواڻيءَ هيٺ هاري ۽ قومي جدوجهد.

(4) محترم ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز جي اڳواڻيءَ هيٺ علمي ۽ ادبي جدوجهد.

انهن تحريڪن ۾ ڪيتريون ئي بنيادي ڪچايون هيون. پر ته به انهن سنڌي قومي شعور ۽ مفادن کي ڪافي اڳتي وڌايو.

شاگرد جدوجهد جي اُوچي لهر هاڻي لهي ويئي آهي. اها لهر جڏهن ماني ٿي، تڏهن سنڌي عوامي تحريڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ هاري تحريڪ جي

ڇهين لهر آئي. ان جي متان پٺي صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ پيپلز پارٽيءَ جي زبردست لهر آئي، جا سڄيءَ سنڌ تي ڇانئجي ويئي. هاڻي اها لهر بہ لهي رهي آهي ۽ نيون لهرون اڀري رهيون آهن.

ان پس منظر جي بيان ڪرڻ جو هڪ خاص مقصد آهي. اهو هي تہ شاگرد تحريڪ ڪا اتفاقي يا انفرادي ڳالهہ ڪانہ ڪئي هئي. اها سنڌي قومي جدوجهد جي 6 - 25 سالن جي جدوجهد جي پيدائش هئي ۽ ان جدوجهد جي اهم ڪڙي هئي. شاگرد تحريڪ جي ايتري ٽورڙي جٽاءَ ڪرڻ جا ڪيترا ڪارڻ هئا، جن مان ڪي هيٺيان آهن:

1) سنڌ جي قومي جدوجهد تي اجا غير انقلابي ۽ وڏيرڪو قومي نظريو ڇانيل هو - ۽ آهي. قومي جدوجهد جو انقلابي ۽ عوامي قومي نظريو اجا گهڙجي تيار نہ ٿيو هو. قومي جدوجهد جي انقلابي ۽ عوامي واٽ ڳولي نہ لڌي وئي هئي. قومي جدوجهد هلائڻ جو ڍنگ گهڻي ڀاڱي وڏيرڪو اهنسائي ۽ اليڪشني هو ۽ نہ انقلابي، عوامي ۽ مڙسيءَ وارو.
2) سنڌ ۾ اجا ڪا منظم ۽ طاقتور انقلابي وطن دوست تنظيم ڪانہ هئي، جا شاگرد تحريڪ جي صحيح رهبري ۽ پنيرائي ڪري سگهي.
3) سنڌي شاگردن جو سياسي مطالعو ڪجهہ بہ نہ هو. هو دؤر جي انقلابي جدوجهد جي علم ۽ فن کان ڪورا هئا ۽ آهن. تنهنڪري هو اندرئين ٽوڙي باهرئين سنڌ دشمن جي چالن کي تاڙي ۽ ٽوڙي نہ سگهيا ۽ جلد ئي انهن کان مات کائي ويا.
4) ليڊرشپ تي آهستي آهستي وڏيرڪي ذهنيت ڇانئجي ويئي ۽ هنن تحريڪ کي شخصي ملڪيت سمجهڻ شروع ڪيو ۽ ليڊرن پنهنجي پنهنجي پتيءَ جي تحريڪ الڳ هلائڻ گهري ٿي.
5) شاگرد ٽورڙي فتح کان پوءِ، فتح جي نشي ۾ مست ٿي، آپي کان نڪري ويا. اڳتي وڌي نہ سگهيا.
6) سرڪار، اخبارن جي مالڪن، وڏيرن، سياستدانن ۽ پناهہ گير نعپ شاگردن کي لالچائي، برغلائي ۽ پنهنجي ڪم جا الڳ الڳ ٽولا ٺهرايا. نوبت

ايستائين آئي. جو هر وڏيرو سياست باز پنهنجي ذاتي ڪار ۽ بنگلي ڪانسواءِ هڪ ذاتي شاگرد تحريڪ ذارڻ جو بہ شوق رکي ٿو.

بهرحال جيترو وقت شاگرد تحريڪ زنده رهي، اوترو وقت ان سنڌ ۾ هڪ نئين جان وجهي ڇڏي. سنڌ انهن ٻن ٽن سالن جي عرصي ۾ ايترو اڳتي وڌي، جيترو اها گذريل 20 - 25 سالن ۾ ڪڏهن بہ ڪانہ وڌي هئي. 4 مارچ جي تحريڪ سنڌ جي قومي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب لکي ڇڏيو آهي.

سنڌي شاگردن کي هاڻي نون بنيادن تي سوچڻو پوندو. ڪين پاڻ مان اهي عيب ڪڍڻا پوندا، جن هيءَ شاندار تحريڪ کي ڇڻ اک ڇنب ۾ ناس ڪري ڇڏيو.

سنڌي شاگردن کي خود مطلبي ۽ وڏيرڪي ذاتي ملڪيت واريءَ ذهنيت خلاف جدوجهد ڪرڻي پوندي. کين انقلابي علمن ۽ سائنسن جو اٿاهہ مطالبو ڪرڻو پوندو. وڏيرن ۽ سرڪار جي چاپلوسيءَ ۽ خوشامد ڪان ونءُ وڃڻ گهرجي. پاڻ پڏائڻ، ٻناڪون هڻڻ، پاڻ کي مفت سوڃو، دودو، سورمو ۽ جوڌو سڏائڻ جو هوس ترڪ ڪرڻ گهرجي. اهي لقب معمولي ناهن. انهن کي معمولي نموني ڪتب آڻي، انهن جي مٽي پليد نہ ڪرڻ گهرجي.

وڏي ڳالهہ تہ شاگردن کي پاڻ کي هڪ الڳ ٿلڳ ۽ اتانهون طبقو سمجهڻ نہ گهرجي. کين سنڌي پورهيت عوام سان ملي هڪ ٿيڻ گهرجي. سنڌن خدمت ڪرڻ گهرجي. ڪائنس سکڻ گهرجي.

دشمنن سنڌ جي نالي وٺڻ کي بہ ڏوهہ ٺهرايو هو. سنڌي شاگردن "جيئي سنڌ" کي قومي نعرو بنائي ڇڏيو ۽ هنن سنڌي ٽوپيءَ ۽ سنڌي اجرڪ کي سنڌ جو قومي لباس تسليم ڪرائي ڇڏيو. اندرئين خواه ٻاهرئين سنڌ دشمن يعني غدار وڏيرن ۽ ذارين پرمارن، انهيءَ نعري کي پنهنجي لاءِ موت ڪري ٿي سمجهيو ۽ انهيءَ جي موتمار مخالفت ڪيائون. پر کين هار کائڻي پئي. هاڻ هنن پنهنجون چالون بدلايون آهن. اڳي هو سنڌي عوام سان دشمني پاڙڻ لاءِ "جيئي سنڌ" جي نعري جي مخالفت ڪندا هئا. هاڻ هو ساڳيو ڪم ڪيترائي ازلي دشمن ٽڪڙن واريون ٽوپيون ۽ اجرڪون پايو وتن. هاڻ هو "جيئي سنڌ" جا

وارث بنجي. سنڌي عوام جي مخالفت ڪرڻ چاهين ٿا. رجعت پسند جماعتن جا سنڌي چاڙتا ۽ ڪنوينشني وڏيرا ايڏا تہ وڏا واڪا ڪري "جيئي سنڌ" جا نعرا هڻن ٿا. جو سنڌي عوام جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي مس ٿو اچي.

سنڌي شاگردن ۽ سنڌي قوم ڪي ماضيءَ مان سبق سکي، اڄ جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ سوچڻو ۽ لوچڻو آهي. هر سال جي 4 مارچ اسان سيني کان سوال ٿي پڇي - هن سال ڪيترو اڳتي وڌيا آهيو؟ سوچيو تہ ڪهڙو جواب ڏيون!

*(هيءُ مضمون ڪتاب " 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا" نيو فيلڊس پبليڪيشن 1978ع تان کنيو ويو. اصل ۾ هيءُ مضمون "سهڻي" رسالي ۾ ڇپيو.)*

# 4 - مارچ: "سنڌ جي طويل تاريخ جو يادگار ڏينهن"

## عبدالواحد آريسر

ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن. جن ۾ جوش هو. جذبو هو. ولولو هو ۽ پنهنجو پاڻ وطن کي اربڻ جي آرزو ۽ تڙپ هئي. جيڪي ڳالهيون ڪرڻ جهڙيون هيون سي سڀ ٿي چڪيون آهن. منهنجي چوڻ لاءِ باقي ڪجهه رهيو نه ڪونهي. تاهم اوهان جي حڪم جي پوئواري ڪندي ڪجهه ڳالهيون پيش ڪندس. منهنجي تقرير ۾ نه آبشارن جو ترنم هوندو. نه توپن جي گهن گهرج. نه تلوارن جي تيزي نه وڄ جو چمڪاٽ.

آءٌ هڪ عملي قسم جو ماڻهو. تاريخ جو معمولي شاگرد ۽ هن مادروطن جي لکين مجبور انسانن وانگر هڪ انسان آهيان جيڪو روز پنهنجي سوچ جي صليب تي لٽڪندو رهندو آهي. چوٿين مارچ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چيو ويو آهي. لکيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي. جدا جدا راين جو اظهار ڪيو ويو آهي. ليڪن مون وٽ اهو ڏينهن نه رڳو سنڌي قوم ۽ سنڌ يونيورسٽي جي دلير شاگردن لاءِ پر پوري پاڪستان جي جمهوري حقن کان وانجهيل عوام لاءِ نهايت ئي مقدس ۽ تاريخي ڏينهن آهي. پنهنجي انهيءَ دعوي لاءِ آءٌ اوهان کي انهيءَ ماحول جي ننڍڙي جهلڪ ڏيکاريندس جنهن ماحول ۾ هي ڏينهن واقعي ٿيو. اهو ماحول نهايت ئي دهشت. ڏهڪاءُ. ظلم ۽ بربريت وارو ماحول هو. انهيءَ وقت آمريت جي اگهاڙي تلوار ملڪ تي ملڪ الموت وانگر مسلط هئي. جنگ آزادي جو عظيم رهنما خان عبدالغفار خان سرحد جي پهاڙن جي طويل خاموشي کان تنگ ٿي افغانستان جي سبزه زارن ۾ سڪون تلاش ڪرڻ هليو ويو هو.

بلوچستان جا بهادر بانڪا بلوچ جيلن ۾ بند هئا. بلوچستان جي پهاڙن ۾ غيور بلوچن جا لاش بنا ڪنهن ڪفن دفن جي پيا هئا. دنيا ۽

پاڪستان جي ماڻهن انهن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ٿي ڏنو. پنجاب، جواهرلال نهرو جي لفظن ۾ هميشہ وانگر سياسي قبرستان بنيو پيو هو. سنڌ جو اڏول رهنما ۽ سنڌ کي ڌارين جي دست برد کان محفوظ رکڻ لاءِ مسلسل 63 سالن تائين جهاد ڪندڙ محترم جي ايم سيد نظربند هو. سنڌ جو وڏيرو، پير ۽ مير پنن تي ڪرسي ٻڌي اسلام آباد جو طواف ڪري رهيو هو. ون يونٽ جو خونخوار بگهڙ سنڌ جي هر شيءِ چٽ ڪرڻ کان پوءِ سنڌي زبان جي نڙيءَ ۾ پنهنجا نيش کپايو ويٺو هو. نياز همايوني، تنوير عباسي، شيخ اياز ۽ شمشير حيدري جي گيتن جي سينن ۾ خنجر ٿنبيو ويو هو. سونار بنگلاديش جو بنڌو "هيرو" جيل ۾ هو. وانجهن جي هٿن مان ونجهہ ڇڏائي حقا ڏنا ويا هئا. ملڪ ۾ آمريت جو بدترين ديو آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري رهيو هو. انهيءَ وقت سنڌ يونيورسٽي جي هن ئي لان تان يوسف لغاري جي اڳواڻي هيٺ سنڌي نوجوان هڪ ڪاموري جي خلاف (جنهن کي آءٌ مير جمفر جو روحاني پٽ سمجهندو آهيان) اٿيا ۽ آمريت جي راڪاس سان پنهنجي رڪ جهڙي ارادي سان ٽڪرايا. اهڙي خاموشيءَ ۽ بيوسيءَ واري ماحول ۾ هنن شاگردن جنهن جرئت، همت ۽ استقلال جو مظاهرو ڪيو. تنهن آمريت جي ڪاري رات جي سيني کي چيري صبح - جمهوريت کي ويجهو آندو. منجهيل عوام کي لڙڻ جي واٽ ٻڌائي ۽ ظلم جي بوسيده نظام جي قلعي ۾ شگاف وڌا. نتيجي طور هڪ طرف عوام جو سيلاب، جمهوريت جي سچ جي ڪرڻن مان پنهنجا جهول ڀرڻ لاءِ روانو ٿيو تہ ٻي طرف سنڌي قوم ون يونٽ جي ڦهري ڪوٽ کي وڏيڪ زور سان ڌڪ هڻڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي. انهيءَ ڪري چوٿين مارچ پوري پاڪستان جي عوام جي جمهوري جدوجهد جو ڏينهن آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ رهندڙ قومن کي ڪجهہ احساس هجي تہ هو بہ چوٿين مارچ کي پوري پاڪستان ۾ (نيشنل ڊي) طور ملهائين. ڇو تہ اهو ڏينهن پوري پاڪستان جي جمهوري جدوجهد جو آغاز آهي. آءٌ اڄوڪي ڏينهن تي سنڌ جي اڙٻنگ انسانن کي مادر علمي جي هن عظيم لان تان سلام ٿو ڪريان.

جيئن مون چيو آهي تہ هي ڏينهن پاڪستان جي جمهوري جدوجهد ۾ تاريخي ڏينهن آهي. تيئن آءٌ اوهان کي بہ عرض ڪندس تہ هي ڏينهن ڪنهن خاص پارٽيءَ جو ڏينهن قرار ڏنو نہ ٿو وڃي. ڇو تہ هن ڏينهن جي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ ڪونہ نهيو هو. پيپلز پارٽي وڏيرن جي بنگلن ۾ پينگهي ۾ پيل بار وانگر اگر چوسي رهي هئي. پنو صاحب هوٽلن ۾ ڪمرن جي تلاش لاءِ حيران هو. انهيءَ ڪري هي ڏينهن پوري سنڌي قوم جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن شاگردن، استادن، وڪيلن، اديبن، شاعرن، واپارين، هاري، ڪڙمين ۽ پورهيتن جو ڏينهن آهي. سنڌ جو ڏينهن آهي، سنڌ جي طويل تاريخ جي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي. آمريت جي ڪاري رات جي هاٿيءَ جهڙي پنيءَ تي روشني ء جو جهبڪ آهي. قومي زندگي جي بيننل پاٽي ۾ حرڪت ۽ ولوڙ آهي. قومي زندگي جو ثبوت آهي. بيننل قافلي جي ڪوچ جو اعلان آهي. غضب ٿيل حقن لاءِ احتجاج آهي ۽ غاصبن لاءِ زبردست للڪار آهي. انهيءَ ڪري پوري سنڌي قوم کي اهو ڏينهن عيد وانگر ملهائڻ گهرجي. البتہ هيترو ضرور چوندس تہ جيڪڏهن محترم جي ايم سيد جيل جي سنگين ديوارن جي پنيان ويهي نور نچوئي سنڌ جي حيثيت تي ڪتاب نہ لکي ها تہ اسان جا شاعر پنهنجي شاعري ۾ آتش نوائيءَ جو مظاهرو نہ ڪن ها تہ شايد ڇوٿين مارچ جو ڏينهن بہ نہ اچي ها. اوهان سيد لاءِ جيڪي جذبا رکو ٿا تن جو مونکي قدر آهي پر آءٌ عرض ڪندس تہ جيڪڏهن سيد سان عقيدت اٿو تہ پوءِ ان جي پيغام کي ڪٺي واڇوڙي وانگر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي وجو. سيد جي عظمت جو انهيءَ کان وڏيڪ ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو هو ڪليل طرح چوي ٿو تہ سنڌ جي آزادي جي عيوض آءٌ ڦاسي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. محترم نياز همايوني جو شعر آهي جيڪو هن صاحب جي ايم سيد جي باري ۾ چيو آهي:

توکي ڏسندي ٿيو ويساهہ ڇاٽي خدا،
سنڌ جيئندي سدا سنڌ جيئندي سدا،
تنهنجو پرتو پيو جنهن بہ نادار تي،
عشق دولت عطا ڪي انهيءَ يار کي.

مون توهان کي چوٿين مارچ جي ماحول جي باري ۾ ٻڌايو آهي هاڻي آءٌ توهان کي چوٿين مارچ جي پس منظر جي باري ۾ هڪ ڳالهه عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. چوٿين مارچ کي صرف ڪن شاگردن جي ڪاموري سان ٽڪر نہ سمجهيو پر ان جي پنيان هڪ ڏکو تاريخي پس منظر آهي. انهيءَ ظلم جو داستان آهي. جيڪو پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌين سان ڪيو ويو آهي. پاڪستان نهڻ کان اڳ اسان جيڪي خواب ڏٺا هئاسين. پاڪستان قائم ٿيڻ شرط شيشي جي گلاس وانگر چور چور ٿي ويا. اسان جون تمنائون ڪنڊهار جي گل وانگر فوجي بوٽن هيٺان ڪچلجي ويون. اسان جي خواهشن جي ڪبوترن جي سينن ۾ تير هنيا ويا. زمين اسان جي هئي مالڪ ٻيا بڻيا. شهر اسان جا واپار ڌارين جو. دفتر اسان جا نوڪريون ٻين لاءِ. درسگاهون اسان جون تعليم اقبال جي. زبان اسان جي گيت ٻين جا. شمع اسان جي محفل اوپرن جي. مئخانو اسان جو پر رند ڌاريان. جڏهن سنڌ جي زمين تي ڪڻڪ جا سون ورنا سنگ اُن جي بار کي ائين جهڪندا هئا جيئن سيج تي وينل ڪنوار جون پنبڻيون حيا کان جهڪي پون. انهيءَ وقت انهن سنگن ۾ لاباري ڪرڻ کان وٺي ان ڪڻڻ وارا پنجابي چوڌري ۽ پناهگيرن جا دلال هوندا هئا. ان وقت سنڌ جو هاري ائين سمجهندو هو تہ اهو سنگ نہ پر منهنجي سسي پيئي ڪپجي. جڏهن سنڌ جي ٻنين ۾ چٽن، مٽرن ۽ سرنهن جا گل ڪننجي منڙي مرڪ وانگر ڪڙندا هئا تہ انهيءَ کي پٽڻ لاءِ پنجابي فوجين جا ڇاڙتا اڳتي وڌندا هئا.

اسان پاڪستان جي ذريعي محبت گهري هئي اسان کي نفرت ملي.
اسان پنهنجائپ جي طلب ڪئي هئي پر اسان کي ڌاريائپ نصيب ٿي.
اسان دوستي جي خواهش ڪئي هئي اسان کي دشمني ملي. اسان انصاف گهريو اسان کي ظلم پلئہ پيو. اسان علم جي تمنا ڪئي هئي اسان کي جهالت ڏني ويئي.

اسان خوشحالي گهري مگر اسان کي بک، بيروزگاري ۽ غربت نصيب ٿي ۽ جڏهن اسان انهيءَ انڌير جي خلاف احتجاج ڪيو تہ اسان جي مٿان گوليون ۽ لٺيون وسائي اسان کي ملڪ دشمن ڪوٺيو ويو.

انهن سيني شين گڏجي 4 مارچ تي احتجاج جي صورت اختيار ڪئي.
اڄ چوٿين مارچ ملهائڻ وقت اسان کي سوچڻ گهرجي تہ انهن حالتن ۾ ڦير آيو آهي يا جيئن جو تيئن باقي آهي؟ آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ حالتن ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آيو آهي. البتہ هڪ اهڙي ناانصافي اسان سان نئين ٿي آهي جيڪا جناح کان وٺي يحيٰ خان تائين ڪانہ ٿي هئي ۽ اها آهي جيئن قومن کي ختم ڪرڻ وارو نئون بل جنهن تحت مسلم قوم کي نہ مڃڻ غداري قرار ڏنو ويو آهي ۽ اسان جي لاءِ پنهي صاحب جي مهربانيءَ سان سنڌي سڏائڻ ڏوهہ نهرايو ويو آهي.
دنيا اڄ اهڙي دؤر ۽ درجي تي پهچي چڪي آهي جو ڪنهن سياسي ڳالهہ کي مذهبي دليلن سان ثابت ڪرڻ انساني تجربن ۽ فڪري ڪاوشن تي ننولي ڪرڻ جي برابر آهي. ليڪن چونڪ پاڪستان جا دانشور جڏهن بہ ڪا ڳالهہ تا ڪن تہ ان کي مذهبي غسل ضرور ڏين ٿا. انهيءَ ڪري آءٌ صرف ايترو چوندس تہ اسلامي حڪومت جو ٻيو خليفو حضرت عمر تہ مسلم قوم جو قائل ئي نہ هو.
1. جيئن هن هڪ تقرير ۾ چيو هو تہ: "نحن قوم اعزنا الله بالاسلام". يعني: اسان عرب هڪ مستقل قوم آهيون جنهن کي اسلام جي ذريعي عزت ملي آهي.
2. هن هڪ خط ۾ سپاهين کي هدايت ڪئي تہ ايران ۽ عراق ۾ وڃي اتي جي عورتن سان شادي نہ ڪجو. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان توهان جو خالص عرب نسل، توهان جي خالص عربي قوميت ختم ٿي ويندي. پهرين پاڪستان جي قومي اسيمبلي حضرت عمر جي باري ۾ بل پاس ڪري.
ساٿيو: جڏهن اهڙا انذير اجا موجود آهن. انهيءَ صورت ۾ اسان جو هن لان تي گڏجڻ ثابت ٿو ڪري تہ اسان جي جدوجهد اجا جاري آهي. جهڙي طرح جنگ هلندي ڪو سولجر مورچو ڇڏي پٺي ٿو تہ ان کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. اهڙي طرح جيڪڏهن جنگ هلندي ڪوبہ ڪارڪن پٺي دشمن جي صف ۾ شامل ٿئي ٿو تہ ان کي بہ معاف ڪري نہ ٿو سگهجي.
اسان چور، ڌاڪو ۽ ذاڙيل ٿي سگهون ٿا ليڪن قومي غدار هرگز ٿي نہ ٿا سگهون.

سنڌڙي منهنجي ماءُ منهنجي جيجل توتان گهور ٿيان،
شل نہ ٿيان غدار سنڌءِ پل ڌاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

*(4 مارچ 1972ع تي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ڪيل تقرير)*

# 4 - مارچ: قومي تحريڪ جو روشن ڏينهن

## يوسف لغاري

ڪن سائين مون کي مجبور ڪيو آهي، تہ مان 4 - مارچ بابت ڪجھہ لکان. بنيادي طور تي مان نہ تہ اديب آهيان ۽ نہ وري تاريخ نويس - ان ڪري منهنجي اها خواهش رهي آهي، تہ انهيءَ اهم ڏينهن تي جيڪڏهن اسان جا اديب لکن تہ نهايت سٺو ٿئي - ڇو تہ جنهن موثر طريقي سان هو انهيءَ ڏينهن جي اهميت عوام کي محسوس ڪرائي سگهن ٿا، مان قطعي نہ. پر بهرحال... هڪ شاگرد - ۽ تحريڪ جي هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان مان انهيءَ ڳالهہ کي نهايت اهم سمجهان ٿو، تہ سچ کي ڪنهن بہ حالت ۾ نہ لڪايو وڃي. مان تاريخ سان راند کي تمام ڪڌو ڪم سمجهان ٿو - ۽ جنهن کي قومون ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديون آهن. سنڌ جي قومي حقن جي تاريخ ۾ 4 - مارچ جي اهميت جي پيش نظر، هن مضمون ۾ مان فقط اهي واقعا لکندس جيڪي منهنجي اکين تي چٽيل آهن.

ممڪن آهي منهنجون کي ڳالهيون ڪن پڙهندڙن ۽ تحريڪ جي سرگرم ڪارڪنن کي ڪڙيون لڳن - مان انهن سان معذرت ڪندي فقط ايترو عرض ڪندس تہ زنده قومون حقيقت کان منهن نہ موڙينديون آهن.

4 - مارچ اسان جي قومي تحريڪ جو اهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جون ڪٽ چڙهيل زنجيرون هڪ نڪاءَ سان پڃي پور پور ٿي ويون هيون - ڌرتيءَ ماءُ کي رت جو ريج مليو هو - اپ سڄي کي لاڪ لڳي هئي. مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون، نڪور، نج سج اڀريو هو - جنهن جي جوت سموري سنڌ کي جرڪائي وئي هئي. هر ڪنهن من ۾ هڪ نئون جذبو، هڪ نئين اُمنگ جاڳي هئي. پنهنجي آئنده جي اڏيندڙن کي انهيءَ تحريڪ جي حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ کان اڳ اهو نهايت ضروري آهي، تہ پاڪستان ٺهڻ کان

وني 4 - مارچ 1968ع تائين هاجن تي هڪ نظر وجهون. جن جو انهيءَ واقعي سان ڳـوڙهو تعلق رهيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان وني اڄ ڏينهن تائين پاڪستان جو پنجن قوميتن جي حقن تي اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي آڙ ۾ ڌاڙا هنيا ويا. انهن کي بنيادي انساني حقن کان محروم ڪيو ويو. بين الاقوامي طور مڃيل انساني اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي، انهن ننڍن صوبن جي عوام جڏهن بہ پنهنجي حقن جي حمايت ۾ آواز اٿاريو تہ انهن کي غدار ۽ ڪافر ڪوٺيو ويو. پاڪستان تہ ننڍين قومن کي سندن جائز حق ڏيارڻ، سندن تهذيب ۽ ثقافت کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ وجود ۾ آيو. پر انهن اصولن جي سراسر خلاف ورزي ڪئي وئي. هر هڪ صوبي جي عوام جو استحصال ڪيو ويو. انهيءَ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف اٿندڙ هر آواز کي دٻايو ويو. سنڌ جي عوام جي حقن تي ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا لڳا. کين ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي طرح ختم ڪيو ويو. پر ان هوندي بہ انهيءَ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سنڌ ۾ ڪابہ منظم تحريڪ شروع نہ ٿي سگهي. انهيءَ جو سبب اهو هو. تہ پاڪستان ٺهڻ کان وني 4 - مارچ تائين سنڌ ۾ ڪابہ اهڙي منظم سياسي يا سماجي تنظيم نہ هئي، جيڪا سنڌ کي انهن ڌاڙيلن کان بچائي سگهي. خاص ڪري 1957ع کان پوءِ سنڌ جي سموري سياست تي ڳـهٽ ۽ ٻوسٽ ڇانيل هئي ۽ ڪو بہ اهڙو سياستدان ڪونہ هو. جيڪو ايوب خان جهڙي آمر سان سنڌ جي مسئلن ۽ حقن بابت ڳالهائي سگهي. جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز ۽ قاضي فيض محمد - انهن ڪانسواءِ فقط سنڌي ادبي سنگت ئي هئي، جيڪا سنڌ جي مسئلن تي وقت بوقت آواز اٿاريندي رهي. سيئي سچڻ سچ ڳالهائڻ جي ڏوهہ ۾ جيل جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙين ۾ پنهنجي بي ڏوهائيءَ جي سزا ڀوڳيندا رهيا. نہ انهن وٽ ايترا وسيلا هئا ۽ نہ وري حڪومت انهن کي ايترو موقعو ڏنو. جو هو سنڌ جي نوجوانن کي منظم ڪري ڀرپور جدوجهد لاءِ آماده ڪري سگهن.سنڌ جي سياست هميشہ انهن وڏيرن جي هٿن ۾ رهي هئي. جيڪي پنهنجي مفاد خاطر سنڌ جي سک ۽ سلامتيءَ جو سودو ڪندا رهيا.

ثابت ٿيندي. انهن مطالبن مڃڻ لاءِ ٻن مهينن جو مُدو ڏنو ويو. ٻي صورت ۾ شاگرد پنهنجا مطالبا مڃرائڻ لاءِ منظم تحريڪ هلائيندا.

انهيءَ ڇتاءَ کان پوءِ مهاجر شاگرد ڪجهہ ڏينهن تہ ماٺ رهيا... پر پوءِ وري انهن پر ڪڍڻ شروع ڪيا. سندن وفد ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر علمدار رضا ۽ ڪمشنر مسرور حسن سان ملي کين پنهنجا مطالبا پيش ڪندا رهيا ۽ هوڏانهن هر روز اخبار ۾ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جو يقين ڏهانيون اخبارن ۾ ايندڙيون رهيو تہ "وائيس چانسلر جي خلاف قدم کنيو ويندو" اردو پريس تہ ايڏي هاءِ گهوڙا مچائي، تہ جي حسن علي عبدالرحمان کي نہ ڪڍيو ويو، تہ ايوب خان جي حڪومت جون پاڙون پٽجي وينديون. 68ع جي شروعات ۾ سائنس ڪانفرنس ٿي، جنهن جو افتتاح ايوب خان کي ڪرڻو هو. جنهن ۾ پاڪستان جي سڀني يونيورسٽين جا وائيس چانسلر بہ شريڪ ٿيڻا هئا. ان وقت C.I.D اها رپورٽ ڏني تہ سائنس ڪانفرنس کي ناڪام بنائڻ لاءِ سنڌي شاگرد ايوب خلاف مظاهرو ڪندا. انهيءَ ڪري اعلان ڪيو ويو. تہ وزير تعليم ان جو افتتاح ڪندو. پر انتظاميہ طرفان وزير تعليم کي بہ ساڳي رپورٽ ڏني وئي، تہ هن خلاف بہ مظاهرو ٿيندو. جنهن ڪري عين وقت تي وزير تعليم ڪونہ آيو ۽ رضي الدين صديقي ان جو افتتاح ڪيو. اهي سڀ رپورٽون فرضي هيون ۽ انتظاميہ حڪومت کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، تہ حسن علي عبدالرحمان، ذوالفقار علي ڀٽي جو خاص ماڻهو آهي، شاگرد تحريڪ جي قيادت ڪري رهيو آهي. حالانڪہ ڳالهہ بلڪل ان جي ابتڙ هئي. حسن علي هر صورت ۾ مهاجرن سان صلح ڪرڻ ٿي چاهيو. سائنس ڪانفرنس کان پوءِ حڪومت اهو فيصلو ڪيو، تہ حسن علي عبدالرحمان کي وائيس چانسلر شپ تان هٽايو وڃي. فيبروريءَ جي آخري هفتي ۾ اها خبر شاگردن تائين پهچي چڪي هئي. انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌي شاگرد طرفان روز اخبار ۾ بيان اچڻ لڳا. انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌي اخبارن مهراڻ، عبرت ۽ خادمِ وطن اسان جو تمام گهڻو ساٿ ڏنو.

انهيءَ تشويشناڪ خبر کان پوءِ حيدرآباد ۾ ٽنڊوڄام جي چونڊيل سنڌي يونين نمائندن جي هڪ ميٽنگ سچل ڪاليج ۾ ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج يونين جو صدر پرڳڙي صاحب ۽ ڪامل راڄپر. انجنيئرنگ ڪاليج مان مسعود نوراني ۽ مجيب پيرزادو. سچل ڪاليج مان غلام نبي مغل. ڄام ساقي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان نواز علي پٿو ۽ مان هئاسين. بهرحال سنڌي شاگرد ڪنهن بہ سخت قدم لاءِ تيار نہ هئا. چو تہ هر ڪنهن جو اهو رايو هو. تہ فقط سنڌي شاگردن جي اسٽرائيڪ ڪامياب نٿي وڃي سگهي، چو تہ ڪافي ڪاليجن ۾ مهاجر ۽ پنجابين جو تعداد زياده آهي. اسٽرائيڪ ناڪام نہ ٿئي. تنهن ڪري اهو فيصلو ٿيو تہ جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻن ڏينهن تائين ڪاميابيءَ سان احتجاج جاري رهيو. تہ پوءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۽ انجنيئرنگ ڪاليج بہ انهيءَ احتجاج ۾ شامل ٿي ويندا ۽ سنڌ جي حقن خاطر پنهنجن پائرن جو سات ڏيندا.

انهيءَ وچ ۾ حسن علي عبدالرحمان کي آرڊر پهچي ويا. تہ هو پنهنجي چارج ڪمشنر مسرور حسن جي حوالي ڪري وڃي. جنهن تي مهاجر شاگردن ۽ مسلم ليگي ليڊرن طرفان گورنر کي مبارڪباد جون تارون موڪليون ويون - ۽ انهيءَ قدم جي ساراهہ ۾ اخباري بيان جاري ڪيا ويا. انهيءَ موقعي تي جيڪڏهن مان اردو اخبارن جو ٿورو نہ مڃان. تہ اها زيادتي ٿيندي. جو هنن هڪ ڪاموري مسرور حسن ڪري اهڙو رويو اختيار ڪيو. جنهن جي ڪري سنڌ جو شاگرد ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو - يعني مهاجر شاگرد ۽ سنڌي شاگرد - اهو اسان تي اردو پريس جو وڏو ٿورو آهي. جوان اسان جي سنڌي شاگرد کي سندس سنڌي هئڻ جو احسا ڏياريو.

اهو سنڌي شاگرد جي عزت ۽ غيرت جو مسئلو هو. تہ هڪ سنڌي اُستاد کي سنڌي نواز هئڻ جي ڏوهہ ۾ بنا ڪنهن چنڊچاڻ جي هڪدم چارج ڇڏڻ جو آرڊر ڏنو وڃي، ۽ چارج وٺڻ وارو وري ڪهڙو چڱو مڙس هو؟ - نوڪر شاهيءَ جو ٽَڪن ورتو ٻانهو - جنهن چند ٽڪن جي عيوض سنڌ جي عزت ۽ غيرت جو سودو ڪيو هو - ۽ جنهن جي سنڌ دشمني نواب مظفر حسين کان بہ

چوٽ چڙهيل هئي. سنڌي شاگردن جو اهو مطالبو هو تہ ڪمشنر مسرور حسن کنهن بہ حالت ۾ هن يونيورسٽيءَ ۾ نہ اچڻ گهرجي ۽ اسان اهو فيصلو ڪيو تہ مسرور حسن کي هن اداري ۾ پير ڌرڻ جي اصل اجازت نہ ڏبي. جنهن کان پوءِ اولڊ ڪئمپس جا سمورا ڪلاس اسان بند ڪرايا ۽ پوءِ پنهنجين ڇهن بسن ۾ شاگرد پري نعرا لڳائيندا ڪمشنر جي آفيس ڏي روانا ٿياسين. اتي خبر پئي تہ ڪمشنر آفيس جي پوئين در کان نڪري بنگلي تي هليو ويو آهي، ان ڪري اسين وري بسن ۾ چڙهي ڪمشنر جي بنگلي تي آياسين. پوليس تمام گهٽي تعداد ۾ هئڻ ڪري اسان جي اندر وڃڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿي وئي. هڪ وڳي اسين پنهنجو احتجاج ختم ڪري يونيورسٽي موٽي آياسين. جتي حسن علي عبدالرحمان مون کي گهرائي ٻڌايو، تہ ڪيس لاٿو ڪونہ ويو آهي، بلڪ هو ٽن مهينن جي موڪل تي وڃي رهيو آهي. مون کي اعتبار ڪونہ آيو، ڇو تہ هو ڊنل پئي ڏسڻ ۾ آيو. هن مون کي انهيءَ احتجاج جي خوفناڪ انجام کان ڊيڄاريو پئي. ايتريقدر جو مون کي پنهنجي عزت جا واسطا وجهي احتجاج تان هٿ ڪڻڻ لاءِ چيائين.

اسين وري بسن ۾ پرجي پوري شهر جو گشت ڪري نعرا لڳائيندا نيو ڪيمپس ڄامشوري پهتاسين ۽ اتي بہ هڙتال ڪرائي وئي. شام جو جنرل باڊي جي ميٽنگ هاسٽل پارڪ ۾ ڪوٺائي وئي. مون محسوس ڪيو هو، تہ شاگرد ڪن سببن ڪري بددل هئا، تہ مڪمل هڙتال ناممڪن آهي، جنهن جا ڪي سبب هئا. جيئن تہ: يونيورسٽيءَ جا بہ حصا ٻارنهن ميلن جي مفاصلي تي هئڻ ڪري شاگردن کي اها پڪ نہ هئي، تہ ٻنهي حصن ۾ هڪ ئي وقت هڙتال ڪيئن ٿي ٿي سگهي:

مهاجر شاگرد تعداد ۾ برابر يا پاڻ کان گهٽائي ۾ آهن ۽ جي اُهي شامل نہ ٿيندا، تہ سنڌي شاگرد پريڪٽيڪل ۽ پڙهائيءَ ۾ پٺتي رهجي ويندا:

هيل تائين ڪابہ شاگرد تحريڪ ڪڏهن بہ سنڌي بنياد تي نہ هلي هئي. سڄيءَ سنڌ مان انهيءَ تحريڪ جي حمايت ٿيندي يا نہ:

اردو پريس ۽ مهاجر رهنمائن هن پليٽ فارم تي اسان جي مخالفت ڪئي آهي ۽ جنهن کي حڪومت جي مدد پڻ حاصل آهي. ٻئي پاسي اسان جي سنڌي ليڊرن ڪنهن به نموني اسان جي تحريڪ جي پنڀرائي نه ڪئي آهي - انهنءَ ڪري تحريڪ فيل ويندي؟

اهي مشڪلاتون هيون ضرور، پر اهڙيون به نه، جو انهن کي منهن نه ڏيئي سگهجي. اُن وقت وڏ ۾ وڏ ضرورت شاگردن کي منظم ڪرڻ جي هئي ۽ شاگرد يونين جي صدر هئڻ جي حيثيت سان شاگردن کي مون مان ڪافي اميد هئي. جڏهن ته يونين جي مهاجر جنرل سيڪريٽري ڪلم ڪلا اسان جي مخالفت ڪئي هئي ۽ مان ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌي شاگردن جي مفاد کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هوس ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ اسان جو ويساهه هو. ته جيڪڏهن اُن وقت سنڌي شاگردن طرفان ڪا تحريڪ نه اُٿِري ته پوءِ شايد ڪڏهن به اُٿِري نه سگهندي. سنڌ جي سدائين سُتل عوام کي اگهور ننڊ مان ڏونڌاڙي جاڳائڻ جو اُن کانپوءِ ٻيو ڪو موقعو نه ملندو - انهيءَ موقعي کان فائدو ورتو وڃي. ڪامل راڄپر ۽ پرڳڙيءَ انهيءَ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مون کي اتساهه ڏنو.

جنرل باڊي جي اجلاس ۾ نه فقط سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد حاضر هئا، پر لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان به ڪيترائي شاگرد اسان سان شامل ٿيڻ لاءِ آيا هئا. انهن جي ساٿ اسان جي ساٿين ۾ وڏيڪ جذبو پيدا ڪيو. انهيءَ ميٽنگ ۾ مهاجر شاگردن کي الٽيميٽم ڏنو ويو، ته جيڪڏهن هو اسان جي تحريڪ ۾ رڪاوٽ بڻيا، ته سنڌن سخت مقابلو ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت مهاجر شاگردن تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڳهاٽ پٽي گهڙيا ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئا. هنن نٿي چاهيو، ته سنڌين جي سڄاڳيءَ جي تحريڪ ڪامياب وڃي. انهيءَ ڏينهن جنرل باڊي جي ميٽنگ ۾ 3 ايڪشن ڪاميٽيون ناهيون ويون. پهرين ايڪشن ڪاميٽي جو چيئرمين مون کي بڻايو ويو ۽ ٻين ميمبرن جا نالا راز ۾ رکيا ويا ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو، ته پهرين ايڪشن ڪاميٽي جي گرفتاريءَ کانپوءِ ٻي ايڪشن ڪاميٽي چارج سنڀاليندي ۽ ان بعد ٽين ايڪشن ڪاميٽي تحرڪ ۾ ايندي. اهڙيءَ طرح اهو

فيصلو ٿيو. تہ ٻئي ڏينهن سائنس ڊپارٽمينٽ بند ڪرائي بسن تي اولڊ ڪيمپس پهچي، اتي آرٽس جي شاگردن سان گڏ ٿجي ۽ اتي جنرل باڊي جو اجلاس ڪري، جلوس جي صورت ۾ شهر جا چڪر هڻي، واپس هاسٽل پهچجي. فيصلي پٽاندر ان ڪانپوءِ شام جو وري سائنس ڪيمپس ڪان آرٽس ڪيمپس پهچي اتي شام ڪلاس بند ڪرائي وري شام جو هاسٽل پهچڻ جو پروگرام هو. جتي سنڌي شاگرد گهٽي تعداد ۾ رهندا هئا. جنرل باڊي جي ميٽنگ ڪانپوءِ ترت ئي شاگردن طرفان چندو ڪري اسان ڪيترن ئي شاگردن کي نوابشاهہ. ٽنڊوالهيار ۽ ڪوٽڙي موڪليو. جن اتان تارن ذريعي حڪومت کي صورتحال کان وقف ڪيو. ڇاڪاڻ جو حيدرآباد تار گهر وارن تارن موڪلڻ کان ڪيٻايو پئي.

ٻئي ڏينهن پروگرام مطابق سائنس جا ڪلاس بند ڪرائڻ وياسين. مهاجر شاگرد ڪلاسن مان نڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ اسان جي خلاف نعره بازي ڪئي، جنهن تي اسان جي ساٿين انهن کي ڪافي سمجهايو، پر جڏهن هو صفا نابري واري بيٺا. تہ اسان انهن جو مقابلو ڪيو ۽ زور زبردستيءَ کين ڪلاسن مان ڪڍيو. هتي مون کي اهو چوندي ڪوبہ وڏاءُ نٿو لڳي، تہ حق جي حمايت ڪرڻ وارن شاگردن کي، غنڊه گرديءَ ذريعي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اسان کي مجبور ٿي انهيءَ جو جواب ڏيڻو پئجي ويو. جنهن ڪري سنڌن غنڊه گرديءَ جي حمايت ڪرڻ جي جواب ۾ سنڌي شاگردن جون اکيون ڏسڻيون پيون ۽ ان کان پوءِ گهڻ ۾ گهڻ ڪنهن بہ اُردو پروفيسر جي همت نہ ٿي، تہ هو سنڌي تحريڪ جي مخالفت انهيءَ طرح ڪري سگهي. اُردو شاگردن پنهنجي بيوسي ڏسي. پنهنجي اُردو شاگرديائين جو سهارو ورتو. هڪڙي ڪلاس ۾ تہ عجيب نظارو ڏسڻ ۾ آيو. ڇوڪريون اسان سان بدتميزي ڪرڻ لڳيون، تہ جيئن سنڌي شاگردن ۾ اشتعال پيدا ٿئي ۽ هو ڪا سخت قسم جي بدتميزي ڪن تہ جيئن تحريڪ ۾ غنڊه گرديءَ جو عنصر شامل ڪري، تحريڪ کي بدنام ڪيو وڃي ۽ ايئن ڪرڻ سان تحريڪ خود بخود فيل ٿي ويندي. انهيءَ ڪري ڪلاس ۾ اردو ڇوڪريون در تي بيهي رهيون ۽ پنهنجي شاگردن کي ڪلاس ۾ ويهاري

ڇڏيائون. اهڙي طريقي سان هو سنڌي شاگردن کي ڪلاسن ۾ اچڻ کان منع ڪري رهيون هيون. مجبور ٿي اسان کي زوريءَ ڪلاسن ۾ داخل ٿيڻو ٿي پيو ۽ کين ڌڪا ڏيئي ڪلاسن مان ڪڍڻو ٿي پيو. مهاجر شاگرد ايستائين گڏ ٿي چڪا هئا ۽ سنڌي شاگردن تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. جهڳڙو وڌي ويجي ها. پر انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد پهچي ويا. تنهن ڪري مهاجر آهستي آهستي کسڪڻ لڳا.

سائنس ڪيمپس جي بند ٿي وڃڻ کان پوءِ اسان اولڊ ڪيمپس پهتاسين. اتي به ڪلاسن بند ڪرائڻ وقت ساڳين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. بهرحال سنڌي شاگردن پاڻ ملهايو. سمورا ڪلاس بند ڪرائي، شاگرد ڪمشنر آفيس پهتا. ڪن شاگردن پٿر ڦاهڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر منهنجي منع ڪرڻ تي ماٺ ٿي ويا. مان خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو ته ايڏي وڏي پيماني تي، اهڙي منظم تحريڪ، ڪاب نه هلي سگهي ها.

سنڌي شاگردن اهو عزم ڪيو، ته ڪنهن به ماڻهو توڙي ملڪيت کي، ڪوبه نقصان نه رسي. اسان کي خبر هئي ته ڪمشنر چارج لاءِ يونيورسٽي اچڻو هو. ان ڪري اسان اتي ئي سنڌس گهيراءُ ڪرڻ لاءِ وياسين ۽ ڪمشنر آفيس جو گهيراءُ ڪيوسين. ڊپٽي ڪمشنر علمدار رضا شاگردن کي واپس وڃڻ لاءِ چيو. پر اسان انڪار ڪيو ۽ هڪ شاگرد علي اڪبر بروهي ته علمدار رضا سان وڙهي پيو ۽ گلي مان جهلي ورتائينس. مون ڏٺو ته سرڪاري ڪامورا اهو چاهين ٿا. تَہ جيئن سنڌي شاگرد کين موقعو ڏين. ته انهن کي سبق سيکاريو وڃي. مون يڪدم جنرل باڊي جو اجلاس ختم ڪري ڪمشنر جي بنگلي جي گهيراءُ ڪرڻ لاءِ چيو. شاگرد بسن ۾ چڙهي ويا ۽ بسون ڪمشنر جي بنگلي ڏانهن وڃڻ لڳيون. پوليس به اسان جي پويان پويان هئي. ڪافي ڪوشش ڪئي سين ته ڪنهن حالت ۾ ڪمشنر جي بنگلي اندر گهڙي سگهجي. پر پوليس سان ٽڪر کائيا. اهو ناممڪن هو. مون اهو ٽڪراءُ نه ٿي چاهيو. جو ايئن ڪرڻ سان اسان انتظاميه کي موقعو ٿي ڏنو. ته پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪري. سنڌي تحريڪ کي ختم ڪن.

ان ڪانپوءِ اسان واپس يونيورسٽي آياسون. جتي جنرل باڊي جو اجلاس ڪيو ويو. انتظاميہ هڪ ٻيوطريقو تحريڪ کي فيل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. جو اسان جون بسون پوليس ڪاهي ويئي ۽ واپس ڏيڻ کان انڪار ڪيائون. تہ جيئن اسين نيو ڪيمپس کان اولڊ ڪيمپس تائين نہ پهچي سگهون. مون رجسٽرار محمد حسين ترڪ سان ڳالهايو. پر هن پنهنجي مجبوريءَ جو اظهار ڪيو. جو هن جي چوڻ مطابق بسون انتظاميہ جي حوالي آهن. هو انتظاميہ ۾ دخل نٿو ڏئي سگهي. پر اهي معمولي رڪاوٽون اسان جي تحريڪ کي ڪو بہ ڇيهو رسائي نہ سگهيون ۽ اسان جي ڀرپور جدوجهد تمام ڪاميابيءَ سان جاري رهي. اسان انتظاميہ کي چتاءُ ڏنو. تہ اڌ ڪلاڪ جي اندر بسون نہ مليون. تہ يونيورسٽيءَ کي ساڙيو ويندو. انهيءَ اعلان کانپوءِ شاگرد پيٽرول جا دبا کڻي آيا. اهو ڏسي انتظاميہ مجبور ٿي پئي ۽ اسان کي بسون واپس ملي ويون.

2 - مارچ تي ڊپٽي ڪمشنر آصف فصيح ۽ قاضي شريف SP دادو ڳالهيون ڪرڻ آيا. انهن اسان کي چتاءُ ڏنو. تہ جيڪڏهن شاگردن احتجاج بند نہ ڪيو. تہ انتظاميہ سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويندي. مون کين واضح لفظن ۾ چيو تہ: "اوهان پنهنجو فرض ادا ڪريو. اسان پنهنجو فرض ادا ڪنداسين." اسان انتظاميہ جي ڪنهن بہ آفيسر سان ڪنهن بہ قسم جي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ عزم ڪيو تہ پنهنجي جدوجهد کي آخر تائين جاري رکنداسين.

3 - مارچ جي رات جو ڊپٽي ڪمشنر دادو اسان سان وري ملڻ آيو. پر اسان جو ڪُتو جواب ٻڌي هو نااميد ٿي ويو. ڊپٽي ڪمشنر جڏهن ٻاهر نڪتو. تہ سندس نظر هڪ ڪُتي تي پئي. جيڪو شاگردن "مسرور حسن" لاءِ پنهنجي نفرت ۽ ڌڪار جا اظهار لاءِ ناهيو هو. جنهن کي ڏسي ڊپٽي ڪمشنر ميڙجي ويو ۽ شاگردن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جنهن تي شاگرد جوش ۾ اچي ويا ۽ کيس مجبور ڪيائون. تہ هي تنهنجو BOSS آهي. انهيءَ کي سلام ڪر ۽ مجبور ٿي D.C صاحب کي ڪتي جي سلامي ڏيڻي پئي. ساڳي رات ساڍي يارهين وڳي ڏاري محمد حسين ترڪ. قائم مقام وائيس چانسلر. سيني هيڊ

آف دي ڊپارٽمينٽ جي اٿالي سميت مون سان ملڻ آيو. اسان کي پنهنجي احتجاج ختم ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويئي. مون مٿن واضح ڪري ڇڏيو. ته تحريڪ کي ڪنهن به حالت ۾ ختم نه ڪيو ويندو. ڇو ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان انهيءَ تحريڪ جي حمايت ٿي چڪي آهي. سنڌ جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ سندن نظرون اسان ۾ آهن. تنهن ڪري اسان عوام جي اعتماد کي ڌوڪو نه ڏينداسين. انهن مون کي مجبور ڪيو. ته مان ڪمشنر سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيان. پر جيئن ته جنرل باڊي فيصلو ڪري چڪي هئي. ته ڪمشنر سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه نه ڪئي وڃي. تنهن ڪري مون پنهنجي لاچاريءَ جو اظهار ڪيو. پر سندس مجبور ڪرڻ تي رات جو بين لڳي هاسٽل ۾ جنرل باڊي جي ميٽنگ سڏائي ويئي. جنهن ۾ شاگردن ترڪ جي درخواست منظور ڪري. مون کي ڪمشنر سان ڳالهائڻ جي اختياري ڏني. رات جو 3 وڳي شاگردن جو هڪ وفد. جنهن ۾ مسعود نوراني. عثمان ڪيريو. راشدي محمد سعيد ۽ مان شامل هئاسين. ڪمشنر سان ملڻ لاءِ ويو. ڪمشنر سان ڇئين وڳي ڏاري رات جو ملياسين. هن نهايت ئي عاجزيءَ سان ڳالهايو ۽ باربار اسان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته حسن علي جي ڪيڊ ۾ هن جو هٿ نه آهي. پر جيڪڏهن شاگرد ائين سمجهن ٿا. ته هو معافي وٺڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن وفد کان معافي ورتي. مون کيس ٻڌايو ته هن جدوجهد ۾ اسان سان شامل سنڌي شاگردن کان به معافي ورتي وڃي. فقط اسان کان نه ڪمشنر پهرين ته اها ڳالهه مڃڻ کان ڪيٻايو پئي. پر جڏهن اسان ڪنهن به عارضي صلح ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ته هن اسان جي مؤقف کي انهيءَ شرط سان مڃيو. ته جيڪڏهن شاگردن کيس معاف نه ڪيو. ته کيس يونيورسٽيءَ مان سلامتيءَ سان نڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي ۽ سندس خلاف نعرا نه هنيا ويندا. هن انڪوائري ڪاميٽي مقرر ڪرڻ جي به حامي ڀري. جيڪا D.C حيدرآباد خلاف انڪوائري ڪندي جنهن ۾ شاگردن جا نمائندا پڻ ڪنيا ويندا. هن اهو پڻ انجام ڪيو. ته سکر ۾ شاگردن جي هڪ وفد جي گورنر سان ملاقات جو بندوبست 5 - مارچ تي ڪيو ويندو. ان کان پوءِ پنجين وڳي ڏاري اسان هاسٽل پهتاسين ۽ سمورن شاگردن کي ڳالهه

بولهہ کان واقف ڪيو ويو ۽ ڪين لائبريري هال ۾ گڏ ٿيڻ جي اپيل ڪئيسين. ٻئي ڏينهن ٻارهين وڳي ڌاري سڀ شاگرد ساڻي لائبريريءَ ۾ گڏ ٿياسين. پر مسرور وعدي جو خيال نہ ڪندي اچڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهڙو اطلاع ترڪ صاحب ڏنو تہ هو شاگردن کان لکت ۾ معافي وٺڻ پنهنجي بيعزتي تصور ڪري ٿو. انهيءَ تان شاگردن ۾ سخت اشتعال پيدا ٿي ويو ۽ سندس خلاف نعرن جو سلسلو شروع ٿي ويو. سندس انهيءَ وعده خلافيءَ کي شاگردن پنهنجي تحريڪ سان هڪ وڏو مذاق سمجهيو. اسان جي تحريڪ هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي ويئي. اسان پنهنجي تحريڪ هڪ نئين جوش ۽ جذبي سان جاري رکڻ جو عزم ڪيو. پوري شهر ۾ شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ "مسرور ڪُتا هائي هائي" جو ماتم ڪيوسين. منجهند ڌاري اهو جلوس واپس هاسٽل پهتو. اتان ٽين وڳي ڌاري وري ساڳيو جلوس شهر اچڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڊپٽي ڪمشنر دادو نهايت ئي سختيءَ سان جلوس ختم ڪرڻ لاءِ چيو. پر اسان سندس ڳالهہ کي اهميت نہ ڏني ۽ اسان جي بس جو جلوس ڄامشوري پل تي پهتو. تہ هر طرف پوليس ئي پوليس نظر اچي رهي هئي. اتي اسان جي بسن کي روڪيو ويو. پر اسان جي جوش کي ڏسي هنن اسان کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ڏني. جڏهن اسان جون بسون موجوده "آل پاڪستان راجپوتانا" لاءِ مخصوص ڪيل پلاٽ واري جڳهہ تي پهتيون. تہ اڳيان روڊ بلاڪ ٿيل نظر آيو. پوليس جون لارين جون لاريون ۽ هٿيارن سان ليس سپاهي پنهنجي ڪڌي ڪم ڪرڻ ۽ سنڌ تي هڪ وڏيڪ ظلم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. انهن کي ڏسي شاگردن ۾ جوش اچي ويو ۽ شاگردن نعرا هنيا تہ "مر ويسون مر ويسون، پر سنڌ نہ ڏيسون." مون ڊرائيور کي چيو. تہ جيڪڏهن ڪوبہ سپاهي بس کي روڪڻ لاءِ اچي تہ بس سندن مٿان چاڙهي وڃي. پر ڊرائيور ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. بس بيهي رهي. مون سمجهيو تہ پوليس منهنجي ۽ منهنجن ساٿين جي گرفتاريءَ لاءِ رستو روڪيو آهي. جنهن ڪري مان هيٺ لهي آيس. منهنجي هيٺ لهڻ شرط هڪ سپاهي ڪنداق هڻي مون کي ڪيرائي وڌو. پوءِ لٺين ۽ لتن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. پوءِ تہ جهڙو رڻ ۾ راڙو مچي ويو. پوءِ هر طرف گولين جا آواز. ٽيئر گيس جو دونهون ۽ ڪنلن

پنهنجن سان نہ وڙهبو - جيڪي مهمان مان قري حاڪم ٿي پيا آهن، تن سان ويل مچائبو. پنهنجن ننڍڙن گلن جهڙن سائين جوبدلو ونبو. سنڌ آزاد ٿيندي ۽ سنڌ آزاد ٿيندي. اڄ نہ سڀاڻي، نيٺ تہ دوکي جي ديوار ڪرندي - ٻاڙها ۽ ريٽا جهنڊا جهولندا رهندا - قيدي سائين مان الله بخش مگسي ۽ دودا خان زرڪزئي پاڻ سنڀاليو - دودا خان تہ وحي ٿي پيو - وحي روز نيون بشارتون آڻيندي هئي. پر جيڪا دودا خان بشارت آندي. اها هئي تہ چاڻ سنڌ آزاد ٿي - هن محسوس ڪيو هو تہ جيل جون چوڏيوارون سرد هيون پر "سنڌ نہ ڏيسون" جي آواز سان گونجي رهيون هيون - سنڌي سورهيہ سرخرو هئا - جيل جو نظارو درهم برهم ٿي ويو. سنڌي ۽ غير سنڌي قيدي پاڻ ۾ جدا ٿولا ناهڻ لڳا - ڪين نظر ٿي آيو تہ چاڻ چوڏيواري ۾ بہ مياٽيءَ جو ميدان ٿيڻ وارو آهي.

مون جيل حڪام کي ٻڌايو، تہ هر شاگرد قتيل آهي ۽ رتورت آهي، انهيءَ ڪري هنن کي فرسٽ ايڊ ڏنو وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ نلڪي تي وڃڻ ڏنو وڃي، جتي هو پنهنجا هٿ منهن ڌوئي سگهن. پر شايد جيل حڪام بہ ڪي مسرور جا مائٽ ٿي ڏٺا. سي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. اسان کي ٻن بيرڪن ۾ رکيو ويو. هڪ بيرڪ ۾ هڪ سؤ پنجاهہ کان بہ مٿي شاگرد اچي ٿي ويا، ٻي بيرڪ بہ ڪافي شاگردن سان ڀريل هئي. گهٽو ڪري انهيءَ بيرڪ ۾ وڏ ۾ وڏ چاليهہ کن قيدي بند ڪيا ويندا آهن. پر اسان کي ٻڪرين وانگي واڙيو ويو هو. ڪمبل وٺڻ مهل هڪ واردن شاگردن کي عام قيدي سمجهي ڪري گاريون ڏيڻ لڳو ۽ سيني کان خراب ڪمبل شاگردن کي ڏيڻ لڳو، جو جيل حڪام لاءِ بہ اهو مسئلو ٿي چڪو هو، تہ هيترن قيدين کي ڪهڙيءَ ريت سان ڪمبل ڏيئي سگهجن. ڪجهہ شاگردن کي ڪاوڙ اچي ويئي، انهن انهيءَ واردن جي ڪجهہ مرمت ڪري وڌي، ان ڪانپوءِ واردن ڪجهہ سانت ۾ آيو ۽ پوءِ پٺ سٺ ڪري پورائي ڪئي وئي.

مون کي خاطري هئي، تہ اسين بگهڙن جي ور چڙهي ويا آهيون، جنهن ڪري ڪنهن بہ حالت ۾ هنن مان چڱائيءَ جي اميد ڪانهي، ان ڪري مون نهايت ئي سخت رويو اختيار ڪيو ۽ شاگردن کي خاص ڪري ٻڌايم تہ ڪنهن

بہ حالت ۾ ڪابہ زيادتي برداشت نہ ڪن. جو مان انهيءَ نظرئي جو هوس تہ ڪامورا شاهي ۽ ظالم فقط طاقت ڪان ئي ڊڄندا آهن. مان پنهنجن شاگردن کي ڪنهن بہ حالت ۾ بي آبرو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس، انهيءَ ڪري پنهنجي دل جي ڀاهہ ڪڍي سگهن. هڪ ساٿي تہ ايتريقدر چئي ڏنو تہ ڪجهہ بہ ٿئي، اسين زيادتيءَ جو جواب زيادتيءَ سان ڏينداسين. مون شاگردن کي گڏ ڪري تقرير ڪئي ۽ شاگردن کي ٻڌايو تہ هو ڏسن تہ ڪنهن بہ حالت ۾ بيرڪن جا دروازا ڪليل هجن ۽ اسان ٻنهي بيرڪن جا شاگرد هڪ ٻئي سان ڪليءَ طرح ملي سگهنداسين. جيل جا حاڪم انهيءَ لاءِ تيار نہ هئا. مون شاگردن کي واضح طور تي ٻڌايو، تہ جيڪڏهن اسان هن وقت جيل جي حڪام جون زيادتيون برداشت ڪيون، تہ پوءِ جيل حڪام اسان جي لاءِ مصيبت ٿي پوندا. ڏهين وڳي تائين شاگرد بيرڪن ۾ گهمندا رهيا. مون شاگردن کي ڊسيپلين رکڻ لاءِ چيو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو، تہ جيڪڏهن ڪابہ شڪايت هجي مون سان ڪن، جيئن ڪوبہ فيصلو ڪجي تہ انهيءَ لاءِ سڀني جو گڏيل فيصلو هجي، اٽڪل يارهين وڳي ڌاري بہ ٽي وارڊن ۽ ڪجهہ ڪنسٽيبل آيا. جن شاگردن کي بيرڪن جي اندر وڃڻ لاءِ چيو، جنهن تي شاگردن ڪنهن بہ حالت ۾ بيرڪن جي اندر وڃڻ کان انڪار ڪيو. وارڊن جيڪي اڳي عام قيدين سان خراب روش جا عادي هئا، تن گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. جنهن تي شاگرد مشتعل ٿي ويا، هڪ وارڊن کي مارڻ لاءِ جهلي ورتو. مان يڪدم اتي پهچي ويس - ۽ کيس ڇڏايم. مون کيس ٻڌايو تہ هو بدتميزي نہ ڪري ۽ بيرڪ کان ٻاهر هليو وڃي ۽ پنهنجن آفيسرن کي موڪلي. اسان جيل ۾ نعرا هڻڻ شروع ڪيا. شاگردن سڄي جيل کي مٿي تي کڻي ڇڏيو ۽ ائين ٿي لڳو، ڄڻ جيل ۾ بغاوت ٿي ويئي آهي. پهرينءَ رات، جيل ۾ پهرئين دفعي آيل مهمانن بغاوت شروع ڪري ڏني. جيل حڪام شايد انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار نہ هئا. هنن سمجهيو هو، تہ اسڪول جا شاگرد جهڙي طريقي سان پنهنجي استادن جي احترام ۾ خاموش رهندا آهن. اهڙي طريقي سان جيل حڪام جي اڳيان بہ هر زيادتي برداشت ڪري نوڙت ڪندا رهندا.

شاگردن جيل حڪام تي لعنت. مسرور تي لعنت. ايوب شاهي مرده باه. ون يونٽ مرده باد. مر ويسون! مر ويسون! وغيره قسم جا نعرا هنيا. ڪجھ ديرڪانپوءِ جيل جي ٻئي پاسي کان نعرن جا جواب ملڻ شروع ٿي ويا. شايد قيدي پاءَ اسان جي نعرن جو مطلب سمجهي ويا هئا. ڇاڪاڻ تہ جنهن وقت اسان جيل ۾ پهتا هئاسين تہ ڪيترن قيدين اسان سان همدردي ڏيکاري هئي ۽ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو هو. هو اسان کان ذر ذر پڇي رهيا هئا. اوهان سنڌ جي ڪري جيل ۾ آيا آهيو. اسين اوهان تي ڪنهن بہ حالت ۾ ظلم ٿيڻ نہ ڏينداسين. ڪجھ دير کانپوءِ جيل سپرنٽينڊنٽ شفقت ۽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ مظفر چنا بہ اچي ويا. اسان کي نعرن بند ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اسان کين ٻڌايو تہ جيستائين اسان کي بيرڪن ۾ آزاد گھمڻ جي سهولت نہ ڏني ويندي ۽ انهيءَ واردن کي اسان جي بيرڪن مان ٻاهر نہ ڪڍيو ويندو. اسين بيرڪن اندر نہ وينداسين. آخر ڪجھ دير کانپوءِ سپرنٽينڊنٽ اسان کي ٻڌايو. تہ اوهان بيرڪن ۾ وڃو. فقط اڄ رات بيرڪون بند رکيون وينديون ۽ صبح جو انهيءَ متعلق ڊائريڪٽر پرزنس کان اجازت وٺي ڏني ويندي ۽ ٻيو تہ واردن کي فوري طور تي هٽايون ٿا. انهيءَ تي اسان بيرڪن ۾ وياسين ۽ کين ٻڌايوسين تہ شاگردن کي فرسٽ ايڊ ڏني وڃي. جنهن جو سپرنٽينڊنٽ وعدو ڪيو. تہ ڪلاڪ کن جي اندر ڊاڪٽر کي موڪليو ويندو. ڪلاڪ تائين انتظار ڪيوسين پر جيل حڪام بہ مسرور کان گهٽ نہ هئا ۽ مسرور وانگر ڪنهن بہ حالت ۾ وعدو وفائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. اسان وري جيل جي اندر نعرا هڻڻ شروع ڪيا. اڌ ڪلاڪ جي نعره بازي کانپوءِ سپرنٽينڊنٽ جو ماڻهو آيو تہ ڊائريڪٽر صاحب اچي رهيو آهي.

ڊائريڪٽر صاحب اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جيل اندر آيو. ٻنهي بيرڪن جي شاگردن کي هڪ بيرڪ ۾ آندو ويو تہ سمجهيو سين تہ ڪو اسان جو نهايت ئي سنو همدرد اچي ويو آهي. ڊائريڪٽر صاحب جي تقرير مان ائين معلوم ٿي رهيو هو. تہ شايد هيءُ بہ اسان جن ڪن همدردن مان هڪ آهي. هن هڪدم ڊاڪٽر کي گهرائڻ جو حڪم ڏنو. ڊاڪٽر خان کي رات جو 2 وڳي ڌاري اٿاري

آندو ويو. ڊائريڪٽر صاحب مون کي چيو تہ: اسان کي اوهان جي تعاون جي ضرورت آهي، هن وقت مان توکي ٻنهي بيرڪن جو انچارج بنايان ٿو. شاگردن جو انتظام منهنجي حوالي ڪيائين. چيائين: ڪابہ شڪايت شاگردن کي ٿئي، آهي توکي ٻڌائين ۽ پوءِ تنهنجو فرض آهي، تہ تون انهيءَ ڪان سپرنٽينڊنٽ کي آگاهہ ڪرين. جن شاگردن کي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت هجي، تہ سندن پئسن مان هو چٽ لکي گهرائي سگهن ٿا ۽ جيل جو سپاهي اهي شيون آڻي ڏيندو. شاگردن جي ماني جيل جي ڪاڏي مان الڳ ٿيندي ۽ انهيءَ کي وراهڻ جو ذميوار بہ مون کي بنايو ويو ۽ هڪدم بيرڪن جا دروازا کولڻ جو حڪم ڏنائين ۽ جيل جي وارڊن ۽ بي پوليس کي سيني بيرڪن تان هٽائي ڇڏيائين. ان ڪانپوءِ اسان کي درخواست ڪيائين، تہ هو ٻين بيرڪن ۾ نہ وڃن ۽ ٻين قيدين سان نہ ملن. جنهن ڪانپوءِ ڊائريڪٽر صاحب وڃڻ لڳو. ڊائريڪٽر جي وڃڻ وقت هڪ شاگرد ڊائريڪٽر کي ٻڌايو. تہ هن وقت تائين ڪين ماني نہ ملي آهي. جنهن تي ڊائريڪٽر کيس ٻڌايو تہ: اوهان پنهنجي ديس جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيو ۽ هيتري تڪليف بہ برداشت نٿا ڪري سگهو. جيڪڏهن اوهان فقط هن هنگامي ۾ رونشي جي ڪري جيل ۾ آيا آهيو. تہ مون کي توهان سان همدردي آهي، نہ تہ توهان تي افسوس آهي ۽ وڃڻ وقت فقط ايترو چوندو ويو تہ: وڏي ڪان وڏي مصيبت وقت بہ مسڪرائيندا رهو. جيئن اوهان جا دشمن اوهان جي همت کي ڏسي، بي همت ٿي وڃن ۽ مان توهان کي هن جدوجهد تي مبارڪباد ڏيان ٿو. جو اوهان پنهنجو رت وهائي ايتري تعداد ۾ جيل ۾ هڪ ئي وقت آيا آهيو. منهنجي ساري سروس ۾ ڪيتريون تحريڪون هليون آهن، پر ڪڏهن بہ هڪ ئي وقت ۾ هيترا شاگرد قيدي نہ آيا آهن.

مون کيس يقين ڏياريو تہ اسان کي جيل حڪام سان ڪابہ شڪايت نہ رهندي، اسين سمجهون ٿا تہ جيل ۾ آيا آهيون، ڪنهن دعوت تي نہ آيا آهيون جو ويهي شڪايتون ڪريون. پر اسان پنهنجي توهين کي ڪنهن بہ حالت ۾ برداشت نہ ڪنداسين، جيڪڏهن اوهان مڪمل تعاون چاهيو ٿا. تہ جيل جي حڪام کي ٻڌايو. تہ هو اسان سان مهذب شهري جهڙو ورتاءُ ڪن. ڊائريڪٽر

جيل حڪام کي ڪجهه هدايتون ڏيئي ويو هليو. انهيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو ڪيترن ئي شاگردن ڊاڪٽر کان فرسٽ ايڊ وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ۾ فيصلو ڪيائون تہ اسين هر حالت ۾ هر ڪا تڪليف برداشت ڪنداسين ۽ ائين سمجهنداسين تہ يونيورسٽي هاسٽل ۾ رهي رهيا آهيون.

ان کان پوءِ اسان مختلف ٽولين ۾ ڪچهرين ۾ مشغول ٿي وياسين. صبح سوير اسان کي پتي پيو تہ اسان جو هڪ دوست شهيد ٿي ويو آهي. (جيتوڻيڪ اها خبر بلڪل غلط هئي) انهيءَ خبر شاگردن ۾ هڪ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو. مون يڪدم شاگردن کي گڏ ڪيو ۽ کين ٻڌايو تہ سڀ شاگرد هڪ هنڌ گڏ ٿي وڃن. جيئن تعزيتي جلسو ڪري سگهجي. اسان هڪ تعزيتي جلسو ڪيو ۽ ان کانپوءِ ڏک طور ٿي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪئي سين ۽ اهو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ اسان اڄ کان بک هڙتال تي ويهون ٿا. جيسين تائين اسان جي شهيد ساٿي جي قتل جي تحقيقات جو آرڊر نٿو ڪيو وڃي. شاگرد ڪافي بکيا هئا. (مان بہ ٻن ڏينهن کان بکيو هوس) هن واقعي جي ڪري ماني جي ڪابہ طلب نہ رهي هئي. شاگرد ساٿين بہ عهد ڪيو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ ماني نہ کائينداسين. انهيءَ وقت کان بک هڙتال ڪري ڏني سين. ٿوري دير کانپوءِ بلوچستان قومي اسيمبلي جو ميمبر دودا خان زرڪزئي ۽ الله بخش مگسي اسان سان ملڻ آيا. ٻنهي اڄڻ شرط شاگردن جي پيرن جي مٽي کڻي پنهنجين اکين سان لاتي ۽ اسان کي انهيءَ جدوجهد تي مبارڪباد ڏني. دودا خان زرڪزئي اسان جو جذبو ڏسي، اسان کي ٻڌايو تہ هاڻي ون يونٽ ٽٽڻ کي دنيا جي ڪابہ طاقت نٿي روڪي سگهي. هن چيو تہ جيڪڏهن اسان وٽ ايترا تعليم يافتہ ورڪر هجن. تہ اسين هيستائين آزاد ٿي چڪا هجون ها. دودا خان ۽ الله بخش مگسي اسان جي بک هڙتال جو ٻڌي ڪري پاڻ بہ اسان سان بک هڙتال ۾ شامل ٿي ويا ۽ چيائون تہ اسين سڄي جيل ۾ بک هڙتال ڪرائينداسون.

ٿوري دير کانپوءِ جيل جي سپرنٽينڊنٽ مون کي گهرايو. مان سنڌس آفيس ۾ ويس جتي رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، محمد ميمڻ ۽ ڪجهہ ٻيا

وڪيل موجود هئا. انهن حال احوال پڇيو ۽ اسان کي باهمت رهڻ جو چيو. رسول بخش پليجي سان ڪجهه ڏينهن اڳ ملاقات ٿي هئي. پليجي جهڙي نموني سان منهنجي همت وڌائي هئي. مون کي هن لاءِ نهايت ئي گهڻو احترام ٿي ويو. وري جو هن کي مون جيل ۾ ڏٺو ته مان ايترو ته خوش ٿيس، جو مون کٽي پليجي کي ڀاڪر پاتو. پليجي مون کان پڇيو ته: خبر ڏي شاگرد سائين جا ڪهڙا حال آهن؟ مون کيس ٻڌايو ته: جن سائين سان پليجي جهڙا سائي گڏ آهن. انهن کي ڪنهن به مشڪلات جي پرواهه نه آهي. شاگرد سائي باهمت آهن ۽ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن. انهيءَ ڪانپوءِ رسول بخش پليجي ۽ ٻين دوستن وڪالت نامي تي صحيحون ورتيون ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا. حميد سنڌي، جنهن جو پاءُ به مون سان جيل ۾ هو. تنهن ته اسان جي ايتري همت وڌائي جو مان سوچڻ لڳس ته سنڌ ديس ۾ اهڙا سپوت به آهن، جيڪي پنهنجن پائرن کي جيل ۾ وڃڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪن ٿا.

ٿوري دير ڪانپوءِ اها ڳالهه هلي ويئي ته مون کي پنهنجن سائين کان الڳ ڪيو ويندو. شاگردن فيصلو ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ مون کي ڪائنن جدا ٿيڻ نه ڏنو ويندو. مون کين ٻڌايو ته اهو اهڙو مسئلو ڪونهي، جنهن تي ضد ڪجي. بهرحال شاگرد ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيا. مون به سائن وعدو ڪيو ته جيسين تائين اوهان اجازت نه ڏيندا. مان ڪنهن پاسي به نه ويندس.

شاگردن چنا کي ٻڌائي ڇڏيو ته هاڻي ڪو به شاگرد يوسف کي نه ڇڏيندو. ڪيترا دفعا چنا صاحب مون کي وٺڻ آيو. پر ڇوڪرن نه ڇڏيو.

ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ چنا صاحب آيو ۽ مون کي اچي ٻڌايائين ته منهنجو والد صاحب سپرنٽينڊنٽ صاحب جي آفيس ۾ وينو آهي. مان سندس آفيس ۾ ويس، اتي والد صاحب ته ڪونه هو. پر مون ڏٺو ته اتي S.P ۽ S.H.O اميد علي جوڻيجو موجود هئا اميد علي مون کي هڪ ليٽر ڏنو. جيڪو مون پڙهيو ته مون کي معلوم ٿيو ته هي D.P.R جو وارنٽ هو. جنهن تحت مون کي ۽ ٻين سائين کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

مون وارنٽ وني ڪيس ڇيو تہ بيو بہ ڪو وارنٽ آهي يا فقط اهو ئي آهي. S.P صاحب طنزيہ طور چيو تہ: اهو تہ في الحال پهريون آهي. ٻئي دفعي ضرورت پئي تہ اوهان کي ٻيا ليٽر بہ ڏنا ويندا. مون کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي. پر مان لاچار چپ رهيس. ان کان پوءِ S.P هڪ رسيد سپرنٽينڊنٽ جيل کي لکي ڏني. مان واپس وڃڻ تي هوس تہ S.P مون کي ترسڻ لاءِ چيو. ان کانپوءِ جوڻيجي صاحب مون کي چيو تہ هاڻ اوهان اسان جي حوالي آهيو. مون کين چيو تہ مون کي پنهنجو سامان کڻڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر هنن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مون کين ٻڌايو تہ منهنجا پير اگهاڙا آهن. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي جُتي گهرائي ڏني وڃي. پر انهن ائين ڪرڻ کان بہ انڪار ڪيو.

خير مان پنهنجن ساٿين کان جدا ٿي. ڪنهن ٻي منزل طرف وڃي رهيو هوس. مان جيل کان ٻاهر نڪتس تہ جوڻيجو ۽ بہ ٽي سپاهي منهنجي پويان اچي رهيا هئا. مون کي هڪ پوليس پڪ اپ ۾ چڙهڻ لاءِ چيو. منهنجي تعجب جي حد نہ رهي، جڏهين مون ڏٺو تہ ڄام ساقي، يوسف ٽالپر ۽ منور ميمڻ اڳ ئي اتي موجود هئا. مان گاڏيءَ ۾ چڙهيس ۽ يوسف ٽالپر کي ڏسڻ شرط چيم تہ: توکي الله آندو آهي، ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون. انهيءَ ڳالهہ تي سيني کان ٺهڪ نڪري ويو. ڄام ۽ منور کان خبرون ورتم. جتي معلوم ٿيو. تہ اجا اڻ ساٿي وڏيڪ اچڻا هئا. يوسف ٽالپر ۽ اسان سڀئي اڌ ڪلاڪ کانپوءِ نارا جيل تي پهچي چڪا هئاسين. اسان کي نارا جيل ۾ ڪچيون ڪوٺيون ڏنيون ويون، جيڪي اٺ فوٽ ويڪريون ۽ اٺ فوٽ ڊگهيون هيون. پهرين ڪوٺيءَ ۾ مون کي بند ڪيو ويو. ٻي ڪوٺيءَ ۾ يوسف ٽالپر، ٽين ڪوٺيءَ ۾ منور ميمڻ ۽ چوٿين ڪوٺيءَ ۾ ڄام کي بند ڪيو ويو. اسين ٻين وڳي ڌاري آيا هئاسين. مون يوسف ٽالپر کان چمپل ۽ بشرٽ ورتي. اٽڪل پنجين وڳي ڌاري هڪ شخص ماني کڻي آيو. مون کي ڪونہ سڃاڻندو هو. اچڻ شرط منهنجو پڇيائين ۽ ان کانپوءِ هڪ ٿري مانيءَ جي منهنجي حوالي ڪيائين. مون سپاهي کي چيو تہ: اسان دوستن کي ٻاهر ڪڍ تہ گڏجي ماني کائون. ان کانپوءِ اسان سڀني گڏجي ماني کاڌي. مون انهيءَ شخص کان پڇيو تہ هيءَ مهرباني ڪنهن ڪئي

آهي. تہ هن ڪنهن مهربان جو نالو ٻڌايو ۽ ان ڪانپوءِ اسان جي لاءِ شطرنج ۽ تاش آڻي ڏنائين. انهيءَ دوست (جنهن جو نالو ڪن سببن ڪري نٿو ونان) ڪيترائي سگريٽن جا پاڪيٽ ۽ بسڪوٽ آڻي ڏنا.

مون ڪيس پنهنجو وارنٽ ڏنو ڪيس ٻڌايو تہ پنهنجي ساٿي رسول بخش پليجي کي ڏيئي اچي. هن دوست هڪدم رسول بخش پليجي کي پهچايو ۽ سندس سلام مون کي ڏنائين. ڇئن پنجن ڏينهن ڪانپوءِ اسان کي نارا جيل مان ٽرانسفر ڪيو ويو. ٽرانسفر وقت هڪ عجيب نظارو هو. اسان جو هڪ رفيق نواز علي پٽي چيو تہ يوسف پاڻ تہ ٺوهہ چانديي ڏاڙيل کان وڌيڪ خطرناڪ آهيون! اسان کي هڪ پوليس لاري ۾ چاڙهيو ويو. هر هڪ سيٽ تي، هر هڪ شاگرد ساٿي سان گڏ. چار سي آءِ ڊي وارا ويهاريا ويا. لاريءَ جي اڳيان موٽر سائيڪل تي هڪ اي ايس آءِ کي ويهاريو ويو. ان ڪانپوءِ هڪ پوليس جي پڪ اپ، پوءِ اسان قيدي، انهيءَ جي پٺيان وري هڪ پڪ اپ. اهو قافلو نارا جيل کان سينٽرل جيل تي اچي پهتو. نارا جيل وٽ مون ڏنو تہ منهنجو مامون غلام حيدر لغاري بہ فروٽ جو ڇڪو کنيو بيٺو هو. خبر نہ آهي تہ ڪيتري وقت کان هو ويچارو اتي انتظار ۾ هو.

سينٽرل جيل پهتاسين، ٻئي ڏينهن مون کان پڇاڳاڇا شروع ٿي ويئي. ڊي ايس پي هالا، راجہ ڪرم الاهي ۽ لائلپور جي ڊي ايس پي دائود خان پورا اٺ ڏينهن پڇا ڪئي. انکان اڳ ۾ اسان دوستن فيصلو ڪيو هو، تہ هر حالت ۾ جنهن کان بہ پڇا ٿئي، اهو سڀ ڪجهہ مون تي هٽي. ڇو جو اسان کي خبر هئي تہ جيڪڏهن سزا ملي، تہ پوءِ هڪ کي ملي، ٻيا تہ بچن. پڇاڳاڇا بہ عجيب طريقي جي هئي. ٻنهي صاحبن مون کي ڀهرين سمجهايو ۽ هر قسم جا دلاسا ڏيڻ لڳا. آزاد ڪرڻ جو وعدو ڪيائون ۽ پڇيائون تہ صحيح ٻڌاءِ، تہ انهيءَ تحريڪ جي پويان ڪير ڪير آهن. گهڻي پڇا ذوالفقار علي ڀٽي صاحب، حسن علي عبدالرحمان، سنڌ جي عظيم فرزند جي ايم سيد، رسول بخش پليجي ۽ غلام محمد لغاريءَ متعلق ڪيائون. جي ايم سيد ۽ نعپ جي تہ ڀچر نہ ٿي ڇڏيائون.

هڪ دفعي پنٽي صاحب متعلق پڇڻ لڳا. تہ ڊسمبر ۾ جيڪو جلسو ٿيو هو، جنهن ۾ پنٽو صاحب مهمان خصوصي هو ۽ منهنجي دعوت تي پنٽو صاحب آيو هو. مون کين ٻڌايو تہ چار مهينا اڳ جي تقرير مون کي ياد نہ آهي هنن مون کي ڪافي ڏمڪايو، پر مون کين ٻڌايو تہ مون کي ياد ڪانهي. هنن مون کي ٽائيم ڏنو تہ شايد توکي ياد پئجي وڃي. ڪلاڪ کن خاموش رهڻ کانپوءِ مون کين ٻڌايو تہ مون کي ڪجهہ ڪجهہ ياد اچي وئي آهي. منهنجي انهيءَ ڳالهہ تي ٻئي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ دائود خان جي اشاري تي راجہ ڪرم الاهي هڪدم ٽائيپ رائيٽر تي آڱريون رکيون. راجہ صاحب لکڻ شروع ڪيو. مون کين ٻڌايو تہ، منهنجي انهيءَ جوڙ تي ٻنهي جي لبن تي معنيٰ خيز مسڪراهٽ اچي ويئي. "هان بهئي، ڪيا ڪها تها" انهن پڇيو. مون کين ٻڌايو تہ پنٽي صاحب چيو هو تہ: "جيستائين ڪشمير پاڪستان جي حوالي نٿو ٿئي، ايستائين اسين هندستان سان صلح نہ ڪنداسين. راجہ جون آڱريون ٽائيپ ڪندي بيهي رهيون. مان چپ ٿي ويس. "هان بهئي اور ڪيا بولا تها؟" دائود خان پڇيو. مون چيو تہ: "اور مجهي ياد نهين هي." همراهن جا منهن لهي ويا. راجہ ڪجهہ گرم ٿي ويو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. انهيءَ وقت شام جا ڇهہ وڳا هئا. مون کي ٻنهي چيو تہ: "آج تمهين ڇهٽي هي - ڪل تيار هوڪي آنا، ورنہ هم بهي تيار هونگي، سمجهي."

مون کين ٻڌايو تہ مان انشاءَ الله تيار ٿي ايندس، اوهان تيار ٿجو. ان وقت مان ڇهن ستن ڏينهن جي پڇا ڳاڇا کان تنگ ٿي ويو هوس ۽ انهيءَ وچ ۾ مون پاڻ کي ذهني طور تي تيار ڪري ڇڏيو، تہ جيڪي ڪجهہ ٿيندو انهيءَ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. ڪمري مان ٻاهر نڪتس تہ الله بخش مگسي ملي ويو. مون ساڻس سچي حقيقت ڪئي، مگسي مون کي ٻڌايو تہ راجہ ڏٺو ماٺو آهي، ڪجهہ اک ڏيکارينس تہ چپ ٿي ويندو. ان کانپوءِ جيڪڏهن توسان ڪا زيادتي ٿي، تہ اسان تنهنجي هرڪا مدد ڪنداسين ۽ مون کي ٻڌايائين تہ مان دودا خان سان بہ ڳالهائيندس. صبح جو وري ملاقات ٿيندي. مون ساڻين سان ڳالهہ ڪئي، نواز پنٽي تہ هڪدم ڳائڻ شروع ڪري ڏنو. يوسف ٽالپر مون کي چيو تہ

پاڻ ٻئي پاءُ آهيون (جيل ۾ وڃڻ شرط ٽالپر مون کي پاءُ سڏيو هو) ۽ مان توسان پاٽپي ۽ سنڌي ساٿي هجڻ جو ناتو نڀائيندس. ٻئي ساٿي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئاسين. چام پنهنجي منهن ليٽي مٽي نهارڻ لڳو. مون پڇيومانس تہ: "چام گهبرائجي وئين ڇا؟" جيڪي جواب مليو. انهيءَ دل خوش ڪري ڇڏي. چو جو ساٿي صاحب انهيءَ وقت پاڻ کي ذهني طور تي تيار ڪري رهيو هو. اسان کي ٿهڪ نڪري آيا. ڪجهہ وقت لاءِ محفل ٺهڪن ۾ بدلجي ويئي، ان ڪانسواءِ فيصلو ڪيو ويو. تہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ ساٿي ماني نہ وٺندا ۽ جيستائين مان واپس نہ ايندس، ماني نہ کائيندا.

ٻئي ڏينهن نائين وڳي ڌاري مون کي گهرايو ويو. ڪمري جي دروازي تي پهتس، تہ مگسي صاحب مليو. هن هڪل ڪئي تہ: مڙس ٿجان. مان سندس انهيءَ همت افزائي تي تيار ٿي ويس. راجہ صاحب وٽ ويهڻ کان پوءِ دائود خان ۽ راجہ نهايت ئي رعبدار نموني ۾ پڇيو تہ: "ڪچهہ ياد آيا؟" مون کين ٻڌايو تہ: " سب ڪچهہ ياد آگيا" همراهہ وري مشڪڻ لڳا. "تو پهر بتاؤ. کيا ياد آيا." مون ٻڌايو مان تہ: "مين ياد ڪرڪي آيا هون. بتاني نهين آيا." همراهہ پاڻيءَ مان نڪري ويا. هڪدم گارين جي بوڇاڙ ڪري ڏنائون. جواب ۾ مون بہ گاريون جي بوڇاڙ ڪري ڏني ۽ ڪانچ جو گلاس هٿ ۾ ڪٽي ورتم. مون راجہ کي گار ڏني ۽ ٻڌايم تہ مان تيار ٿي آيو آهيان، خبر ناهي تون تيار آهين يا نہ. اسان جو گوڙ ٻڌي قمر شاهہ جيل ۾ آيو. جنهن راجہ کان پڇيو ڇا ڳالهہ آهي راجہ. هن کي حقيقت ٻڌائي. قمر شاهہ راجہ کي ٻڌايو تہ هي سياسي قيدي آهي ۽ اوهان جيل جي آفيسر جي موجودگيءَ ڪانسواءِ ڪابہ پڇاڳاڇا نٿا ڪري سگهو. شاهہ صاحب سپرنٽينڊنٽ کي ٻڌايو. جنهن شاهہ صاحب کي چيو تہ اوهان گڏ ويهو. جنهن تي راجہ سپرنٽينڊنٽ سان مليو. ڊي سي سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي، پر سپرنٽينڊنٽ اڪيلائيءَ ۾ پڇا ڪرڻ جي اجازت کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ مان واپس پنهنجن ساٿين وٽ آيس ۽ ڪيس صورتحال کان واقف ڪيم. الله بخش مگسي مليو. جنهن چيو. 'مائٽ ڪٽ ڳيسي' ۽ مون کي انهيءَ تي مبارڪباد ڏنائين.

بئي ڏينهن وري گهرايو ويو. مختلف پڇا  ڪانپوءِ مون کان نعپ جي لاءِ پڇيائون. جنهن لاءِ مون کين ٻڌايو تہ نہ مان نعپ متعلق ڄاڻان ٿو. نہ نعپ جي خبر اٿم. منهنجو بيان 57 پنن تي ٽائيپ ڪيو ويو. جن مان پنن جو وڏو تعداد ون يونٽ ۽ ٻين قومي مسئلن تي هو. ٻين سوالن مان هڪ سوال  شاگردن ۾ بيچينيءَ  جي متعلق هو. آخر ۾ مون کي بيان تي صحيح ڪرڻ لاءِ چيو ويو. محترم رسول بخش پليجي جو نياپو پهتو هو تہ قانوني طور تي پوليس جي اڳيان ڏنل بيان تي صحيح ڪرڻ لاءِ مان ٻڌل نہ آهيان. انهيءَ ڪري مون صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هنن ڪافي منٿون ڪيون. پر مون صحيح ڪرڻ کان بنهہ انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ بئي سرڪاري ٽنٽو واپس ويا هليا.

اسان جي  گرفتاريءَ کان ٻہ ڏينهن اڳ، 3 وزير صاحبان محمد خان جوڻيجو. محمد علي هوتي ۽  آخوند الله بچايو انڪوائري لاءِ آيا. انهيءَ وقت شاگرد ليڊرن مون کانسواءِ ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو. آخر وزيرن فيصلو ڪيو تہ مون کي انسپيڪشن بنگلي تي گهرايو وڃي، جنهن لاءِ مان تيار نہ ٿيس، ڇاڪاڻ جو مان قيدي جي حيثيت ۾ اتي وڃڻ لاءِ تيار نہ هوس. آخر ٽنهي صاحبن مونسان ملڻ لاءِ جيل ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو. جيل ۾ ڏاڍيون چٽڪاريون ڪيون ويون. پر خبر ناهي تہ  وزير صاحبان ڇو نہ آيا. اٽڪل ٽين وڳي ڏاري مسعود نوراني، رفيق صفي ۽ ٻيا ساٿي اسان سان ملڻ آيا، مون کين ٻڌايو تہ  گهٽ ۾ گهٽ  ٽن مطالبن جي مڃڻ کانسواءِ ڪنهن بہ صلح تي نہ پهچڻ گهرجي. 1- شاگردن جي غير مشروط آزادي ۽ 4- مارچ جي واقعي جي عدالتي تحقيقات، 2- ڪمشنر جي بدلي، 3 - پروفيسر حسن  علي عبدالرحمان جي واپسي يا سنڌ يونيورسٽي ۾  سنڌي وائيس چانسلر جي مقرري. جنهن لاءِ مون باقي شيخ صاحب  جو نالو تجويز ڪيو هو. هوتي صاحب ۽ محمد خان انهن مطالبن کي مڃڻ لاءِ تيار هئا، پر مرحوم آخوند الهہ بچايو جيڪو ڪمشنر جي سفارش تي وزير ٿيو  هو، تنهن مرحوم اهڙو تہ  ڪڌو ڪردار ادا ڪيو، جو کهڙي ڪانپوءِ غداريءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هن جو ٻيو نمبر ٿي ويو. اهڙي

طريقي سان ڳالهيون ناڪام ويون. وزير صاحبان حڪومت کي رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

انهيءَ ڳالهہ بولهہ کي ناڪام بنائڻ لاءِ مسرور هڪ جڙتو پمفليٽ ايوب خان جي خلاف شايع ڪرايو. جنهن ۾ اسان جا دوست لالا قادر، سڪندر عباسي، عمر پٺي ۽ ٻيا نوَ ساٿي گرفتار ٿي ويا. اهڙي طريقي سان ڪمشنر پنهنجي خلاف هلايل تحريڪ کي ايوب خان جي خلاف هلايل تحريڪ سڏڻ لڳو ۽ ان طريقي سان اسان جي تحريڪ کي سخت ڌڪ لڳو. جو ايوب خان انهيءَ کي پنهنجو مسئلو سمجهي ڪمشنر کي سڀ اختيارات ڏيئي ڇڏيا.

شاگردن جي رٽ پٽيشن جناب عبدالستار پيرزادو، حفيظ پيرزاده داخل ڪري چڪا هئا. انهيءَ ۾ محترم مرحوم محمد ميمڻ ائڊووڪيٽ ۽ ڪامل راڄپر بہ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسان کي آزاد ڪيو ويو. پر اسان آزاديءَ وقت اهو شرط رکيو هو، تہ سڀ شاگرد غير مشروط طور تي آزاد ڪيا ويندا. وائيس چانسلر صاحب سنڌيت جو قسم کڻي انهيءَ لاءِ تيار ٿي ويو. پر پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو، تہ مسرور انهيءَ ڳالهہ کان ڦري ويو.

لالا عبدالقادر ۽ ٻيا ساٿي جيل ۾ رهجي ويا. جن جي آزادي هر حالت ۾ ضروري هئي، اسان انهن جي آزاديءَ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ محترم طفيل علي عبدالرحمان، عبدالستار پيرزادو، اي ڪي بروهي، محمد ميمڻ وڪيل ڪيا. جن پنهنجيون خدمتون رضاڪارانہ طور تي آڇيون ۽ اسان جي هر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. انهن جو ذڪر نہ آڻڻ هڪ زيادتي ٿيندي.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ مان ۽ يوسف ٽالپر، گورنر ۽ متعلقہ حڪام سان ملڻ لاءِ لاهور روانا ٿياسين. وزيرن مان هوتي، محمد خان ۽ آخوند سان ملياسين. گورنر تہ ملڻ لاءِ تيار ئي نہ هو. يونيورسٽي بند ٿي چڪي هئي، شاگرد ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئا. هاسٽل ۽ يونيورسٽيءَ تي پوليس جو پهرو هو، ڪنهن بہ شاگرد کي اندر گهڙڻ جي اجازت نٿي ڏني ويئي. ان ڪري ڪنهن بہ تحريڪ هلائڻ جي اميد نہ هئي، تہ جيئن حڪومت تي دٻاءُ وجهي سگهجي. ٻئي طرف عبدالستار پيرزادي، اي ڪي بروهي، حفيظ پيرزادي ۽ طفيل علي

صاحبن جو خيال هو تہ لالا قادر جي گروپ جي آزادي نهايت ضروري آهي. ورنہ حڪومت ڪيس اهڙو تہ ٺاهيو آهي، جو انهن جو آزاد ٿيڻ ناممڪن آهي. لاهور ۾ اسان کي آخوند، هوتي ۽ جوڻيجي صاحب وعدو ڪيو تہ جيڪڏهن اوهان پڙهائي شروع ڪندؤ تہ شاگردن کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان ڪيس ٻڌايو تہ هو شاگرد آزاد ڪري ۽ ڪمشنر جي خلاف انڪوائريءَ جي خاطري ڏياري تہ اسين پڙهائي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. آخر هوتي ۽ محمد خان اسان جو پاسو ورتو ۽ آخوند کي ڳالھ مڃڻي پئي ۽ انهيءَ ڳالھ تي صلح ٿيو. تہ اسان وائيس چانسلر کي يونيورسٽي کولڻ جي اپيل اخبار ذريعي ڪريون ۽ اسان جي حيدرآباد واپس پهچڻ کان اڳ سڀ شاگرد آزاد هوندا ۽ مهيني کن جي اندر ڪمشنر کي بدلي ڪيو ويندو. آخوند قسم کنيو. تہ هو پنهنجي وعدي تي قائم رهندو ۽ اها اسان جي ناپختگي هئي جو اسان سندس وعدي تي اعتبار ڪيو ۽ اهڙو بيان اخبارن ۾ ڏنو. حالانڪ اسان ڪنهن بہ حالت ۾انهيءَ لاءِ تيار نہ هئاسين. پر محمد علي هوتي ۽ محمد خان بہ خاطري ڏني هئي. ان ڪانپوءِ اسان فون تي محمد ميمڻ سان ڳالهايو. جنهن اسان کي انهيءَ بيان ڏيڻ لاءِ چيو. اسان اهڙو بيان شام جو اخبارن کي ڏنو - ۽ مطمئن ٿي حيدرآباد واپس ٿياسين. مان جيڪر هتي اهو نہ ڄاڻايان تہ زيادتي ٿيندي، تہ اسين لاهور ۾ اٺ ڏينهن کن رهياسين، اتي جو سڀ خرچ وغيره منهنجي ساٿي يوسف ٽالپر جي ذمي هو. يوسف ٽالپر چندي جي سخت خلاف هو ۽ مان بہ انهيءَ کي توهين سمجهي رهيو هوس. ان ڪري يوسف چيو تہ: ادل، منهنجي حصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هزار کن ايڪڙ زمين آهي. جيستائين اها سڄي ختم نہ ٿي ويندي، تيسين مان چندو ڪرڻ نہ ڏيندس. پئسن جي ڪنهن بہ وقت کوٽ نہ پوندي ۽ مان هر وقت پئسا ڏيندو رهندس. لال قادر وارن جي ضمانت جون درخواستون اسان جو ڪراچي وڃڻ ۽ اچڻ، بہ دفعا لاهور وڃڻ، اهي سڀ خرچ يوسف ٽالپر جي ٻلي هئا. ڪورٽ جا خرچ وغيره تہ يوسف ٽالپر، محمد ميمڻ کي هر وقت ڏيندو رهيو. مان سمجهان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ يوسف ٽالپر ڏھ پندرنهن هزار رپيا خرچ ڪيا هوندا ۽ ڪڏهن بہ منهن ۾ گهنج نہ آندائين.

لاهور مان واپس پهتاسين، تہ هتي خبر پئي تہ آخوند پنهنجي وعدي تان ڦري ويو. اسان کي شاگردن اڳيان نهايت ئي شرمندگي کڻڻي پئي.

نئين وائيس چانسلر سان ملياسين، جنهن جو چوڻ هو تہ سڪندر عباسي مڪيہ ملزم آهي ۽ اهو جيستائين گرفتار نہ ٿيندو، تيسين مان ڪابہ مدد نہ ڪري سگهندس، جو حڪومت اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ناهي. اسان ڪيس پنهنجو وعدو ياد ڏياريو، پر همراهہ وعدي تان ڦري وڃڻ جي شرمندگيءَ جي بجاءِ الٽو پنهنجي مجبوري ظاهر ڪرڻ لڳو. مون وائيس چانسلر کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ جيستائين شاگرد آزاد نہ ٿيندا، تہ يونيورسٽي بہ نہ ڪلندي ۽ مان ڪنهن بہ حالت ۾ يونيورسٽي کلڻ نہ ڏيندس.

هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ آخوند سان بنگلي تي ملاقات ٿي. چيائين: يونيورسٽي کلڻ ڏيو، مان شاگردن کي آزاد ڪرائيندس.

ٻئي ڏينهن تي هاءِ ڪورٽ ۾ شاگردن کي ضمانت جي درخواست تي بحث هو. منهنجو چوڻ هو تہ هر حالت ۾ پهرين شاگرد آزاد ٿين، ان کانپوءِ يونيورسٽي کلڻ ڏني ويندي. انهيءَ ڳالهہ تان تڪرار وڌي ويو. مون آخوند کي چئي ڏنو، تہ سڀاڻي يونيورسٽي سڙيل هوندي ۽ تنهنجي بنگلي جو خير ناهي ۽ ائين چئي مان ۽ يوسف ٽالپر اٿي پياسين. اٽڪل هڪ ٻين لڳي رات جو مسٽر روشن ميمڻ آيو، جنهن اچي ٻڌايو تہ آخوند، ائڊووڪيٽ جنرل کي فون ڪئي آهي ۽ هو صبح جو شاگردن جي ضمانت جي مخالفت نہ ڪندو. اهڙي طريقي سان شاگرد آزاد ٿي ويندا ۽ مون کي اوهان کي اطلاع ڏيڻ لاءِ موڪليو اٿس. مون ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ ڪوريءَ (آخوند) چيو آهي تہ هاڻ خوش آهين. يونيورسٽيءَ کلڻ جي وعدي جو خيال ڪجانءِ. صبح جو يوسف ٽالپر، مان ۽ محمد ميمڻ هاءِ ڪورٽ پهتاسين. قاضي اختر مرحوم مليو، جنهن ٻڌايو تہ ضمانت جي مخالفت نٿو ڪريان، پر آخوند مون کي چيو آهي تہ مان لغاريءَ کي وعدو ياد ڏياريان.

ٻئي ڏينهن تي شاگرد آزاد ٿيا.

بن تن ڏينهن کانپوءِ مسعود نوراني صاحب. جيڪو هيستائين روپوش هو. ظاهر ٿيو ۽ بن ڏينهن تائين ڪيس گرفتار نہ ڪيو ويو. جيتوڻيڪ مون مسعود کي چيو هو. تہ اجا ڪجهہ ڏينهن روپوش رهي، جيسين اسين سندس وارنٽ واپس ونرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيون. حڪومت ڪن شاگردن جا وارنٽ واپس وٺي چڪي هئي، پر مسعود هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي گرفتار ٿي ويو. هاڻي وري اسين مسعود جي پويان. آخر ڪجهہ ڏينهن مسعود آزاد ٿيو.

اسان جا مطالبا اجا پورا نہ ٿيا هئا. مان لالا قادر ۽ سڪندر عباسي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ سنڌي ميمبرن کي غيرت ڏيارڻ وياسين. پر شايد ان وقت جي سنڌي ميمبرن قسم کنيو هو. تہ هو سنڌ جي مفاد تي نہ ڳالهائيندا. البت عطا محمد لنڊ ڪيترين تحريڪون پيش ڪيون ۽ 4 - مارچ جي واقعي بابت ميمبرن کي آگاهہ ڪيائين. آخر خواجہ صفدر ۽ ميجر اسلم جهڙي غير سنڌين تحريڪ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنا. پر سنڌي ميمبرن ۾ سواءِ عطا محمد لنڊ جي، جنهن تحريڪ پيش ڪئي هئي، ٻئي ڪنهن ميمبر حمايت نہ ڪئي. آخر عطا محمد لنڊ احتجاج طور تي اسيمبليءَ مان واڪ آئوٽ ڪري ويو.

اسيمبلي ۽ لاهور ڪراچي جي پريس ۾ آواز اٿارڻ کانپوءِ اسان واپس آياسين. اسان کي خبر پئي تہ حڪومت يونيورسٽي کولڻ جو اعلان ڪيو آهي. يونيورسٽي پوليس جي پهري ۾ کلي. سنڌي شاگرد گهٽي تعداد ۾ نہ پهتا هئا. چو جو اُهي ٻاهرين شهرن جا هئا. اسان جيڪي بہ يونيورسٽيءَ ۾ حاضر سنڌي هئاسين. تن احتجاجي طور تي بائيڪاٽ ڪيو. پر مهاجر ڪلاس ۾ حاضر ٿيندا رهيا. مسرور وري نئين بدمعاشي ڪئي. هن جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ سنڌي شاگردن جون همتون پُست ڪيون وڃن. انهيءَ ڪري چوڌري بشير، طاهر صديقي، جهانگير آذر ۽ خيام دراني ۽ اهڙن ٻادي ٻلدرن اهو فيصلو ڪيو. تہ جيڪڏهن سنڌي شاگردن - جيڪي ٿوري تعداد ۾ آهن - کي ماريو ويو تہ ٻيا سنڌي شاگرد جيڪي ٻاهر ٿا رهن، سي نہ ايندا. هتان جي چند شاگردن کي اسين هراس ۾ آڻي سگهنداسين. انهيءَ ڪري مهاجر شاگرد ڪلمر ڪلا گروپ ناهي هلڻ لڳا ۽ اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. انهيءَ

تان هڪ ٻن سنڌي شاگردن سان انهن ٽڦا ٽوڙي ڪئي ۽ مون کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مون بچاءَ لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي، جنهن ۾ رحيم سهتو، سڪندر عباسي، عمر پنهور ۽ لالا قادر ۽ مان شامل هئاسين. اسين سڀ گڏ هلڻ لڳاسين. اسان تي ڪئين حملا ٿيا. جن کي اسان پنهنجي همت سان ناڪام بنايو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو ٽيئيهه کن اردو شرپسند شاگرد زخمي ٿيا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ وائيس چانسلر وٽ اسان جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو، ته سڀ شاگردن جا نمائندا وائيس چانسلر جي اڳيان قرآن تي هٿ رکندا ۽ آئينده ڪو به جهيڙو نه ڪندا. اهڙي طريقي سان صلح ٿيو. ٻئي ڏينهن هڪ وڳي ڌاري مان اڪيلو يونيورسٽي ۾ بيٺو هوس، ته اٽڪل ٽي سؤ کن اردو شاگردن لٺين، ڇرن ۽ لوهي سيخن سان مون تي حملو ڪري ڏنو. مون به جواب ۾ بچاءُ ڪيو. منهنجن ڌڪن سان به ٽي شاگرد زخمي ٿي پيا، پر مان شديد زخمي ٿي پيس. مون پنهنجو ڪافي بچاءُ ڪيو، پر بچاءُ منهنجي وس کان ٻاهر هو. انهيءَ وقت اسان جو دوست محمد علي مرزا به اتي موجود هو. ڪن اردو شاگردن هن تي حملو ڪيوءِ هن کي به ڇرا لڳا. مون کي اها خبر نه هئي، ته ڪو مون کان سواءِ ٻيو به ڪو زخمي ٿيو آهي. مان سڌو سٽي ٿاڻي تي آيس. پر صوبيدار رپورٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو سنڌي صوبيدار بي غيرت علي محمد لنڊ هو. ان کانپوءِ مان سول اسپتال پهتس، ٿوري دير کانپوءِ محمد علي مرزا به پهتو. هو به شديد زخمي هو. اسان کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون. محترم ڪامل راڄپر جيڪو ان وقت ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هو، اهو ڪجهه شاگرد وٺي آيو ۽ زبردست گوڙ ڪيائين. ان کانپوءِ يونيورسٽيءَ جا شاگرد به پهچي ويا. مجبور ٿي اسپتال وارن اسان کي داخلا ڏني. پر ان سان گڏ مان گرفتار به ٿي چڪو هوس. وائيس چانسلر ۽ امن ڪاميٽيءَ جا ميمبر مون سان ملڻ لاءِ آيا. پر مون ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو شديد ردعمل نڪتو ۽ سنڌي شاگردن مهاجر شاگردن تي حملا ڪيا. اٽڪل هڪ سؤ کن مهاجر شاگرد ته رات جو هاسٽل ڇڏي ڀڄي ويا ۽ ڪيترا

شاگرد داخلا ڪيرائي ڪراچي يونيورسٽي وجي پهتا. طاهر رضوي، هوم اسٽيڊ هال وٽان لنگهي رهيو هو تہ سنڌي شاگردن کيس پڪڙي ورتو ۽ ڦٽي وڌائونس.

ڪجھہ وقت ڪانپوءِ مان اسپتال مان ٻاهر نڪتس ۽ (ڪامل راڄپر ايل ايم سي حڪام کي ڇڏي چڪو هو. تہ جيستائين لغاريءَ جي ضمانت نہ ٿيندي تيسين مان اسپتال مان نڪرڻ نہ ڏيندس ۽ اهڙيءَ ريت انهن مون کي ضمانيت تي آزاد ڪيو) پوءِ شنوائين جي حوالي. ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ وري وائيس چانسلر وٽ ميٽنگ ٿي، مون مهاجر شاگردن سان ڳالهائڻ ڪان انڪار ڪيو. فقط وائيس چانسلر سان ڳالهايوسين. وائيس چانسلر کي مون ٻڌايو تہ سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ لاءِ ٻہ لک رپيا منظور ٿيل آهن، جيڪي ڪيترن سالن ڪان رليز نٿا ڪيا وڃن، اهي سنڌالاجي کي يڪدم ملڻ گهرجن ۽ مهاجر شاگردن جيڪڏهن ڪوبہ حملو ڪيو، تہ اسان انهيءَ جو پوري قوت سان جواب ڏينداسين. مون وائيس چانسلر کي اهو بہ چيو تہ اسان جي نظر ۾ هاڻ تون بہ مهاجر ڪان گهٽ نہ آهين.

جڏهن وائيس چانسلر اهڙو آرڊر پنهنجيءَ صحيح سان جاري ڪيو تڏهن يونيورسٽي اٽڪل چار مهينا بند رهڻ ڪان پوءِ کُلي ۽ شاگردن ڪلاس اٽينڊ ڪيا.

پوءِ جيتوڻيڪ ظاهري طرح خاموشي ڇانئجي ويئي ۽ ائين پئي لڳو تہ شايد اها سنڌي تحريڪ ختم ٿي ويئي آهي. پر حقيقت ۾ 4 - مارچ تي سنڌي تحريڪ جي شروعات ٿي هئي. انهيءَ ڏينهن سنڌ ۾ نئون سج اڀريو هو. انهيءَ ڏينهن سنڌين جي دلين ۾ نئون عزم ۽ جذبو جاڳيو هو. انهيءَ ڏينهن ٻج ڇٽيو ويو هو. جنهن جو ڦل ڪجھہ وقت ڪانپوءِ پڇي راس ٿيو. مسرور کي سنڌ مان وڃڻو پيو. ون يونٽ ٽٽو، جيئي سنڌ جو نعرو اَمر ٿي ويو.

*(هيءُ مضمون ڪتاب " 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا" نيو فيلڊس پبليڪيشن 1978ع تان ڪنيو ويو. اصل ۾ هيءُ مضمون "سهڻي" رسالي ۾ ڇپيو.)*

# 4 - مارچ کان اڳ ۽ پوءِ واري دؤر جي ڪهاڻي

## مسعود نوراني

1957ع واري سال جي پڇاڙي هئي. سڄي ملڪ تي مارشل لا پيل هو. صبح جو هڪ ڍڳهي ڪار. جنهن جي هارن جو آواز. عام موٽرن جي مقابلي ۾ بي سرو ۽ خوفنائتو هو. سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي مين گيٽ مان ڊوڪيندي اچي لئبريريءَ جي اڳيان بيٺي. هڪ ڍڳهو متارو فوجي طوفان وانگر ڪار مان ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي فوجي بوٽن سان يونيورسٽيءَ جي پوتر ڌرتيءَ کي ڌوڏيندو آغا تاج محمد (مرحوم) رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي جي آفيس جي اڳيان اچي بيٺو. ٽالي جي تختيءَ تي هڪ اڏامندڙ نظر وڌائين ۽ پنهنجي فوجي بوٽ سان دروازي تي هڪ زوردار ٺوڪر هڻي ڪڍيائين. دروازو نئين قسم جو دٻاءُ محسوس ڪري، ڌپ ۾ برڙاٽ ڪندي کلي پيو.

"هيءُ اوهان ڪهڙي بڪواس شروع ڪئي آهي؟" هن اندر گهڙندي. آغا صاحب تي گجندي چيو. "ياد رکو. اسان جا ٻار سنڌي نہ پڙهندا. اهي فقط اردو پڙهندا. اسان جي ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ بند ڪيو. اهو مارشل لا جو حڪم سمجهو ۽ اهو حڪم يڪدم عمل ۾ اچڻ گهرجي."

آغا صاحب جو رت ٽهڪي ويو. "اوهان جا ٻار آسمان تان لٿا آهن ڇا. جو سنڌي نہ پڙهندا." هن سوچيو تہ چئي ڏي. پر پوءِ مصلحت جي ٿڌين ۽ نم آلود هوائن سندس من ۾ ٻرندڙ شعلن کي سرد ڪري ڇڏيو.

"ٺيڪ آهي. آءٌ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي اهڙو اطلاع ڏيئي ڇڏيندس." هن پنهنجي جوش کي دٻائيندي نهايت سرد لهجي ۾ چيو.

فوجي. آغا صاحب کي گهوريندي هليو ويو. چون ٿا تہ ان زماني ۾ حيدرآباد جو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر برگيڊيئر ٽڪا خان هو. علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب کي اهڙو اطلاع ڏنو ويو. جنهن ان ڳالهہ تي سخت احتجاج ڪيو. پر

سندس احتجاج کي رد ڪندي. حڪومت طرفان احڪام جاري ڪيا ويا. تہ غير سنڌي شاگردن کي سليس سنڌي بہ نہ پاڙهي وجي. ان جي بدران سنڌي شاگردن کي اردو پڙهڻ لازمي قرار ڏنو ويو. مقامي انتظاميہ طرفان. يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ اها پهرين وڏي مداخلت هئي.

1959ع ۾ بيهر انتظاميہ جو هٿ يونيورسٽيءَ ڏانهن وڌيو. ايڪانامڪس جو پروفيسر ڊاڪٽر احمد مختيار. پنهنجو نوڪريءَ جو عرصو پورو ڪري رٽائر ٿيڻ وارو هو.مارشل لا ايڊمنسٽرير برگيڊيئر اقبال. علامہ صاحب تي زور پريو تہ: احمد مختيار جي نوڪري برقرار رکي وڃي. علامہ صاحب انڪار ڪيوئ پر جڏهن هن تي گهڻو زور وڌو ويو. تہ هن پنهنجن اصولن جي لڄ رکندي. پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. جيڪا مئي جي 25 تاريخ منظور ٿي. علامہ صاحب ڪانپوءِ رضي الدين صديقي وائيس چانسلر ٿي آيو. هاڻ مداخلت ۾ بقاعدگي اچي وئي هئي. پر مدافعت جو ڪو نالو نشان ڪو نہ ٿي مليو.

1965ع ۾ حسن علي عبدالرحمان يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. ساڳي زماني ۾ مسرور حسن خان حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر هو. حسن علي عبدالرحمان. يونيورسٽيءَ کي هڪ خودمختيار ادارو بنائڻ جو حامي هو. تنهن ڪري هو ڪنهن بہ عملدار جي يونيورسٽيءَ يا ڪنهن بہ تعليمي اداري ۾ مداخلت پسند نہ ڪندو هو. حسن علي عبدالرحمان پنهنجو پاڻ کي چانسلر جي طابع سمجهندو هو. حسن علي عبدالرحمان کا اڳ وارو وائيس چانسلر. شايد ڪمشنر جي سلاميءَ لاءِ ڪمشنر وٽ حاضري ڀريندو رهندو هو. پر حسن علي عبدالرحمان مختلف طبيعت جو مالڪ هو. هو ڪنهن ٽلو ٽوبڻ. بلو پوپڻ. کي اهميت ڪونہ ڏيندو هو. ڪمشنر هن جي اڳيان ڪاہ حيثيت نہ رکندو هو. بلڪ هو آفيسرن کي گهٽ نگاهہ سان ڏسندو هو.

بئي پاسي مسرور حسن پنهنجو پاڻ کي سڄي ڊويزن جو ان داتا سمجهندو هو. سندس سوچ موجب سڄي ڊويزن ۾ رهندڙ ننڍا. وڏا. امير. غريب. عورت. مرد. سندس "ڪُن" جا منتظر هئا. هو هڪ مغرور آفيسر هو.

سنڌ جا بزدل ۽ بي غيرت وڏيرا. اڪثر سنڌس سلامي پرڻ ايندا هئا ۽ سنڌس چائنٺ تي پيشاني ٽيڪي ويندا هئا. ننڍا وڏا آفيسر سنڌس دربار ۾ وڃي "جي حضوري" ڪري ايندا هئا. حسن علي عبدالرحمان نہ ويو. تہ مغرور عملدار جي پيشانيءَ تي گهنج پئجي ويو. جهگڙي جي ابتدا ٿي وئي.

طاهر حسين 1965ع ۾ يونيورسٽي يونين جو جنرل سيڪريٽري هو. ساڳي سال اهو انٽر ڪاليجيٽ باڊيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو. هو حسن علي عبدالرحمان جو انفارمر هو. پر ساڳي وقت هو ڪمشنر جو بہ انفارمر هو. يعني طاهر "ڊبل رول" ادا ڪري رهيو هو. اتفاق سان طاهر حسين امتحان ۾ ڪاپي ڪندي پڪڙجي پيو. طاهر حسين امتحان ۾ ڪاپي ڪندي پڪڙجي پيو! طاهر جو ڪيس جڏهن ان فيئرمينس ڪميٽيءَ وٽ فيصلي لاءِ پهتو تہ محترم عبدالباقي شيخ جيڪو ان وقت ان ڪميٽيءَ جو چيئرمين هو. اهو ڏسي حيران ٿي ويو. تہ طاهر ڪتاب تان هوبهو نقل ڪيو هو.ايتريقدر جوڪتاب جي حاشي ۾ ڏنل حوالا. بہ جوابي ڪاپيءَ ۾ جيئن جو تيئن موجود هئا. طاهر کي ٽن سالن لاءِ ڊبار ڪيو ويو. اهو ڪيس آخري فيصلي لاءِ سنڊيڪيٽ ۾ پهتو. تہ سنڊيڪيٽ ۾ مسرور حسن خان طاهر جي وڪالت ڪئي ۽ ڪيس بچائڻ لاءِ اهو عذر ڏنو تہ جيڪڏهن طاهر تي ڪو قدم کنيو ويو. تہ تعليمي ادارن ۾ وڳوڙ ٿي ويندو. جنگ جو زمانو آهي ۽ ايوب خان جو چوڻ آهي تہ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪيو. جنهن مان امن امان ۾ وڳوڙ پئي. تنهن ڪري طاهر کي معاف ڪري ڇڏيو.

تنهن تي عبدالباقي شيخ صاحب. مسرور کي چيو تہ "مسرور تون هڪ ڏوهاري شاگرد جي اڳيان ايترو تہ بي وس ٿي ويو آهين. جو تون سنڌس مقابلي ۾ امن امان بہ نٿو قائم رکي سگهين."

رجسٽرار "ترڪ" چيو تہ "جيڪڏهن طاهر کي ڇڏي ڏيو. تہ ان سان گڏ ٻين اوٺٽيهن ڇڻن کي بہ ڇڏڻو پوندو. جن ڪاپي ڪئي آهي. ڀلا ٻڌايو تہ پوءِ هر ڪو شاگرد ڪاپي ڪرڻ تي لهي نہ ايندو؟"

لعنت آهي ڇا؟ مون سان ڪيڏي نہ ويڌن آهي. جو هڪ مجرمانہ ذهنيت رکندڙ ايڊمنسٽريٽر. منهنجي سنڌي هئڻ جي ڪري. مون کي پنهنجي ظلم جو نشانو بنائي رهيو اهي. آءٌ کهڙي پاسي وڃان ڪنهن وٽ وڃان. ڇا آءٌ سنڌو ندي ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آڻيان يا پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ريل جي پٽي تي اڇلائي پنهنجو خاتمو ڪيان. ڇا سنڌي ٿيڻ ڏوھ آهي! ڏوھ آهي! ڏوھ آهي!!!"

"بس. بس. ڪامل وڌيڪ ڪجهہ نہ چئو. ڪجهہ نہ چئو. مون ۾ وڌيڪ ٻڌڻ جي همت ڪانهي." پروفيسر حسن عليءَ سُڏ ڪندي چيو. "تون فخر ڪر جو تون هڪ سنڌي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهين. تو کي ان ڳالهہ تي غرور ٿيڻ کپي. جو تنهنجي رڳن ۾ سنڌي رت ڊوڙي رهيو اهي. وڃ. ڏسان ڪرنل تنهنجو کهڙو آڱونو ٿو پٽي."

پروفيسر حسن عليءَ ڪرنل کي چيو تہ ڪامل جو فارم بحال ڪري. پر ڪرنل ان تي راضي نہ هو. پروفيسر حسن عليءَ گهڻو تنگ ڪيس. تہ هو مسرور حسن خان وٽ ويو ۽ ان کان مدد گهريائين. جيڪو سندس گهرو دوست بہ هو. مسرور پروفيسر حسن عليءَ کي فون ڪئي. هن انڪار ڪيس. مسرور تنهن تي ان وقت جي گورنر ملڪ امير محمد خان کي فون ڪئي. پر پروفيسر حسن عليءَ اڳ ۾ ئي ذوالفقار علي ڀٽي کي حالات کان آگاھ ڪري ڇڏيو هو. تنهن گورنر تي اڳيئي دباءُ وجهي ڇڏيو هو. پر امتحان ۾ وقت ٿورو هو ۽ ڪرنل اڃا ڪامل جي فارم تي صحيح نہ ڪئي هئي. مٿان امتحان اچي پهتو. نيڪ امتحان جي ڏينهن. پروفيسر حسن عليءَ وٽ آيو ۽ چيائين. "اچو تہ ان قصي کي ختم ڪريون."

پروفيسر حسن عليءَ کي رجسٽرار محمد حسن ترڪ چيو تہ "اوهان بهرحال ڪرنل کان ڪامل جي فارمن تي صحيح وني ڇڏيو."

پروفيسر حسن عليءَ کلي چيو. "پر هاڻ تڪڙ کهڙي آهي."

اهڙيءَ ريت فارم تي صحيح نہ ٿي سگهي هئي. امتحان ٿي ويو. ڪرنل فارم تي صحيح ڪرڻ کان بنهہ ڦري ويو. هن چيو: "مون ڪڏهن چيو تہ آءٌ فارم تي صحيح ڪندس."

قصو مختصر تہ ڪمشنر جي آڪسائڻ تي ڪرنل نجيب نيٺ ڪامل تي ڪيس داخل ڪيو تہ: "سندس امتحان ۾ ويهڻ غير قانوني هو." ڪمشنر سندس ايڏي مدد ڪئي. جو جوائنٽ سول جج بخت علي جکراڻي صاحب جي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. تہ ڪرنل جي پاران ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ ائڊووڪيٽ جنرل، بہ ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل ۽ مقامي ڊي پي پي وغيره آيا. ڪامل جي پاران مرحوم محمد ميمڻ وڪيل پيش ٿيو. بخت علي صاحب انصاف جو بول بالا رکندي. ڪامل جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ڪمشنر مسرور زخمي نانگ وانگر وٽڙ ڪائي. ڪرنل کي سيشن ۾ وڃڻ لاءِ چيو. جتي اجا ڪيس هليو پئي، تہ پروفيسر حسن علي امتحان جو نتيجو ڪيرائي ڇڏيو. ڪامل پاس ٿيل شاگردن جي لسٽ ۾ هو. ظاهر آهي تہ سرڪاري وڪيل کي نيٺ ڪيس واپس وٺڻو پيو. اهڙيءَ ريت ڪرنل ۽ مسرور کي نهايت رسوا ۽ خوار ٿيڻو پيو. اها ڪمشنر جي بہ شڪست هئي. سندس دل ۾ انتقام جا شعلا برڻ لڳا.

پر سندس مقدر ۾ اجا ڪجهہ وڏيڪ ناڪامين ۽ شڪستون لکيل هيون. ساڳين ڏينهن ۾. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلائن جي اهڙي سرشتي جو بنياد وڌو ويو. جنهن مطابق بهراڙيءَ جي شاگردن کي ڪجهہ وڌيڪ سيٽون ملڻ لڳيون. مسرور حسن خان، علمدار رضا (ان وقت حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر) ۽ مسٽر جعفري (ائنٽي ڪرپشن جو آفيسر) جدا جدا ٽنهي مختلف شاگردن کي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ڏيارڻ لاءِ پروفيسر حسن عليءَ کي فون ڪئي. پر پروفيسر حسن عليءَ معذوري ظاهر ڪئي. هنن ڊاڪٽر افغان کي فون ڪئي. جنهن ماڳهين ٽڙي ڏنين. انهن ٽن شاگردن مان هڪ خود جعفريءَ جو پٽ هو. تنهن جي ڪري اڳتي هلي، جعفريءَ عمارتن جي ڪيس ۾ مسرور جي اشارن تي نچندي ڊاڪٽر افغان ۽ رجسٽرار کي بہ گهلي ورتو هو.

انهيءَ ڇڪتاڻ جي هلندي پراڻي سينڊيڪيٽ جو مدو ختم ٿي ويو هو. نئين سينڊيڪيٽ جا نالا پروفيسر حسن عليءَ گورنر ڏانهن ڏياري موڪليا. جون تا تہ لسٽ ۾ مسرور حسن خان جو نالو بہ لکي موڪليو ويو هو. پر پوءِ

الائي ڪيئن مسرور خان جو نالو لسٽ مان غائب ٿي ويو. اڳ ۾ اصول اهو هوندو هو تہ حيدرآباد يا خيرپور ڊويزن جي ڪمشنرن مان ڪنهن هڪ کي سينڊيڪيٽ جو ميمبر بنايو ويندو هو. هن دفعي ڪمشنرن کي بلڪل نظرانداز ڪري، هڪ نئين روش اختيار ڪئي وئي هئي. ڪمشنر کي اهو آخري ڌڪ ڪاپاري لڳو.

پروفيسر حسن عليءَ ڪيس هر هنڌ ۽ هر محاذ تي شڪست مٿان شڪست ڏيندو آيو هو. ڪمشنر ڪنهن ڪٺڻ جهڙو بہ ڪو نہ رهيو هو.

1966ع ڌاري ذوالفقار علي ڀٽي کي وزارت مان لاٿو ويو. جڏهن هو ڪوٽڙيءَ کان لنگهيو ٿي، تڏهن انجنيئرنگ ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد رات جو پروفيسر حسن عليءَ جي بنگلي تي ويا ۽ گهيرائو ڪري، هن کان بسن جو مطالبو ڪرڻ لڳا، تہ جيئن هو استقبال لاءِ ڪوٽڙي اسٽيشن تي وڃ سگهن. پروفيسر حسن علي پاڻ تہ باهر ڪونہ نڪتو. پر محمد حسين رجسٽرار پنهنجي بنگلي مان باهر نڪري آيو. آءٌ ۽ علي محمد ڏاهري ۽ هڪ ٻيو شاگرد هن وٽ وياسين ۽ بس جو مطالبو ورجايوسين. پر هن چيو: "اسين بسون ڏيئي نٿا سگهون، پر جيڪڏهن اوهان پنهنجي مرضيءَ سان زوريءَ مارَ ڪُٽَ ڪري بسون ڪاهي ويندؤ تہ اسين چاتا ڪري سگهون." ائين چئي هو اندر هليو ويو. شاگرد صبح جو زوريءَ بسون ڪاهي ذوالفقار علي ڀٽي سان ملڻ هليا ويا.

انهيءَ کان اڳ پروفيسر حسن عليءَ 1961ع ۾ يونيورسٽيءَ جي ڪنووڪيشن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي مهمان خصوصي جي حيثيت ۾ مدعو ڪيو هو ۽ کيس يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽريءَ جي اعزازي ڊگري پيش ڪئي هئي.

1966ع جي پڇاڙيءَ ۾ حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان يوسف لغاري، جام ساقي ۽ عبدالحئي پليجي ذوالفقار علي ڀٽي کي جماعت جي ڪنوينشن ۾ مهمان خصوصي جي حيثيت ۾ مدعو ڪيو. جامع عربيہ هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي ذوالفقار علي ڀٽي هڪ تقرير بہ ڪئي.

اهي ڳالهيون مسرور حسن خان سڌو سنئون ۽ سي آءِ ڊي جي معرفت ايوب خان جي ڪن تي پهچائي. ڪيس برغلايو تہ پروفيسر حسن علي. ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ يونيورسٽي ۾ ميدان هموار ڪري رهيو آهي. پر ڪمشنر رڳو انهن الزامن تي اڪتفا نہ ڪئي، پر هن هڪ بي گندي سياست ڪيڏي. هن شهر جي ڪجهہ تعصبي سياستدانن تي پنهنجو ذاتي اثر رسوخ هلائي. پروفيسر حسن عليءَ جي خلاف اردو اخبارن ۾ بيان ڏيارڻ شروع ڪيا. طاهر حسين جيڪو ڪمشنر جي احسانن جو بار لاهڻ لاءِ آتو ويٺو هو. ان بہ مسرور جي چوڻ تي اخباري دفترن جا چڪر لڳائڻ شروع ڪيا ۽ پروفيسر حسن عليءَ خلاف بيان ڪڍيا.

يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو اسٽيبلشمينٽ آفيسر. عبدالسلام جامي. جنهن جون اکيون رجسٽراريءَ واري عهدي تي لڳل هيون. اين اي جي خان ۽ عبدالسلام جيڪو وائيس چانسلر جو پي اي هو ۽ ٻيو هڪ برڪات وارثي. يونيورسٽيءَ جي پرسان روز هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا ۽ مسرور خان سان سازباز ڪري پروفيسر حسن عليءَ جي خلاف منظم سازش تحت بيان ڪڍائڻ لڳا.

مبين جيڪو حريت اخبار جو مقامي نمائندو هو. سو عبدالسلام جو مائٽ نڪري پيو. چوتڪي گهٽيءَ وٽ چون ٿا تہ سندس بوٽن جو دڪان بہ هو. مبين بہ سندن سيل ۾ اچي شامل ٿيو. تنهن ڪري يونيورسٽيءَ خلاف پهريون بيان حريت ۾ ڇپيو.

آهستي آهستي هڪ منظم طريقي سان نواب مظفر. حافظ مبارڪ علي شاهہ. طاهر حسين. اسحاق شمي. بشير چوڌري. عثمان ڪئنيڊي. رفاقت الله ۽ ٻين ڪيترن جا غلط ۽ زهريلا بيان اردو اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳا. هنن الزام لڳايا تہ: پروفيسر حسن علي تعصبي آهي. هو سنڌين کي نوڪرين ۾ ترجيح ڏئي ٿو. سنڌين کي واڌو الائونس ڏئي ٿو. هنن انجنيئرنگ ڪاليج جي داخلائن جي طور طريقي تي بہ سخت نڪتہ چيني ڪندي پروفيسر حسن عليءَ تي غير سنڌي شاگردن سان بہ اکيائيءَ جي سلوڪ جي شڪايت ڪئي. "جنگ" ۽

"حريت" ان ڏس ۾ ايڊيٽوريل لکيا ۽ اهڙي ريت مسرور جي حسب منشا يونيورسٽيءَ جي معاملي کي عوام ۾ آندو ويو.

پروفيسر حسن عليءَ، آفتاب مرزا (جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو انفارميشن آفيسر هو) جي معرفت، 17- جنوري تي هڪ پريس نوٽ جاري ڪري متين الزامن جي سختيءَ سان ترديد ڪئي ۽ وضاحت ڪئي تہ: 230 استادن مان 150 سنڌي آهن ۽ فقط 80 سنڌي آهن. يعني سنڌي عملي جو تعداد ڪل عملي جو ٽيون حصو هو. اها خود هڪ وڏي بي انصافي هئي، ساڳيءَ ريت پروفيسر حسن علي وضاحت ڪئي تہ: انتظامي عملو فقط 50 سيڪڙو سنڌي آهي. سنڌين جي آدم شماريءَ جي لحاظ کان اهو تعداد گهٽ هو. جڏهن تہ مسرور حسن خان هڪ طرف تعصبي سياستدانن، نام نهاد شاگرد اڳواڻن ۽ متعصب استادن. يونيورسٽي جي عملي جي معرفت هن کي هڪ پاسي، ۽ سي آءِ ڊي جي معرفت ايوب جي ڪنن پرڻ جي ذريعي ٻئي پاسي حسن عليءَ کي سوگهو ڪري رهيو هو. تڏهن حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ يونين جي عهديدارن جون چونڊون ٿي رهيون هيون. اتفاق سان انهن چونڊن ۾ اڪثريت سنڌي نمائندن جي چونڊجي آئي. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ مجيب پيرزادو صدر ۽ آءُ جنرل سيڪريٽري ۽ رفيق صفي ڊبيٽنگ سيڪريٽري چونڊجي آيا. سچل ڪاليج مان غلام نبي مغل نائب صدر ۽ مهر حسين شاهہ جنرل سيڪريٽري، سچل ڪامرس ڪاليج مان خواجا سڪندر علي نائب صدر چونڊجي آيا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان غلام محمد پرڳڙي صدر ۽ قادر نواز قريشي نائب صدر ۽ يونيورسٽي مان يوسد لغاري صدر ۽ نائب صدر نواز علي پنو ڪچي آيا. ٻيو تہ ٺهيو پر گورنمينٽ گرلس ڪاليج مان مهتاب چنا جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ چونڊجي وئي.

مجيب پيرزادي ۽ مون گڏجي شاگردن جي هڪ آل سنڌ ڪنوينشن سڏائڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ اسان متين عهديدارن سان لهہ وچڙ ۾ آياسين ۽ جلد ئي سڀ هڪٻئي سان رلي ملي وياسين. ڪنهن اڻ ڏٺي خطري اسان کي اٿي هڪ هنڌ گڏ ڪيو هو.

نواب مظفر ۽ حافظ مبارڪ علي شاھ جھڙن سياستدانن گڏجي غير سنڌي عوام کي هميشه لاءِ سنڌ ۾ رهي سنڌ ۾ مدغم ٿي وڃڻ جي تلقين ڪرڻ جي بدران. ان کي سنڌ جي خلاف ڀڙڪائڻ شروع ڪيو هو ته جيئن سنڌن ليڊري چمڪي وڃي. هنن اهو به ڪونه سوچيو. ته جنهن بارود سان هو کيڏي رهيا آهن. اهو جڏهن ڦاٽو. ته خود غير سنڌين کي اڏائي ڇڏيندو. پر هو نه مڙيا ۽ بيانن جو سلسلو وڌيڪ ٿي ويو. نام نهاد شاگرد اڳواڻن. پروفيسر حسن عليءَ خلاف. هيندبل ورهايا ۽ شهر جي پٽين تي وڏا وڏا دل ساڙيندڙ پوسٽر هنيا.

اسان اهو سڀ خاموش تماشائيءَ وانگر ڏسي نه سگهياسين. سنڌين سان پاڪستان ٺهڻ سان ئي بي انصافيون ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون. نوڪريون. زمينون. ملڪيتون. اقتدار. عمارتون. دڪان. واپار. دولت. پوليس. فوج. مطلب ته هرمعاملي ۾ سنڌين سان انصافي ٿي هئي. سنڌين جڏهن ون يونٽ تي احتجاج ڪيو ته ون يونٽ کي بچائڻ لاءِ مارشل لا لڳو ۽ ان مارشل لا جي تلوار هيٺان جيڪي ظلم ٿيا هئا. سي اسان کان ڳجها نه هئا. اول ته پروفيسر حسن عليءَ ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪيو هو. جنهن مان تعصب جي بوءِ ايندي هجي. پر جيڪڏهن هن ڪجهه نوڪريون سنڌين کي ڏياريون به هيون. ته هن ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو؟ غير سنڌي عملي جو تعداد ته بهرحال سنڌي عملي کان وڌيڪ هو! پوءِ هيءَ واويلا ڇاجي هئي؟ اسان سوچيو. چوري ۽ سينا روزي؟ نتيجي ۾ سيئي چونديل سنڌي شاگردن نمائندا هڪ ٿي ويا. اسان گڏجي پروفيسر حسن عليءَ جي حمايت ۾ بيان ڪڍيا ۽ تعصبي سياستدانن کي ننديو. 21 جنوري تي يوسف لغاريءَ بيان ڪڍي اپيل ڪئي ته: يونيورسٽيءَ کي سياست جو اکاڙو نه بنايو وڃي. 24 جنوري تي محمد يوسف ميمڻ صدر عربي ڊپارٽمينٽ. سنڌ يونيورسٽي تي هنيل الزامن جي ترديد ڪئي. 25 جنوري تي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ مون ۽ مجيب يونين طرفان سنڌي شام جو اهتمام ڪيو. مون پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ چيو ته "اسين حق ۽ انصاف تي آهيون. ۽ ڪوبه اسان جا حق دٻائي نٿو سگهي. اسين هوشو. هيمون. دودو ۽ دولهه دريا خان بنجي ڏيکاريندا سين." جلسي ۾ مهمان خصوصي غلام علي الانا صاحب (سنڌالاجيءَ

وارو) هو. تنهن پنهنجي نوڪريءَ جي پرواهہ نہ ڪندي. هڪ حقيقت سان ڀرپور طوفاني تقرير ڪئي، جيڪا ان وقت جي بکر بوساٽ وارين حالتن ۾ بيحد دليرانہ تقرير هئي. ساڳي جلسي ۾ رسول بخش پليجي سنڌي سورمن جي موضوع تي تقرير ڪئي. سندس تقرير تي اردو پريس ايڏي هاءِ گهوڙا ڪئي جو توبنهہ زاري. جڏهن 4 مارچ جي تحريڪ اڳتي هلي تہ تحريڪ وارن کي ڏاهر پرست چئي انهن کي عوام جي نظرن مان ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

ان سنڌي شام جي ڪارروائي کنهن بہ اردو اخبار ڪانہ ڇپي. ان وقت پريس آرڊيننس جو زور هو. ڪمشنر پريس جي مٿان چڙهيو وينو هوندو هو. ان وقت انفارميشن ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر علي احمد بروهي هوندو هو. جيڪو پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر ڪمشنر جي حڪم تي خبرون ڏيندو يا سينٽنگ ڪندو هو. اردو اخبارن ۾ تعصبي سياستدانن ۽ شاگردن جا بيان وڏين سرخين سان شايع ڪيا ويندا هئا. ان جي ڀيٽ ۾ اسان جا بيان ڇپجندا ئي ڪونہ هئا. پر تنهن هوندي بہ اهڙي پوائنتي ماحول ۾ سنڌي اخبارن "عبرت"، "خادم وطن" ۽ "مهراڻ" پاڻ ملهايو ۽ سنڌي شاگردن جي بيانن ۽ وضاحتن کي شايع ڪيو. عبرت اخبار تہ 26 جنوري 1967ع تي هڪڙو ايڊيٽوريل بہ لکيو. جنهن ۾ هن پروفيسر حسن عليءَ جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ تعصبي سياستدانن جي مڪروه چالن ۽ مقصدن جو پردو چاڪ ڪيو.

بئي پاسي سنڌي سياستدانن ۾ بہ چاڙهو ڪو نہ هو. اخبارن جا رڪارڊ جانچيا اٿم. تہ ان وقت ۾ فقط قمر الزمان شاهہ وڪيل اهڙو سياستدان نظر اچي ٿو، جنهن 26 جنوريءَ تي بيان ڪڍي حاسد سياستدانن کي ننديو ۽ پروفيسر حسن عليءَ جي حمايت ڪئي. اهو بيان هن يونيورسٽيءَ جي پوليٽيڪل سائنس جي اولڊ بوائز ايسوسيئشن جي پليٽ فارم تان ڪڍيو. ساڳين ڏينهن ۾ ايبڊو زده سياستدانن تان ايبڊو لٿو. پر هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي باري ۾ ڪو چڱو بيان ڪڍڻ جي بدران پنهنجي بهرين گڏجاڻيءَ ۾ ئي ايوب خان واريءَ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا.

مقصد ڳالهه جو هيءُ آهي تہ پروفيسر حسن علي اڪيلو ٿي پيو. سواءِ شاگرد نمائندن ۽ چند حقيقت پسند شخصن جي. ٻيو ڪير بہ سنڌس حامي ڪونہ هو. جيڪڏهن هئا بہ. تہ پنهنجي ٽوپي بچائڻ لاءِ ماٺ ڪري ويٺا هئا.

بيان ۽ جوابي بيان شايع ٿيندا رهيا. 29 جنوريءَ تي مهر حسين شاهه ۽ غلام نبي مغل (سچل ڪاليج واري). پروفيسر حسن عليءَ جي حمايت ۾ بيان ڪڍيا. 29 جنوري تي سنڌ يونيورسٽي آرٽس فيڪلٽي طرفان متعصب سياستدانن جي مذمت ڪئي وئي. 30 جنوريءَ تي سنڌ يونيورسٽيءَ يونين جي طرفان مذمت ڪئي وئي. انهن "جنگ" اخبار ۾ ڇپيل هڪ خبر جي ترديد ڪئي. تہ آهي علمدار رضا سان پروفيسر حسن عليءَ جي شڪايت ڪرڻ ويا هئا. معلوم ٿيو تہ طاهر حسين. بشير چوڌري ۽ اسحاق شمي ٻين تعصبي شاگردن جي ٽولي سان گڏ علمدار رضا وٽ ويا هئا ۽ يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ ذاتي مداخلت جي درخواست ڪئي هئائون ۽ چيو هئائون تہ پروفيسر حسن عليءَ خلاف ڪو قدم کنيو وڃي. 31 جنوريءَ تي يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي يونين آفيس ۾ سنڌي شاگرد نمائندن جي گڏجاڻي ٿي. هنن هڪ بيان ٿي صحيحون ڪيون. جنهن ۾ چيو ويو هو تہ: يونيورسٽيءَ جي فضا تعصب کان پاڪ آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اقربا پروري ڪانهي. هنن چيو هو تہ: هو علمدار رضا سان ڪونہ مليا هئا. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ تعصبي آفيسرن خلاف سخت قدم کنيو وڃي. بيان تي مجيب. منهنجي. يوسف لغاري. نواز پني. غلام نبي مغل. قادر نواز قريشي. مهر حسين شاهه. خواجا سڪندر ۽ غلام علي چوهاڻ صحيحون ڪيون. ڄام ساقي بہ اتي موجود هو. پر هن صحيح ڪانہ ڪئي. سنڌس چوڻ اهو هو تہ پروفيسر حسن علي ۽ مسرور حسن ٻئي بيوروڪريسيءَ جا نمائندا آهن ۽ ٻئي سنڌين ۽ مهاجرن کي هڪ منظم سازش جي ذريعي ويڙهائي رهيا آهن. هن بهرحال اهو چيو تہ "منهنجي ياران مهر حسين شاهه صحيح ڪري ٿو." جيڪو حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو هڪ عهديدار بہ هو. بهرحال ڄام ساقيءَ ۽ يوسف لغاريءَ جي ان مسئلي تي اثبٽت بہ ٿي پئي هئي. ڄام ساقيءَ يوسف کي اهو بہ چيو تہ: "سنڌس خيال

۾ تپيل لوھ کان بہ وڌيڪ ڳاڙها تي چڪا هئا. مون جڏهن صبح جو مجيب پيرزادي جي صدارت ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي جنرل باڊي سڏائي. تہ مون کي محسوس ٿيو. ڇڻ تہ شاگرد ازل کان منهنجي سڏ جا منتظر هئا. هنن ۾ زبردست جوش ۽ خروش هو. هو طوفان سان ٽڪرائڻ لاءِ بيتاب هئا. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اڪثريت ڳوٺن مان آيل سنڌين جي هئي. ڊگها. قداور ۽ مضبوط ڏونرن وارا سنڌي. وڏن وڏن خنجرن جيان شهپرن وارا. کهرا ۽ نج سنڌي عزت يا موت جن جو اصول هو. بي عزتي يا ذلت واري زندگي ڪين قبول نہ هئي. هو ميچريل هئا. سندن دلين تي چوٽ لڳي هئي. سندس آنا کي صدين کان وٺي مجروح ڪيو ويو هو. سنڌين جي سر زمين تي. سنڌين جي ئي بيعزتي ٿيندي رهي هئي. هاڻ وڌيڪ بيعزتي هنن لاءِ ناقابل برداشت بڻجي چڪي هئي سڄو انجنيئرنگ ڪاليج ڪمشنر مرده باد جي نعرن سان گونجڻ لڳو. جنرل باڊيءَ ۾ رشيد ميمڻ. شوڪت انصاري. صديق ميمڻ. جميل آفتاب. آغا زاهد. سليم سنجراڻي. قربان پنهور. چانگومل. اشفاق صفي. رفيق صفي. ظفر. سڪندر پناڻ. شڪور ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترا جوڌا جوان موجود هئا ۽ ٻين ساٿين کي جوش ڏياري رهيا هئا. مون هڪ جوشيلي تقرير ڪندي چيو تہ: "اڄ هڪ ڪمشنر جي چوڻ تي وائيس چانسلر کي ڪڍيو پيو وڃي. سڀاڻي ڪو پوليس وارو اچي يونيورسٽي بند ڪري ويندو. ياد رکو دوستو! اسان جو وجود خطري ۾ آهي. جيڪڏهن اجا بہ اوهان وقت جي رفتار سان گڏ نہ هليا تہ پوءِ اوهان زنده ضرور رهندو. پر غلامن ۽ محڪومن جي حيثيت ۾. ساٿيو ڏاڻا اڇلائي تلوارون کڻو. ڪتاب اڇلائي بندوقون کڻو. ڇو جو طاقت بندوق جي ناليءَ مان نڪرندي آهي."

منهنجي تقرير باھ تي پيٽرول جو ڪم ڪيو ۽ اسين هڪ واڇوڙي وانگر سائنس فيڪلٽيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. اتي پهتاسين تہ معلوم ٿيو تہ ڪلاس هلي رهيا آهن. رشيد احمد ميمڻ. جيڪو هڪ انتهائي خطرناڪ ڪارڪن هو. تنهن اهو ڏسي ايڏيون تہ رنيون ڪيون. جو ڪيترا غير سنڌي شاگرد ڊپ کان ڪلاسن مان ٻاهر نڪري آيا ۽ رشيد سان گڏ رڙيون ڪرڻ لڳا.

نواب مظفر. حافظ مبارڪ علي شاهه. صدر الدين انصاريءَ جهڙن سياسي ڳرڳن. قومي پريس. وڏن آفيسرن ۽ غير سنڌي شاگردن جي ويڪو اڳواڻن جي هڪ منظم مشينري سنڌين خلاف ڪم ڪري رهي هئي. آخر پروفيسر حسن علي وڃي ڪيڏانهن؟ هوڏانهن جهانگير شيخ. قاضي خضرحيات مستقبل جي خطرن کان بي فڪر ٿي. ڪتي کي هنجاري رهيا هئا. قاضي خضرحيات هڪ ماهر آرٽسٽ هو. هن ڪتي جو رنگ روپ ئي بدلائي ڇڏيو. هن کيس اهڙا رنگ ڏنا. جو ڪتي کي جڏهن ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو. ته پري کان ڪمشنر پئي لڳو. ڳاڙها. پيلا. نيرا. ساوا رنگ. ڪتو جرڪي پيو. واٽر پروف. اندين انڪ سان هن تي لکيو ويو ته: آءٌ مسرور ڪمشنر آهيان." ڪتي کي پهريائين ڪرسيءَ تي وڏي ادب سان ويهاريو ويو. کيس ڪيڪ ۽ پيسٽريون پيش ڪيون ويون. جيڪي هن ڪمشنرانه انداز ۾ هڙپ ڪيون. پر آن جڏهن پيسٽرين جي برنيءَ ڏانهن للچايل نگاهن سان ڏٺو. ته رحيم سهتي. لت هڻي ڪرسيءَ تان لاهي ڇڏيس. پوءِ ته لتن. ٺُڪن. ٺُڪن. لعنتن ۽ گارين جو وسڪارو ٿي ويس. کيس ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌو ويو ۽ سندس جلوس ڪڍيو ويو. اڳيان اڳيان ڪتو. پٺيان تاڙيون وڄائيندڙ شاگرد. "مسرور ڪتا". هاءِ هاءِ" جا نعرا چالو هئا. تاڙين جو ٻه ڦهڪو هو. سيني هاسٽلن کان ڪتي جو جلوس ڦيرايو ويو. جتان ٻه ويو ٿي. لتن ۽ گارين جي برسات ٿي ٿيس. ويچارو ڪتو الائي ڪٿان اچي ڦاٿو هو. رحيم سهتي ته ڏندا ٻه هنيس. رشيد ڀٽ تان پٽر ڪٽي هنيس. اڪبر بروهي جيڪو خود قد جو ڇوٽو هو. تنهن برانگ ورائي ڪتي جي مٿان ويهڻ جي ڪوشش ٻه ڪئي. اهڙيءَ ريت پهرين مارچ هنگامن ۾ گذري وئي. سڄي رات ٻئي ڏينهن جي پروگرامن لاءِ رٿون تيار ٿينديون رهيون. ڪڏهن اعجاز قريشيءَ. ڪڏهن صالح شيخ ۽ ڪڏهن شڪور دائودپوٽي جي ڪمري تي گڏجاڻيون ٿينديون رهيون.

2 مارچ جي صبح جو. جلوس شهر ڏانهن روانو ٿيو. يوسف. آءٌ ۽ مجيب جلوس جي اڳواڻي ڪري رهيا هئاسون. مون ۽ مجيب پنهنجي فوجن کي يوسف جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هو هاڻ اسان جو سپريم ڪمانڊر هو. ۽

اسين ٻئي سندس ليفٽيننٽ. مون يوسف کي چيو تہ: "هڪ ايڪشن ڪميٽي ناهڻ گهرجي. جيڪا اسان جي جيل وڃڻ ۽ مري وڃڻ جي صورت ۾ ڪم کي چالو رکي سگهي." پر جيئن تہ تمام گهڻي وٺ پڪڙ لڳل هئي. تنهن ڪري اها ڳالهہ عملي صورت وٺي نہ سگهي. بهرحال ڇهن بسن جو جلوس هوائن کي چيريندو، رستن تان ترڪندو پهريائين لياقت ميڊيڪل ڪاليج پهتو: لغاري، آءٌ ۽ مجيب پهريائين پرڳڙيءَ جي ڪمري تي پهتاسين. پرڳڙيءَ مايوس ڪن جواب ڏنو تہ "آءٌ مجبور آهيان. شاگرد سات نٿا ڏين." اسين اتان نااميد ٿي ورياسيون. سڄي ايل ايم سي مان رڳو ڪامل راڄپر سات ڏنو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج سات ڏي ها تہ اسان جي طاقت جو دائرو وسيع ٿي وڃي ها. پر ائين ٿي نہ سگهيو. اسين بسن ۾ چڙهي شهر روانا ٿياسين. سڄي شهر ۾ زلزلو اچي ويو. "ڪتا ڪمشنر". "هاءِ هاءِ" جي نعرن سان سڄو شهر لرزڻ لڳو.

عورتون مرد ننڍا وڏا سڀ پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ وائڙن وانگر اسان کي ڏسڻ لڳا. پر جڏهن کين معلوم ٿيو. تہ ڪهڙا نعرا هنيا پيا وڃن ۽ ڪمشنر کي ڪتو چيو پيو وڃي. تہ سڀ چڙوچڙ ٿي ويا. جنهن کي جيڏانهن آيو وٺي ڀڳو. ڊپ ۾ سندن ساهہ ٿي نڪتو. ايوب جي زماني جي ڪمشنر کي سرِ بازار جلوس ڪڍي ڪتو چوڻ. ڪو پوڳ ٿوروئي هو! پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن بني بشر اهڙي جسارت نہ ڪئي هئي. دڪان ۽ هوٽلون جلدي جلدي بند ٿيڻ لڳيون. چون: "هي تہ چريا آهن. پر پاڻ سان گڏ اسان کي بہ مارائيندا." پر بسون مست هاٿين وانگر سڄي شهر جا چڪر لڳائينديون رهيون. گاڏي کاتو. تلڪ چاڙهي. اسٽيشن روڊ. هوشو روڊ. جتي ڪٿي وياسون. رفيق صفي. سليم سنجراڻي. رشيد ميمڻ ۽ آغا زاهد پوري قوت سان نعرا لڳرائي رهيا هئا. حسن علي واپس ايندو. مسرور ڪتا هاءِ هاءِ رفيق صفي تہ جهڙو پائيڊ پائيپر. سڄي بس تي ڇانيو پيو هو. هن جڏهن ٿورو نمي. مٽي کي ڏوٽي راڪ اينڊ رول جهڙي اسٽائيل ۾ نعرو ٿي هنيو "مسرور ڪتا" تہ شاگردن ساڳي انداز ۾ جهومي تاڙيون وڄائي جواب ٿي ڏنو. هاءِ هاءِ! بسن جي درين. سيٽن ۽ ڪتابن تي هٿ هڻي طبلي جو ڪم ورتو پي ويو.

ڊرائيور بہ موج ۾ اچي ويا هئا ۽ درين کان ٻاهر هٿ ڪڍي زور زور سان لهرائي رهيا هئا. ڪجهہ دير ساهي پٽڻ لاءِ. اسين اولڊ ڪئمپس پهتاسين تہ آفتاب مرزا مجمعي ۾ منهن ڪڍيو ۽ يوسف کي ونئي ويو. پتو پيو تہ يوسف کي پروفيسر حسن عليءِ سڏايو آهي. حسن عليءِ يوسف کي گهڻوئي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. پر يوسف ڪيس جاب ڏنو تہ: "هاڻ حالتون منهنجي وس کان ٻاهر آهن." پروفيسر حسن عليءِ ٻڌايس تہ:" سندس وڃڻ جا احڪامات اچي ويا آهن." تنهن تي يوسف چيس تہ:" هاڻ آءٌ وڏو گوڙ ڪندس. پوءِ ان جا نتيجا ڪئي ڪهڙا بہ نڪرن." هو موٽي آيو ۽ مون کي سچي حقيقت ٻڌايائين. اجا هن ڳالهہ بہ پوري ڪانہ ڪئي هئي. تہ وري آفتاب مرزا ۽ پي اي عبدالسلام آيو. پر مون يوسف کي ٻانهن مان جهلي ڇڪي ورتو ۽ چيومانس تہ: "هاڻ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. گهڻو ٿيو. هاڻ جيڪو ٿيو سو ڏٺو ويندو." آفتاب موٽي ويو. اسين وري بس ۾ چڙهي ويٺاسين. هڪ بس فيل ٿي پئي. لهي ان کي ڌڪا ڏنائون. نيٺ ون يونٽ بلڊنگ وٽ پهتاسون. ون يونٽ بلڊنگ اسان کي چٻرا ڏيئي رهي هئي. دل ۾ آيو تہ ون يونٽ بلڊنگ ڊائناميٽ سان اڏائي ڇڏجي. اسان کي ڪابہ اهڙي شيءِ پسند ڪانہ هئي. جنهن ۾ ون يونٽ جو نالو شامل هجي. شاگرد بسن مان لهي ون يونٽ بلڊنگ کي ورائي ويا. بلڊنگ جا وڏا وڏا صاحب آفيسر پٽي ويا. ڪلارڪ. پٽيوالو ۽ چوڪيدار ٻاهر نڪري آيا ۽ اسان سان شامل ٿي اسان جي همٿ وڌائڻ لڳا. هنن کي بہ ڪمشنر کان نفرت هئي. هو بہ سڙيا ۽ جليا پيا هئا. "ماريو حراميءَ کي. ساڙيو. ٻاهہ لڳايو." جا آواز اچڻ لڳا. يوسف ڪجهہ شاگردن کي پاڻ سان ونئي. ڪمشنر جي آفيس ڏانهن ڀڳو. پر دير ٿي چڪي هئي. ڪمشنر موقعي جو فائدو ونئي ڀڄڻ جي واٽ ورتي.

يوسف ناڪام واپس موٽيو. آءٌ. يوسف ۽ مجيب هڪ ٿلهي تي چڙهي وياسون. تہ جيئن شاگردن کي خطاب ڪري سگهون. چوڌاري ڪارن مٿن جو سمنڊ نظر اچي رهيو هو. اجا تقرير شروع بہ نہ ٿي هئي. تہ پوليس جي ڳري جميعت موقعي تي پهچي وئي. هنن ٽرڪن مان لهي پوزيشنون ورتيون ۽ شاگردن جي ميڙ جو محاصرو ڪري ورتو. ڪارن مٿن سان گڏ ساوا لوهي ٽوپلا

۽ نظر اچڻ لڳا .شاگرد قابوءِ کان ٻاهر نڪري ويا. انهن مان ڪن جوشيلن پوليس تي پٿراءُ ۾ ڪيو. علمدار رضا ڊي سي. قاضي اعظم ايس پي. انور جيلاني ايڊيشنل ايس پي وغيره اڳتي وڌي آيا. شاگرد ڪين ڪيولين وانگر وڪوڙي ويا. گوڙ جي ڪري آواز ۾ ٻڌڻ ۾ نه پيو اچي. وڏي مشڪل سان شاگردن جي انبوهه کي چيريندا. ڊي سي ۽ ايس پي يوسف لغاريءَ کان پڇيو. "ڪمشنر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟" هن لغاريءَ کان پڇو." ڪمشنر ڪتو آهي." سوين شاگردن هڪ ئي وقت ڳالهايو. ڪجهه دير لاءِ وري پڻ پڻ تي وئي. ڪامل راڄپر ۾ اتي موجود هو. جنهن ڊي سيءَ کي چيو ته: "ڪمشنر يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ مداخلت ڪئي آهي. تنهن ڪري اسين ان مداخلت تي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ هتي آيا آهيون.". "آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان ته هتان هليا وڃو." ڊي سيءَ جي پيشانيءَ تي گهنج پئجي ويا. "زپاٺ!" اوچتو هڪڙو نامعلوم هٿ هوا ۾ لهرايو ۽ ڊي سيءَ جي منهن کي 90 درجن جي ڊگرين تي ڦيريندو مجمعي ۾ غائب ٿي ويو. چون ٿا ته اهو هٿ علي اڪبر بروهي جو هو. ايس پيءَ جو هٿ پنهنجي هوسٽر ڏانهن وڌيو ۽ رينجرس پنهنجيون رائيفلوڻ سڌيون ڪيون. پر ڊي سيءَ وڏي تحمل کان ڪم وٺندي رڙ ڪئي. "خبردار، ترسو" هو اجا بحث ڪرڻ لاءِ آماده هو. اسان محسوس ڪيو. ته جيڪڏهن وڌيڪ ترسبو. ته خون خرابو ٿيڻ جو امڪان هو. جنهن مان نقصان اسان کي ٿئي ها. شاگرد نهتا هئا ۽ پوليس وٽ ڳوڙها گيس جا بم. رائيفلون. پستول ۽ ڏنڊا هئا. يوسف پنهنجي فوج کي بسن ۾ ويهڻ جو حڪم ڏنو. شاگرد بي مثال نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪري بسن ۾ ويهي رهيا. بسن جو رخ هاڻ ڪمشنر هائوس ڏانهن ٿي ويو. پوليس جي گاڏين ڪيترا دفعا اسان جي بسن کي اوور ٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هر دفعي اسان جي ماهر ڊرائيورن انهن کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو. ڪمشنر هائوس تي اسين لتاسون ڪونه. پر رڳو آفيسر ڪالونيءَ کي نعرن سان نوازيندا ۽ ڏڪائيندا اسين واپس ورياسين. ڪن شاگردن نعرا هٿي ڪمشنر کي ماءُ ڀيڻ جون گاريون به ڏنيون.

وجي." جنهن تي ترڪ ۽ بين خاطري ڏني تہ: "اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي. اسين ان لاءِ ذميواري کڻون ٿا." ترڪ هر هر پنهنجي واچ بہ ڏسي رهيو هو. بهرحال مون ۽ لغاريءَ وري اڪيلائيءَ ۾ گفتگو ڪئي ۽ فيصلو ڪيو تہ ڪمشنر سان ملڻ ۾ ڪو نقصان ڪونهي. البت اهو بہ فيصلو ڪيوسين. تہ ڪجهہ بين شاگردن کي بہ پاڻ سان وٺي هلجي. تہ جيئن هو گفتگو جا شاهد رهن ۽ وقت تي ڪم اچن. مجيب موجود ڪونہ هو. جو هو حيدرآباد شهر ۾ رهيل هو. اسان پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪيو. محمد حسين جو منهن تڙي بيو ۽ هڪ وڏو شوڪارو پريندي پنهنجو پاڻ کي ڪوچ تي ڍلو ڇڏي ڏنائين.

قصو مختصر تہ اسين يونيورسٽيءَ جي مائڪرو بس ۾ ڪمشنر جي بنگلي تي پهتاسين. لغاري ۽ مون کان علاوہ شاگردن مان سعيد راشدي ۽ عثمان ڪيريو اسان سان گڏ هئا. رجسٽرار سان گڏ عمر ميمڻ. جليل. جي ڊي قريشي بہ هئا. پويان ٻئي شخص يونيورسٽيءَ جا پراڪٽر ۽ اسسٽنٽ پراڪٽر هئا. عمر ميمڻ باهر بيٺو. باقي ترڪ. جي ڊي قريشي ۽ جليل اسان سان اندر هليا. ٽنهي جي چهرن تي ڊپ جا آثار هئا. اندر ڊي اءِ جي امداد حسين اڳ ۾ ئي ويٺو هو. ٿوري دير کان پوءِ ڪمشنر اندر داخل ٿيو. قد جو ڇوٽو. پيٽ ٿورو باهر نڪتل. منهن بدن جي لحاظ کان وڏو ۽ ويڪرو. بلڪل بندرو شيطان پئي لڳو. پر هن وقت سندس اکيون ڳاڙهيون هيون. الائي ڪيترن ڏينهن کان ستو ڪو نہ هو. سندس ننڊون حرام ٿي چڪيون هيون. يونيورسٽي ۾ مداخلت. ڪيس مهانگي پئي هئي. ڪيس قميص ۽ پاجامو پيل هو. "سر ، هي يوسف آهي." جي ڊي قريشي ڪمشنر کي يوسف سان متعارف ڪرائيندي چيو. ڪمشنر پاڻ کان بہ ڇوٽي قد جو سنهڙي شڪل شاگرد کي ڏسي حيران ٿي ويو. هن سمجهيو هو. شايد يوسف ڪو ديو هوندو. پر يوسف جڏهن هٿ ملايس. تہ ڪيس ائين محسوس ٿيو. ڄڻ ڪنهن لوهي چنبي ۾ هٿ ڦاسي پيو هوس. ڪافي دير تائين ٻئي حريف هڪ ٻئي کي گهوريندا رهيا. نيٺ يوسف شروعات ڪئي. "تو اسان کي هتي ڇو سڏايو آهي." هن نهايت رکائيءَ سان پڇيو. "ڏس نہ يوسف ڪمشنر جهڪي چيو. "مون سان اوهان ڪهڙي نہ حالت ڪئي آهي.

سر بازار مون کي ڪتو چيو اٿو. مون کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏنيون اٿو. آخر آءٌ بہ تہ انسان آهيان. ڪيستائين برداشت ڪندس؟" "شڪر ڪر جو گارين تي ڪم ٽري ويو. نہ تہ ڏوهہ اهڙو تہ سنگين ڪيو آهي. جو انهن گارين کي عملي صورت ڏجي. تڏهن بہ اها سزا گهٽ هجي ها." يوسف چيو."مون اهڙو ڪو ڏوهہ نہ ڪيو آهي. مون حسن عليءَ کي ڪونہ ڪڍايو آهي. حڪومت پاڻ اهڙو قدم کنيو آهي." مسرور صاف ڪوڙ ڳالهائيندي چيو. "جيڪڏهن تون پنهنجو ڏوهہ تسليم بہ نٿو ڪرين تہ پوءِ پنهنجي موڪلائي آهي." ائين چئي يوسف اٿيو. پر ترڪ. جليل ۽ ڊي آءِ جي چنبڙي ويس. "ويهہ ويهہ يوسف" ٽنهي گڏجي چيو ۽ هن کي زوريءَ ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيائون. اسان بہ وري ويهي رهياسون. "چڱو پلا چانهن وغيره ٻيو. تہ پوءِ ڳالهائجي." ان وچ ۾ چانهن. ڪيڪ ۽ پيسٽريون اچي ويون. سيني کي پليٽون ڏيئي ويو. پر مون نہ چانهن پيتي. نہ پيسٽريون کاڌيون. مون کي ان چانهن مان مظلومن جي رت جي بوءِ آئي ۽ پيسٽرين جي بدران مون کي انسانن جي جسمن جا سلائيس رکيل نظر آيا. يوسف ۽ بين بهرحال چانهن چکي. ڪمشنر فارين سگريٽن جو هڪ ٽن ڪولي يوسف کي پيش ڪيو. يوسف هڪ سگريٽ منتخب ڪري وات تي رکيو. ڪمشنر خود بہ هڪ سگريٽ کنيو ۽ دبو اسان ڏانهن وڌايائين. هن لائيٽر سان يوسف جو ۽ پنهنجو سگريٽ ٻاريو. سگريٽ جو هڪ ڊگهو ڪش هڻندي. ناسن ۽ وات مان دونهي کي آزاد ڪندي ڪمشنر چيو. "چڱو ٺيڪ آهي. حسن عليءَ کي مون ڪڍايو. پر هاڻ مون کي معاف ڪيو." هو سڌي راهہ تي آيو هو. گيدوڙن جي گگن مان هو ڦاسي ويو هو ۽ هاڻ انهن مان جلد از جلد ڪيئن بہ ڪري جان ڇڏائڻ تي گهريائين. "آءٌ معاف ڪرڻ وارو ڪير آهيان" يوسف سگريٽ جو سوٽو هڻندي چيو. "معافي گهرڻي اٿئي تہ جنرل باڊيءَ کان گهر." نہ بابا نہ: شاگردن جي اڳيان ڪونہ ايندس. مون کي پشاور ۾ شاگردن ماريو هو. اچي هي ڏس نشان." هن پيشانيءَ تي زخم جو نشان ڏيکاريندي چيو.

پشاور ۾ بہ هن ظلم ڪيا هئا. شايد هو پيدائشي ظالم هو. "شاگرد تو کي ڪجهہ نہ چوندا. آءٌ گارنٽي ٿو ڏيان." يوسف ورندي ڏني. "تون ضمانت

ڪٿين ٿو." "ها آءَ ڪٿان ٿو. اڄي آءَ توکي هي دعوت نامون بـ لکي ٿـو ڏيـان."
يوسف ڪيس ڪوري پني تي. اتي ئي لکت ۾ دعوت ڏني ۽ پڪ ڏني تـ شاگرد ڪمشنر سان ڪابـ زيادتي نـ ڪندا. "پر رڳو معـافيءَ مان ڇا ورنـدو. اسان جا بيا بـ شرط آهن."يوسـف چيـو. "آءَ اوهان جو شـرط مڃينـدس." ڪمشـنر ايـترو جلد جان ڇڏندي ڏسي. تڙندي چيو. اسان جي گورنر سان ملاقات ڪرائينديـن؟"
"ٺيڪ آهي - گورنر ڪوئيٽا ۾ آهي. اتان موٽنـدي هـو سـکر مـان لنگهنـدو. آءَ اوهان جي ملاقات ڪرائيندس. بيو حڪم؟" "سيڪنڊ ڪلاس 45 سيڪڙو تـي ٿيندو." "منظور آهي. اهو بـ ڪرائينـدس." "سنڌيءَ کي يونيورسٽيءَ ۾ ذريعـ تعليم ڪرائيندس." مطلب تـ ڪمشنر جي اهڙي تـ خراب حالت هئي. جو يوسف جيڪڏهن ڪو غلط ڪم بـ چويس ها. تـ ها ڪري ها. ڪمشنر اهو بـ چيـو تـ: هو هن قدي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هو بيءَ ڊويزن ۾ هليـو وينـدو. مـون ڪمشـنر کي چيـو تـ. "پلا يونيورسٽيءَ مـان پنهنجـو جاسوسي سسـٽم تـ ختـم ڪنـدا."
"ڪهڙو؟" ڪمشنر حيران ٿيندي پڇيو. "پراڪٽوريـل سسـٽم" مـون جليـل ڏانهـن اشارو ڪندي چيو. جنهـن تـي جليـل گهبرائجي ويـو. پـر ڪمشـنر ڳالهـ ٽـاري ڇڏي. فيصلو اهو ٿيو تـ ڪمشنر صبح جو ساڍي ٻارهين وڳي اولڊ ڪئمپس جي لائبريـري هـال ۾ خطاب ڪنـدو ۽ معـافي وٺنـدو ۽ پنهنجـي ڪنيـل قدمـن جـي وضـاحت ڪنـدو ۽ شـاگردن جـا مختلـف مسـئلا ٻڌنـدو ۽ حـل ڪنـدو. ٻـاهر نڪتاسين تـ ڏنوسين صبح ٿيڻ وارو هو. وري مائڪرو بس ۾ چڙهي ورياسـون. مون شيشي مان آسمان ڏانهن نهاريو تـ چوٿيـن مـارچ جـو سـج اڀـري رهيـو هـو. مون کي محسوس ٿيو تـ اڄ اهو سج ڪجهـ وڌيڪ ڳاڙهو آهي. بلڪل رت جـو گولو پيو لڳو.

مائڪرو بس کان بـ تکڙا منهنجا خيال ڊوڙي رهيا هئا. يوسف ڇا ٿـو ڪرڻ چاهي! منهنجي ذهن ۾ خيال آئيو. سندس مرضي شايد هيءَ آهي تـ هـڪ طرف ڪمشنر کان معافي وٺائي ڪيس ذليـل ڪجي. تـ ٻئي طرف گورنـر سان ملي ڪيس حقيقت ٻڌائجي. ڪمشـنر جي خلاف ڪو قدم ڪٺائجي ۽ پروفيسر حسن علي کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. مون سمجهيو هو پر ڇا ڪمشـنر

گورنر کي اڳ ۾ ئي اسان جي خلاف ڀڙڪائي نہ ڇڏيندو؟ ڇا گورنر ۽ ڪمشنر هڪ ئي مشين جا ٻہ پرزا نہ آهن؟ اهڙي مشين. جنهن جو ڪم رڳو غريب انسانن کي ڪُٽڻ، مارڻ، لُٽڻ ۽ ظلم ڪرڻ هجي. ڇا گورنر ڪمشنر جي مقابلي ۾ اسان جون ڳالهيون مڃيندو! ڪمشنر يوسف کان بہ ڪا ڏکي ڪيڏ نہ ڪيڏي رهيو آهي؟ ان ڳالهہ جي ڪهڙي خاطري آهي تہ هي سڀ ڪجهہ گورنر جي ئي مرضيءَ مطابق نہ ٿي رهيو آهي! پر جيڪڏهن واقعي يوسف جو اڇلايل ڏارو صحيح نموني ۾ ڪري، تہ بہ ڇا مشتعل شاگرد اسان جي ڳالهہ مڃي ماٺ ڪري ويهي رهندا؟ ڪمشنر سچ پچ يونيورسٽيءَ ۾ وضاحت ڪرڻ آيو تہ شاگرد ڪيس آرام سان تقرير ڪرڻ ڏيندا؟ امڪان انهيءَ جو هو تہ ڪو جذباتي شاگرد سِرَ جو سانگو لاهي، انتقام ۾ ڪيس شوٽ نہ ڪري وجهي. اسان جي قوم لاءِ، عزت لاءِ قتل ڪا وڏي ڳالهہ تہ ڪانهي ۽ هيءَ تہ سڄي سنڌ جي غيرت جو معاملو هو. ان حالت ۾ يوسف جي ڏنل ضمانت جو ڇا ٿيندو؟ ۽ پوءِ ڪمشنر ۽ اسان جو ردعمل ڪهڙو ٿيندو؟ شاگردن کي ايڏو گرم ڪري، يڪدم سرد ڪرڻ ممڪن آهي؟ مون سوچيو.

گاڏي جهٽڪي سان بيٺي، تہ منهنجي اک کلي پئي. سوين شاگرد نديڙي بس کي وڪوڙي ويا هئا. هو ڳالهہ ٻولهہ جو نتيجو ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. نيٺ اهو ئي ٿيو، جنهن جو مون کي ڊپ هو. شاگرد ڳالهہ ٻڌندي ئي ٻگڙي پيا. هنن جي اکين مان الا نڪرڻ لڳا. "اها غداري آهي، دوکو آهي. مڪاري آهي." "اسان کي اهو فيصلو هرگز قبول ڪونهي." هو رڙيون ڪرڻ لڳا. هنن جي ڪاوڙ ڏسي اسان کي خوف لڳو. ڪن شاگردن تہ دبيل آواز ۾ اهو بہ چيو تہ "هي وڪامي ويا آهن، هنن ڪمشنر کان پيسا ورتا آهن." منهنجي دل تي ڄڻ ڪنهن ئونشو هڻي ڪڍيو، ذهن تي مترڪا هلڻ لڳا. هيءَ قوم، مون سوچيو. ڪيڏي نہ نياڳي آهي. جنهن بہ شخص هن قوم کي پٽ تان ڪڻي عرش تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تنهن کي هن قوم خود زور سان پٽ تي هنيو آهي. پنهنجن ئي محسنن کي هن قوم لتاڙيو آهي. چيپاٽيو آهي، هيءَ بدبخت قوم، جيڪا پنهنجن هيرن کي پنهنجن قدمن هيٺان لتاڙي، پراون ڪاون کي

اکين تي رکندي آهي. چمندي آهي. جيڪي سندن ئي گلي جو ڦاهو بنجي ويندا آهن. هيءَ احسان فراموش قوم! مون کي چڙ ٿي آئي. پر زهر پي ويس. انهيءَ قوم کي ئي سڌارڻو ۽ سنوارڻو آهي. انهي قوم کي ئي پستيءَ مان ڪڍي بلنديءَ تي پهچائڻو آهي. انهيءَ قوم جي ئي تقدير بدلائڻي آهي. اهو ئي اسان جو ڪم آهي ۽ جيڪو قدرت اسان جي حوالي ڪيو آهي. ڪم ڏکيو آهي. پر بهرحال سرانجام ڏيڻو آهي.

لغاريءَ وڏي صبر کان ڪم ورتو. سندس هر دلعزيزي ڪيس ڪم آئي. تقريرون ۽ بحث ڪري نيٺ هن شاگردن کي اڏو گابرو قائل ڪري وڌو. ساڳي طريقي سان بسن جو جلوس نڪتو ۽ شهر جا چڪر لڳائڻ لڳو. اڄ سنڌي بولي قومي بولي ۽ ون يونٽ ٽوڙيو جا نعرا لڳا. ڪي شاگرد پنهنجي جذبات تي قابو پائي نہ سگهيا ۽ ڪمشنر ڪتا جا نعرا بہ هنيائون. طوفانن تي پلا ڪير قابو پائي سگهيو آهي؟ پر بهرحال اڄ طوفانن جي بدران جهڪَ لڳي رهي هئي. ڪجهہ نرمي هئي. ڪلهہ وارو جوش خروش ڪونہ هو. سپاهي پنهنجي ڪمانڊر جو احترام ڪرڻ لڳا هئا — پر اجا گرمي هئي، اشتعال هو.

اولڊ ڪئمپس پهتاسين. مجيب بہ اچي مليو. محمد حسين ترڪ وارن ڪمشنر جي اچڻ لاءِ لائبريري هال ۾ تياريون ڪيون. ڪرسين ۽ مائڪرو فون جو انتظام ڪيو ويو. سادي ٻارهين وڳي ڪمشنر کي اچڻو هو.اسين سيئي شاگرد ۽ استاد وجي لائبريريءَ ۾ ويناسون. ڪمشنر جو انتظار ڪيو پي ويو. محمد حسين صاحب گهڙيءَ گهڙيءَ مين گيٽ ڏانهن پي ويو. پر ڪمشنر جو ڪو نشان پتو ڪو نہ هو. نيٺ رجسٽرار کي ڪمشنر جي فون آئي، تہ هو شاگردن کان معافي وٺڻ نہ ايندو. ڇو جو شاگردن واعدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ هنن سندس خلاف شهر ۾ جلوس ڪڍيو آهي. آءٌ مٿي بيان ڪري آيو آهيان تہ لغاريءَ جي روڪڻ تي فقط ٿورا نعرا لڳا هئا ۽ ٽين تاريخ جي مقابلي ۾ جلوس زوردار نہ هو. ان کان علاوه لغاريءَ کي شاگردن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ بہ ڪجهہ وقت لڳي ويو. سندس ڏوهہ ڪونہ هو. لغاريءَ پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪري، ڪيل واعدي جي پيروي ڪئي هئي. ايتريقدر جو

شاگرد لائبريريءِ ۾ ويهي ڪمشنر جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري واعدي جي پڄاڻي ڪمشنر ڪئي هئي. لغاريءَ نہ ڪئي هئي. پر ڪمشنر کي شايد غريب شاگردن جي رت وهائڻ جي هوس هئي. هو فطرتي ظالم. جابر ۽ اذيت پسند هو. هن حقيقت ۾ شاگردن کان پنهنجي بيعزتيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ موقعو پئي تلاش ڪيو. هن معافي وٺڻ جي بهاني يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ لاءِ "ها" ڪئي هئي ۽ يوسف کان پنهنجي حفاظت ۽ ضمانت ورتي هئي. چاڪاڻ جو کيس پڪ هئي تہ يوسف پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو. پر جڏهن يوسف شاگردن کي پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ ۾ حيرت انگيز طور تي ڪامياب ٿي ويو. تہ هن يونيورسٽيءَ اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهو سندس ڪيني. مڪر ۽ دوکي بازيءَ جو کليو ثبوت هو. هو هڪ سنڌ دشمن ماڻهو هو. سندس اها وڏي خواهش هئي. تہ سنڌي شاگردن کي سخت تڪليف پهچائي. سندس ارادا مڪروہ ۽ نيت کوٽي هئي.

شاگردن کي جڏهن خبر پئي تہ مسرور اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. تہ سندن منهن ٽڙي پيا. سندن جذبا وري پڙڪو کائي اٿيا. رحيم سهتو بيو فالتو بوتو ڪٺي آيو. گڏهہ. جيڪو ڪافي مفت جو گاهہ چري چڪو هو. تنهن کي بيهر آندو ويو. بوتي کي گڏهہ تي سوار ڪيو ويو. پر هن دفعي سندس منهن دانگيءَ سان ڪارو ڪيو ويو. دانگي سڪندر پانڌياڻي پنهنجي گهران ڪٺي آيو.

هن دفعي وڏيڪ زوردار سرگس ڪڍيو ويو. بوتو موٽي آيو. تہ يونيورسٽي گيٽ جي ٻاهران رحيم سهتي بوتي کي گڏهہ تان لاهي. ڳچيءَ کان وٺي بيهاري ڇڏيو. اهو بوتو سنو ڪو نہ نهيل هو ۽ اگهاڙو هو. البت سندس جسم تي اهي ساڳيا لفظ لکيل هئا. جيڪي پهرئين بوتي تي لکيل هئا. يعني "آءٌ مسرور آهيان. مون کي سَوننيون هڻو. ماريو. آءٌ قصوروار آهيان." رحيم ڪنهن باندر وانگر ٽپ ڏيئي ڪئمپس ۾. ڪئنٽين جي اڳيان. ٻڙ جي وڻ تي چڙهي ويو. عمر پٺيءَ ۽ نور محمد کهڙي بوتي جي ڳچيءَ ۾ ڦاهو وڌو ۽ رسيءَ جو بيو پاسو اچلائي سهتي کي ڏنائون. سهتو بوتي کي مٿي ڇڪيندو ويو.

هينان چوڪرن بوتي تي پٿرن جو وسڪارو لائي ڏنو. مين گيٽ کليو پيو هو. ايس پي آفيس جي اڳيان. ايس پي ۽ ڊي سي علمدار رضا پنهنجا چپ چٻاڙي رهيا هئا ۽ بيچينيءَ سان هٿ مهٽي رهيا هئا. سهتي بوتي کي ست دفعا ڦاسي ڏني يعني هيٺ مٿي ڪيو ۽ علمدار رضا ۽ ٻين آفيسرن کي زور سان چيو. "ڪٿو پنهنجي باس جي لاش کي. ۽ وڃي اعزاز سان دفن ڪيو." علمدار رضا هوا ۾ مڪون لهرائڻ لڳو ۽ زور زور سان سهڪڻ لڳو.

پر اهو بوتو مزي وارو ڪو نه هو. تنهن ڪري يوسف لغاريءَ چيو: آءٌ شاگردن کي وٺي نيو ڪئمپس ٿو وڃان. تون هتي ترس ۽ ڪمشنر جو هڪ وڏو بوتو نهراءِ. ته جيئن شام جو هتي اچي هڪ وڏو جلوس ڪڍي وچ شهر ۾ بوتي کي ساڙينداسين. آءٌ شام جو ڪئمپس مان ڪٿو وٺي ايندس. ائين چئي يوسف بس ۾ چڙهي پيو. مون، رشيد ميمڻ، چانگي مل، شفيق صديقي، غلام حسين چانڊئي کي بسن ۾ لاهي ورتو، جيئن هو بوتي ناهڻ ۾ منهنجي مدد ڪن. رفيق صفي اسان سان ترسيو. اشفاق صفي (سندس ڀاءُ) بس ۾ چڙهيو. لغاري ۽ ٻيا ڪافي شاگرد هاسٽلن ڏانهن روانا ٿي ويا. مون بوتي ناهڻ جو ڪم رشيد، چانگي، شفيق، قربان پنوهر، سليم سنجراڻي، اشفاق ميمڻ، نثار قريشيءَ جي حوالي ڪيو. جن پنهنجو پاڻ ۾ چندو ڪري، "اوڪي ٽيلرز" تان هڪ شاندار بوتو نهرائي ورتو. بوتو تيار ڪري، اسين نيڪ پنجين لڳي اولڊ ڪئمپس ۾ گڏياسون ۽ لغاري وارن جو انتظار ڪرڻ لڳاسون.

نيو ڪئمپس مان جلوس تيار ٿي اٽڪل ساڍي ڇئين وڳي نڪتو. سڀ کان اڳيان بس جي يونٽ تي ڪتي کي ويهاريو ويو. کيس اهڙيءَ ريت رسن سان ٻڌو ويو هو، جو بس هلڻ مهل ڪري نه سگهي. ڪتي تي وڏن اکرن سان "مسرور ڪتا" لکيل هو. کيس رات وانگر چڊي، قميص، ٽائي عينڪ ۽ ٽوپلو پيل هئا. ڪنهن شاگرد جوش ۾ اچي ڪتي کي سچو پچو ڪمشنر تصور ڪندي، کيس پنهنجي واڇ لاهي اڳين ٽنگن مان هڪ تي ٻڌي ڇڏي هئي. ڪل ڇهه بسون هيون، ڪي استاد، بورچي ۽ پٽيوالا به شهر وڃڻ لاءِ بسن ۾ ويهي

رهيا هئا. انهن استادن مان هڪ انجنيئرنگ ڪاليج جو انسٽرڪٽر علي رضا شاهه شامل هو.

بسن هلڻ شروع ڪيو. ته ڪتو ڪرڻ جي ڊپ کان ڪئون ڪئون ڪرڻ لڳو. ڪڏهن بونٽ جي ساڄي ڪڏهن کابي گسڪڻ لڳو. بس جي گهرڙ گهرڙ شاگردن جي نعرن ۽ ڪتي جي ڪئونڪار گڏجي عجيب هل ۽ هنگامو پيدا ڪري ڇڏيو. ڪاروان اجا اڳتي مس هليو هو ته هڪ ڪار سامهون ايندي نظر آئي. ڪار مان ڪنهن بسن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. يوسف جيڪو پهرين بس ۾ سوار هو تنهن پنهنجي بس جي ڊرائيور کي بيهڻ لاءِ چيو ۽ ٻين بسن کي به بيهڻ جو سگنل ڏنو ويو. بسون بيٺيون ته يوسف ڏٺو ته ڪار مان دادوءَ جو ڊي سي ۽ ايس پي لهي هن ڏانهن وڌي رهيا هئا. ڊي سيءَ لغاريءَ کي خبردار ڪيو ته اڳتي نه وڃي ۽ جلوس ختم ڪري واپس هاسٽلن ۾ هليو وڃي. هن ڪيس اهو به ٻڌايو ته اڳتي وڌڻ ۾ سندن نقصان آهي. يوسف کيس چيو ته "اسين پوئتي موٽڻ کان پنهنجي موت کي ترجيح ڏيون ٿا. تو پنهنجو فرض پورو ڪيو، هان اسان کي پنهنجو فرض پورو ڪرڻ ڏي." ائين چئي يوسف ٽپ ڏيئي بس ۾ چڙهي پيو ۽ ڊرائيور کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنائين. بسون رستي تي نانگن وانگر وڪڙ کائينديون اڳتي وڌڻ لڳيون.

ان کان اڳ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جون به بسون حسب معمول شهر وڃڻ لاءِ جيئن ڄامشوري پل تي المنظر هوٽل وٽ پهتيون، تيئن هڪڙي پوليس جي انسپيڪٽر کين هٿ ڏيئي بيهاري ڇڏيو. غلام مرتضيٰ پرڳڙي جيڪو هڪ بس ۾ وينو هو. سو هيٺ لهي آيو. "اوهان کي پنهجي زندگي پياري آهي ته واپس هليا وڃو. يا جيڪڏهن وڃڻو اٿوَ ته پوءِ ڪوٽڙيءَ جي پل تان وڃو." انسپيڪٽر پرڳڙيءَ کي چيو. "ڳالهه ڇا آهي؟" پرڳڙي حالات جي سنگيني محسوس ڪندي سوال ڪيو. "ڳالهه ڇا به هجي، هي رستو في الحال بند آهي. هاڻ هليا وڃو." انسپيڪٽر بيزار ٿيندي چيو. پرڳڙيءَ چوڌاري نهاريو ته کيس المنظر جي هينان وڻن جي ڇانوَ ۾ سوين پوليس وارا ۽ رينجر ڄامشوري کان ايندڙ رستي ڏانهن بي تابيءَ سان تڪيندي نظر آيا. المنظر جي ٻئي پاسي کي

بي فيڊر جي پريئن پر بہ ڪيترا رينجر ۽ پوليس جون گاڏيون بيٺل نظر آيس. خطري کي محسوس ڪندي هن واپس وڃڻ ۾ ڀلائي سمجهي. هن بس کي واپس ڪاليج ڏانهن ورڻ جو اشارو ڪيو. واٽ تي يونيورسٽيءَ جون بسون اينديون ڏٺائين. بس مان هٿ ڪڍي انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين پر بسون ڪونہ بيٺيون.

يونيورسٽيءَ جون بسون المنظر تي پهتيون. تہ هن دفعي ڪنهن بہ کين روڪڻ يا ڪنهن خطري کان آگاهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. ان جي برعڪس تيز سيٽين وڄڻ جو آواز آيو. رينجر ۽ پوليس وارا ٽڪرو ٽڪرو وڻن جي ڇانئن مان نڪري پنهنجي ٽرڪن ۽ گاڏين ڏانهن ڀڄا. بسون پل تي ٿورو اڳتي وڌيون تہ پوئين بس وارن ڏٺو تہ پوليس جون ڪئين ٽرڪون سندن پويان لڳي چڪيون هيون. اڳئين ٽرڪ وارو وائرليس سيٽ تي ڪنهن همنام شخص کي ڪو پيغام ڏيئي رهيو هو. ڪمشنر جي رٿيل خوني ڪيڏ جي ابتدا ٿي چڪي هئي. بسون قليليءَ کان ٿينديون. جڏهن ڪجهہ اڳتي وڌيون. تڏهن اڳينءَ بس جي ڊرائيور کي جلد ئي پير رڪڻو پيو. سامهون پوليس جون بہ ٽرڪون وچ رستي تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيٺيون هيون. اڳتي نڪرڻ جو رستو ڪونہ هو. پويون بسون پهرين بس جي پويان قطار ۾ بيهنديون ويون. پويان پيڇو ڪندڙ ٽرڪون سڀ کان آخري بس جي پٺيان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيهي رهيون ڏکڻ وارين ٽرڪن جي اوٽ مان رينجر ۽ پوليس وارا ماڪڙ وانگر نڪرندا آيا. اڳيان پويان نڪرڻ جو رستو بند هو. رستي جي ٻنهي پاسن کان ڇيلهہ کان بہ وڌو گندو بدبودار سم جو پاڻي بيٺل هو. شاگرد پوليس جي گهيري ۾ اچي ويا هئا. نڪرڻ جون سڀ راهون بند ٿي ويون هيون. اتر وارين ٽرڪن مان بہ پوليس وارا ۽ رينجر. لوهي لنيون. رائيفلون ۽ گوڙها گئس جا بم کڻي لهڻ لڳا. سڀ پوليس وارا خاموشيءَ سان بسن جي چوڌاري حلقو ٺاهي وڌڻ لڳا. سندن وات اڌ کليل هئا ۽ پيچيل ڏند خوفائتي انداز ۾ ٻڏندڙ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا سندن اکين مان سندن خطرناڪ ارادن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ پي آئي. بسن جي اندر قبرستان جهڙي خاموشي ڇانئجي وئي. ايندڙ

هيبتناڪ لمحن جو تصور ڪري ڪيترن ڪمزور دل شاگردن جا وار آيا تي ويا. ماحول تي ڏپ، هراس، تجسس ۽ وحشت ڇانئجي وئي. جن دلير شاگردن بسن ۾ پيل سيخون کنيون ۽ وڏنڊڙ پوليس وارن تي اکيون ڇمائي سيخن کي هٿن سان توڙڻ لڳا. يوسف لغاري، جيڪو اڳيئن بس ۾ ويٺو هو، تنهن کي اوچتو خيال آيو تہ متان پوليس سندس تلاش ۾ هجي. اهو سوچي تہ جيڪڏهن آءٌ هنن کي ملي وڃان تہ شايد هنن جا شيطاني ارادا تبديل ٿين ۽ شاگرد موت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچي وڃن، بهادر ۽ مخلص ڪمانڊر وانگر پنهنجي فوج کي بچائڻ خاطر، هن پنهنجو موت قبول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو اٿيو ۽ ان کان اڳ ۾ جو ڪو شاگرد سندس مطلب سمجهي سگهي، بجليءَ جي تيزيءَ سان بس جي دروازي مان لنگهي ويو. "اجهو آءٌ اهيان يوسف لغاري، مون کي ماريو شاگردن کي نہ ماريو. اچي ونو مون کي شوٽ ڪيو، منهنجو سينو حاضر آهي، پر، پر شاگردن کي ڪجهہ نہ چئو." يوسف رڙ ڪري چيو.

اوچتو هڪڙي لٽ ڪنهن ڪات وانگر سندس ڪنڌ تي ڪري ۽ ڪيس پٽ تي ڪيرائي ڇڏيائين. گوشت خور ڳجهن وانگر، ڪجهہ پوليس وارن لامارو ڏنو ۽ يوسف لغاريءَ کي پوليس جي هڪ خالي ٽرڪ ۾ ڪنهن اٽي جي ڳوڻ وانگر اڇلائي ڇڏيو. يوسف مري ويو! شاگردن ۾ گوڙ ٿيو. ڪي شاگرد "يوسف، يوسف، پيارو يوسف، هاءِ يوسف"، ڪري روئڻ لڳا. پوءِ تہ سڀ رينجر ۽ پوليس وارا بسن تي خوني درندن وانگر ٽٽي پيا. بسن جا شيشا ڇڻ ڇڻ ڪري ٽٽڻ لڳا ۽ شاگردن جي جسمن ۾ گهڙي ويا. بسون، رائفلن جي هٿين، لٺين ۽ لوهي متن سان پرجي ويون. ڏڪيون ڏڪيون رائيفلون ۽ لٺيون جيڪي شاگردن جي جسمن جي نس نس تي وهڻ لڳيون. سندن هڏيون سرمون ٿيڻ لڳيون. ائين ٿي لڳو، ڄڻ اکرين ۾ مهرا هيٺ مٿي ٿي رهيا آهن. سڀني دروازن تي پهرو لڳي ويو هو. اهو رستو بہ بند هو. شايد هنن جو مقصد هي هو، تہ شاگردن کي بسن ۾ ئي ڇيچي ڍير ڪيو وڃي. پر شاگرد زوريءَ درن تي بيٺل سپاهين کي ڌڪي لهڻ لڳا. بس جي گهٽيل ماحول کان کليل فضا ۾ مرڻ بهتر هو. پوليس وارا هاڻ خاموش ڪونہ هئا. ڪافي ڏينهن کان پوءِ هنن کي "ڳرو"

شڪار هٿ لڳو هو. هو انسانن جو رت پيئڻ جا عادي هئا. هنن کي نوجوان گرم گرم سرخ رت پنهنجي اڄ اجهائڻ لاءِ ملي ويو. هو هاڻ رڙيون بہ ڪري رهيا هئا ۽ نچي بہ رهيا هئا. سندن رڙين ۾ جوش پيدا ٿيندو ويو. سندن رائيفلون ۽ لنيون ٽڪرائي رهيون هيون. لهرائي رهيون هيون. متاڦاڙي رت چکي رهيون هيون. شاگرد ڪرندا ويا. ڍهندا ويا. نهتا شاگرد! ڪمزور شاگرد. مظلوم شاگرد. هو رت ۾ ٻاڙها ٿي رهيا هئا. سندن پاچا وڏندا ويا. اهي پاچا بہ ٻاڙها هئا. اهي بہ رت ۾ ٻڏا پيا هئا. سڄو رستو رت ٿي ويو هو. شاگردن جون ٻانهون، هٿ، ٽنگون، مٿا ۽ پاسريون پڇي پيون هيون. ڳوڙها گئس جي شيلن جا ٺڪاءَ بہ شروع ٿي ويا. شاگردن کي وڌيڪ خوفزده ڪرڻ لاءِ هوائي فائر بہ ڪيا ويا. ڳوڙها گئس شاگردن کي انڌو ڪري ڇڏيو. اکين تي هٿ ڏيئي، هو رستي تي ويهندا ويا. سر تي لوهي لنين جي بارش پوڻ لڳي. پوليس وارا دل کولي پنهنجا ارمان پورا ڪرڻ لڳا. جلدئي رستي تي شاگردن جي جسمن جو ڍڳ ٿي ويو. ڪين پوليس جي ٽرڪن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان سٿيندا ويا. ٽرڪون شاگردن جي اڌ مئل بيهوش جسمن سان پرجي ويون.

شاگردن مان ڪيترن بي انتها دليريءَ جو مظاهرو بہ ڪيو. سڪندر پناڻ، بس مان هڪ لوهي سيخ ڇڪي ورتي ۽ پوليس وارن جي انبوه ۾ ڪاهي پيو. جيڏانهن بہ ويو ٿي، ميدان خالي ڪندو ٿي ويو. هڪ اڌ پوليس وارو سيخ جي لپيٽ ۾ اچي ويو ۽ تڙپڻ لڳو. سب انسپيڪٽر اهو تماشو ڏسي، پنهنجن ساٿين جي همٿ وڌائڻ لاءِ سڪندر کي للڪارڻ لاءِ اڳتي وڌيو. تہ سڪندر جي ور چڙهي ويو. انسپيڪٽر بہ ڪافي مضبوط بدن جو هو. سڪندر سان ٻکين پئجي ويو. ان ڇڪتاڻ ۾ سڪندر جي هٿن مان سيخ ڇڏائجي وئي. پر تنهن هوندي بہ انسپيڪٽر کي ٻُڪٽر مان جهلي اهڙو تہ ڇاڙيءَ وارو ٺونشو هنيائين، جو هو بولاٽيون کائيندو وڃي سر جي ڪني پاٽيءَ ۾ اونڌي منهن ڪريو. سڪندر تي اتڪل پنجاهہ سپاهي چڙهي ويا. مڪن لتن ۽ لنين جو وسڪارو ٿي ويس. نيٺ سندس ذهن تاريڪين ۾ گم ٿيڻ لڳو ۽ ڏرتيءَ ڏانهن نمندو ويو.

شڪور ميمڻ هڪ سپاهيءَ کي پيٽ واري لت هڻي، سپاهي سور ۾ ويٺو تي ويو، پر هڪ ٻئي سپاهيءَ زور سان اهڙي تہ لت شڪور جي منهن تي وراڻي ڪڍي، جو شڪور جا ڪئين ڏند پچي پيا. شڪور پٽ تي ڪري پيو. سندس وات مان رت نيندبون ڪري وهڻ لڳو ۽ جنهن هنڌ ڪريو، اها سڄي زمين رت ۾ ٻڏي وئي.

قاضي محمد حيات بہ ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيو ۽ پوليس وارن کي چڳيون چوٽون ڏنائين ۽ ڪاڏائين، هندن مان نانڪ سنڌي مڙسي ڏيکاري، احمد شيخ بہ سنو وڙهيو. سوين شاگرد پوليس سان چڪريون ڪائڻ لڳا. وڙهڻ لاءِ جڳهہ ٿوري هئي ۽ گهيرو سخت هو. پوليس جو لشڪر بہ وڏيڪ هو. شاگرد گهٽ هئا. تنهن جي ڪري پوليس جو پاسو حاوي ٿيڻ لڳو. خوني حملن سان گڏ پوليس وارن ڦر لٽ جي بازار بہ گرم ڪري ڏني، واچون، منڊيون، چشما، ٽوپيون ڦرڻ ۽ چنڻ لڳا. ڪيترن جي کيسن مان زوريءَ هٿ وجهي پئسا ۽ ٻٽون بہ پار ڪيئون. قانون جا محافظ خود ڌاڙيل بنجي ويا هئا. نانڪ جا يارنهن سؤ رپيا ڦريا ويا. ڪي شاگرد پنهنجي جان بچائڻ خاطر گندي پاڻيءَ ۾ لهي پيا. پر پوليس وارن موت جي فرشتن وانگر سندن تعاقب ڪيو. پر ڪي شاگرد کسڪي وڃڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويا.

ظفر شورو، چوڌري نواز، محمد عثمان ڪنير، نيڪ محمد شيخ ۽ ٻيا چار شاگرد اهڙيءَ ريت بچي ويا. انهن مان ڪجهہ قليلي ڏانهن ڀڳا، پر رينجرس اوستائين بہ نہ ڇڏين. نيٺ انهن قليليءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ تري بچي نڪتا.

ڪي مزيدار واقعا بہ ٿيا. هڪ عرب شاگرد جبرائيل بہ ڪو اتفاق سان بسن ۾ اچي ويٺو هو. وٺ پڪڙ ۾ هو تڙ تڪڙ ۾ بس مان لٿو، تہ پوليس وارن جي جهٽ ۾ اچي ويو. ڪنڌ وارين لٺيون لڳس. عربيءَ ۾ پوليس وارن کي گاريون ڏيڻ لڳو. تنهن تي هڪ پوليس واري ماءُ تي گار ڏيئي چيس، "اڙي هاڻ وري قرآن ٿو پڙهين. جبرائيل تنگ ٿي انگريزيءَ ۾ کين چيو تہ "I do not say Mansoor Katta" تنهن تي پوليس وارن کي وڌيڪ خار لڳا ۽ چيائونس. "اڇا. اڃا بہ مسرور کي ڪتو ٿو چئين." پوءِ تہ وراڻي ويس. پر اتفاق سان هڪ سب

انسپيڪٽر اتان لنگهيو. جنهن سندس جان ڇڏائي. تنهن هوندي بہ تصديق لاءِ رات جو دير تائين ويهاري ڇڏيائونس. جڏهن رات جو ڪين ڪ تي وئي تہ هي واقعي عربي آهي تہ ڪيس ڇڏيو ويو.

هڪڙي هندو شاگرد ٽڪجي قادر سومري جي ڪلهي تي متو رکي ڇڏيو. تہ قادر سومري متي کي هٿ سان ڌڪي چيس. "مصيبت پوئي. متو تہ پري ڪر. اڳ ۾ ئي ڏندن سڃائي ڇڏيو آهي. متان وري متي جو بار پيو رکين."

ان خوني حملي ۾ وحشي ڪمشنر پنجن ئي ضلعن جي پوليس ۽ اندس رينجرس کي ڪم آندو ۽ پاڻ پنهنجي سر موقعي واردات تي ڪار ۾ ويهي سڄي ڪارروائي ڏٺي ۽ پنهنجيون اکيون ٺاريون. هن سان گڏ ايس پي اعظم، ڊي آءِ جي امداد حسين، علمدار رضا ڊي سي، انور گيلاني ايڊيشنل ايس پي ۽ ايس ڊي ايم علي اڪبر عباسيءَ کان علاوه بيا ڪيترائي ننڍا وڏا آفيسر ۽ انسپيڪٽر موجود هئا. بسن ۾ 215 شاگرد هئا. جن مان 8 نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. باقي 207 ڇٽن کي جانورن وانگر بسن ۾ زخمي ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ واڙي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪيو ويو. ڪين ڪاب طبي امدا ڪانہ ڏني وئي. رستي تي ڪيترائي رت جا وڏا وڏا چٽا ۽ داغ تي پيا هئا. ڪيترن هنڌن تي ڳاڙهي گوشت جا ٽڪرا پري کان صاف نظر اچي رهيا هئا ۽ سر جو گدلو ميرو پاڻي رت ملڻ ڪري ڳاڙهو ٿي ويو هو. سوين ڳاڙها گئس جا خالي شيل بہ رستي تي پيا هئا. جلد ئي سڄ بڌي ويو.

اقتدار جو اهڙو غلط ۽ وحشتناڪ استعمال ڏسي سڄ کي بہ شرم اچي ويو ۽ جلدئي جبلن جي پويان لڪي ويو. ان وچ ۾ ٽرئنڪ مڪمل طرح بند هئي ۽ عوام جي گاڏين ۽ ڪارن کي ڪوٽڙيءَ جي پل تان وڃڻ لاءِ چيو پي ويو. پوليس ۽ رينجرس ڄامشوري جي پل کان وٺي ڄامشوري جي ناڪي تائين بيٺل هئا. هزارن کان بہ وڌڪ پوليس جو تعداد ڪتب آندو ويو هو. پاڪستان جي سڄي تاريخ ۾ ڪنهن بہ آفيسر يا حڪمران. شاگردن کي ايڏو بيدرديءَ ۽ بي حيائيءَ سان بيوس ڪري. گهيري ۾ آڻي. سازش ڪري دانستہ نہ ماريو هو.

اول تہ اهو هئڻ کپندو هو تہ جيڪڏهن جلوس غير قانوني هو تہ ڪيس چڙهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا وارننگ ڏجي ها. پر ائين نہ ٿيو. ان جي برعڪس لياقت ميڊيڪل جي بسن کي تہ پل تان لنگهڻ نہ ڏنو ويو. پر يونيورسٽيءَ جي بسن کي سايو ڪري لنگهڻ ڏنو ويو. تہ جيئن شاگرد ڪمشنر جي ڦهلايل ڄار ۾ چڱيءَ طرح ڦاسي پون ۽ هنن مٿان سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق حملو ڪيو وڃي. سندس ارادا ڪافي ڏينهن کان خراب هئا ۽ نيت کوٽي هئي. اهو ئي سبب هو. جو ڪمشنر هڪ اهڙي جڳهہ منتخب ڪئي، جتان فرار ٿيڻ گهٽي پاڳي ناممڪن هو.

رات جو جڏهن محمد حسنين ترڪ رجسٽرار هڪ ضروري ڪم سان نيو ڪئمپس ڏانهن وڃي رهيو هو. تہ هن ڏٺو تہ واقعي واري جڳهہ تي هزارين پٿر پيل هئا. پوءِ ڪمشنر وزيرن کي جاءِ واردات ڏيکارڻ مهل چيو هو. تہ شاگردن پوليس وارن تي پٿراءُ ڪيو هو، جنهن جي جواب ۾ هن لاٺي چارج ڪرايو هو. محمد حسين صاحب ٻڌايو تہ اهي پٿر اهڙيءَ ريت پيل هئا. جو هڪ بار بہ چئي سگهيو ٿي تہ اهي پٿر اڇلايا نہ پر رکيا ويا آهن ۽ پٿر ڪو هڪ يا بہ نہ هئا. لکين پٿر هئا. حقيقت ۾ انهيءَ واردات ڪانپوءِ ڪمشنر پنهنجي گناهہ تي پردو وجهڻ لاءِ اها پٿرن جي چادر وڇائي ڇڏي هئي.

ٻئي پاسي ڄامشوري ۾ ٿيل واردات کان بيخبر اولڊ ڪئمپس ۾ مجيب. اڄ . لالا قادر. يوسف ٽالپر. مير امداد. نذير عرساڻي. عبدالحئي پليجو. رحيم سمون. نور محمد کهڙو. علي احمد نظاماڻي. عمر پٽي. سڪندر عباسي. سڪندر پانڌياڻي. آغا زاهد. عبدالڪريم انصاري. رحيم سهتو. اصغر ۽ اڪبر شاهہ. رفيق صفي. خليل ٻجاڻي. قربان پنوهر. اشفاق ميمڻ. رشيد ميمڻ. منور ميمڻ. يوسف علي مرزا. سليم سنجراڻي. محبوب انصاري. جميل آفتاب. ظفر. شوڪت انصاري. چانگو مل. انور ميمڻ. رياض خميساڻي. لال شبير خان. حسين ابڙيجو ۽ ٻيا ڪيترائي گڏ ٿي ويا هئاسون ۽ يوسف لغاريءَ وارن جو انتظار ڪري رهيا هئاسون. جڏهن ڪافي دير ٿي وئي ۽ تاريڪي پنهنجي پر ڦهلائي ڌرتيءَ تي لهڻ لڳي. تہ اسان جي تشويش وڌي

اتي ڪنهن اچي مون کي ٻڌايو تہ ڪجهہ زخمي ٽيل شاگرد سول اسپتال ۾ آيا آهن. سڀ شاگرد اوڏانهن روانا ٿي وياسون. اسپتال ۾ پهريائين اسان کي گهڙڻ نہ ڏنو ويو. پوءِ ساگردن جو هڪ ريلو آيو ۽ مين گيٽ کي ڀاڃ سان گڏ اندر گهليندو ويو. اندر وياسون تہ آفتاب مرزا مليو. جنهن ٻڌايو تہ سڪندر ۽ شڪور کي ڪٽي آيا آهن. ٻنهي جي حالت سخت نازڪ آهي ۽ مون اندر جهاتي پائي ڏٺو تہ سڪندر ۽ شڪور اسٽيچرن تي بيهوش پيا هئا. اسٽيچر بہ لهوءَ سان لال ٿي پيا هئا- منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ساٿين جي صلاح تي رفيق صفيءَ کي موڪليوسون تہ وڃي اي پي پي جي فوٽو گرافر کي وٺي اچي. پر هن موٽي اچي ٻڌايو تہ. ڪو بہ فوٽو گرافر شاگردن جو فوٽو ڪڍڻ لاءِ تيار ڪونهي.

"ڪمشنر مسرور هر طرف کان اسان تي وار ڪري رهيو آهي." رفيق صفي جهري پيو هو. هو روئي مون کي چنبڙي پيو. سندس پاءُ جو ڪو پتو ڪونہ هو. جوان پاءُ جي موت جو ڏک ڏاڍو ٿو ٿئي. پر هتي تہ 207 پائرن جو پتو ڪونہ هو. ڪا خبر ڪانہ هئي تہ اهي مئا يا بچيا ۽ آهن ڪٿي؟ مون رفيق جي پٺي ٺپري ڪيس همت جي تلقين ڪئي. اسين اسپتال مان ٻاهر ائين نڪتاسين. جيئن ڪنهن برندڙ جبل مان لاوو نڪري. هر شيءِ کي تهس نهس ڪندا وياسين. حسين شاه بخاري بہ نيڪ ان وقت اسان سان گڏيو. رشيد ميمڻ. سهتي. سليم سنجراڻي اتل پٽل مچائي ڏني. بسون. ٽرڪون. رڪشائون. ٽيلها خالي هٿن سان ڌڪيندا. ٽيلهيندا. پچندا. ٽوڙيندا پئي وياسون.

نيڪ ان وقت يونيورسٽيءَ جو خالي ۽ پڳل ٽٽل بسون مارڪيٽ مان لنگهيون. بسن کي رينجر هلائي رهيا هئا. بسون رت ۾ رنگيل هيون. سليم سنجراڻي ۽ محبوب انصاري ديوانہ وار بسن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. رحيم سهتو جيڪڏهن محبوب انصاريءَ کي ڇڪي نہ وٺي ها. تہ هو بس جي هينان اچي چيچي مري وڃي ها. سهتي خار ۾ اچي پويان ايندڙ بس جي ڊرائيور کي جوتو هڻي ڪڍيو. اهو جوتو بس ۾ اندرئي رهجي ويو. اها حيرت انگيز

هڪڙو پوليس وارو سامهون ويندو نظر آيو. منور گاڏي آهستي ڪري ڇڏي ۽ گاڏيءَ جو رخ پوليس واري ڏانهن موڙي ڇڏيائين. پوليس واري پهريائين تہ سمجهيو تہ شايد ڊرائيور جو هٿ اتفاقي ڦري ويو آهي. پر پوءِ جڏهن آفت کي پنهنجي مٿان ايندي ڏٺائين تہ پاڻ بچائڻ لاءِ هڪ پاسي ٿيو. پر گاڏي بہ ان پاسي ڦرڻ لڳي. پوليس وارو ٽپ ڏيئي ٻئي پاسي ٿيو. گاڏي وري بہ پويان هئس. ساڄي مڙيو تہ گاڏي بہ ساڄي، کاٻي پاسي مڙيو تہ گاڏي بہ کاٻي. ساهہ سيني کي پيارو آهي. سپاهيءَ هاڻ ڀڄڻ شروع ڪيو. گاڏيءَ بہ رفتار ورتي. ڪڏهن کاٻي، ڪڏهن ساڄي، ڪانسٽيبل هر هر مڙي پويان بہ نهاريندو پي ويو، پر گاڏي هر لمحي سندس مٿان موجود هئي. هو هاڻ رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ پوري قوت سان ڀڄڻ لڳو. سندس ٽوپلو هڪڙي پاسي ڪريو تہ ڏنڊو ٻئي پاسي. منور نہ ڇڏيس. ايڪسيليٽر تي دٻاءُ ڏنائين تہ ڪار جهٽڪو کائي سپاهيءَ جي مٿان وڃي پئي. پر سپاهي اُڇل ڏيئي رستي جي هڪ پاسي ڪلٽيون کائيندو نڪري ويو. "هلا ٿئي پڙوا!" منور دريءَ کان ٽڪ اڇلائيندي چيو. "نهتن شاگردن تي حملو ٿا ڪيو. هاڻ جهليو دپ." منور مون کي گهر ڇڏيو ۽ ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ جو واعدو ڪري هليو ويو. منهنجي اها سڄي رات ڪنڊن تي گذري.

4 مارچ وارن المناڪ واقعن جو ذڪر ڪرڻ مهل ڪتي جو قصو رهجي ويو. ان جي ڪهاڻي هيءَ آهي تہ: ڪتي کي ڪن پوليس وارن بس جي بونيٽ تان رسيون کولي هيٺ لاٿو ۽ هن تي ڏنڊن جو زيپٽ لائي ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪتو آسمان ڏانهن منهن ڪري زور زور سان ڪيهون ڪرڻ لڳو. پوءِ سپاهي ڪيس نَل جي پاڻيءَ سان ڌوئڻ لڳا تہ جيئن سندس مٿان لکيل لفظ "ڪتا مسرور" ڌهي وڃن. پر خادم حسين بلوچ ۽ قاضي خضر حيات اهي لفظ واٽر پروف مس يا آئل پينٽ سان لکيا هئا. تنهن ڪري پاڻيءَ لڳڻ سان پاڻ وڌيڪ جرڪڻ لڳا. نيٺ مجبور ٿي ڪتي کي ڏوهارين وانگر ڪمشنر جي اڳيان پيش ڪيو ويو. ڪتي پنهنجي حريف کي ڏسي گير ڪئي يا نہ. پر ڪمشنر ڪتي کي ڏسي هوش حواس وڃائي وينو. هو واهي تباهي بڪڻ لڳو ۽

هن جي وات مان ڳف نڪرڻ لڳي. جنهن جو نتيجو هي نڪتو تہ ڪتي تي لنين ۽ بندوقن جي هٿين جو وسڪارو ٿي ويو. ويچارو جانور زمين تي ڪري پيو. ۽ ڪيهون ڪرڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳو. جون تا تہ پوءِ ڪتي کي سٽي ٿـاڻي جي لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو. ڪي چون ٿا تہ ڪتي کي هوسڙي ٿاڻي ۾ رکيو ويو هو.بهرحال اها ڳالهہ تصديق شده آهي تہ جڏهن بہ ٿـاڻي جو انچارج ٻاهران فارغ ٿـي ٿـاڻي ڏانهـن موٽنـدو هـو. تڏهن پنهنجي نائب کان پڇنـدو هـو تـہ "ڪمشـنر صـاحب جاڪهڙا حال آهـن" يا "ڪمشنر صاحب کي ماني ٻاني ڪارائي اٿـوَ يا نـہ؟" ان ڪتي کي لاڪپ ۾ ان ڪري بند ڪيو ويو هو، تہ ثبوت رهي ۽ آيل وزير ڪتي کي ڏسي سگهن ۽ شاگردن جي خلاف غلط نظريو ڪٿي وجن. بہ ڏينهن لاڪپ ۾ بند رکڻ کان پوءِ ڪتي کي گولي هڻي شوٽ ڪيو ويـو. ويچـارو وفـادار ۽ مظلوم ڪتو! ان ڪتي جي سينگارڻ ۾ خادم حسين ٻـلي ۽ هڪ سيد شاگرد جو وڏو هٿ هو.

5 مـارچ جي صبح جـو سويل اولڊ ڪئمپـس پهتس. پتـو پيـو تـہ.تـي صوبائي وزير خاص شاگردن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پهچي رهيا آهن. منهنجي ۽ مجيب لاءِ ڪئيـن مسئلا پيدا ٿـي پيا. گرفتـار ٿيـل شـاگردن جي مـائٽن جـو لشڪر يونيورسٽيءَ ۾ اچي سهڙيو. ويچارا بيحد پريشـان هئـا. سندن اولاد کي آلي ڪپڙي وانگي نپوڙي، ڪٽي سٽي اغوا ڪيو ويو هو. ڪين اها بہ خبر ڪانـہ هئي تـہ سندن جگر جا ٽڪرا ويا ڪيڏانهن. اها بہ پڪ ڪانـہ هئـن تـہ سندن پٽ زنده بہ آهن يا اجل جو شڪار ٿي ويا. سندن مايوس. سُسيل. غمگين چهـرا اڄ بہ ياد اچن ٿا. تہ لڳَ ڪاندراجيو ٿا وجن. سندن اکيون پنهنجن پيـارن کي ڏسـڻ لاءِ واجهائي رهيون هيون. اهي بـار بـار اسان کي ليلائـي پنهنجـن ٻچـن جـو پتـو لڳائڻ ۽ انهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ چئـي رهيـا هئـا. شـاگرد الڳ منتشـر ٿـي ويـا هئا. اها قوت وري يڪجا ڪرڻي هئي. اخبارن ۾ اسان سان ٿيل تعديءَ جو ڪو ذڪر ڪونـہ هـو. تنهـن ڪـري عـوام جـون همدرديـون حاصـل ڪـرڻ ڪمشـنر جا ڪڌا ڪرتوت پڌرا ڪرڻ لاءِ پمفليٽ بازيءَ جو ڪم بہ ڪرڻو هو. ايم ايـن اي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن وٽ وڃي انهن جي مدد ۽ تعاون بہ حاصل ڪرڻـو

هو. شاگردن لاءِ قانوني مدد بہ حاصل ڪرڻي هئي. مٿان وري وزير پبي آيا. تن سان بہ ڳالهہ ٻولهہ هلائڻي هئي. مطلب تہ مون کي ۽ مجيب کي لغاريءَ جي غير موجودگيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي محاذن تي وڙهڻو پئي پيو. مون کي ۽ مجيب کي پروڙ پئي تہ اڳواٽي ڪرڻ ڪو چرچو يا پوڳ ڪونهي. بهرحال اسين ٻئي حالات کي مهن ڏيڻ لاءِ سينو سپر ڪري بيهي رهياسين. ڪامل راڄپر ڏاڍي نازڪ وقت ۾ ميدان عمل ۾ ٽپو ڏيئي قانوني محاذ سنڀالي ورتو ۽ اسان جي هڪ وڏي مشڪل آسان ڪري وڌي.

4 مارچ تي جڏهن ڏرين جو متوقع ۽ خوفناڪ تصادم ٿي چڪو، تڏهن ڪامل پهريائين تہ زمين جي پرگهور لاءِ اسپتال پهتو ۽ پوءِ مرحوم محمد ميمڻ وڪيل وٽ شاگردن کي قانوني مدد ڏيارڻ لاءِ پهچي ويو. مرحوم محمد ميمڻ وڪيل بہ هڪ عظيم انسان هو. شاگردن جو اهڙو هڏ ڏوکي. همدرد ۽ سچڻ سنڌ ۾ ڪو ٻيو وري نہ لڀندو. هو سنڌي شاگردن کي قانوني دفاع ڏيڻ لاءِ هر ڏکئي وقت ۽ هر گهڙيءَ بنا معاوضي. پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري. پنهنجا ڪيس ڇڏي، مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. (پر افسوس جو هن ويسريءَ قوم اهڙي منڙي انسان جو گهڻو قدر ڪونہ ڪيو. وصال کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ هن مون سان ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي قوم جي ناقدريءَ جي شڪايت ڪئي هئي. ڪن ناعاقبت انديش دوستن هن تي الزام لڳايا هئا. تہ هو بہ حڪومت جو هڪ ڪارندو آهي!) بهرحال ڪامل جڏهن محمد ميمڻ وٽ پهتو تہ هن ڪامل کي دلداري ڏني ۽ ڪيس وٺي سينٽرل جيل ويو. پر مين گيٽ ڪونہ کوليو ويو. اتي پوليس بيٺي هئي ۽ شاگردن جي گوڙ جو هلڪو آواز ڪن تي پي پيو. هو اتان موٽي آيا. مرحوم محمد ميمڻ ضمانت لاءِ درخواستون تيار ڪرڻ لڳو. محمد ميمڻ جي ان پيچ ڊڪ مان اها پڪ ٿي وئي. تہ شاگرد سينٽرل جيل ۾ بند آهن. تنهن ڪري شاگردن جا مائٽ جيل تي پهچڻ لڳا. هت اها ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ: مجيب ۽ آءٌ شاگردن کي ضمانت تي آزاد ڪرائڻ جي حق ۾ نہ هئاسون. اسان جو خيال هو تہ حڪومت شاگردن جي ايڏي وڏي تعداد کي جيل ۾ گهڻي وقت لاءِ بند ڪري نٿي سگهي. ظاهر آهي تہ

شاگرد ايترو تہ مشتعل ٿي ويا. جو عنايت ڪشميريءَ جي جان خطري ۾ پئجي وئي. تنهن تي مير امداد وچ ۾ ٽپي پيو. هو ڏاڪن تي چڙهي ويو ۽ چيائين. "هينئر اردو سنڌيءَ جو سوال نہ آهي. اسين سڀ پاڻ آهيون. اسان کي دشمنن جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪرڻ گهرجي." پر شاگرد جوش ۾ هئا. هنن هڪ بہ نہ ٻڌيس. الٽو مير امداد سي آءِ ڊي جي نظر ۾ اچي ويو ۽ اها ئي تقرير بعد ۾ شايد سندس گرفتاريءَ جو سبب بڻي. غير سنڌي شاگردن جي منفي رويي، متعصب سياستدانن حافظ مبارڪ علي شاهہ. نواب مظفر ۽ صدرالدين انصاري جي بيانن ڪمشنر جي سازش ۽ شاگردن تي حملي جي سبب سنڌي شاگردن جي دلين تي اهڙا تہ گهرا زخم لڳا هئا. جن جو هاڻ سولائيءَ سان ڇٽڻ ناممڪن هو.

جڏهن اولڊ ڪئمپس ۾ شاگردن جو هل هنگامو چالو هو. تڏهن صوبائي وزيرن فون تي رجسٽرار صاحب کي چيو تہ هو شاگرد نمائندن کي هنن وٽ موڪلي. هو شاگردن سان ڳالهائڻ چاهين ٿا. رجسٽرار صاحب مون کي ۽ مجيب کي اهڙو اطلاع موڪليو. مون يڪدم جنرل باديءَ جي گڏجاڻي ڪئي ۽ انهن کان اجازت طلب ڪرڻ چاهيم. ان وقت شاگردن ۾ ٻہ گروهہ ٿي پيا. هڪ گروهہ وزيرن سان ڳالهيون هلائڻ ۾ راضي هو. ۽ ٻئي گروهہ چيو تہ: "ڪمشنر سان ڳالهيون هلايوسين تہ 207 شاگرد جيل ۾ ويا آهن. تن وزيرن سان ڳالهائڻ ٿا وڃو. ڪٿي سڄي سنڌ کي نہ جيل ۾ هٿايو." پر پوءِ منور ميمڻ هڪ ڇتي تقرير ڪئي ۽ چيو تہ " پنهنجن اڳواڻن تي پرسو نٿا رکو. تہ پوءِ جيئن وٽيو تيئن ڪيو. ڀلا وزيرن سان نہ ڳالهائبو تہ ڪمشنر جي خلاف بيو ڪنهن وٽ دانهن ڪئي ويندؤ؟ شاگرد ڪيئن آزاد ٿيندا؟" مطلب تہ جنرل باديءَ نيٺ اجازت ڏني. تہ پل وڃي اسين وزيرن سان ڳالهايون ۽ هنن اسان کي هر قسم جا اختيارات بہ ڏيئي ڇڏيا تہ ڪهڙو بہ فيصلو ٿئي. هو ان فيصلي تي عمل ڪندا. وزيرن سان ملڻ لاءِ مجيب. مون کي. منور ميمڻ ۽ چوٿين (شايد) سعيد راشدي کي منتخب ڪيو ويو. مون ۽ مجيب بہ بيون ڪميٽيون بہ ناهي ڇڏيون. بيءَ

ڪميٽي ۾ آغا زاهد. عمر پٽي ۽ انور ميمڻ هئا. ٽين ڪميٽيءَ ۾ رفيق صفي، سليم سنجراڻي ۽ مسعود پيرزادو وغيره شامل هئا.

مون رفيق صفيءَ کي چيو تہ: وزيرن وٽ مطالبا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ميمورنڊم ٺاهي وٺي. عبدالڪريم انصاري ۽ رفيق صفي ويا ۽ رجسٽرار صاحب جي آفيس مان وڃي ياداشت نامو تيار ڪري آيا — جيڪو مون ۽ مجيب پڙهي درست ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب اسان کي وزيرن سان ملائڻ يونيورسٽيءَ جي مائڪرو بس ۾ وٺي هليو.

سرڪٽ هائوس پهتاسين. اندر هڪ ڪمري ۾ مواصلات جو وزير محمد خان جوڻيجو. تعليم جو وزير محمد علي هوتي ۽ قانون جو وزير الهہ بچايو آخوند هڪ ئي ڪوچ تي ويٺا هئا. سندس پاسي ۾ هڪ پوڙهو شخص پڻ ويٺو هو. اسين اندر گهڙياسين تہ ٽئي اٿي بيٺا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اسان جو وزيرن سان تعارف ڪرايو. ڳالهيون شروع ٿيون. تہ اسين برف جي ڍير وانگر ڦاٽي پياسين. منور ميمڻ شروعات ڪئي. چيائين. "اڄ جذبات سان ڳالهايان يا عقل سان؟" آخوند صاح چيس. "جيئن وڻيو. تيئن ڳالهايو." تنهن تي منور چيو. "اوهان جي حيثيت ڪهڙي آهي. اوهين هليا وڃو. اوهين حڪومت جا پنو آهيو. اسان کي نہ کپو." وزير چپ چاپ ٻڌندا رهيا. مٿان چانهن آئي تہ اسان پيئڻ کان انڪار ڪيو. چيوسين. "حڪومت جي بين ڪارندن اسان جي ساٿين تي ظلم ڪيو آهي. ۽ انهن کي جيلن ۾ بند ڪيو آهي. اسين انهن جي چانهن پيئڻ نٿا چاهيون."

منهنجي ڳالهائڻ جو وارو آهيو. تہ مون ڪمشنر جي پوائنٽن ظلمن جو داستان کوليو. مون ڏٺو تہ وزير بيچين ٿي ويا. ۽ هر هر پاسا ورائڻ لڳا. مون انهن کي کولي ٻڌايو. "جيستائين ڪمشنر کي ڊسمس نہ ڪيو ويندو ۽ پروفيسر حسن علي عبدالرحمان واپس نہ آندو ويندو. تيستائين اسين اسٽرائيڪ ختم نہ ڪنداسين. پوءِ پل اسين ڀلا ڪيا تي وڃون."

تنهن تي آخوند صاحب چيو:" جوش مان ڪم ونڻ سان ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو." اجا هن ايترو ئي مس چيو هو. تہ منور ميمڻ ڪنهن سرڪش گهوڙي وانگر چرجي پيو. "اوهان سيني کي پنهنجون وزارتون پياريون آهن. اوهان کي قوم سان ڪهڙو واسطو آهي؟ قسم آهي مون کي پنهنجي هن نونهيءَ بانهن جو." هن زور زور مان پنهنجي سڄي هٿ سان نونهي بانهن تي ڏڪ هڻندي جوٽيجي ۽ آخوند کي رڙ ڪندي چيو. "هڪ ڏينهن اسين اوهان جي ڪرسين تي وينا هونداسين ۽ پوءِ اوهان اسان سان ملڻ لاءِ ڪوشش ڪندؤ. پر اسين اوهان سان ملڻ کان انڪار ڪنداسين. پوءِ ڪجو هن ڪتي ڪمشنر جي حمايت. آخوند صاحب. ياد ڪجو آءٌ حيدرآباد ۾ ٿو رهان. اوهان بہ هتان جا ئي آهيو. هڪ ڏينهن حساب ڪتاب ٿيندا."

تنهن تي آخوند صاحب کلي چيس. "مون کي تہ پاڻ خوشي ٿيندي. جو اوهان وزير ٿيندا. نيٺ اوهان کي اڳتي اچڻو آهي. اوهان ئي آينده جا اڳواڻ آهيو. پر هي ڪهڙو حُليو بڻايو اٿو! نہ شيو ڪئي اٿوَ ۽ نہ ڪپڙا بدلايا اٿو! ڪپڙا ڪيڏا نہ ميرا ٿي ويا اٿو!" منور ڪاوڙ ۾ چيس. "ها. ها. چڻ اوهان اسان جي لاءِ ڪا لانڊري کولائي آهي. جنهن کي اسين پنهنجا ڪپڙا وجي ڏيون؟ اسان جا ساٿي پيا جيل ۾ سڙن ۽ اسين لانڊرين تي پيا ڪپڙا ڌئاريندا وتون."

مجيب پنهنجي گفتگو جي شروع ۾ ڪمشنر تي سخت چوٽ چنبيا ۽ وائيس چانسلر جي واپسيءَ جي گهر ڪئي. محمد خان جوٽيجي چيو. "اهو وائيس چانسلر تہ ويو. البت اسين اوهان کي ٻيو وائيس چانسلر ڏيون ٿا ۽ اهو هي صاحب اٿو." هن ان وڏيءَ عمر شخص ڏانهن اشارو ڪندي چيو. جيڪو هڪ تمام پراڻي ڊزائن جو ڪمپليٽ سوٽ پايو وينو هو. تنهن تي مون نئين وائيس چانسلر ڏانهن اشارو ڪندي وڏي حقارت سان چيو. "هيءُ شخص پروفيسر حسن عليءَ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي لائق تي نٿو سگهي. هن کي چئو تہ مهرباني ڪري واپس ٿي وڃي. اسين هن کي هرگز قبول نہ ڪنداسين. وائيس چانسلر کپي. تہ حسن علي."

اهو معتبر شخص محمد صالح قريشي هو. جنهن جي لاءِ مرحوم علامہ آءِ اءِ قاضي صاحب هڪ ڏينهن پنهنجي قدر دانن جي ميڙ ۾ چيو هو. "ابا. محمد صالح قريشيءَ کي هنن موڪليو ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ." منهنجيون اهي ڳالهيون ٻڌي نئين وائيس چانسلر جي شڪل بگڙي وئي.

قصو مختصر. هنن اسان کي اسٽرائيڪ ختم ڪرڻ لاءِ چيو.
پر مجيب هنن کي چيو. "پهريائين اسين پنهنجن قيدي يارن سان صلاح مشورو ڪيون. تنهن کان پوءِ اسين اوهان سان ڳالهائڻ جهڙا ٿي سگهون ٿا." ان تي محمد خان جوڻيجي ڪاوڙجي چيو. "جيڪڏهن اوهان کي ڳالهائڻ جو ڪو اختيار ئي ڪونهي. ته پوءِ هتي اسان جو وقت ضايع ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي." تنهن تي مون معاملي کي سنڀاليندي چيو. "مقصد هي آهي. ته انهن سان ملڻ کان پوءِ اسين ڪو اهڙو فيصلو ڪري سگهنداسين جيڪو سڀني شاگردن کي قبول هجي. پوءِ ان تي عمل به ڪرائي سگهبو." مجيب حقيقت ۾ ٽڪڙ ڪري اها ڳالهہ ڪئي هئي. پر اها وڏي ڪم واري ڳالهہ هئي. گهٽ ۾ گهٽ لغاريءَ سان ملي صلاح مشورو ته ڪري سگهياسين ٿي ۽ شاگردن جي خير خيريت جو به پتو پئجي سگهيو ٿي ۽ انهن جي همت افزائي به ٿئي ها. ڪافي بحث کان پوءِ وزير ان ڳالهہ تي راضي ٿيا ته آءٌ. مجيب ۽ منور شاگردن سان ملي اچون.

سرڪٽ هائوس جي ٻاهران ڪيترائي ايم اين اي ۽ ايم پي اي وزيرن سان ملڻ آيا هئا. پر شاگردن جي مسئلن لاءِ نہ. البت پنهنجن ذاتي مسئلن تي ڳالهائڻ لاءِ. گهٽي ياڳي سنڌ جا سڀئي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر آيا هئا. انهن مان مرحوم مراد شاهہ منٿياريءَ واري. قاضي محمد اعظم ۽ عبدالحميد جتوئي ڪانسواءِ. ڪنهن به ٻوٿو ڪونہ ٻاريو. مراد شاهہ ته سڀني ميمبرن کي چيو. "هڪڙي خسيس ڪمشنر جي اها همٿ آهي. جو اسان جي ٻچن کي لاوارث سمجهي ڪُٽيو ۽ ماريو ويو آهي. اوهان سڀني کي حيف آهي. منهنجي ٻڌو ته ايوب وٽ هلو ۽ احتجاج طور گڏيل استعيفا ڏيو." پر قاضي

پر جتوئيءَ کين چيو تہ: ڪيس اها ڳالهہ پسند ڪانهي. تہ سندس پٺ پھرين نڪري. اوهين سيني شاگردن کي آزاد ڪريو. سيئي ڳڏجي نڪرن.

محمد مراد شاهہ اسان جو سنو سات ڏنو. اسان کي صلاح مشورا پڻ ڏنائين ۽ ساڳئي وقت وزيرن وٽ اسنا جي زبردست وڪالت بہ ڪيائين. جن بين صاحبن اسان جو سات ڏنو. انهن مان حاجي نجم الدين سريوال ۽ قاضي اعظم جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن ڪمشنر کي ڏوهاري نهرايو ۽ سندس خلاف سخت قدم کڻڻ تي زور ڏنو.

اسين موٽي يونيورسٽي آياسين ۽ شاگردن کي سڄي تازو حال احوال ڏنوسين. مير امداد جو خيال هو تہ پنج پنج شاگرد 144 جي ڀڃڪڙي ڪندي پنهنجو پاڻ کي گرفتار ڪرائين. هو شاگرد جي ضمانت ڪرائڻ جي سخت خلاف هو. انهيءَ ڳالهہ تي رفيق صفيءَ ننولي ڪندي چيس. "واهہ سرڪار واهہ. اڳ ۾ گهڻا ٻچيل آهن. اهي بہ وڃي جيل ۾ پون. پوءِ وينا تاڙيون وڄايون." ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب اسان کي جيل وٺي هليو. پر ان کان اڳ هو صاحب اسان کي پنهنجي گهر وٺي هليو ۽ زوريءَ بہ گرهہ کارايائين. چاڪاڻ تہ هن محسوس ڪري ورتو تہ اسين ڪلهہ کان بک تي پيا هلون. ماني کائڻ جو هوش بہ ڪٿي هو اسان کي.

جنهن وقت آءٌ ۽ مجيب جيل ۾ گهڙياسين. تنهن وقت رفيق صفي ۽ ڪامل راڄپر بہ اندر داخل ٿيا. ڪامل وزيرن سان مليو هو. جن جي اجازت سان هو شاگردن سان ملڻ آيو هو. سينٽرل جيل ۾ اندر رجسٽر ۾ نالو لکائڻ ڪانپوءِ جڏهن اسين سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ گهڙياسين تہ مرحوم محمد ميمڻ وڪيل. محترم رسول بخش پليجو. محترم حميد سنڌيءَ کي اندر وينل ڏٺوسين. مرحوم محمد ميمڻ صاحب جي اڳوائيءَ ۾ هو شاگردن سان ملڻ. انهن جا نالا معلوم ڪرڻ ۽ وڪالت نامن تي سندن صحيحون وٺڻ آيا هئا. ڪامل راڄپر اسان جي ميمڻ صاحب سان واقفيت ڪرائي.

پوءِ عبدالباقي جيلر اسان کي شاگردن سان ملائڻ لاءِ وٺي هليو. جيل جي ڪِهنيل ۽ بوسانيل فضا ۾ اڳتي وڌندا. اسين هڪ اهڙي شاهي دروازي وٽ

رگجي ويون. اسين هنن جي همت وڌائڻ لاءِ آيا هئاسين. پر سچ پچ تہ هنن اسان جي همت وڌائي.

يوسف لغاري مليو. هو تہ چڻ ٽڙي پيو هو. هڪ اهڙي ڪپتان وانگر خوش هو. جنهن جو جهاز تہ ٻڏي ويو هجي. پر هن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي سڀني ساٿين ۽ مسافرن کي بچائي ورتو هجي. هو هڪ اهڙو ڪپتان هو. جنهن پنهنجي فرض جي پورائي ڪندي، جان جي بازي بہ لڳائي ڇڏي هئي. يوسف لغاري پنهنجي ساٿين جي همت افزائي لاءِ جيل ۾ جوشيليون تقريرون بہ ڪيون هيون ۽ هڪ هڪ سان بحث مباحثو بہ ڪيو هو. ڪي شاگرد ڪمزور دل جا بہ هئا. پر يوسف لغاريءَ انهن کي دلجاءِ ڏني.

مون ۽ مجيب. يوسف لغاريءَ کي پاسي تي وٺي. صلاح مشورو ڪيو. يوسف جو خيال هو تہ شاگرد ضمانت تي جلد آزاد ٿيڻ گهرجن. متان هنن ۾ جيل جي سختيءَ ڪري مايوسي ڦهلجي وڃي ۽ سندن همت ٽٽي پوي.

محمد ميمڻ ۽ ڪامل راڄپر بہ اسان جي پٺيان پي آيا. اهي بہ شاگردن سان مليا ۽ انهن کي آٿت ڏنائون. محمد ميمڻ تقرير بہ ڪئي. هن چيو: "اوهان منهنجا ٻچا آهيو. آءٌ اوهان کي پوريءَ طرح قانوني بچاءُ ڏيندس. آءٌ ڪنهن بہ ڪمشنر کان نٽو ڊڄان. اوهان لاءِ جان بہ حاضر آهي. سنڌ کي اوهان تي فخر آهي. اوهان اهو نہ سمجهو تہ اوهان اڪيلا آهيو." (پوءِ هن شاگردن جي لاءِ بہ ديڳيون پٽ جون، بسڪيٽن ۽ سگريٽن جا ڪيترائي دٻا ۽ پيڪٽ ڏياري موڪليا. پٽ جون ديڳيون تہ جيل وارن شاگردن تائين ڪونہ پهچايون. البت بسڪيٽ ۽ سگريٽ ڪين پهچايا ويا.) ان وچ ۾ رفيق صفي ٽپ ڏيئي هڪ بيرڪ جي ڏاڪڻ تي چڙهي ويو ۽ پنهنجي تقرير جو جادو جاڳڻ شروع ڪري ڏنائين. هن شاگرد کي وزيرن سان ٿيل ڳالهين. جنرل باڊيءَ جي فيصلن. ايوب خان کي ڪيل تارن ۽ قانوني ڪارروائين جي باري ۾ مڪمل تفصيل ٻڌايا.

ساٿين کان موڪلائي آءٌ ۽ مجيب يونيورسٽيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. محمد ميمڻ. حميد سنڌي. رسول بخش پليجو ۽ ڪامل راڄپر ضمانت لاءِ پيچ ڊڪ ۾ لڳي ويا ۽ رفيق صفي. ستار بارڪزئيءَ جي اسڪوٽر تي چڙهي فرزات

ڪندو. (پير صاحب پاڳارو حيدرآباد آيل هو. اسان هن سان مليا هئاسين ۽ هن شاگردن کي آزاد ڪرائڻ جو واعدو ڪيو هو.) پير صاحب سان ملڻ لاءِ روانو ٿي ويا. ساڍا ٽي وڄڻ وارا هئا. انهن اسڪوٽر جي رفتار تکي ڪئي. رفيق صفي سوچيو: "پير پاڳارو، سنڌ جي مقدس هستي آهي، سندن نه فقط سنڌ ۾، پر پاڪستان جي ٻين صوبن کان علاوه ڀارت ۾ لکين مريد آهن. اهڙا مريد، جيڪي پير صاحب جي فقط پرونءَ جي اشاري تي ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ تيار هئا. سنڌ جو سڀ کان بااثر شخص آهي. بس، هو ايوب کي فون ڪندو ۽ مسرور نوڪرون ڪائيندو، ٽڙندو وڃي تباهيءَ جي غار ۾ ڪرندو. پير صاحب سنڌين تي ڪرم جي نگاهه ڪئي ته سنڌين جا سيئي سور ۽ اهنج لهي ويندا." رفيق جي ذهن ۾ هزارين خيال چڪر لڳائي رهيا هئا. هن سوچيو ته "سڀ کان وڏو ڪارنامو ته مون سر انجام ڏنو آهي، يوسف لغاريءَ، مجيب ۽ نورانيءَ کان به وڏيڪ." رفيق ايڏو خوش هو جو بنگلي ۾ اسڪوٽر جي بيهڻ کان اڳ ۾ ئي ٽپ ڏيئي لهي پيو ۽ ڪال بيل ڏانهن پڳو ۽ پوري طاقت سان بٽڻ دبايائين. اردلي ٻاهر نڪري آيو. رفيق چيس، "وڃي پير صاحب کي جلدي ٻڌاءِ ته رفيق صفي سندن فرمان موجب ساڻن ملڻ آيو آهي." اردلي مشڪي چيو، "پير صاحب ته ڪڏهوڪا سانگهڙ هليا ويا."

رفيق کي چڻ ته ڪنهن ڪاپاري ڌڪ هڻي ڪڍيو. کيس پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ٿي. سندس اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. رفيق مون کي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو ته: "انهيءَ ڏينهن کانپوءِ مون ساڃي ڏر کي هميشه لاءِ غدار چئي ڇڏيو ۽ ڪابي ڏر وارن لاءِ بي انتها ڪشش محسوس ڪيم." (ڪاش سڄي سنڌ انهن پيرن ميرن جي چڪر مان نڪري اچي.)

آءٌ ۽ مجيب يونيورسٽيءَ ۾ آياسون. شاگردن کي خال احوال ڏنوسين ۽ ٻڌايوسين ته جيل ۾ ساگردن جو خراب حشر آهي ۽ اهي مرٽينگ حالت ۾ آهن.

جڏهن اسين وزيرن سان ملي نڪتاهئاسين. انهيءَ کانپوءِ غير سنڌي شاگردن جو هڪ وفد به وزيرن سان مليو هو. ان وفد ۾ فردوس عالم، اسحاق

شمي، احمد قريشي، سعالين، انصار حيدر، ممتاز جنيدي، طاهر حسين، شاهنواز، پرويز احمد شيخ، فخر الدين ڪيفي، عارف قزلباش، رفاقت، ڪامل، عابد رضوي، سعيد بيگ ۽ رشيد ۽ ڪانئن علاوه هڪ شاگردياڻي ناز اختر بہ شامل هئي. انهيءَ وفد سڌو سنئون ڪمشنر مسرور جو پاسو ورتو، وائيس چانسلر حسن عليءَ تي ڪوڙا الزام مڙهيا ۽ سنڌي ساگردن خلاف زهر اوڳاڇيائون. ناز اختر چيو: "سنڌي شاگرد اسان جي اڳيان اگهاڙا ٿي نچندا آهن ۽ پنهنجا مخصوص عضوا ڏيکاريندا آهن." تنهن تي هوتي ڪاوڙجي چيو تہ" سنڌي، عورتن کي اغوا ڪري سگهن ٿا، پنهنجي عزت لاءِ مري سگهن ٿا، پر مان اهو نٿو مڃي سگهان تہ اهي زالن جي اڳيان اگهاڙا ٿي نچندا."

غير سنڌي شاگردن جو وفد وزيرن وٽان ٻاهر نڪتو تہ اسان جو ٻيو وفد اندر ويو، ان وفد ۾ آغا زاهد، عمر پٽني ۽ انور ميمڻ هئا. وفد نمبر ٻيو ۽ ٽيون ناهڻ جو مطلب ڇا هو؟ جيئن واڙو ڪرڻ وارا شڪارين لاءِ شڪار کي هيسائي ڊيڇاري ڊوڙائي واڙو ڪري، ڪنهن مخصوص مقام تي هڪلي ايندا آهن، جتي شڪاري اڳ ۾ ئي پنهنجي بندوق تيار رکيو ويٺو هوندو آهي، تہ جيئن تڪل - ڊنل شڪار کي سولائيءَ سان موت جي ڪنڌيءَ تي اماڻي سگهي. تهڙيءَ ريت وفد نمبر ٻئين ۽ ٽئين جو ڪم هو وزيرن جو واڙو ڪرڻ. هنن جي ڊيوٽي فقط اها هئي تہ وزيرن سان بحث براءِ بحث ڪري، سندن مغز کپائين ۽ انهن کي ذهني طور تي ايترو تہ ٿڪيائين، جو وفد نمبر هڪ جڏهن ٻيهر ڳالهين جي ٻئي دؤر لاءِ اچي، تہ وزير انهن جون ڳالهيون بنا ڪنهن پس ۽ پيش جي مڃي وڃن.

هڪ ڊگهي ۽ ٿڪائيندڙ تعارف ڪانپوءِ آغا زاهد وارن ۽ وزيرن جي وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون. جوڻيجي چيو، "اوهان کان ٿورو اڳ ۾ آيل مهاجر شاگرد ياڻيءَ شڪايت پئي ڪئي تہ سنڌي شاگردن هن سان هٿ چراند ڪئي آهي. ايتريقدر جو سنڌي شاگردن ڪيس گرلز ڪامن روم ۾ بہ ستايو آهي. اها ڳالهہ سچي آهي ڇا؟" "اها سچي بڪواس آهي. ڇوريءَ ڪوڙ ڳالهايو آهي." انور ميمڻ چيو. "اها مسرور جي رکيل آهي ۽ سنڌي شاگردن تي ڪمشنر جي

چرچ تي بهتان هٽي رهي آهي. شاگرد ياڻين جي هڪ جنرل باڊي سڏائي انهن کان پڇو. حقيقت ظاهر ٿي پوندي." آغا زاهد چيو. تنهن تي جوڻيجي چيو. "ها. آءٌ ان ڇوڪريءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. اها هڪ سوسائٽي گرل آهي." بحث اڳتي هليو. آهستي آهستي بحث ۾ گرمي ايندي وئي. آغا زاهد چيو. "اوهان جو هي وفد حقيقت ۾ ڪابه حيثيت ڪونه ٿو رکي.اوهان ايوب خان جون شمن گڏيون آهيو. اوهان کي ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جو اختيار ڪو نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي." تنهن تي جوڻيجي ورندي ڏني، "ايترو جذباتي نه ٿيو. اوهان ڪجهه پرسڪون رهڻ جي ڪوشش ڪيو." جواب ۾ آغا زاهد بائرن ۽ اسڪاٽ جا ڪجهه نظم جوش سان ٻڌايا. جڻ جو اوهان هڪ سنڌي ٿي ڪري اسان کي پُرامن رهڻ جي تلقين پيا ڪيو. اوهان جي جڳهه تي ٻيو ڪو قوم پرست هجي ها ۽ اسين به سندس قوم جا فرد هجون ها. ته هو اسان کي همٿائي ها ۽ اسان جو مڪمل ساٿ ڏئي ها. اوهان کي به سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ اسان سان تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي." جوڻيجي جي منهن جو پنو لهي ويو. سچو هيڊو ٿي ويو.

آغا زاهد بحث جاري رکيو. هن "لنڪن" جا ڪجهه مثال ڏنا ۽ "شيلي" جا شعر ٻڌائيندي چيو، "صدر ايوب اسان کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني آهي، يونيورسٽيءَ جي معاملن کان وڌيڪ هو بدڪن جي شڪار کي ترجيح ڏئي ٿو. ڇا حڪومت کي خود قانون جو احساس آهي؟" آغا زاهد ڳاڙهو ٿيندي پڇيو.

"وزير قانون اوهان جي سامهون ويٺو آهي، جيڪڏهن قانون جي باري ۾ ڪجهه پڇڻو اٿوَ ته انهيءَ کان پڇو." جوڻيجي، آخوند الله بچائي صاحب ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "اسين آخوند صاحب سان نتا ڳالهائڻ چاهيون." آغا زاهد ميڙجي پيو. آخوند صاحب خاموشيءَ سان ڪمري مان ٻاهر هليو ويو.

"يلا هاڻ اوهان کي ته سنڌي وائيس چانسلر مليو آهي. پوءِ گوڙ ڇو ٿا ڪيو؟" هوتيءَ نئين وائيس چانسلر ڏانهن نهاريندي پڇيو.

"اسين هن حڪومت جي پنو وائيس چانسلر کي هرگز قبول نٿا ڪيون ۽ اسين هن سان ڳالهائڻ بہ گوارا نہ ڪنداسين." تنهن تي وائيس چانسلر اٿي بينو ۽ ڏڪندي ۽ ٿڙڪندي چيائين. "ڇا تون..."

"خاموش. ماٺ ڪري ويهي رهہ. اسين توسان ڳالهائڻ ڪو نہ آيا آهيون." آغا زاهد نئين وائيس چانسلر جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو. "آخ ٿو." عمر پنيءَ رڳو آواز ڪيو. ٺُڪ ڪو نہ اڇلائي. وائيس چانسلر بہ منيون پڪوڙي واڪ وائوٽ ڪري ويو. باقي جوٺيجو ۽ هوتي بچيا. تن جو بہ بچڙو حشر ٿيو. اٽڪل پنج ڪلاڪ بحث هليو. وزيرن جي ڪابہ ڳالهہ شاگردن ڪانہ مڃي. اهي آغا زاهد، عمر پنٿي ۽ انور ميمڻ کي دليل بازيءَ ۾ شڪست ڏيئي نہ سگهيا. آغا زاهد وارن وزيرن کي بلڪل ٽڪائي ڇڏيو. آغا زاهد جي شعرن ۽ تاريخي حوالن کين منجهائي وڌو. نيٺ بئي وزير ساٿا تي ويا ۽ ماني کائڻ جو بهانو ڪري اٿي ويا. مانيءَ کانپوءِ وفد نمبر ٽيون وزيرن سان مليو. جن رهيل سهيل ڪثر بہ ڪڍي ڇڏي ۽ وزيرن جا باڙدانائي ڪڍي ڇڏيائون.

بئي پاسي جڏهن سنڌي شاگردن کي خبر پئي تہ مهاجر شاگردن جو هڪ وفد وزيرن سان مليو آهي ۽ ان مسرور جي حمايت ڪئي آهي، تڏهن سنڌي ۽ مهاجر شاگردن جي وچ ۾ وڌيڪ تلخي ۽ ويڇو پيدا ٿي پيو. رحيم سهتي کي ناز اختر جي ڏنل بيان جي جڏهن پروڙ پئي، تہ هو ڇتو ٿي پيو. هو منور ميمڻ ۽ سڪندر پانڌياڻيءَ سان مليو. هنن صلاح ڪئي تہ ناز کي سيڪٽ ڏيڻ ضروري آهي.

ناز موٽي يونيورسٽي آئي. تہ سهتي کيس گرلس ڪامن روم مان سڏي کنهن بهاني سان ٻاهر وٺي ويو ۽ چيائين. "تنهنجو رت آمريڪا کان پارسل ٿي آيو آهي ڇا؟ اسان جي سنڌ جو کائي. اسان جي ئي خلاف زهر اوتي رهي آهين." سهتو ايڏو ڪاوڙيو جو ناز اختر کي سَٽَ ڏئي. جهلي ڪلهي تي ڪنيائين. مٿان سوشالاجي جو پروفيسر محمد شفيع ميمڻ اچي ويو. سهتي. شفيع صاحب کي ڏسي. ناز کي ڪلهي تان لاٿو. اهڙيءَ ريت ناز جي جان بچي.

ساڳيءَ صبح جو پراڪٽر مانيٽرن جي گڏجاڻي انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ٿي. جليل صاحب صدارت ڪري رهيو هو. رحيم سهتو لٺ ڪٽي اندر هال ۾ ڪاهي پيو. عمر پٽي ۽ ٻيا شاگرد هن سان گڏ هئا. جليل صاحب پڇي جان ڇڏائي.

شام ٿي ته اصغر شاهه ڊوڙندو آيو ۽ روئڻهار ڪو منهن ڪري اچي ٻڌايائين. ته هڪڙي شاگرد جو لاش ڦليليءَ مان لڌو ويو آهي. چوڌاري ٻاڪر ڪٽو مچي ويو. هر طرف کان هاءِ گهوڙا ۽ پٽڪي جا آواز اچڻ لڳا. سڄي فضا سوگوار ٿي وئي. شاگردن ۾ وري جوش ڦهلجي ويو. انتقام جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون ۽ "ڪتو ڪمشنر" جو نعرو وري گردش ۾ اچي ويو. اصغر شاهه مون کي پاسي تي وٺي ٻڌايو ته اهو لاش ڪنهن شاگرد جو ڪونهي، پر هڪ مزدور جو آهي، پر تنهن هوندي بہ حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ، عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻ ۽ ساگردن ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ جيڪڏهن اهو چئجي، ته اهو شاگرد جو لاش آهي، جيڪو 4 مارچ واري واقعي سبب ڪوٽڙي بيراج مان لڙهندو آيو آهي، ته ان ۾ ڪو بہ مضائقو ڪونهي، مون هن جي ڳالهه سان سو فيصد اتفاق ڪيو. رشيد ميمڻ ۽ اسغر شاهه کي وري موڪليم ته وڃي لاش هٿ ڪن. مون ان موقعي تي هڪ نهايت دردناڪ تقرير ڪئي ۽ شهيد لاءِ غائبانا جنازي نماز پڙهڻ جو اعلان ڪيم. اصغر شاهه ۽ رشيد ميمڻ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا شاگرد لاش هٿ ڪرڻ ويا هئا. رشيد ۽ اصغر شاهه مئل مزورن جي مائٽن کي پيسن جي آڇ بہ ڪئي، تہ ڪجهه دير لاءِ لاش سندس حوالي ڪيو وڃي، پر مزدور جي مائٽن انڪار ڪيو. مٿان پوليس پهچي ويئي، جنهن لاش پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. رشيد بهرحال لاش جو منهن ڏسي ورتو. ڪيس ان لاش جي شڪل ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد ۽ سندس ڪلاسيءَ اخلاق حسين جي مشابهت نظر آئي. پوءِ تہ هو "هاءِ اخلاق پيا!" ڪري ڪري پيو ۽ هنبوڇا هڻڻ لڳو. هو روئندا پٽيندا اخلاق شهيد زنده باد جا نعرا هڻندا يونيورسٽيءَ ڏانهن وريا. اخلاق حسين لاءِ چار پنج جنازي نمازون پڙهيون ويون.جيل ۾ بہ اخلاق جي شهادت جي ٻڙڪ پئجي وئي هئي، تنهن ڪري جيل ۾ اخلاق حسين جي غائبانا نماز ادا

ڪئي وئي. اها ڳالهه بي آهي، ته اخلاق حسين خود پهرينءَ صف ۾ نيڪ امام جي پويان جنازي نماز پڙهي رهيو هو ۽ پنهنجي لاءِ جنت ۽ چوٽڪاري جون دعائون گهري رهيو هو.

رفيق صفي چالاڪي ڪري اخلاق حسين جي مرڻ جي خبر اخبارن ۾ ڏيئي آيو. هن کي پڪ هئي ته اها خبر ته ڪانه ايندي پر ان جي ترديد ايندي. تنهن هوندي به ڪيس خاطري هئي، ته ترديد آئي ته به عوام کي ڪنهن شاگرد جي موت جو شڪ ضرور پوندو. جيڪا ڳالهه شاگردن لاءِ عوام جي همدردي حاصل ڪندي، ٿيو به ائين. ٻئي ڏينهن رڳو اخبارن ۾ حڪومت طرفان وضاحت آئي هئي ته. "لڌل لاش ڪنهن شاگرد جو نه، پر هڪ مزور جو آهي."

آءٌ ۽ مجيب وزيرن وٽ شام جو پهتاسين، ته لاش جو ذڪر ٻڌي ڪيوسون. سندن حالت ڏسڻ جهڙي ٿي پئي. هنن تڙ تڪڙ ۾ ڪمشنر، ڊي آءِ جي کي فون ڪيا ته لاش هٽ ڪري ان جي مڪمل حفاظت ڪئي وڃي. ان ڪانپوءِ هو پاڻ وڃي لاش ڏسي آيا. جيستائين هنن لاش نه ڏٺو هو، تستائين ڪمشنر کي آنڌ مانڌ لڳي پئي هئي. پوءِ هنن کُلي اچي ٻڌايو ته لاش ڪنهن شاگرد جو ڪونهي. پر مزور جو آهي. سندن چهرن تي ڪنهن ذهني بار کان نجات جا آثار هئا.

شام وري مذاڪرات ۾ مون، مجيب، راڇپر، پرڳڙي ۽ رفيق صفيءَ گڏجي حصو ورتو. آغا زاهد به اندر آيو ٿي، پر وزيرن بي چينيءَ سان پاسو ورائيندي مٿي کي ٻنهي هٿن سان جهليندي چيو، "خدا جي واسطي اسان کي انهيءَ جنجال کان بچايو. اسان وٽ هاڻ ايترو ميڇالو ڪونه بچيو آهي، جو ڪيس ڪاٺڻ لاءِ ڏيئي سگهون." اسان آغا وارن کي ٻاهر ويهڻ لاءِ چيو، پر آغا واپس هليو ويو.

وزيرن سان سڄيءَ گڏجاڻيءَ ۾ جيڪا گفتگو ٿي، تنهن جو تَتُ هي آهي ته: هنن جو زور هو ته اسٽرائيڪ ختم ڪئي وڃي، شاگردن کي هينئر ئي ضمانت تي آزاد ڪرائجي ۽ پوءِ ڪمشنر تي قدم کڻڻ لاءِ شاگردن کي ڪپي ته

ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪن. جيستائين وزير خود گورنر سان ملي هن سان حال حقيقت بيان ڪري. گورنر کي پنهنجي پاسي ڪري وٺن.

پر اسان جو موقف هي هو. تہ ڪمشنر تي يڪدم قدم کنيو وڃي ۽ شاگردن جا ڪيس واپس ورتا وڃن. ان کان علاوه بيا بہ ڪيترا تعليمي مسئلا هئا. جن جي لاءِ وزيرن واعدو ڪيو تہ حل ڪيا ويندا. حسن علي عبدالرحمان کي واپس گهرائڻ جو مطالبو ڪجهہ نرم ڪيو ويو. مطلب تہ معاملو وڃي هن ڳالهہ تي اٽڪيو تہ ڪمشنر تي قدم هينئر کڻجي يا پوءِ؟

سنڌين جي پيٽ ۾، غير سنڌي وزير محمد علي هوتي اسان جو هڏ ڏوکي هو ۽ ڪجهہ ڪرڻ جو بہ اختيار هوس. هن ڪمشنر کي دبايو. تہ هن شاگردن سان زيادتي ڪئي آهي ۽ هن مهاجر شاگردن کي بہ دڙڪا ڏنا. ڪامل راڄپر ۽ رفيق صفي وارن کي هن پنهنجي منهن اهو بہ چيو. "اوهان ڪو بہ ڪڌو ڪم نہ ڪيو آهي. مون کي ڏسو. منهنجو اردلي بہ هڪ پناهگير آهي، اسان پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن بہ غير پناهگير کي برداشت نٿا ڪري سگهون."

ساڳيءَ تاريخ تي وزيرن جاءِ واردات جو معائنو ڪيو. ۽ ڪتي جو ديدار بہ ڪيائون. ڪامل ۽ رفيق وزيرن کي اهو دليل ڏئي ڪافي متاثر ڪيو. تہ شاگردن کي گهيرو ڪري ڇاڻي واٽي ماريو ويو آهي. شاگردن نہ ڪنهن جو گهيرائو ڪيو هو. نہ 144 جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي. هو پنهنجين بسن ۾ هميشہ وانگر اچي رهيا هئا. جاءِ واردات ڏسي وزيرن کي بہ احساس ٿيو. تہ شاگردن سان ڇاڻي واٽي ظلم ڪيو ويو آهي. پر انهيءَ ڳالهہ جو اظهار بہ فقط هوتيءَ ڪيو.

ڇهين مارچ جو وري اچي يونيورسٽي وسائيسين. اخبارن ۾ شاگردن سان ٿيل زيادتين جو ڪو بہ ذڪر ڪونہ هو. اسان محسوس ڪيو تہ عوام کي پاڻ سان هم راءِ ڪرڻ لاءِ پمفليٽن جي ضرورت هئي. هڪڙو پمفليٽ لکيوسين. آءٌ ۽ غلام نبي مغل (سچل ڪاليج وارو) سچي شهر ۾ رلياسون. پر هر پريس اهو پمفليٽ ڇپڻ کان انڪار ڪيو. جيتوڻيڪ اهو پمفليٽ اهڙو سخت بہ ڪونہ هو. نيٺ اسان پمفليٽ لکڻ جو ڪم عمر پٽني ۽ صالح شيخ تي ڇڏيو.

صبح جو سڪندر عباسي (هن وقت ڪيپري سئنيما جو مئنيجر) يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس عمر پٽي، يوسف ٽالپر ۽ صالح شيخ نظر آيا. هن پڇيو، "ڇا ڳالهہ آهي؟ ڇو بيٺا آهيو؟" عمر ڪيس ٻڌايو تہ هنن کي جلد سائيڪلو اسٽائيل مشين جي ضرورت آهي. تہ جيئن پمفليٽ ڇپي سگهجي. "اسين جليل (انگريزي شعبي جو سربراهہ) جي آفيس تي حملو ڪرڻ جي باري ۾ غور ڪري رهيا آهيون." عمر چيو. "اسان کي خبر پئي آهي تہ اتي سائيڪلو اسٽائيل مشين آهي. انهيءَ لاءِ شاگرد گڏ ڪري رهيا آهيون" اهو ٻڌي سڪندر کلي چيو، "جليل صاحب بهرحال استاد آهي. ان کي نہ مارجو گهٽ ۾ گهٽ سندس ڏاڙهيءَ جو خيال رکجو." تنهن تي عمر مچرجي پيو، "آءٌ توکي ڏاڍو بهادر سمجهندو هوس، پر تون جليل جو چمچو نڪري پئين." بهرحال جليل جي آفيس تي ڪاهہ ڪئي وئي. پر جليل اتفاق سان اتي ڪو نہ هو ۽ نہ ئي وري ڪا سائيڪلو اسٽائيل اتي موجود هئي. هو اتي جليل جو انتظار ڪرڻ لڳا. اچي تہ سندس خبر لهجي. ڇاڪاڻ تہ شاگردن کي خبر پئجي وئي هئي تہ جليل ڪمشنر جو جاسوس آهي. سڪندر عباسيءَ کين چيو تہ: اجايو وقت نہ وڃائين. سندس آفيس هلن. تہ اتان هو کين آفيس جي مشين تي پمفليٽ ڪڍي ڏئي. تڏهن سڪندر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. شاگردن کي وٺي، هو آفيس آيو ۽ کين پمفليٽ ڇپي ڏنائين.

شام جو آءٌ، مجيب، ڪامل راڄپر ۽ منور ميمڻ وري وزيرن سان ملڻ سرڪٽ هائوس وياسين. اتي وزيرن سان وري بحث مباحثو ٿيو. مير امداد، شفقت شاهہ ڄاموٽ، رفيق صفي، آغا زاهد، اصغر شاهہ، اڪبر شاهہ، سڪندر عباسي، عمر پٽي، سليم سنجراڻي ۽ ٻيا ڪيترا دوست وقت بوقت ايندا رهيا ۽ يونيورسٽيءَ جو حال احوال ڏيندا رهيا. ڪن دوستن جو خيال هو تہ پروفيسر حسن عليءَ کي واپس گهرائڻ تي زور ڏنو وڃي، ڪامل جي چوڻ مطابق، هوتيءَ کيس الڳ وٺي چيو تہ: "آءٌ ان حقيقت جو قائل ٿي ويو آهيان، يونيورسٽيءَ جي معاملن ۾ مداخلت ڪئي ويئي آهي، آءٌ گورنر کي ان سلسلي ۾ فون ڪري

ڪيس سچي صحيح حقيقت بيان ڪرڻ چاهيان ٿو. پر اوهان جا وزير منهنجي پنيرائي نٿا ڪن اوهان خود وڃي پنهنجن وزيرن کي سمجهايو."

مون ۽ مجيب ٻين دوستن سان صلاح مشورو ڪيو ۽ نيٺ ان نتيجي تي پهتاسين، تہ حسن عليءَ جي مطالبي تان في الحال هٿ ڪڻجي. ڪمشنر جي ڪيڻ واقعي جي عدالتي تحقيقات، سيڪنڊ ڪلاس 45 سيڪڙو تي، ذريعي تعليم سنڌي ۽ ٻين مطالبن تي زور ڏجي. هوتيءَ بہ انهن ئي مطالبن تي انفرادي بحث ۾ هاڪار ڪئي. وري گفتگو ڪرڻ لاءِ سرڪٽ هائوس جي ڊائيننگ روم گهرياسين. پر اجا اسان گفتگو شروع ئي مس ڪئي هئي، تہ رفيق صفي ۽ آغا زاهد سهڪندا اندر داخل ٿيا ۽ مون کي ٻاهر سڏي ٽڪڙو ٽڪڙو ٻڌايائون: يونيورسٽيءَ تي پوليس ڇاپو هنيو آهي. ڪيترن شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. هنن چيو تہ تنهنجي ننڍي ڀاءُ مقصود انور نورانيءَ کي بہ گرفتار ڪيو اٿن. مون اها ڳالهہ اندر اچي وزيرن سان ڪئي. تنهن تي هوتي يڪدم ڪمشنر کي فون ڪئي ۽ هن کان پڇيو تہ: شاگردن کي ڇو گرفتار ڪيو ويو آهي. تنهن تي ڪمشنر ڪيس ٻڌايو تہ "ساگردن حڪومت، صدر ۽ گورنر جي خلاف پمفليٽ لکيا آهن. تنهن ڪري مون کين ڊفينس آف پاڪستان رولز ۾ گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي." تنهن تي هوتيءَ ڪمشنر کي حڪم ڏنو تہ "پمفليٽ ۽ شاگردن کي اسان جي اڳيان آندو وڃي." تنهن تي ڪمشنر ورندي ڏنيس." هي معاملو ڇاڪاڻ تہ هڪومت جي خلاف هو، تنهن ڪري مون گورنر کي فون ڪري هن کي اڳ ۾ ئي خبر ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هن ڪان شاگردن جي گرفتاريءَ جو هڪم بہ وٺي ڇڏيو آهي. هاڻ اءُ اوهان ڏانهن جوابده نہ آهيان. آءٌ شاگرد ۽ پمفليٽ اوهان وٽ پيش ڪرڻ کان قاصر آهيان." تنهن تي هوتيءَ جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. آخوند صاحب ۽ محمد خان اٿي هليا ويا. هوتي بہ ٿوريءَ دير کانپوءِ اٿي ويو. اسين ڪافي دير وزيرن جي انتظار ۾ ويٺا رهياسون. نيٺ هوتي ٻاهر نڪتو ۽ منور ميمڻ، مجيب ۽ يوسف علي مرزا جيڪي اٿي بيٺا هئا. تن کي اڳ وٺي چيائين تہ: "حالات اسان جي وس کان ٻاهر ٿي ويا آهن." ڪمشنر کي ماءُ تي گار ڏيئي چيائين تہ: هن صدر ايوب ۽ گورنر موسيٰ سان

رابطو قائم ڪري ڪين شاگردن جي خلاف ڀڙڪائي ڇڏيو آهي." هن وڏيڪ چيو تہ. "مون گورنر سان فون تي ڳالهايو. پر گورنر ڪيس فون تي ڏاڍيون ڇڙٻون ڏنيون آهن ۽ حڪم ڏنو آهي تہ اسين هاڻ واپس هليا اچون ۽ هن ڪمشنر کي پورو اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي تہ جيئن وڻيس تيئن ڪري." هوتيءَ وڌيڪ چيو تہ."ايوب وڏو خراب ماڻهو آهي. هو هاڻ اسان جي ڪابہ ڳالهہ نہ مڃيندو. اسين هن جا نوڪر آهيون ۽ هن جي هر حڪم جي بجا آوري ڪرڻ لاءِ پابند آهيون. تنهن ڪري منهنجي صلاح آهي تہ سڀاڻي ڪوبہ جلسو جلوس نہ ڪڍجو. نہ تہ معصوم شاگردن جو خون اوهان جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو. ڪمشنر ڇتو ٿيو وينو آهي. هاڻ گولي هلائڻ کا بہ نہ گسندو. هن جي مٿي تي خون سوار ٿي ويو آهي." هن چيو تہ. "سڀاڻي کان يونيورسٽي بہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ بند ڪئي پئي وڃي. هاڻ اوهان هتان کسڪي وڃو. ڀڄي وڃو." ائين چئي هوتي اندر هليو ويو.

تنهن تي مجيب چيو. "ڇا بہ ٿي وڃي اسين سڀاڻي جلسو ڪنداسين." مان رت ڏيندم. مرندم. فنا ٿيندم. پر جلسو ڪندم." هن منيون ڀڪوڙيندي ۽ پولار ۾ گهوريندي چيو. منور ۽ يوسف علي مرزا. مجيب جي اها ڳالهہ ٻڌي اتان کسڪڻ ۾ عافيت ۽ خيريت سمجهي.

آءٌ ۽ ڪامل بہ ٻاهر نڪتاسون. ان کان پوءِ هرڪو مايوس ۽ نامراد ٿي ٽڙي پکڙي ويو. سڄو کيل بگڙجي ويو هو. ٿورا گهڻا شاگرد بچيا هئا. اهي بہ گرفتار ٿي ويا هئا ۽ يونيورسٽي بند ٿي وئي هئي منهنجي ۽ مجيب لاءِ مسئلا وڌي ويا هئا.

عمر پٽي وارن ڪنهن طريقي سان يونيورسٽيءَ جي سائيڪلو اسٽائيل مشين هٿ ڪئي. هنن ان گڏ لالا قادر. عبدالڪريم انصاري. سليم سنجراڻي. رحيم سهتو. علي احمد نظاماڻي. سيف الله صديقي. آغا زاهد. رفيق صديقي. مير امداد. يوسف ٽالپر. غلام نبي مغل(سچل ڪاليج وارو). سڪندر پانڌياڻي شامل هئا. شام جو نديم. عنايت ڪشميري. هدايت ۽ جام ساقي بہ اتي پهچي ويا هئا.

شوڪت عباسيءَ مون کي پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو تہ هو رات جو جيئن آفيس ۾ پهتو، تہ هن ميز تي نوان لکيل پمفليٽ پيل ڏٺا. جنهن ۾ ايوب خان، موسيٰ خان ۽ حڪومت کي سخت گاريون ڏنيون ويون هيون ۽ نعرا لکيل هئا ۽ عوام کي حڪومت خلاف ڀڙڪايو ويو هو. هن وينلن کان پڇيو تہ اهي پمفليٽ ڪنهن لکيا آهن. تہ ڪيس ڪير بہ ٻڌائي نہ سگهيو. تہ اهي ڪنهن لکيا هئا. هن کين ٻڌايو تہ. "اهي پمفليٽ ائڪشن ڪميٽيءَ جي موجوده پاليسيءَ جي خلاف آهن." پوءِ هو ۽ يوسف ٽالپر ڪجهہ دير ويهي، ماني کائڻ لاءِ هليا ويا. پوليس ۽ سي آءِ ڊي جو تعداد اڳي کان بہ وڌيڪ يونيورسٽيءَ جي ٻاهران جمع ٿي ويو هو. انهن سڪندر ۽ يوسف کي ڏسي ورتو ۽ انهن کي اک ۾ رکيو.

رفيق صفيءَ مون کي ٻڌايو تہ هو، سڪندر پانڌياڻي ۽ آغا زاهد يونين آفيس ۾ پهتا، تہ يونين آفيس ۾ تيزيءَ سان ڪم هلي رهيو هو. صالح شيخ، عمر پٽي ۽ لالا قادر پمفليٽ ڇپڻ ۾ مصروف هئا. يونيورسٽيءَ جي سائيڪلو اسٽائيل مشين آفيس جو ڪلف ڀڄي هٿ ڪئي وئي هئي. رفيق صفي پمفليٽ پڙهي حيران ٿي ويو ۽ وينلن کان پڇيائين:"هي پمفليٽ ڪنهن لکيا آهن." صلاح شيخ چيس تہ: "اڄي واڪس ويگن وارو ڏيئي ويو آهي." تنهن تي رفيق صفيءَ جو خيال مير امداد ڏانهن ڇڪجي ويو. جيڪو اڄي ويڪس ويگن تي ايندو ويندو هو. رفيق صفيءَ لالا کي سمجهايو تہ "هي پمفليٽ خطرناڪ آهي ۽ سڄي تحريڪ جي ستياناس ڪري ڇڏيندو ۽ ڪمشنر جا هٿ مضبوط ڪندو." پر لالا پنهنجي مخصوص انداز ۾ سگريٽ جو سوٽو هڻي، هڪ اک ٻوٽي سگريٽ جو قلو ڇڻي وڃائي ڇنڊيندي چيو. "سڀ نيڪ آهي." رفيق صفيءَ کي زبردست خطري جو احساس ٿيو. هن آغا زاهد ۽ سڪندر پانڌياڻيءَ کي پاڻ سان ورتو ۽ اتان کسڪي ويو. هن ٻڌايو تہ منهنجو ڀاءُ انور نوراني بہ اتي مون کي ڳولڻ لاءِ آيو هو ۽ منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. صالح شيخ پمفليٽ کي اسٽينسل تي لاٿو ۽ ڇپائي شروع ٿي وئي. ڪي شاگرد لئي ناهڻ ۾ مصروف ٿي ويا. انهن ۾ سيف الله صديقي، رحيم سهتو، سليم سنجراڻي ۽ ٻيا شامل

هئا. پمفليٽ جڏهن ڇپجي ويو، تڏهن سليم سنجراڻي عبدالڪريم انصاري، رحيم سهتو پمفليٽ ۽ لئي ڪٽي يونيورسٽي جي ٻاهران پمفليٽ پٽين تي چنبڙائڻ لڳا. مير امداد پنهنجي ڪار ۾ آيو ۽ سيف الله صديقيءَ کي پاڻ سان گڏ ڪني ويو. هنن شهر جي مختلف حصن ۾ پمفليٽ پٽين تي هنيا. نديم، هدايت ۽ عنايت پمفليٽ ڪٽي تلڪ چاڙهيءَ واري پاسي نڪري ويا. ڄام ساقي اڳ ۾ ئي روانو ٿي ويو هو. انصاري ۽ سليم سنجراڻي وري سيشن ڪورٽ واري پاسي نڪري ويا. فارغ ٿي، موٽي ڏنائون ته هڪ سي آءِ ڊي واري يونيورسٽيءَ جي ٻاهران لڳل پمفليٽ لاٿو ۽ ايس پي آفيس ڏانهن ڀڳو. عبدالڪريم انصاري ٻڌايو ته يونيورسٽيءَ جي ٻاهران وڇ رستي تي فقط هڪ بلب روشن هو جيڪو هوا جي ڪري ڪنهن وڇندڙ گهنڊ وانگر لڏي رهيو هو. ان جهڪي روشنيءَ ۽ ماڻ جي ڪري، وايو منڊل ڏاڍو خوفنائتو ٿي ويو هو. واحد ٻرندڙ بلب جي لُڏڻ جي ڪري، ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄي يونيورسٽي لُڏي رهي آهي. يونيورسٽيءَ جي اندر بهرحال هڪ تمام هلڪي روشنيءَ وارو بلب ٻه ٻري رهيو هو، جنهن جي روشني هڪٻئي کي سڃاڻڻ لاءِ ناڪافي هئي. ان روشنيءَ ۾ ڪيترا پوليس وارا، رينجرز ۽ سي آءِ ڊي وارا جنن پوتن وانگر بيٺل پي لڳا. ڪريم انصاريءَ کي محسوس ٿيو ته ڪا نه ڪا مصيبت سندن انتظار پئي ڪري. اوڏيءَ مهل مير امداد آيو ۽ سيف الله صديقيءَ کي يونيورسٽي گيٽ تي لاهي پاڻ اڳتي وڌي ويو. جيئن ئي ڪريم انصاري ۽ سليم سنجراڻي گهڙيا. تيئن رحيم سهتي رڙ ڪئي. "لالا، ڀڄي، ڀڄو ڙي، پوليس يونيورسٽيءَ ۾ اندر گهڙندي پئي اچيوَ." ان کان اڳ جو لالا وارا ٻاهر نڪرن، پوليس ڇاپو هڻي ڪڍيو، لالا، عمر ڀڄي، صالح شيخ ۽ آفيس جو پٽيوالو غلام محمد بلوچ تڏي تي ئي پڪڙجي پيا. سيف الله صديقي پوليس وارن جي وچ مان گهٽ هڻي سٽيي مڇيءَ وانگر سندن هٿن مان نڪري ويو. رحيم سهتو پوئتي ڀڳو، ۽ يونيورسٽيءَ جي پوئين دروازي مان تير وانگر نڪري ويو ۽ سڌو شمس سئنيما تي پهتو. گيٽ ڪيپر کي پنج رپيا ڏيئي وڃي سئنيما هال ۾ گهڙيو.

علي احمد نظاماڻي بہ پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو يونيورسٽيءَ جي رهائش گاهہ واري حصي ڏانهن ڊڪندو ويو. پويان ينڊڙ ڪجھہ ڳرن قدمن جي ڪڙڪي هن کي منجهائي ڇڏيو. جيڪو بہ پهريون در هن کي نظر آيو. هو ان تي ٺڪي پيو. "دروازو کوليو. جلدي ڪيو." دبيل دبيل آواز ۾ هن ليلايو. خدا خدا ڪري دروازو کليو. "هن پاسي ويو آهي. ڏسو پڇي نہ وڃي." ڪنهن پري ڪان رڙ ڪئي. علي احمد نظاماڻي گهر مان نڪتل ماڻهوءَ کي وڏيڪ ويجهو ٿي ويو. پر اهو ڪو مهاجر ليڪچرار هو. "ڇا ڳالهہ آهي." هڪ اجنبيءَ کي پنهنجي در تي ناگهاني وقت تي ڏسي ليڪچرار هيسيل آواز ۾ ڊڄندي پڇيو. "مون کي بچايو. خدا جي واسطي مون کي بچايو. پوليس منهنجي پويان آهي." علي احمد منٿ ڪئي. "آءُ ڪو نہ لڪائيندس. پوليس مون کي بہ گرفتار ڪندي." ليڪچرار چيو. علي احمد کيس هڪڙي پاسي ڌڪي زوريءَ اندرگهڙي پيو. پوليس بہ اچي پهتي هئي. "چڱو. نيڪ آهي. سامهون واري ديوار جي دروازي مان نڪري وڃ." هن مجبور ٿي کيس پوئين پٺ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. علي احمد پٺ ڏانهن وڌيو. پر هي ڇا ڪو بہ در يا دري پٺ ۾ ڪانہ هئي. علي احمد پٺ تي تيزيءَ سان هٿ ڦيرائڻ لڳو. ڇا ڪو خفيہ دروازو آهي. هن سوچيو. ليڪچرار در بند ڪري اچا مڙيوئي ڪونہ هو تہ سندس دروازي تي زور زور سان ٺڪ ٺڪ ٿي. "دروازو کوليو." ڪنهن تمام کهري لهجي ۾ چيو. ليڪچرار هيسجي هڪدم در کولي ڇڏيو. سامهون پوليس وارا بيٺا هئا. "هتي هڪدم ڪو شاگردن اندر گهڙي آيو آهي؟" انهن مان هڪڙي تکي آواز ۾ پڇيو. "نہ هتي ڪوبہ ڪونہ آيو." ليڪچرار گهبرايل آواز ۾ ڏڪندي چيو. "ڏس اگر تو سچ نہ ٻڌايو تہ اسين توکي بہ اندر ڪنداسين. ٻڌاءِ. ڪو اندر آيو آهي." "ها آيو آيو" "ڪٿي آهي؟" "هو آهي" هن پٺ ڏانهن هٿ ڪنيو. علي احمد نظاماڻي پٺ کي ڪنهن ڪرڙيءَ وانگر چنبڙي پيو. پوليس وارا هن ڏانهن وريا. علي احمد پاڻ اڳتي وڌي آيو. لڪڻ مان هاڻ ڪوبہ فائدو ڪونہ هو. کيس هٿڪڙيون هڻي گرفتار ڪيو ويو.

عبدالڪريم انصاري بہ يونيورسٽيءَ جي پٺئين پاسي ڏانهن ڀڳو. ڦرهائين هن سوچيو تہ پوئين دروازي کان نڪري وڃي. پوءِ اهو سوچي تہ متان اُن پاسي بہ گهيرو ٿي ويو هجي، هو بہ رهائشگاهن وٽ منجهي بيهي رهيو. انوقت اتفاق سان مسٽر عبدالواحد هاليپوٽو اسلامڪ ڪلچر جو پروفيسر ۽ سندس اهليہ ڪتان موٽيا هئا. سندس گاڏيءَ جي روشني ڏسي ڦرهائين تہ انصاري گهٻرائجي ويو. پر پوءِ جڏهن هن هاليپوٽي صاحب کي ڏٺو تہ ساهہ پيس. هاليپوٽي صاحب هن کي چيو تہ: کيس سندس گاڏيءَ ۾ وٺي يونيورسٽيءَ کان ٻاهر ڇڏي اچي. يا سندس ڀاءُ لطيف انصاريءَ کي فون ڪري تہ هو کيس اتان وٺي وڃي. تنهن تي هاليپوٽي صاحب چيس تہ "ٻئي ڳالهيون ناممڪن آهن." بهرحال صبح جو چئين لڳي تائين هاليپوٽي صاحب کيس پاڻ وٽ لڪائي رکيو. جانهن بہ پياري ۽ همت بہ وڌاسائينس. صبح جو چئين لڳي انصاريءَ کي ٻڌايو ويو تہ پوليس پوئين دروازي کان هٽي وئي آهي. انصاري اتان نڪري ويو.

اسان جو خزانچي سليم سنجراڻي بہ يونيورسٽيءَ جي پوئين پاسي ڏانهن ڊڪيو. هن وٽ چندي جا سوين رپيا موجود هئا. کيس اهو سوسو ٿيو، تہ جيڪڏهن هو پوليس جي ور چڙهيو، تہ پوليس هن کان پئسا بہ ڦري وٺندي ۽ کيس گرفتار بہ ڪري ويندي. پڇندي هن کي ڪابي پاسي هڪ اونداهي ۽ سوڙهي گهٽي نظر آئي. هو ان گهٽيءَ ۾ اڳتي ڏوڪيندو ويو. پر: اف! هي ڇا؟ ايڏي ڏپ! هن سوچيو. سندس مٿو ڏپ کان ڦاٽڻ لڳو. شايد تڪڙ ۾ هو يونيورسٽيءَ جي ڪاڪوس ۾ گهڙي آيو هو. سنجراڻي اڳتي وڌڻ کان بچڻ لڳو. متان اڳتي وڌڻ جي ڪري ڊوٺ جي ڪنهن ڍير ۾ غرق نہ ٿي وڃي. اونده ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. ڦرهائين گندگيءَ جي ڏپ ايڏو تہ تنگ ڪيس، جو دل ۾ آيس تہ ٻاهر نڪري پئي، پوءِ ڀل گرفتار ٿي وڃي. پر پوءِ جلد ئي هو بدبوءِ جو عادي ٿي ويو. پوليس جڏهن رائونڊ ڪري وئي هلي. تہ هو اتان نڪتو. مين گيٽ ڏانهن ڪونہ ويو، اتي وليس وارن جا اڃ لڪا پاڇا نظر آيا پي. يونيورسٽيءَ جي پويان آيو تہ کيس مسٽر محمد عمر ميمڻ صاحب ۽ مسٽر

حسن پنو مليا. انڌي کي چا کپي! ٻہ اکيون! سنجراڻي چيو تہ:"مون وٽ شاگردن جو گڏ ڪيل چندو آهي ۽ پوليس منهنجي پويان آهي. مون کي بچايو." عمر صاحب وارا ڪيس رجسٽرار محمد حسين صاحب وٽ وني آيا. جيڪو ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هو ۽ مائڪرو بس جو انتظار ڪري رهيو هو. رجسٽرار صاحب معذوري ڏيکاري چيو تہ "آءٌ توکي بچائڻ يا پناهہ ڏيڻ کان مجبور آهيان." تنهن تي مسٽر عمر ميمڻ ۽ حسن پني صاحب، سنجراڻيءَ کي آٿت ڏيندي چيو، "بابا، پرواهہ نہ ڪر، توکي اسين حفاظت سان يونيورسٽيءَ جي ٻاهران پهچائينداسين." پني صاحب يونيورسٽيءَ جي چوڪيدار کي گهرايو ۽ کيس چيو تہ: پنهنجو هڪڙو وڳو کڻي اچي. چوڪيدار ڊوڙي وڳو کڻي آيو. سنجراڻيءَ پنهنجو وڳو لاهي چوڪيدار وارو وڳو پاتو. چوڪيدار جي وڳي ۾ هو بلڪل چوڪيدار ٿي لڳو. هن پنهنجي عينڪ لاهي کيسي ۾ وڌي. پني ۽ ميمڻ صاحب هن کي وچ ۾ ڪيو. سنجراڻيءَ کي ٿورو سست ڏسي، پني صاحب کيس واري آٿت ڏياريو. "فڪر چو ٿو ڪرين. اسان جي نوڪري پلي هلي وڃي پر اسين توکي حفاظت سان ٻاهر پهچائينداسين." ٻنهي پنهنجي واعدي مطابق کيس يونيورسٽيءَ جي ننڍي دروازي کان ٻاهر ڪڍيو ۽ سلطان هوٽل تائين پهچائڻ آيا. سليم سندن شڪريو ادا ڪيو ۽ رڪشا وني ڪنهن دوست جي گهر روانو ٿي ويو. ٻئي ڏينهن پوليس جو ڊي ايس پي رڙيون ڪندو رهجي ويو: "اڙي سليم هزارين رپيا کڻي پڄي ويو، هاڻ الائي ڪيترا پمفليٽ نڪرندا."

رجسٽرار محمد حسين، مسٽر غلام قادر عيساڻيءَ (جيڪو ان وقت سندس ماتحت هو) کي موڪليو تہ ڪن استادن کي اطلاع ڪري اچي تہ ڄامشوري هلڻو آهي. عيساڻي صاحب ڪجهہ استادن جا در کڙڪائي، هڪ ٻئي در ڏانهن وڌيو، تہ هن کي پوليس اونداهہ مان نڪري وڪوڙي وئي. پوليس سمجهيو تہ هي بہ شايد ڪو شاگرد آهي. جيڪو لڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن گهڻوئي سمجهاين: تہ هو شاگرد ڪونهي. پري پوليس نہ مڙي. سندس دانهن تي رجسٽرار معاملي کي سمجهڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ هو بہ گهيري ۾ اچي ويو. انهن ٻنهي کي گرفتار ڪري ايڊيشنل ايس پي انور گيلاني جي

اڳيان پيش ڪيو ويو. جنهن سندن ڳالهه ٻڌي، ڪين ايس پي اعظم جي اڳيان پيش ڪيو. جنهن انهن ٻنهي کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

ستار بارڪزئي ان وقت اتفاق سان يونيورسٽيءَ وٽان لنگهيو. ڪيس خيال ٿيو تہ وڃي يونيورسٽيءَ جو حال احوال ونجي. هو هونڊا تي سوار هو. اجا گيٽ جي اندر داخل ئي مس ٿيو، تہ ڪيس هونڊا سميت گرفتار ڪيو ويو.

منهنجو والد محترم علي محمد نوراني ۽ منهنجا ٻہ ڀائر مقصود انور نوراني ۽ بشير احمد نوراني مون کي ڳولڻ ۽ حال احوال وٺڻ لاءِ يونيورسٽي پهتا. انور نوراني ڪار مان لهي يونيورسٽيءَ جي اندر داخل ٿيو تہ ويهارو کن پوليس وارا وڪوڙي ويس. مڙس سگهارو هو، سٽ ڏئي، پاڻ ڇڏائي ويو. پوءِ ڪيس ايترا تہ ڏنڊا هنيائون، جو هو ساڻو ٿي پيو. نيٺ چيائين، "بس ڪريو. ماريوم نہ. آءٌ پاڻهي هلان ٿو." هن کي ڊي ايس پي هالا ڪرم الاهيءَ وٽ وٺي آيا. انور، ڪرم الاهيءَ کي چيو، "مون کي هنن ناحق گرفتار ڪيو آهي ۽ ماريو آهي." ڪرم الاهي پڇيس، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" انور نوراني" تنهن تي ڪرم الاهيءَ چيس، "نيڪ آهي اسان کي نوراني گهرجي. پوءِ اهو مسعود نوراني هجي يا انور نوراني." ۽ پوءِ کيس هٿڪڙيون ڪٽي وڌائون.ٌوالد صاحب اهو سڄو لقاءُ ڏٺو. تنهن ڪري اندر اچي ڪرم الاهيءَ کي گهڻو ئي سمجهايائين.

ڪرم الاهي سندس واقف هو. پر انهيءَ وقت طوطي وانگر اکيون مٽائي ويو. هن والد کي اهو چيو تہ: جيڪڏهن هن وقت هو پاڻ بہ خاموش هليو نہ ويو تہ کيس بہ گرفتار ڪبو.

رات جو سڪندر عباسي جڏهن يونيورسٽيءَ جو چڪر هڻڻ آيو، تہ هن ڏٺو، يونيورسٽي پوليس جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي. هو اتان چپ چاپ هليو آيو.

رفيق صفي ۽ آغا زاهد يونيورسٽي پرسان سڪندر پانڌيائيءَ جي گهران ماني کائي ٻاهر نڪتا، تہ هنن کي خلاف معمول ڪجهہ وڌيڪ تاريڪي محسوس ٿي. غور ڪرڻ تي معلوم ٿين تہ رستي جي وچ ۾ تارن ۾ لٽڪيل

بلب بہ وساميو پيو هو. هنن کي کھڙي خبر تہ پوليس وارن پنهنجن گناهن کي تاريڪيءَ جي غلاف ۾ لڪائڻ لاءِ. اهو واحد بلب بہ پجي ڇڏيو آهي.

آغا زاهد پناٽڪي انداز ۾ رفيق کي نونٽ هٽندي چيو، "هلو تہ اندر هلي ڏسون تہ ڇا ڳالهہ آهي ۽ ايتري خاموشي ڇو آهي؟" پر رفيق صفي سياڻو هو، معاملي کي تاڙي ويو.چيائين. "اندر گھڙندين تہ مرندين. ڏسين ڪونہ ٿو تہ گيٽ تي پوليس ويٺي آهي. شايد سڀ گرفتار ٿي ويا. هلو تہ هلي ائڪشن ڪميٽي وارن کي چاڻ ڪريون." ان کان پوءِ ئي رفيق وارا سرڪٽ هائوس آيا ۽ اچي مون کي سچي حقيقت ٻڌايائون. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪري آيو آهيان.

قاضي محمد اعظم (ايم پي اي) پنهنجي گاڏيءَ ۾ يوسف علي مرزا ۽ منور ميمڻ کي لفٽ ڏيئي شهر وٺي پي آيو. يوسف مرزا جي جيئن تہ قاضي صاحب سان مائٽي هئي، تنهن ڪري هو قاضي صاحب کي "چاچا" ڪري سڏيندو هو. منور بہ ان ڪري کيس چاچا چوندو هو. گاڏي جڏهن يونيورسٽيءَ وٽ پهتي، تہ گاڏيءَ جون هيڊ لائيٽس ڪجهہ پوليس وارن تي پيون. جيڪي گاڏي روڪڻ جو اشارو ڪري رهيا هئا. قاضي صاحب جو پير بي اختيار بريڪ تي پئجي ويو. گاڏي ڇا بيٺي، ڄڻ هنن مٿان قيامت ٽٽي پئي. هڪ پوليس واري ڪار جو پويون دروازو کوليو. اندر هٿ وڌو تہ منور ميمڻ جي ٻانهن هٿ ۾ اچي ويس. ڇڪي ڪيائينس ٻاهر. پوءِ تہ منور جو قيمو ٺهجي ويو. سندس مخصوص ٻانهن مان ڪنهن کيس سڃاڻي ورتو. هو کيس اٿلائي پٿلائي مارڻ لڳا. "چاچا! چاچا! مون کي هنن ظالمن کان بچايو چاچا!" منور پوري قوت سان رڙيون ڪرڻ لڳو. قاضي صاحب جيڪو اجا ڳالهہ کي سمجهي نہ سگهيو هو ۽ مبهوت ٿيو هڪ ڀيانڪ بربريت جو ڀرپور مظاهرو ڏسي رهيو هو. تنهن کي منور جي رڙين ڄڻ تہ ننڊ مان جاڳائي ڇڏيو. بيتاب ٿي هن ڪار جو دروازو هڪ ئي جهٽڪي سان کولي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ پوليس وارا کيس بہ چنبڙي ويا. ڪيترن جو لٺيون اپيون ٿيون. ڪيترن پوليس وارن تہ پنهنجي حيوانيت جي جذبي جي تسڪين لاءِ ڪار تي لوهي سيخن واريون لٺيون وهائي

ڪديون. "خبردار. آءٌ قاضي اعظم ايم پي اي آهيان. آءٌ اوهان جي شڪايت صدر ايوب سان ڪندس." قاضي اعظم هنن کي ڌمڪي ڏني. هڪ پوليس انسپيڪٽر اڳتي وڌي آيو. "ترسو، ترسو!" انسپيڪٽر چيو. اپيون ٽيل لنيون جهڪي ويون. قاضي اڳتي وڌي منور جي چوڌاري قائم ڪيل. پوليس حلقي کي ٽوڙي اڳتي وڌيو. هن ڏٺو تہ منور ميمڻ پٽ تي ڪري پيو هو ۽ پاٽيءَ مان نڪتل ڪنهن مڇيءَ وانگر ڦٿڪي رهيو هو. قاضي اعظم جهڪيو ۽ منور کي سهارو ڏيئي کڙو ڪيائين. قاضي اعظم منور کي وٺي ڪار ڏانهن وڌيو. پر پوليس وارن وڃڻ نہ ڏنس. گهڻو ئي بحث مباحثو ٿيو. پر هنن قاضي اعظم کي نہ ڇڏيو ۽ اهو بہ چيائونس تہ "اسين توهان کي وڃڻ نہ ڏينداسين. جيستائين اسان جو صاحب اوهان کي وڃڻ نہ ڏي." پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ قاضي محمد اعظم" ايس پيءَ" جو حڪم آهي تہ جيڪو بہ يونيورسٽيءَ وٽان لنگهي. تنهن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ پوءِ پل کٽي هو ڪير بہ هجي." "چڱو هلو. مون کي منهنجي صاحب وٽ وٺي هلو." قاضي صاحب ناراضگيءَ سان چيو.

پوليس جي جميعت ۾ هو ايس پيءَ جي آفيس ڏانهن وڌيا. ڪجهہ پوليس وارا ڪار ڏانهن آيا ۽ يوسف مرزا کي وينل ڏسي ڪار جو دروازو کولي ڪيس زوريءَ ٻاهر گهلڻ لاءِ زور لڳائڻ لڳا. "مون کي هٿ نہ لڳايو. آءٌ پاڻهين ٿو هلان." يوسف مرزا چيو. پوليس وارن جي گرفت ڍري ٿي وئي. يوسف مرزا ٽڪڙو ٽڪڙو هلي قاضي اعظم وارن سان وڃي مليو. آفيس ۾ اندر پهتا تہ پوليس آفيسرن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي. قاضي اعظم ايس پيءَ ڏانهن حقارت سان نهاريندي، ڪنهن نانگ وانگر شوڪاريندي چيو، "شرم ڪيو، شرم. ظالمو، هي سڀ ڇا آهي؟" خارن ۾ هن هٿ جو ڦيرايو تہ وڃي ميز تي پيل ڪاغذن جي ٿري کي لڳو. جيڪا نڪاءَ سان پٽ وڃي پئي. ان ۾ پيل سڀ ڪاغذ ٽڙي پکڙي ويا. "گرم ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي قاضي صاحب. هنن ٻنهي جا اسان وٽ وارنٽ آهن." قاضي اعظم ايس پيءَ ميز جي خاني مان وارنٽ ڪڍي قاضي اعظم ايم پي اي کي ڏيکاريو. هو ٿورو ڍرو ٿي ويو. "بهرحال هي مونسان گڏ آيا آهن. سياڻ ماڻهو مون تي اڳريون کڻندا. تہ مون هنن کي گرفتار

ڪرايو آهي. هنن جي باري ۾ اوهان کي غلط فهمي بہ ٿي آهي، اوهان هنن کي ڇڏيو. آءٌ هنن جي ضمانت ڏيان ٿو." مطلب تہ ڪافي بحث کان پوءِ قاضي اعظم صاحب منور ۽ يوسف کي في الحال ڇڏائي آيو. اها ڳالهہ بہ آهي، تہ ساڳيءَ رات جو منور کي سندس گهران گرفتار ڪيو ويو. باقي يوسف علي مرزا ڪجهہ ڏينهن لاءِ زمين دوز ٿي ويو. پوءِ سندس وارنٽ وائيس چانسلر جي خاطريءَ تي واپس ورتو ويو.

هڪ شاگردن شجاع پنهور ۽ ريڊيو پاڪستان جو هڪ ٽائيپسٽ عبدالله بخاري ڪنهن دوست کي ڳولڻ خاطر يونيورسٽيءَ وٽان لنگهيا، تہ پوليس جي اوڙاهہ ۾ ڦاسي پيا. ڪين هٿڪڙيون پارائي ٻين شاگردن سان گڏ ويهاريو ويو. بہ مهاجر فهيم ۽ هڪ ٻيو جيڪي گهران رات جي ماني کائي، ماني هضم ڪرڻ لاءِ ٻاهر پسار تي نڪتا هئا. جڏهن اهي يونيورسٽيءَ جي گيٽ جي ٻاهران پهتا، تہ پڪڙجي پيا. هنن گهٽوئي ٻاڏايو تہ "انسپيڪٽر صاحب اسين تہ ماني هضم ڪرڻ لاءِ نڪتا هئاسين. اسان کي ڇو گرفتار ڪيو اٿوَ؟" پر ڪير ٿو ٻڌي. انسپيڪٽر ٺوڪ هڻندي چين، "اسان سان گڏ هلندا تہ کاڌو چڱي طرح هضم ٿي ويندوَ." گرفتار ٿيلن کي ايس پيءَ جي آفيس جي ٻاهران هٿڪڙيون لڳائي قطار ۾ ويهاريندا ويا. مزي جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ جڏهن بہ ڪو نئون آفيسر گرفتار ٿي آيو ٿي، تہ ان کان اڳ گرفتار ٿيلن اهو چئي "اچو اچو، اوهان جو ئي انتظار هو!" يا "ڀلي ڪري آيا" چئي سندن آڌرڀاءُ ٿي ڪيو.

سيني کي هٿڪڙيون لڳل هيون. بہ ماڻهو هڪ هٿڪڙيءَ جي حساب سان ٻڌا ويا. هڪڙو صوبيدار جنهن جو نالو علي محمد لنڊ هو، لسٽ کڻي آيو. چيائين "جنهن جو نالو وٺان، هٿ مٿي ڪري يا سڏ ڏي." ڪارروائي مڪمل ڪري سيني کي هڪ پوليس وين ۾ ويهاريو ويو. وٺن ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن رواني ٿي وئي. پهريائين لالا قادر وارن سمجهيو تہ شايد ڪين سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪندا. پر ائين نہ ٿيو. وٺن هلندي رهي.

نفسياتي طرح هنن شروع ۾ ڪجهہ اڻ ڇاتل خوف ۽ پريشاني محسوس ڪئي. پر جيئن جيئن وٺن اڳتي وڌندي ٿي وئي. تيئن تيئن سندن

ڇهري جي ڇڪ نرميءَ ۽ مرڪ ۾ تبديل ٿيڻ لڳي. هو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳا. اول جهيٽي آواز ۾، پر پوءِ وڏي واڪي. ڪڏهن ڪڏهن ٿهڪن جو آواز به اچڻ لڳو هو. وٽن ۾ ڀرپور زندگي موٽي آئي. مار ڪٽ، لاٺي چارج، گرفتاري، مائٽن ۽ دوستن کان دوريءَ جو احساس ۽ آئيندي جو فڪر سندن ذهنن جي پوئين حصي ۾ سمهي رهيو هو. هو هڪ ٻئي سان چرچا پوڪ ۽ ٺٺوليون به ڪرڻ لڳا. ڪن دوستن سگريٽ ۽ ٻيڙيون به دکايون. پر انهن ٻن مهاجرن جي حالت ڏاڍي خراب هئي، جيڪي ماني هضم ڪرڻ لاءِ نڪتا هئا. پر نياڳ جو گرهه ٻنجي ويا هئا. سندن منهن سسيل، پيلا ۽ روئٽهارڪا هئا. لالا قادر سندن زخمن تي لوڻ ٻرڪي رهيو هو. چي، "ادا، ماني ته هضم ٿي وئي هوندي هاڻ!" ستار بارڪزئي، انور نوراني، عبدالله شاهه بخاري، شجاع پنيري ۽ غلام محمد پنيوالي تي به چٽرون ٿينديون رهيون. جيڪي ويچارا بيگناهه ٻڌجي ويا هئا.

قيدين کي پهريائين شهدادپور پوليس ٽريننگ اسڪول ۾ رکيو ويو. شام جو کين ٽنڊوالهيار لاڪپ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. صوبيدار علي محمد لنڊ هنن سان سني هلت ڪئي ۽ سگريٽ وغيره ڏنا. سندن رات لاڪپ ۾ مڇر ۽ منگهڻ مارينديءَ گذري.

حيدرآباد ۾ 7 مارچ جي صبح جو پوليس جون ٽي پريل وئنون (گاڏيون) يوسف ٽالپر جي گهر پهچي ويون. هڪ صوبيدار وٽن مان لهي در کڙڪايو. يوسف ٻاهر نڪري آيو. کيس گرفتار ڪيو ويو. يوسف وئن ۾ چڙهڻ مهل چيو، "سنڌ لاءِ جان به قربان آهي، هلو ڪيڏانهن ٿا هلو."

اڳئين ڏينهن صبح جي وقت جام ساقي بخارا هوٽل ۾ ماني کائڻ ويو. ماني کائيندي کيس محسوس ٿيو ته ڪير کيس گهوري رهيو آهي. هن ماني کائيندي ڪنڌ ورائي ڏٺو. واقعي به اڻ واقف شخص هن ڏانهن ڪينه پرور نگاهن سان تڪي رهيا هئا. پوءِ هڪڙو ٻاهر اٿي ويو ۽ ڪجهه دير کانپوءِ پوليس جام جي ميز کي گهيري ورتو ۽ جام کي گرفتار ڪري وٺي وئي. جام کي ڊي آءِ جي آفيس ۾ آندو ويو. ٿوري دير کانپوءِ يوسف ٽالپر کي به اٽي ٺي وٺي آيا. جام نٺرت منجهان منهن ڦيري ورتو. پر پوءِ پتو پيو ته يوسف تي به

ڪمشنر جو عتاب نازل ٿيو آهي. تنهن ڇا مر ڊرو ٿيو. اها وٺن سينٽرل جيل حيدرآباد پهتي. اتان يوسف لغاريءَ کي بہ جيل مان ڪڍي ساڳيءَ وٺن ۾ چاڙهيو ويو ۽ پوءِ وٺن نارا جيل پهتي. ناري جيل پهتا تہ ڪجهہ دير ڪانپوءِ نواز علي پنو بہ پهچي ويو. نارا جيل ۾ ڪجهہ ڏينهن رکي کين سنيٽرل جيل حيدرآباد اماڻيائون.

آءٌ ستين مارچ جي صبح جو باقي رهيل ڪونٽرن سان ملڻ ۽ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ حالات پٽاندر ڪو پروگرام ناهڻ لاءِ يونيورسٽي ڏانهن پئي آيس. تہ علي اڪبر بروهي واٽ تي مليو. هن ٻڌايو تہ يونيورسٽيءَ ۾ هاڻ رڳو پوليس بيٺي آهي ۽ اوڏانهن وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. هن ٻڌايو تہ مجيب ۽ رفيق صفيءَ وارا قبل از گرفتاري ضمانت ڪٽائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ڏانهن ويل آهن. آءٌ بہ سيشن ڪورٽ ڏانهن ويس. جتي مجيب ۽ رفيق صفي مليا. اسان ڏٺو تہ ڪجهہ مشڪوڪ قسم جا ماڻهو جيڪي اسان کي سي آءِ ڊي جا پي لڳا. ڪورٽ ۾ گهڙي آيا. هنن اسان کي پنهنجي نظر ۾ رکيو. اسان جي هڪ هڪ حرڪت تي هنن جي نگاهہ هئي. پر بهرحال اسان کي پڪ هئي تہ ڪورٽ ۾ گرفتار ڪونہ ڪيندا سون. جو اسان کي خبر هئي تہ ڪورٽ ۾ ڪنهن بہ ڏوهاريءَ کي پوليس گرفتار نٿي ڪري سگهي. اجا اسين ٽيئي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري رهيا هئاسون تہ ڇا ڪجي، تہ امان الله عباسي وڪيل ڪورٽ ۾ داخل ٿيو. هن اسان کي سڃاتو ۽ اسان وٽ آيو. هن ٻڌايو تہ اسان تي ڊفينس آف پاڪستان رولز ۾ وارنٽ نڪتل آهن. تنهن ڪري سيشن مان ضمانت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مون مجيب سان صلاح ڪئي تہ پنهنجو پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪجي يا نڪري هلجي ۽ ڪجهہ ڏينهن زير زمين ٿي وڃجي. نيٺ پوئينءَ ڳالهہ تي متفق ٿياسون. ڇو جو اسان سوچيو تہ جيل کان ٻاهر رهي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهبو. سي آءِ ڊي وارن شايد اسان جي ارادن کي تاڙي ورتو. ڪجهہ سي آءِ ڊي وارا جيڪي سادن ڪپڙن ۾ هئا. ڪورٽ کان ٻاهر هليا ويا. شايد پوليس جو بندوبست ڪرڻ ويا هئا. هڪ سي آءِ ڊي وارو وري بہ ڪورٽ ۾ موجود هو. ڪورٽ مان نڪرڻ جا ٽي رستا هئا. اسان وڏي دروازي

ڪي ڇڏي. پاسن وارن دروازن کي منتخب ڪيو. رفيق صفيءَ هڪڙي دروازي کان گوهي ڏني، آءٌ ۽ مجيب بئي دروازي مان نڪري وياسين. سي آءِ ڊيءَ وارو منهنجي پيو. ڪنهن جي پويان وڃي! نيٺ هن رفيق صفيءَ کي درگذر ڪري اسان جو پيڇو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ايتريءَ دير ۾ اسين ڪورٽ جي ٻاهرئين احاطي جي ننڍيءَ ديوار تائين پهچي وياسين. ڪجهه شاگرد اسان کي سهڪندو ڏسي اسان ڏانهن وڌيا. مون انهن کي پري کان رڙ ڪري چيو: سي آءِ ڊي وارن جي خبر لهو. اها ڳالهه ٻڌي سي آءِ ڊي واري کي اڳتي وڌڻ جي همت ڪانه ٿي. مجيب ۽ آءٌ ٻرانگهه ورائي ننڍڙي پٽ ٽپي وياسين. آءٌ ٻاهمبي بيڪري واري پاسي ڏانهن وڌيس ته مجيب ٽڏي سڙڪ ڏانهن ڊوڙيو. مون پنهنجي پويان ڪئين ڊڪندڙ قدمن جو آواز ٻڌو. مڙي ڏٺم ته قربان پنوهر ۽ اشفاق ميمڻ هئا. انهن ٻنهي منهنجو سنو سات ڏنو. ڪوٽڙي اسٽيشن تائين مونسان گڏ آيا. اشفاق وجي ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ وني آيو. ڇو جو مون ڪراچيءَ وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. مجيب ڪورٽ جي پٽ ٽپڻ مهل مون کي چيو هو ته: آءٌ هن سان ڪراچيءَ ۾ سندس بنگلي تي ملان. جتي آئينده لاءِ سٽا رٿي ويندي.

آءٌ انهن وڪيلن جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو جن قانوني محاذ تي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي شاگردن جي مدد ڪئي ۽ پاڻ ملهايو. حقيقت ۾ اهي وڪيل به 4 مارچ جي سورمن ۾ شامل ٿين ٿا. ڇو جو شاگرد گهٽائي ۾ هئا ۽ انهن کي هڪ ٻئي جو سهارو ۽ آٿت هو. پر انهن چند آگرين تي ڳڻڻ جيترن وڪيلن کي، ايوب شاهيءَ جي عروج جي زماني ۾، سندن ڏيکاريل ۽ ڪيل استقلال ۽ قربانين کي وسارڻ هڪ عظيم گناهه ٿيندو. هنن واقعي 4 مارچ ۾ هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هو.

5 مارچ 1967 جي صبح جو مرحوم محمد ميمڻ وڪيل (شل هن تي هميشه رحمت وسي) حيدرآباد بار روم ۾ گهڙي آيو. سندس مُنيون پڪوڙيل هيون. هن جي ڇڙهيل ساهه ۽ اکين جي ڳاڙهاڻ مان ظاهر هو ته هو تمام غصي ۽ جوش جي حالت ۾ آهي. پر بار روم ۾ ويٺل بيا وڪيل سندس حالت کان بي

خبر حسب معمول ڪچهريءَ ۾ مشغول هئا. محمد ميمڻ بار روم جي وچ ۾ اچي بيٺو.

"اسان جي ٻچن کي ماريو اٿن." هن پوريءَ قوت سان دانهن ڪندي چيو. بار روم ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ڪنيل ڪوپ وجي ساسرن سان لڳا. سيني جو ڏيان محمد ميمڻ مرحوم ڏانهن ڇڪجي ويو. "اسان جي ٻچن کي ڪٽيو اٿن." محمد ميمڻ وري ورجايو. هن دفعي سندس آواز ۾ ڪجهه وڌيڪ تڙپ هئي. هو پويان مڙيو ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون مٿي ڪندي دردناڪ آواز ۾ ٽيون دفعو چيائين، "اسان جي ٻچن کي ماريو اٿن." ائين چئي هو ٻئي هٿ منهن تي رکي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. سندس سڏڪا بار روم جي فضا ۾ پکڙجي ويا. وڪيل ڪيس وڪوڙي ويا. "ڇا ڳالهه آهي؟ ڇا ٿيو؟ ڪنهن اسان جي ٻچن کي ماريو آهي؟" هر طرف کان تجسس آميز سوالن جي بارش ٿيڻ لڳي. اوچتو محمد ميمڻ پنهنجو ڳوڙهن ۾ پڳل چهرو مٿي ڪيو ۽ خلا ۾ نهاريندي، پرعزم نموني ۾ چيائين، "اسان جي گهر ۾ اچي اسان جي ٻچن کي ماريو اٿن. اسين سندن مقابلو ڪنداسين." سندس چهري جا گهنج ڪجهه وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا.

مرحوم محمد ميمڻ وڪيلن کي سچي حقيقت ٻڌائي ته ڪيئن نه ڪمشنر شاگردن سان قهر ڪري ڇڏيا آهن. چون ٿا ته ڳالهه ٻڌي اٽڪل 107 وڪيلن جو هڪ ڪٺ سيشن ڪورٽ ۾ ڪاهي پيو. شاگردن جي ضمانت تي رهائيءَ لاءِ جن وڪيلن ضمانت جي درخواست تي صحيح ڪئي. تن مان مرحوم محمد ميمڻ، رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، امان الله عباسي، غلام حيدر ميمڻ ۽ محمد عثمان ابڙي وڪيلن جا نالا قابل ذڪر آهن. ايف آءِ آر نه هئڻ سبب 7 تاريخ شنوائيءَ لاءِ رکي وئي. محسن عباسي ان وقت حيدرآباد جو ڊي پي پي هو.

ان ساڳئي ڏينهن تي مرحوم محمد ميمڻ جي چوڻ تي امان الله عباسي فرسٽ ايڪسٽرا جوائنٽ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ اويس صاحب جي عدالت ۾ ملٽري اسپتال جي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍڻ جي درخواست

ڏني. اويس صاحب هڪ انصاف پسند دلير جج هو. هن يڪدم تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍيا. اها ڳالهه عام هئي تہ ڪئين شاگرد مارجي ويا آهن ۽ ڪيترن جا لاشا ملٽري اسپتال ۾ پهچايا ويا آهن. اهو ئي سبب هو، جو ان اسپتال جي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍيا ويا هئا. امان الله عباسي ڪجهہ شاگردن کي ساڻ ڪري ملٽري اسپتال ويو. اسپتال وارن کين لکي ڏنو تہ "اسان وٽ نہ تہ ڪو لاش آيو آهي ۽ نہ ئي ڪو شاگرد زخمي ٿي آيو آهي."

7 تاريخ سيشن جج آغا حيدر عليءَ جي ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست تي محمد ميمڻ بحث ڪيو ۽ پنهنجا دلائل پيش ڪيا. 8 تاريخ درخواست جو فيصلو ٿيو. 207 شاگردن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو ويو. شاگردن تي 34 / 307، 149، 147، 148، پ پ ڪ جا قلم لڳل هئا. کين ٽن ڪان وٺي ڏهن هزارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ضمانت جي رقم لکين ريئين تائين پهچي وئي. هاڻ مسئلو اهو اچي پيدا ٿيو، تہ ايترن لکن جي ضمانت ڪٿندو ڪير! شاگردن جا ٽولا پڪڙجي ويا. ڪيترن ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ زميندارن ڏانهن ويا، تہ رڳو هلي ضامن پئو. پر هاءِ ڙي سنڌي وڏيرا، پير ۽ مير! هو ڪن پڪڙي ڇوڻ لڳا، "نہ بابا، اسين انهن جا ضامن ڪيئن ٿا پئجي سگهون، جن سان ايوب خان جي دشمني هجي." اشفاق ميمڻ، مخدوم طالب المولىٰ ڏانهن بہ ويو، پر هن صاحب ملاقات ڪرڻ کا ئي انڪار ڪري ڇڏيو. عبدالحميد جتوئي ايم اين اي، جنهن جو پٽ لياقت جتوئي جيل ۾ هو، اهو پنهنجي پٽ ۽ ڪجهہ بين دوستن جي ضمانت ڪرائي هليو ٿي ويو تہ اشفاق ميمڻ مٿان پهچي ويو. اشفاق ميمڻ هن کي درخواست ڪئي تہ بين جي بہ ضمانت ڪٽي، پر هن صاحب گهٽي دلچسپي ڪانہ ڏيکاري. نيٺ مٿان ڪامل راڄپر پهچي ويو، جنهن جي اپيل تي جتوئي صاحب پنهنجا سڀ ڪاغذ سندس حوالي ڪري ڇڏيا. پر تنهن هوندي بہ فقط ڏهن ساگردن جي ضمانت ٿي سگهي. اهڙي آڏي وقت ۾ محمد عرس سمون (ننڍي ولي محمد وارو) محمد صديق ميمڻ مرحوم (الحجاز گڊز ٽرانسپورٽ وارو) ۽ حاجي نجم الدين سريوال شاگردن لاءِ رحمت جا فرشتا بنجي آيا. محمد عرس سمون صاحب

125 شاگردن جو ضامن پيو. محمد صديق ميمڻ مرحوم 50 ڇٽڻ جو ضامن پيو ۽ باقي رهيل جو ضامن حاجي نجم الدين سريوال پيو. انهن ٽنهي صاحبن کي جس هجي. اهڙي آمرانا دؤر ۾ صاحب جائداد هئڻ جي باوجود، مسرور حسن خان جي مخالفت جي پرواهه نه ڪري شاگردن جو ضامن پوڻ هڪ بي انتها بهادري ۽ حب الوطنيءَ جو ثبوت هو. مرحوم صديق ميمڻ جي باري ۾ چون ٿا ته جڏهن ڪجهه شاگرد هن وٽ پهتا ۽ سڄو حال سربستو ڪري ٻڌايائونس، ته بي اختيار اٿيو ۽ پنهنجي سڄي ملڪيت جا ڪاغذ ڪڍي آڻي ساگردن جي اڳيان رکيائين. "ڪڍو، اهي اٿوَ منهنجي سڄيءَ ملڪيت جا ڪاغذ. جيترا به شاگرد آزاد ٿي سگهن وجي ڪرايو."

ڪاغذي ڪارروائي پوري ڪري جڏهن وڪيل ۽ شاگردن جا مائٽ ۽ دوست سينٽرل جيل تي پهتا ته هڪ ٻي مصيبت درپيش آئي. ڪيترن شاگردن جيل ۾ رجسٽر ۾ پنهنجن والدين جا غلط نالا لکرايا هئا. ڪامل راڄپر ۽ حميد سنڌيءَ ڊُڪ ڊوڙ ڪري اهي نالا صحيح ڪرايا. ان ڏينهن 157 شاگرد آزاد ٿي سگهيا. حميسد سنڌي رات جو دير تائين جيل ۾ ويٺو هو، جڏهن سڀ شاگرد آزاد ٿيا ته پوءِ ٻاهر نڪتو. دير تائين سندن آزاديءَ جو سلسلو جاري رهيو. جيل تي مائٽن، دوستن ۽ ٻين شاگردن جو هڪ لشڪر گڏ ٿي ويو هو. جيئن شاگرد آزاد ٿيندا ٿي ويا سندن عزيز ۽ مائٽ کين پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن وٺي روانا ٿي ٿي ويا. نيٺ ميدان صاف ٿي ويو. ان سبب ڪري شاگردن جو حيدرآبد وارو محاذ ڪمزور ٿي ويو. پر آزاد ٿيل شاگرد جڏهن پنهنجي ڳوٺن ۾ پهتا ۽ اتي ڪچهرين ۾ ايوب شاهيءَ جي تشدد آميز واقعات جو ذڪر ڪيائون، ته چوڌاري ايوب خان جي خلاف نفرت جا مچ ٻري پيا. ماڻهن ۾ سنڌ جي مظلوميت جو احساس جاڳي پيو. اهڙيءَ ريت "جيئي سنڌ جي تحريڪ" جو سلسلو اُڀري پيو.

6 تاريخ تي باقي 50 ڇٽا آزاد ٿي ويا. 11 تاريخ جي "عبرت" ۾ ممتاز ڪاليج خيرپور جي شاگردن طرفان هڪ بيان ڇپيو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته " جيستائين سڀ شاگرد آزاد نه ٿيندا، هو ڪلاسن ۾ نه ويهندا." 12 مارچ تي

وائيس چانسلر جي اپيل اخبارن ۾ شايع ٿي جنهن ۾ شاگردن جي مائٽن کي اپيل ڪئي وئي تہ مائٽ پنهنجي ٻارن کي سمجهائين ۽ کين مظاهرن ڪرڻ کان روڪين. ان وچ ۾ ڪو بہ ماٺهو "پاس" (Pass) کانسواءِ اندر يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿي نٿي سگهيو. ايتريقدر جو استادن کي بہ پاس ڏيکارڻي پوندي هئي.

11 مارچ تي مرحوم محمد ميمڻ وڪيل سيشن ڪورٽ ۾ ڊفينس آف پاڪستان رولز جي فقري 47 ۽ 14 تحت گرفتار ٿيل 14 شاگردن يعني لالا قادر وارن جي ضمانت جي درخواست داخل ڪئي. محسن عباسي ڊي پي پي سرڪار طرفان وڪالت ڪئي. ڪاغذ نامڪمل هئڻ سبب 15 مارچ تي شنوائي رکي وئي. ساڳئي ڏينهن تي اويس صاحب هي عدالت ۾ رسول بخش پليجي. حميد سنڌي، امان الله عباسي، محمد عثمان ابڙي، مرحوم محمد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ شاگرد سڪندر پناڻ طرفان ڪمشنر مسرور حسن خان، علمدار رضا ڊپٽي ڪمشنر، قاضي اعظم ايس پي ۽ ڊي آءِ جي، علي اڪبر عباسي اي ڊي ايم ۽ ڇهہ سؤ پوليس وارن تي پنهنجي اختيارات کان تجاوز ڪرڻ جي الزام ۾ قلم 147، 148، 149، 323، 324، 326 ۽ 377 پ پ ڪ هيٺ سڌو فرياد داخل ڪيو. ڪورٽ سڀوريءَ طرفان 18 تاريخ تي اوائلي جاچ رکي وئي. رات جو علي اڪبر عباسي اي ڊي ايم، اويس صاحب وٽ ويو. اويس صاحب کان اها ڳالهہ نڪري وئي تہ هو مٿين آفيسرن خلاف 18 تاريخ تي وارنٽ ڪڍڻ جو ارادو رکي ٿو. علي اڪبر ڪمشنر وٽ ڊوڙندو ويو ۽ کيس ٻڌايو تہ ڪيئن نہ اويس صاحب سندن خلاف ٻائيتال ٻاري رهيو آهي. ڪمشنر يڪدم گورنر سان رابطو قائم ڪيو ۽ گورنر کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي. گورنر موسيٰ خان حڪم ڪري اويس صاحب کي معطل ڪري ڇڏيو. (اويس صاحب هينئر لائلپور ۾ وڪالت ڪندو آهي. سندس نوڪريءَ جو معاملو اڃا بہ ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي.) حميد سنڌي (ان وقت وڪالت سان گڏ مشهور قومي رسالي :روح رهاڻ" جو ايڊيٽر بہ هو) تنهن زماني ۾ آفتاب آخوند وڪيل وٽ وڪالت ڪندو هو. جون تا تہ جڏهن حميد سنڌي مٿئين ڪيس ۾ وڪالت نامي تي صحيح ڪئي ۽ شاگردن طرفان ڪمشنر جي خلاف ڪيس جي پيروي ڪئي تہ آفتاب آخوند

صاحب کي اها ڳالھہ پسند نہ آئي. هنن جي پاڻ ۾ اٽبٽت ٿي پئي. ان تنازعي سبب هو ٻئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. اهو ساڳيو ڪيس وڪيلن ۽ شاگردن جي عدم توجھيءَ سبب آخرڪار خارج ٿي ويو.

12 مارچ تي شهر جي بزرگن ۽ گرفتار ٿيل شاگردن جي والدين جو گڏيل وفد وائيس چانسلر محمد صالح قريشيءَ سان مليو ۽ هن کي ان وقت جي صورتحال کي سڌارڻ جي گذارش ڪئي. ساڳي وقت هنن وائيس چانسلر کي پنهنجي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريون وفد ۾ قاضي محمد اڪبر، مولانا عبدالقيوم ڪانپوري، سيد ذوالفقار علي شاهہ ڇاموٺ، محمد عمر قريشي، مسٽر رفاقت، سيٺ ڪمال الدين ميمڻ، آغا عبدالنبي، فقير محمد (بسو)، صدر الدين انصاري، عبدالسميع صديقي، نثار آفندي، انجم اجميري ۽ سيد حاذق علي وڪيل شامل هئا. انهن مان رڳو فقير محمد (بسو) جو پٽ منور ميمڻ جيل ۾ هو ۽ آغا عبدالنبيءَ جي فرزند آغا زاهد تي وارنٽ هو. وي سي سان وفد جي ملڻ جي باوجود حالات ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آيو.

ان وچ ۾ حاڪم علي شاهہ بخاري جيڪو ان وقت سنڌ ڪاليج لطيف سوسائٽيءَ ۾ هو، تنهن پنهنجي دوستن سان گڏ هڪ اجتماعي جلوس ڪڍيو. هن کي پوليس وني وڃي سنڌ لاڪپ ۾ رکيو، پر پوءِ جلدي ڇڏي ڏنائونس.

12 مارچ تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ ۾ امداد علي شاهہ ڇاموٺ مرحوم مطالبو ڪيو تہ 4 مارچ واري واقعي جي هاءِ ڪورٽ جي جج کان تحقيقات ڪرائي وڃي. پر ڪائونسل جي چيئرمين علمدار رضا اهو چئي قصو ختم ڪري ڇڏيو تہ "اهو معاملو اڳ ۾ ئي ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي. تنهن ڪري ان تي هينئر بحث نٿو ڪري سگھجي."

15 مارچ تي لالا قادر وارن جي ضمانت جي درخواست تي وري بحث ٿيو. سرڪاري وڪيل محسن عباسيءَ اعتراض اٿاريو تہ ڪورٽ کي ڊفينس آف پاڪستان رولز تحت گرفتار ڪيل شاگردن جو ڪيس هلائڻ جو ڪو اختيار ڪونهي. محمد ميمڻ پنهنجا دلائل پيش ڪندي چيو تہ "ڪورٽ کي ڪيس ٻڌڻ جو اختيار آهي." وري 16 مارچ تي شنوائي رکي وئي.

هڪڙي پاسي لالا قادر ۽ عمر پنيءَ وارن جي ضمانت لاءِ ڪوششون هلي رهيون هيون. ٻئي پاسي مرڪز ڪان لالا قادر وارن ڪان سي آءِ ڊي جو ڪو وڏو آفيسر دائود خان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ آيو هو. هن سان گڏ ان وقت جو ڊي ايس پي هالا ڪرم الاهي چوڌري ۽ ٻيا آفيسر به هئا. اهي آفيسر هر ڪنهن شاگرد ڪان اڪيلائيءَ ۾ ڪئين سوال ڪندا هئا. اڪثر ڪري هر ڪنهن شاگرد کي اهو چوندا هئا ته "تو کان اڳ ۾ جيڪو آيو هو تنهن پنهنجو ڏوهه مڃيو آهي ۽ چيو اٿس ته تون به هن سان شامل هئين. ڇا اهو سچ آهي؟" اهڙي سوال جو مقصد رڳو اهو هو ته شاگرد جوش ۾ اچي اڳلي جي خلاف شاهدي ڏئي وجن. پر عمر پنيءَ وارا سياڻا هئا. هنن پاڻ ۾ عهد ڪري ڇڏيو هو. ته ڇا به ٿي پوي ڪنهن به حالت ۾. ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪيڻداسون.

سي آءِ ڊي وارن جي اها به ڪوشش هوندي هئي ته شاگردن جو واسطو جي ايم سيد سان نڪري پئي، جيئن اتهن کي سوگهي ڪرڻ جو جواز نڪري اچي. ان پڇا ڳاڇا جي دوران هڪ دفعو لالا قادر کي "اڪيلائيءَ جو قيد" ڏنو ويو. هن کي سڄي رات ننڊ ڪرڻ نه ڏني وئي. ڪيس هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو. هڪڙو پوليس وارو سڄي رات سندس مٿي تي سوار رهيو. جڏهن به لالا جهوٽو تي ڪاڏو ته پوليس واري ڪيس ڌونڌاڙي سندس ننڊ ڦٽائي ٿي ڇڏي. صالح شيخ ڪان جڏهن سوال جواب ڪيو ويو ته هو ڪجهه گهبرائجي ويو. سي آءِ ڊي وارن جو دٻاءُ هن تي وڌي ويو. صالح شيخ ۽ يونين آفيس جي پٽيوالي غلام محمد بلوچ کي حيدرآباد ۾ آندو ويو. ٻنهي تي ڪجهه سختي به ڪئي وئي. صالح شيخ نمي ويو. پر پوءِ سندس ساٿين ڪيس سنڀالي ورتو. ٽنڊوالهيار ٽائي جو ايس ايچ او يوسف سڪراٽي هنن کي ڏاڍو ڪم آيو ۽ ڪين وس آهر سهولتون ڏنائين. ٽنڊوالهيار جي شهرين کي جڏهن خبر پئي ته شاگردن کي سندن شهر ۾ آندو ويو آهي. ته هنن ڪين ڪافي سامان موڪلي ڏنو. خاص طرح عبدالله ميمڻ ميڊيڪل اسٽور واري سندن سني خاطر تواضح ڪئي.

18 مارچ تي سيشن ڪورٽ طرفان شاگردن جي ضمانت جي درخواست جو فيصلو 20 مارچ تي رکيو ويو. جيئن جيئن عيد ويجهي ٿيندي ٿي وئي،

تيئن تيئن شاگردن جي مائٽن ۽ شاگرد برادريءَ ۾ تجسس، بي چيني ۽ شاگرن جي آزاديءَ جي خواهش وڌندي ٿي وئي. اخبارن جي آفيس، ايس پي ۽ ڊي سي وغيره آفيسن تي شاگردن جي آزاديءَ جي خوشخبري ٻڌڻ لاءِ دوستن ۽ مائٽن جا انبوهه نظر اچڻ لڳا. ٻاهرين شهرن ۽ علائقن مان فونون به ٿيڻ لڳيون مون به انهن تاريخ ۾ اخباري بيان ڪڍيا ته شاگردن کي عيد کان اڳ آزاد ڪيو وڃي.

20 مارچ تي سيشن ڪورٽ ۾ فجر کان ئي ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا هئا. قيدي شاگردن جا مائٽ، دوست، گهٽگهريا، محب وطن، دوست، اديب، شاعر، شاگرد ۽ وڪيل سڀ اچي مڙيا. صبح جو 9 وڳي تائين ڪورٽ ماڻهن سان ٽمٽار ٿي وئي. هر ڪنهن جي چهري تي انتظار ۽ اميد جا آثار هئا. نيٺ جج صاحب وارد ٿيو. سڀني جون آس ڀريون نظرون جج صاحب تي کپي ويون. دليون زور زور سان ڌڙڪڻ لڳيون. نيٺ جج صاحب پنهنجو فيصلو ٻڌايو: "گرفتار ٿيل شاگردن جي ضمانت جي درخواست ردڪجي ٿي." اهو ٻڌي چوڌاري موت جهڙي خاموشي طاري ٿي وئي. چوڌاري مايوسيءَ جو غلاف چڙهي ويو ۽ منهن سسي ويا. جج صاحب پنهنجي فيصلي ۾ اهو لکيو هو ته "شاگردن تي هن ڏوهن جا الزام آهن سي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار آهن، تنهن ڪري انهن جي ضمانت جي درخواست رد ڪجي ٿي."

ساڳيءَ تاريخ تي هاءِ ڪورٽ ۾ قيدي شاگردن جي ضمانت لاءِ رٽ داخل ڪئي وئي. اها درخواست ڊي پي آر رول 23 توڙي رول 47 ۽ 14 ۾ گرفتار ٿيل شاگردن لاءِ ڏني وئي. اي ڪي بروهي، پيرزادو، عبدالستار، عبدالحفيظ پيرزادو، جناب طفيل علي عبدالرحمان ۽ عزيز الله شيخ وڪيلن اها رٽ داخل ڪئي.

شاگردن جي آزاديءَ لاءِ قانوني چاره جوئي جاري هئي، ته مٿان عيد رات اچي پهتي، آءٌ گرفتاريءَ جو خطرو هوندي به سينٽرل جيل ڏانهن ويس. اهي افواهه هلي رهيا هئا ته شاگردن کي عيد رات آزاد ڪيو ويندو. لالا قادر جا پائر غلام حيدر ۽ شريف، امداد سومرو، يوسف ابڙو ۽ مختيار احمد نوراني، عمر پنيءَ جوو وڏو پاءُ ۽ ٻيا ڪيترا دوست به آزاديءَ جون خبرون ٻڌي جيل تي پهتا

هئا. ڪافي دير تائين آفيسرن ۽ حڪام جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه هلندي رهي. پر آخر ۾ اهو فيصلو ٿيو تہ قيد ٿيلن جي ضمانت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان جي اميد نا اميديءَ ۾ بدلجي وئي ۽ سيني جا ڪنڊ لڙڪي پيا. اسين موٽي آياسين. سنڌ جي وچولي طبقي لاءِ هيءُ پهريون موقعو هو. جو سندن اولاد جي جدائي جو احساس مائٽن کي ڏنگ هڻي رهيو هو. آءٌ بہ پنهنجي ڳوٺ نوابشاهہ ڪونہ ويس. سوچيم جڏهن بيگناهہ ٻائر ۽ دوست جيل ۾ سڙي رهيا آهن. تڏهن مون کي گهر وڃي عيد ملهائڻ ۾ ڪهڙي خوشي حاصل ٿيندي.

عيد جي صبح جو خبر پئي تہ رات جو يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، منور ميمڻ، نواز علي پني ۽ ڄام ساقيءَ کي وائيس چانسلر جي خاطري ڏيڻ تي آزاد ڪيو ويو آهي. مجيب پيرزادي، يوسف علي مرزا ۽ آغا زاهد جا وارنٽ بہ وائيس چانسلر جي خاطريءَ تي واپس ورتا ويا. قيدي شاگردن جي مائٽن ۽ دوستن عيد تي ڪابہ قرباني ڪانہ ڪئي، چيائون: "اسان قوم لاءِ پنهنجا پٽ قربان ڪيا آهن. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي قرباني ڪريون." انهن کي ڪهڙي خبر تہ اهو ڏينهن بہ ايندو جڏهن سندن اها قرباني سنڌ جي لاءِ حضرت ابراهيم جي ڏنل قربانين کان بہ وڌيڪ دور رس ۽ اثر انگيز ٿيندي ۽ سنڌ جي قسمت ئي بدلائي ڇڏيندي.

عيد جي ڏينهن آءٌ، غلام حيدر، اصغر شاهہ، قربان پنوهر، اشفاق ميمڻ، شريف، مختيار نوراني، يوسف ابڙو، امداد سومرو، ڪامل راڄپر، غلام مرتضيٰ پرڳڙي، لالا قادر، عمر پني، انور ۽ ٻين سان ملڻ وياسين. امداد سومري جي واقفيت ڪم آئي. پهريائين ملاقات ڪانہ پئجي سگهي. پر پوءِ جيلر "پير باقي" جي مهربانيءَ سان ملاقات ممڪن ٿي سگهي. ملاقات ڇاريءَ واري دريءَ مان ٿي سگهي. آءٌ، لالا قادر ۽ پنهنجي ڀاءُ انور سان ملي سگهيس. ٻئي ڏاڍا سرها ۽ مطمئن پئي لڳا. ٻنهي کي خوشي هئي تہ هو هڪ عظيم مقصد جي خاطر جيل ۾ پيا آهن. ٻنهي چيو تہ "هڪ عيد تہ ڇا، هزارين عيدون وطن تان قربان آهن." اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي دل وڏي وئي. مون واري ڀاءُ تہ ڏاڙهي ڇڏي ڏني هئي. لالا قادر ڏاڍو صحتمند پي لڳو. منهن مان رت پي

ٿميس. شايد جيل جي آبهوا هوا پاڻ پئي هئس. هنن کي ڪجهه سيڏو سامان ڏيئي اتان موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن يوسف لغاري. يوسف ٽالپر. نواز علي پتو ۽ ڪامل اچي مليا. اسان گڏجي نجم الدين سريوال. محمد مراد شاهه باقيل پوٽي سان ملياسون ۽ انهن کي شاگردن جي آزادي، لاءِ چيوسين. رات جو آءٌ. يوسف ۽ ڪامل راڄپر ميرا عجاز سان ملياسين. هن کي چيوسين تہ هو صدر ايوب سان ملي ڪمشنر مسرور حسن خلاف ڪجهه ڪارروائي ڪرائي. پر هن جيڪي ڳالهيون ڪيون ان مان اندازو لڳايوسين تہ هو بہ "بيوس" هو. هڪڙو ڪمشنر سڄيءَ سنڌ جي ميرن. پيرن. وڏيرن ۽ زميندارن تي حاوي هو.

مارچ جي آخري هفتي ۾ حيدرآباد جي واحد انگريزي اخبار انڊس ٽائيمز سنڌي شاگردن جي خلاف زهر اوڳاڇيندي ڪمشنر جي ڪنيل انتظامي قدمن جي تعريف ڪئي. ان وقت انڊس ٽائيمز جو ايڊيٽر ايف ايم قريشي هو. ڪامل راڄپر. آءٌ ۽ اشفاق ميمڻ گڏجي سنڌي اخبارن جي سيني ايڊيٽرن سان ملياسين ۽ هنن کي سنڌن قومي فرض جو احساس ڏياريندي چيوسون تہ انڊس ٽائيمز جي ايڊيٽوريل خلاف ڪجهه لکن ۽ ساڳي وقت شاگردن جي آزادي جو مطالبو ڪن ۽ ڪمشنر جي ڪنيل قدمن کي ننديـن. ڪامل راڄپر ان سلسلي ۾ ڏاڍي محنت ڪئي ۽ پنهنجي ذاتي اثر رسوخ کان ڪم ورتو. اسان ايڊيٽرن جي هڪ گڏجاڻي عبرت اخبار جي دفتر ۾ قاضي عابد جي موجودگيءَ ۾ ڪرائي، جنهن ۾ شيخ علي محمد. سردار علي شاهه. عبدالغفور سيتائي، ڪريم بخش دلُ شريڪ ٿيا. متين سيني صاحبن اسان سان ڀرپور تعاون ڪيو. پوءِ سردار علي شاهه ايڊيٽوريل لکيو. جيڪو ٻين ايڊيٽرن پڙهي. ٿوري ڪمي بيشي ڪري. منظور ڪيو. 28 مارچ تي اهو ايڊيٽوريل سيني سنڌي اخبارن عبرت. مهراڻ. نواءِ سنڌ ۽ خادم وطن ۾ هڪڙي ئي وقت شايع ٿيو. ڪمشنر مسرور خان پنهنجي خاص ماڻهوءَ علي احمد بروهي ڊائريڪٽر آف انفرميشن جي معرفت ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ اهو ايڊيٽوريل نہ ڇپجي يا گهٽ ۾ گهٽ اها خبر پئي تہ ان ايڊيٽوريل ۾ ڪهڙو مواد آهي. پر متين ايڊيٽرن جي مڙسيءَ سبب هو

پنهنجي ڪوشش ۾ ناڪام ويو. 29 مارچ تي ملڪ جي سڀني اخبارن ۾ بنهي يوسف لغاريءَ ۽ ٽالپر. جي وزيرن سان ملاقات جي خبر شايع ٿي. پر ان خبر شاگردن تي سنو اثر نه وڌو ۽ شاگردن ۾ ڪوتاه نظريءَ سبب گروه بندي ٿي پئي.

28 مارچ تي وائيس چانسلر صالح قريشيءَ سڄي سنڌ جي ڪاليجن جي پرنسپالن جي گڏجاڻي سڏائي. آءٌ ڪامل ۽ غلام نبي مغل (سچل ڪاليج وارو) مختلف پرنسپالن سان ملياسين ۽ کين چيوسون ته پنهنجي گڏجاڻيءَ ۾ ان ڳالهه تي زور ڏين ته پهريائين شاگرد آزاد ٿين. پوءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽي کوليا وڃن. جڏهن گڏجاڻي ٿي ته ڊاڪٽر اي ڪيو. ڪي افغان. مسز شمس عباسي، مرحوم محمد ميمڻ (جيڪو جناح لا ڪاليج جو پرنسپال به هو) ۽ غلام حسين جعفري اسان جي مؤقف جي حمايت ڪئي. مرحوم محمد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر افغان صاحب يونيورسٽيءَ مان پوليس جو قبضو ختم ڪرڻ تي زور ڀريو. نيٺ فيصلو ٿيو ته پوليس کي يونيورسٽيءَ مان هٽايو وڃي ۽ تعليمي ادارا في الحال نه کوليا وڃن.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ آءٌ شاگردن کي آزاد ڪرڻ جي معاملي تي وائيس چانسلر صالح قريشيءَ سان ملڻ ويس. پر هو مون سان سٺيءَ طرح پيش نه آيو. مون کي ڌمڪي ڏنائين ته "جيڪڏهن تون پنهنجي حرڪتن کان باز نه آئين ته توکي جيل موڪليو ويندو. تنهنجو وارنٽ اجا واپس نه ورتو ويو آهي. ماٺ ڪري وڃي پڙهه" هن مون کي صلاح ڏني. "شاگردن کي جيل ۾ وجهائي هاڻ اسين وڃي پڙهون. اهو نٿو ٿي سگهي. اسين شاگردن جا چونڊيل نمائندا آهيون. اسان تي وڏيون ذميواريون عائد ٿين ٿيون." مون جواب ڏنو. پر ڌمڪيءَ ته هو هڪ سٺيو ماڻهو جنهن تي ڪوبه اثر نه ٿيو. آءٌ هليو آيس. حقيقت ۾ اسين هڪ ٻئي کي ڪونه وڻيا هئاسين.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ اخبارن ۾ به حڪومت طرفان اعلان ڪيو ويو ته مير امداد. سڪندر عباسي ۽ مسعود نوراني 4 اپريل تائين پيش نه پيا ته سندن جائداد ضبط ڪئي ويندي. مير امداد 3 اپريل تي پيش پيو. آءٌ 4 اپريل تي

علمدار رضا ڊي سيءَ جي آفيس ۾ ويس پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيم. امان الله عباسي صاحب ۽ محمد ميمڻ مرحوم به اهڙا وڪيل هئا. جن شاگردن سان توڙ تائين نڀايو هو. سڪندر عباسي پيش نه پيو. پوءِ سندس گهر تي پوليس قبضو ڪري ورتو. سندس گهر وارن کي سخت تڪليف آئي. گهر جو سامان دربدر ٿي ويو. مون محسوس ڪيو ته تحريڪ ۾ جيتري روحاني ۽ مالي تڪليف سڪندر عباسي کي آئي، اوتري ٻئي ڪنهن کي ڪانه آئي. هو شاليمار سئنيما جو مئنيجر به هو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ ڪلارڪ به هو. تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ٻئي نوڪريون ويس. پوءِ سندس گهر ۾ ڪئين مهينا فاقا ڪشيءَ جو عالم رهيو.

مئي جي 19 تاريخ عمر پني ۽ لالا وارن جي ضمانت منظور ٿي. 20 تاريخ تي هنن کي آزاد ڪيو ويو. سندن شاندار جلوس ڪڍيو يو. جنهن ۾ هزارها ماڻهن شرڪت ڪئي. يونيورسٽي ڪئمپس ۾ اهو جلوس ختم ٿيو. قيد مان رها ٿيل شاگردن تقريرون ڪيون. يوسف لغاري به اتي موجود هو. شاگردن حڪومت کي آخري طور چئي ڏنو ته جيڪڏهن سندن باقي رهيل هڪ شاگرد ڀاءُ (يعني مونکي) کي چوويهن ڪلاڪن ۾ آزاد نه ڪيو ويو ته سڄي شهر کي باهه لڳائي ويندي. ان وچ ۾ مون کي خبر پئي ته انجنيئرنگ ڪاليج کلي ويو آهي.

يوسف لغاريءَ وارن جي ڌمڪي ڪارگر ثابت ٿي ۽ مون کي ٻئي ڏينهن صبح جو ڇهين لڳي آزاد ڪيو ويو. ساڳيءَ رات نيو ڪئمپس ۾ هڪ جنرل باڊي سڏائي سون. يوسف لغاريءَ اعلان ڪيو ته يونيورسٽي پلي کلي وڃي، پر جيستائين ڪمشنر کي سندس عهدي تان نه هٽايو ويو آهي. تيستائين يونيورسٽيءَ جي عمارتن تي ڪارا جهنڊا لهرايا ويندا ۽ هرڪو شاگرد ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌندو. ساڳيءَ رات يونيورسٽيءَ تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا ۽ شاگردن پٽيون ٻڌيون. ۽ عارضي طرح ڪمشنر جي خلاف تحريڪ اتي دنگ ڪيو.

4 مارچ جي تحريڪ اتي ختم نہ ٿي. بلڪ نئون رنگ وٺي تحريڪ جي ابتدا ٿي. انهيءَ تحريڪ ئي درحقيقت بين تحريڪن کي جنم ڏنو ۽ سنڌ ۾ سجاڳيءَ جو ٻج ڇٽيو. 4 مارچ تي جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي. انهيءَ پوءِ ون يونٽ کي ٽوڙائڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو. ۽ اها تحريڪ ئي هئي جنهن سنڌ ۾ شاگرد ليڊرن جو پايو وڌو. اها تحريڪ اڃا ختم نہ ٿي آهي ۽ تيستائين ختم ٿي نٿي سگهي، جيستائين سنڌين کي ۽ سنڌ کي سندس سيئي حق نہ ملندا.

*(هيءُ مضمون ڪتاب " 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا" نيو فيلڊس پبليڪيشن 1978ع تان کنيو ويو. اصل ۾ هيءُ مضمون "سهڻي" رسالي ۾ ڇپيو.)*

ٽيندو؟" اسنا سلپون اندر ڏياري موڪليون. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ وڏي در جي چوٽين پٽي ڪلي. اندر گهڙياسون. سپرنٽينڊنٽ جو ڪمرو پريل هو. اسان سندس ڪيڪار وراڻي ڪيس پنهنجو مطلب ٻڌايو. چيائين "ليٽر لکي ڏيو." ليٽر لکي ڏنوسين. "ملاقات ٻه ڪندؤ؟" "ها هدايتون وٺڻيون آهن." اسان مان ڪنهن چيو. سپرنٽينڊنٽ تمام فضيلت وارو ماڻهو هو. پر ڪير ٻه ڳالهائڻ جي موڊ ۾ ڪونہ هو. "معاف ڪج. سرڪٽ هائوس مان تي ٿو اچان. پنج منٽ!" ائين چئي سپرنٽينڊنٽ هليو ويو. اسان معنيٰ پريل نظرن سان هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. "مٿان هدايتون وٺڻ ويو آهي!" هڪڙي جي نگاهہ چيو. "ڪا نئين چال ڪيڏندا". ٻئي جي نگاهہ چيو. "اڄوڪو ڏينهن لنوائيندا!" ٽئين نگاهہ واچ تان موٽندي چيو. "مرڳو پاڻ کي ڦاسائڻ..." چوٿين هٻڪندي چيو.

اسين ٿهي نڪي اهڙي انداز سان ڪرسين تي ٿي ويناسون. چڻ چا ٻہ ٿي پوي تہ ٻہ ٿڪي بيزار نہ ٿينداسون ۽ نڪي ڪنهن بهاني ۾ اچي واپس موٽنداسون.

جيلر ۽ قيدي آيا ويا پئي. جيل جو ڊاڪٽر اچي وينو. ڪجهہ دير بعد هڪ برف جهڙين اڇين ٻانهن. باهہ جهڙن ڏڪندڙ ڳلن. نيرن. مرڪندڙ ۽ نچندڙ اکين واري 25 سالن جي عورت اچي ويٺي. سين جون اکيون بي اختيار منجهس کپي ويون. پر هڪ دفعو ڪيس ڏسي وري اسان مان ڪنهن ٻہ ڏانهس نہ نهاريو. اڄ ڪنهن ٻہ قسم جو لطف حاصل ڪرڻ چڻ انهن جذبن سان غداري هئي جيڪي اسان جي سينن ۾ پئي پڙڪيا. "ههڙي وقت تي..." اسان سوچيو.

ڪلاڪ گذري ويو. اسين ڪاغذ پٽ تيار ڪرڻ کي لڳي وياسين. هڪڙو قيدي گهڙي آيو. اسان کان پاسيرو اچي وينو. اسان ڏانهن ڏسڻ بنا جيلر سان ڳالهائڻ لڳو. مون بي خيالي سان ڏانهس ڏٺو. ناهوڪو سنهڙو. هڪڙو نوجوان. ڦانل ڪپڙا. ڪنديل وار. وڌيل ڏاڙهي. اگهاڙا پير. نرم پر باوقار آواز. هن جهڪي جيلر کي ڪجهہ چيو پئي. اوچتو هن اسان ڏانهن لوڏو هنيو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪ بند ٿي ويئي. مون کي بي اختيار نڪري ويو. "يوسف

لغاري!" هن جي چهري تي هڪدم سندس جڳ موهيندڙ، معصوم، پياري ۽ پنهنجائپ واري مرڪ ڇانئجي ويئي.

يوسف لغاري... يونين جو صدر؟" هڪ ساٿيءَ پڇيو.

مون يوسف کي ياڪر پائيندي ڪنڌ ذوڻي هاڪار ڪئي.

"ڪل ڳهڻا؟" مون پڇيس.

"207". هن وراڻيو.

"زخمي ڳهڻا؟"

"سڀ"

"سخت؟"

گهڻي ياڳي."

يوسف هليو ويو. اجا راتيون اڳ هو منهنجي آفيس ۾ پٽس جي جاءِ جي اپيل جا ڪاغذ ڪٽي آيو هو. ڇڳو يلو ۽ آزاد هو. سندس نس نس مان زندگي پئي ڇلڪي.

سپرنٽنڊنٽ نيٽ موٽيو. "بيا بہ ملاقاتي آيا آهن. اڳوڀوءِ اوهان بہ گڏ هلو تہ پڪي ملاقات ٿي وڃي." تہ ڇٽبو تہ ملاقات واقعي ٿي ويئي. بيا ملاقاتي ۽ اسين سڀ گڏ جيل جا ڇن سان لنبيل، صاف سٿرا گس ڏيئي اندر وياسين. واٽ تي تعارف ٿيندا هليا.

"مجيب پيرزادو، انجنيئرنگ ڪاليج!"

"نوراني ... ميڊيڪل ڪاليج!"

ڪامل راڄپر، ميڊيڪل ڪاليج!"

هڪ دروازو ڪليو ۽ اسين بہ سو ڪن سي ڪلاس قيدين سان پريل هڪڙي شاهي اڱڻ ۾ داخل ٿياسون. اڱڻ اندران هڪ ڪليل جيل بلڪ ڪليل اسپتال ٿي لڳو. قيدي ننڍين، ننڍين اداس ۽ ماتمي ٽولين ۾ ورڇيا، اڳهاڙي پٽ تي وينا هئا. اسان کي ڏسي سڀ دروازي ڏانهن وڌي آيا.

فضا ۾ آيوڊين جي بوءِ ڇانيل هئي. پهريائين مون پنهنجي پراڻي دوست علي احمد قريشي جي پٽ اعجاز کي سڃاتو. هو پيرين اڳهاڙو پنهنجي

منهن ڪجهہ سوچيندو پريان پئي ويو. گوڙ تي ڪنٽ ورايائين تہ اسان جون اکيون مليون. مون اڳ ۾ ئي پاڻ کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ کهڙو بہ نظارو ڏسندس تہ بہ جذبن جو اظهار نہ ڪندس. مون کيس پاڪر پاتو ۽ سندس هٿ دبائي فقط ايترو چيومانس: "خوش رهہ!" پر پنهنجن جذبن کي وس ۾ رکڻ ايڏو سولو نہ هو. قيدين جنهن وقت پنهنجن ڏکويل ۽ غصي پريل آوازن ۾ پنهنجي روئداد بيان ڪئي، جڏهن اسان جون ليڙون ۽ مٽيء ۾ پيوت تيل ڪپڙن ۽ اگهاڙن پيرن تي پيون، جڏهن ذهن تي لنيـن ۽ ڳوڙها آئيندڙ گيس جي دونهن، لانگ بوتن، رائيفلن جي ڪنداڪن، گپ ۽ پاڻي ۾ لتڙيل چيپاٽيل ۽ چچريل نوخيز انساني جسمن جي تصويرن حملو ڪيو، تڏهن پنهنجي جذبن تي قبضو رکڻ مشڪل ٿي پيو. جڏهن هڪڙي زخميء منهنجي هٿ کي لوڏي چيو، "ادا. آءٌ توهان جي ضلعي جو آهيان!" جڏهن هڪڙي عرب ڇوڪري ٽٽل ڦٽل انگريزي ۾ دانهن ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جڏهن هڪڙي نوجوان منهنجي ڪرسيء جي پرسان پٽ تي ويهي چيو، "اسا. اسان کي چيائون مرغا ٿيو!" جڏهن ٻئي چيو، "آءٌ هٿ اُيا ڪري پاڻيء مان نڪتس تہ مون کي ٻاهر نڪرڻ شرط رائيفل جو ڪنداڪ هڻي ڪيرائي وڌائون. هي ڏس منهنجو متو." جڏهن هنن ڳوڙهن کي پي، سينا تاڻي چيو ٿي، "پرواهہ ناهي، هي پهريون امتحان هو. اسين هر امتحان لاءِ تيار آهيون." تڏهن نڙيء ۾ ڪا شيءِ ڦاسي ٿي پيئي، ماٺهو ڊچيو ٿي ويو تہ اجهو ٿيون اکيون پرجيو اچن، هاڻ تہ ڳوڙها وهن. مون پاڻ کي پٿر بنائي ڇڏيو. بہ ڪلاڪ پٿر بنيو سخت زخمين جون لسٽون، سندن ويل سامان جون لسٽون لکندو رهيس. مون کي خبر هئي تہ ويل سامان ڪونہ ملندو. اندريان زخم ڪونہ متجندا - نہ هنن جا ۽ نہ اسان جا. پر اسين لکندا رهياسين. ماٺهو ڪنهن نموني رذل هجي تہ سوچڻ کان بچيو پئي.

پاسي ۾ وينل زخمي مٽي واري کي چيم، "تون ليٽي پئو. آرام ڪر!" هن پڇيو، "ڪٿي؟" مون لوٺو هنيو. اگهاڙي پٽ تي وهاڻو بہ ڪونہ هو. مون لڄي اکيون ڦيرائي ڇڏيون. وري ساڻس ڪونہ ڳالهايم.

ايتري ۾ آيل ملاقاتين پنهنجي قيدي ساٿين کي گڏ ٿيڻ لاءِ چيو. قيدي منڊڪائيندا، پنهنجا زخمي بدن گهليندا هڪ هنڌ گڏ ٿيا. تقرير ڪندڙ جو آواز بلند ٿيو، "ساٿيو، اڄ اسين پهرين آزمائش مان لنگهيا آهيون. اجا ٻه ڏکيو گهڙيون اچڻيون آهن. پر اسين حق لاءِ سڀ ڪجھ سهڻ لاءِ تيار آهيون..."

آءٌ ميڙ مان هليو آيس. مون کي هنن ۾مان گڏ ويهڻ جو حق ڪونه هو. هو زخمي هئا ۽ آءٌ سڄو لڱن سان. هو بند هئا ۽ آءٌ آزاد. هو آزمائش ۾ مبتلا هئا ۽ آءٌ پنهنجي ڏنڊي ۾. هو بي جنس هئا ۽ آءٌ بي جنس. مون کي بي اختيار فارسيءَ جو شعر ياد آيو. "ڪسي ڪہ ڪشتہ نہ شد، از قبيلہ ما نيست." (جيڪو ڪُٺل ناهي سو اسان جي ساٿ مان ناهي.)

سهڻي لطيف به تہ چيو آهي: "وڍيو هئين تہ ويهہ نہ تہ وڃيو وڃج وات تون." مون پنهنجي وات ورتي ۽ وري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس.

اسان جو بزرگ اڳواڻ ۽ ٻيا ساٿي به رذل هئا. ڪو لڪڻ ۾ ڪو ٻڌڻ ۾. سندن چهرن تي سمنڊ جهڙا اونها تاثر هئا. رواني ٿيڻ وقت اسان کي چيائون: "اڄ پيلا ضامن ٿي ويندو؟"

مون کيس ڪوڙو دلاسو ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. مون چيو: "شايد ڏينهن ٻه يا اجا به وڌيڪ لڳي. اها تڪليف برداشت ڪرڻي آهي. ڇا ڪجي مجبوري آهي. تنهن تي چيائون: "توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو. ضامن ٿئي نہ ٿئي، پرواهہ ڪانهي، اسين سڀ ڪجهہ سهنداسين."

موٽندي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ چانهہ گهرائي، ايتري ۾ هڪڙو قداور، جانٺو، چست ۽ ڦڙت، سهڻو انگريزي لباس پهريل ماڻهو لنگهي آيو. سندس بيحد دلڪش مرداڻي حسن کي ڏسي مون پنجن ندين جي پاڻيءَ کي داد ڏنو. سڀ اٿي بيٺا. هن سپرنٽينڊنٽ جي ڪرسي والاري. سپرنٽينڊنٽ بيٺو رهيو. نئين آيل اسان جن قيدين بابت ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي. سندس گفتگو هڪڙي سو فيصدي حاڪم جي گفتگو هئي. هن باربار "تخريب پسند"، "انتظام"، "حڪومت"، "ذميوارين" جا لفظ پئي دهرايا. اسان کي ائين ٿي خطاب ڪيائين، ڄڻ اسين به ڪي ڇڳيءَ چال وارا قيدي هئاسين. مون کي ائين لڳو

جڻ مون هي يا ههڙو ماڻهو اڳ ڪٿي ڏٺو آهي. اوچتو مون کي فلم گنس آف نوارونيءَ" وارو جرمن گيسٽاپو آفيسر ياد آيو. ها. هي بہ ساڳي جنس مان هو. پيدائشي حاڪم. سموري انساني مخلوق کان مٿي. افضل ۽ اعليٰ. سمورن انسانن جو آقا. ٻين سمورن انسانن کي قيدي ۽ ڏوهاري سمجهندڙ.

اسين جڏهن سندس تقرير کي اڌ ۾ ڇڏي اٿياسين. تڏهن ڏٺوسين تہ هو ناراض ٿي پيو. پر اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

قيدين بابت ضروري ڪم لاهي، آءٌ شام جو گهر موٽيس. عادت موجب ماني کائڻ سان گڏ اخبار پڙهيم. منهنجي نظر پوئين صفحي تي ڪنڊ ۾ ڇپيل هڪڙي ننڍڙي خبر تي ڄمي بيهي رهي. مون ان جا پويان اکر وري وري پڙهيا.

لکيل هو "... ڪو بہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آهي. ڪجهہ گرفتاريون ٿيون آهن. حالتون نيڪ ناڪ آهن.

منهنجي اڳيان 207 قيدي، سوين ڇرريل ۽ سڄيل مٿا. منهن، ٽنگون، ڇاڙيون، ٻانهون ۽ پنا ڦري ويا "ڪو بہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آهي، ڪجهہ گرفتاريون ٿيون آهن. حالتون نيڪ ناڪ آهن." مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اڇلائي ڇڏيم.

ٻئي ڏينهن ساڳيءَ اخبار ۾ وڏين سرخين سان 207 قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم. پر جيڪي ويهہ پنجويهہ ڄڻا نوان قيد ٿيا هئا تن جي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي بہ نظر ڪانہ آئي. مون خار ۾ اخبار ڦاڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

*(هيءُ مضمون رسالي "روح رهاڻ" اپريل 1967ع جي سالنامي تان کنيو ويو)*

# 4 - مارچ، ون يونٽ خلاف سنڌي عوام جي شاندار جدوجهد جو داستان

پروفيسر اعجاز قريشي

(پهرين جولاءِ ون يونٽ جي ٽٽڻ ۽ صوبا بحال ٿيڻ جو ڏينهن آهي. ون يونٽ ٽٽڻ ۾ 4 - مارچ واري مزاحمتي تحريڪ جو اهم رول آهي. ون يونٽ پهرين جولاءِ 1970ع ۾ يحيٰ خان هڪ اعلان ذريعي ختم ڪيو. هن کي ختم ڪرڻ لاءِ ملڪ جي ننڍن صوبن جي ماڻهن تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ صوبو انهن سڀني ۾ پيش پيش رهيو ۽ ڏهوڪي مشرقي پاڪستان جي ماڻهن ون يونٽ کي ٽوڙائڻ لاءِ ڀرپور ساٿ ڏنو. ون يونٽ، مغربي پاڪستان جي چئن صوبن پنجاب، سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ خيرپور ۽ بهاولپور جي رياستن کي گڏائي جڏهن آڪٽوبر 1955ع ۾ عمل ۾ آندو ويو. انهيءَ ڏينهن کان مغربي پاڪستان جي هڪ صوبي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ون يونٽ جو نعراءَ 11 ڊسمبر 1954ع تي سنڌ اسيمبلي حيدرآباد جي دربار هال ۾ پيش ڪيو ويو. اسيمبلي جي 98 ميمبرن ان جي حق ۾ ووٽ ڏنو ۽ پنجن ميمبرن ان جي مخالفت ڪئي. سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ جي سخت مخالفت ڪئي ۽ اهو چيو ته هي نعراءَ ڏنڊي جي زور تي پاس ڪرايو ويو آهي ۽ ان اسڪيم کي سنڌ لاءِ هڪ سازش قرار ڏنو. انهن وڏيڪ اهو چيو ته سنڌ جا سڀ ذريعا نوڪريون ۽ بچت سڀ هڪ وڏو صوبو کٽي ويندو. جيڪو اڳيان هلي تمام گهڻي حد تائين سچ ثابت ٿيو. اڄوڪي ڏينهن جي حوالي سان سنڌ جي نوجوانن ۽ سڀني ماڻهن لاءِ 4 - مارچ ۽ ون يونٽ بابت هيءَ هڪ ننڍو مضمون سنڌ جي وجهڙائي واري سياسي تاريخ بابت هڪ مختصر باب ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.)

4 مارچ سنڌ لاءِ ڇوٽڪاري ۽ نجات جو ڏينهن آهي، جو ان ڏينهن تي سنڌي شاگردن مزاحمتي تحريڪ هلائي سنڌ کي پاتل ون يونٽ وارن زنجيرن کي ٽوڙيو ۽ نيٺ انهيءَ ڊگهي ۽ اڻٽٽ جدوجهد جي نتيجي ۾ پاڪستان سرڪار پهرين جولاءِ 1970ع ۾ ملڪ مان ون يونٽ وارو قانون واپس وٺي صوبن جي اڳين حيثيت بحال ڪري ڇڏي. هونئن تہ سنڌ سميت ٻين صوبن ۾ پڻ ون يونٽ خلاف هلايل تحريڪ جو ڊگهو عرصو آهي. پر 4 مارچ جي ڏهاڙي سنڌ جي شاگردن جيڪا مزاحمت ڪئي سچ تہ ان مزاحمت جو ئي نتيجو هو جو سرڪار کي آخر ون يونٽ وارو قانون واپس وٺڻو پيو. پاڪستان ۾ ون يونٽ قائم ڪرڻ جي نوبت ڇو آئي؟ اهو هڪ الڳ ۽ طويل بحث آهي، پاڻ هتي ان بحث ۾ پوڻ بجاءِ ون يونٽ واري دؤر تي هڪ نظر ڊوڙائينداسين تہ جيئن اسين اهو سمجهي سگهؤن تہ ون يونٽ قومي آزاديءَ لاءِ ڪيترو هاڃيڪار هو ۽ ون يونٽ قومن تي ڪهڙا منفي اثر ڇڏيا ۽ اهو بہ تہ ون يونٽ جي ڪري قومي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ڪلچر تي ڪهڙا ڪهڙا ناڪاري اثر پيا. ان ڪري اسين ان تفصيل ۾ ويندا سين تہ سنڌي قوم سان انُ ذڪر ڪيل عرصي ۾ ڪهڙا ويل وهايا ويا ۽ سنڌ ڇا ڇا، ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن ڪيئن ڀوڳيو.

هڪڙو دؤر هو، جو سنڌ جو نانءُ وٺڻ ڪاريهر تي پير رکڻ جي برابر هو. اهو دؤر سنڌ مٿان ڏارين جي دٻاءَ جو هو ۽ هڪڙو دؤر اڄ آهي جو اهي حالتون اڃان بہ شديد آهن. ڪنهن ٿوري يا گهڻي فرق سان موجود آهن. پر پنهنجن ۽ پراون جي بار بار ڪيل ويساهہ گهاتين ۽ زوريءَ پنهنجي ضمير جو سودو ڪرڻ جي ڪري هاڻ سنڌ جو نالو وٺڻ بہ ڏکيو ٿي پيو آهي. سنڌ جي ڳالهہ ڪرڻ بہ ائين ٿي پئي آهي. جيئن حڪومت جي سنڌ سماءَ جا وسيلا ۽ سموري مشينري اسلام ۽ پاڪستان، امن، محبت ۽ ڀائيچاري کان وٺي جمهوريت جي لفظن جا بار بار ۽ غلط استعمال مان، انهن کي بي معنيٰ بڻائي چڪا آهن. اهڙيون حالتون ڏسي، دل ڪڙهي ٿي. اندر ٻري ٿو. اهونئڪ آهي تہ سنڌ کي ون يونٽ جي طوق مان آزاد ڪرائڻ جو ڪريڊٽ گهڻو ورتو ويو آهي ۽ ان تي پاڻ کي گهڻو ٻڌايو بہ ويو آهي ۽ اڪثر ماڻهن، انهيءَ جو ڦل بہ باقاعدي

ڪاڏو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ذخيرو بہ ڪيو. پر ڪجھہ اهڙا بہ ماڻھو هئا جن جو مسلڪ ابوذري هو. اهي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد. قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري. شيخ عبدالمجيد سنڌي. محمد ابراهيم جويو. حفيظ قريشي ۽ ٻين جي نيڪ صحبت ۾ رهيا ۽ سنڌن مزاج ۾ سنڌ سان محبت جو عنصر هڪ اهم جاءِ وٺي والار ڪري ويهي رهيو. هونئن بہ اسان سڀ بي حس آهيون. پر ان بي حسي جي باوجود اسان کي پاڻ مان هڪ پڪ آهي تہ پهرئين پيري نہ سهي، پوئين وير اسان ۾ ويڙهہ جي اڇل ڪائيندڙ وير ضرور پيدا ٿيندي. شايد اهوئي سبب آهي جو اسان ۾ "دودا" گهٽ. چنيسر گهڻا پيدا ٿيندا آهن. پر انهن ٻنهي جي وچ ۾ هاڻ غلط فهمي دور ٿيڻ گهرجي. اقتدار جهڙي خسيس شيءِ کي قوم جي اعليٰ اجتماعي مفادن تي قربان ڪجي. اهي ٿي ڪجھہ اذما هئا، جو دل چاهيو تہ سنڌ جي ويجهي ماضيءِ واري سياسي تاريخ جا پنا اٿلائجن ۽ ون يونٽ جي تاريخ جو مطالعو ڪجي. ڪجھہ حالتن جو تقابلي جائزو ونجي ۽ پوءِ ڪو غور فڪر ڪجي تہ هاڻ ڇا ڪجي؟ اڄ بہ سنڌ ۾ ون يونٽ جهڙيون حالتون آهن ۽ اڪثر واقعا بہ اهڙا ئي دهرائجن ٿا. جيڪي ان دؤر ۾ پيش آيا هئا. هن ليک ۾ ڪجھہ تاريخي پس منظر، ون يونٽ جي تاريخ ۽ ان جي پهتل نقصانن جو جائزو ورتو ويو آهي

اوڻيهين ۽ ويهين صديءِ جي ڪيترن ئي تحريڪن ۾. جن ۾ خاص طور تي اسلامي تحريڪون هيون. سنڌ جو ڪردار ڏاڍو جاندار رهيو آهي. 1857ع ۾ ميرٺ ڇانوڻيءَ کان جيڪا بغاوت شروع ٿي. اها ننڍي کنڊ جي بيچينيءَ جو ڪو پهريون وهڪرو نہ هئي. ان کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ سورهيہ بادشاهہ پير صبغت الله شاهہ ثاني پير پاڳاري طرفان هلايل هلچل. سامراج خلاف پهرين باضابطہ ۽ هٿياربند تحريڪ هئي. انهيءَ انقلابي تحريڪ کان اڳ سيد احمد بريلويءَ کي انگريز سامراج سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ سنڌ مان مالي مدد ۽ وڙهڻ لاءِ ماڻهن جا جٿا ملندا هئا. هن سونهاريءَ سنڌ پير پاڳارو سورهيہ بادشاهہ مولانا تاج محمد امروٽي. رئيس جان محمد جوڻيجو. مولانا عبيدالله سنڌي. شيخ عبدالمجيد سنڌي. عبدالله هارون. غلام محمد ڀرڳڙي.

سر آغا خان ۽ محمد علي جناح جهڙا وڏي سطح جا ماڻهو بہ پيدا ڪيا. سنڌ عملي طرح بہ پنهنجو پاڻ نيايو. ننڍي ڪنڊ ۾ جيڪڏهن سر سيد احمد خان. علي ڳڙهہ مدرسي جو بنياد وڌو. اتي حسن علي آفندي. سنڌ مدرسہ الاسلام قائم ڪيو. سنڌ تي سوين الزام ٺي صحيح. اڪثر درست بہ مجيون ٿا. پر ڇا اهو گهٽ آهي تہ سنڌي ماڻهن جڏهن بہ قومي معاملي تي ڪا وک کنئي تہ ان کي اورچائي ۽ مسلسل جدوجهد تائين منزل تي رسايو.

ان جو مثل آهي. 1936ع ۾ سنڌين سنڌ کي بمبئي جي پريزيڊنسي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ 21 مارچ تي سنڌ کي وري اها ساڳي حيثيت ملي. جيڪا ان کان اڳ 1843ع کان اڳ ۾ هئي ۽ انگريزن جي قبضي کان پوءِ ختم ٿي وئي هئي.

جيڪي بہ ماڻهو سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکن ٿا. انهن کي چڱي طرح خبر هوندي تہ سنڌ پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان وٺي 1843ع تائين هميشہ هڪ آزاد، خودمختيار ملڪ طور رهي آهي. سنڌ وٽ اهي سڀ لوازمات آهن، جيڪي هڪ قوم /ملڪ لاءِ هجڻ گهرجن. سنڌ جڏهن هندستان جي بين قومن وانگر انگريزن جي غلاميءَ ۾ هئي تہ بين روشن ضمير ۽ اورچ قومن وانگر ان کي پنهنجي غلاميءَ جو شديد احساس ٿيو. 1936ع ۾ بمبئي کان سنڌ جو ڌار ٿيڻ بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي. سنڌ کي سياسي جاڳرتا. حقن لاءِ جدوجهد، بنيادي انساني قدرن ۽ اصولن تي ڪاربند رهڻ جي سزا هر دؤر ۾ ملي آهي. 1983ع ۽ 1986ع ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلايل هلچل کان پوءِ جيڪا سزا ملي ان سان سنڌ جي مڪمل تباهہ ٿيڻ جو خدشو موجود آهي. ساڳيءَ ريت پاڪستان ناهڻ جي ڏوهہ ۾ سنڌ کي چيپاٽيو ۽ ڪچليو ويو. ان قسم جي سزا بين صوبن کي بہ ملي. ان وقت پاڪستان ۾ شامل باقي چئني صوبن سان گهٽ وڌ ساڳي ئي حالت هئي. اڳتي هلي اها قرلٽ. دٻاءُ ۽ استحصالي ان ڪري تيز ڪونہ ٿي.

پاڪستان ۾ شامل بين ننڍن صوبن بنگال (جيڪو آباديءَ جي لحاظ کان پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کان وڌو هو) سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي حقن

جي آغاز شروع ٿي. ان وقت پنجاب ئي واحد صوبو هو. جنهن وٽ عسڪري فوت هئي. ٻئي نمبر تي بنگال وٽ هئي. ٽئين نمبر تي سرحد جي اڪثريت هئي. سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو فوج ۾ نالي ماتر هئا.

بنگال جيئن تہ ٻين چئن صوبن کان جاگرافيائي طرح پري هو ۽ اتي جي آبادي پاڪستان جي مجموعي آبادي جو 60 سيڪڙو هئي. تنهن ڪري اڌ کان وڌيڪ آبادي سنپاليندڙ ان ملڪ جي حصي ۾ بيچينيءَ جو سبب اهو بہ هو. تہ هنن جي ملڪ ۾ ڪاب حيثيت ڪونہ هئي. ويندي اڪثريت رکڻ جي باوجود ۽ مادري ٻوليءَ کي قومي ٻولي بہ ڪري نہ سگهيا. اردو ۽ پنجابيءَ سان ڪين منهن ڏيڻو ٿي پيو. اتان جي پيداوار ۽ ٻيا وسيلا بہ انهن جي هٿ هيٺ ڪونہ هئا. نتيجي ۾ اڳتي هلي انهن ۾ اهو احساس پيدا ٿيو تہ اسان اوپر واري حصي جو استحصال اولھ وارا ڪن ٿا. ڪين اڪثريت حاصل هجڻ جي باوجود بہ اقتدار کان محروم رهڻ واري احساس بہ پريشان ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو هنن کي اها شڪايت ٿي تہ سندن نصيب جا فيصلا پهرين ڪراچيءَ ۾ ۽ پوءِ اسلام آباد ۾ ڪڪجندا رهيا آهن. ڍاڪا ۾ ٿيندڙ ڪوبہ فيصلو. اسلام آباد جي اشاري تي تبديل يا رد ٿي ويندو هو. بنگال ۾ من پسند ماڻهو گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ اتان جي ماڻهن کي اهو احساس ڪائيندو هو. فوج ۽ بيوروڪريسي ۾ بہ بنگالين کي ٻئي درجي واري حيثيت حاصل هئي. هوڏانهن اولھ واري حصي ۾ پنجاب کي اهو بانور هو تہ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هنن تاج برطانيا جي بهتر خدمت گذاري ڪئي ۽ برطانوي فوج ۾ شامل اسان جي فوج اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. تنهن ڪري هي ملڪ بطور انعام ڪين مليو آهي. جيڪي ماڻهو اصطلاحن ۾ الجهي گول مول ڳالهيون ڪندا آهن ۽ سڌي سنئين ڳالھ کي مدي خارج. نعري بازي چئي. قوم پرستيءَ کي هڪ رد ٿيل نظريو چوندا آهن. انهن لاءِ ممڪن آهي تہ اهو سمورو تاريخي حساب. ڪنهن مخصوص طبقي ڏانهن منسوب هجي. پر حقيقت اها آهي تہ هن خطي م ورهاڱي کان پوءِ جيڪا نا برابري ۽ ناانصافي. آسمان کان اڳتي وڌي وڃي لامحدود ٿي آهي. ان جو ڪارڻ پنجاب جو اهو ضبط آهي. جنهن م هو "عظيم

تر" تيئن جي انڌي جنون ۾ مبتلا آهي. نئدي ڪند جي امن کي بارود جي ڍير تي بيهارڻ وارو پنجاب آهي ۽ اهو پنجاب ئي آهي. جنهن پاڪستان جي هڙني قدرتي ۽ انساني وسيلن کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو آهي. تاريخ اهو ڪونہ لکندي تہ ڪجهہ فردن هن ملڪ ۾ طالع آزمائي ڪئي. تاريخ لکندي تہ پنجاب وٽ طاقت هئي. زور هو ۽ ان ارهہ زورائي ڪري ڪروڙين ماڻهن جي زندگيءَ سان راند ڪئي. 1951ع تائين هن ملڪ ۾ هندستان مان لڏي آيل پناهہ گيرن جي هڪ مخصوص طبقي جو راڄ رهيو. جنهن م هنن وڏ ۾ وڏ فائدا حاصل ڪيا ۽ ڪين هڪ مفتوح سنڌ ملي جتي هنن اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪيو. جنهن جو هو دهلي لکنوءِ بهار. ميرٺ. بدايون. امروهہ ۽ تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهيا. سندن ڪوڙن ڪليمن تي ڪين ڪروڙن جون جائدادون مليون. سندن اڻ پڙهيلن کي افيسريون مليون. سندن لشڪري بوليءَ کي قومي بوليءَ جو درجو مليو. سندن ثقافت ۽ رسمن رواجن کي قومي حيثيت ڏني وئي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ وڏ ۾ وڏ سنڌ ۽ بين صوبن لاءِ نقصانڪار هئي. پر پنجاب کي اها ڳالهہ بنهہ ڪونہ وڻي. جو سيد اڪبر جي گوليءَ پنجاب. نون آيل پناهہ گيرن کي پنهنجي مٿان مسلط ڏسڻ ڪيئن ٿي گوارا ڪيو! اهو بہ تڏهن. جڏهن پنجاب پاڻ حڪمرانيءَ جو خواهشمند هو. اهو ئي سبب هو جو. هنن پنهنجي حڪمراني قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پهرين پهرين لياقت علي خان کي راهہ تان هٽائي ڇڏيو. هنن اهو پڪو خيال هئو تہ لياقت علي خان ڏاڍو شاطر ۽ زيرڪ ماڻهو هو. هن سياسي جوڙ توڙ سکي ورتي هئي. ڪيس موقعو بہ ملي ويو. قائداعظم جي وفات کان پوءِ هن کي واڪ - اوور ملي ويو. هن سمورا سياسي ۽ انتظامي اختيار ۽ رياستي معاملا گورنر جنرل ناظم الدين جي دائره اختيار مان ڪڍي پنهنجي هٿ هيٺ ڪيا.

ڪابينا تي مڪمل ڪنٽرول ڪيائين. لياقت علي جي وفات کان پوءِ خواجا ناظم الدين وزيراعظم ٿيو ۽ ملڪ جو ٽاپ بيوروڪريٽ ملڪ غلام محمد خان گورنر جنرل ٿيو. ملڪ غلام محمد جي دؤر ۾ ئي پنجاب جي بالادستيءَ قائم ڪرڻ جون سازشون باقاعدي شروع ٿيون. هن اپريل 1953ع ۾

خواجه ناظم الدين کي وزارت عظميٰ تان لاهي ڦٽو ڪيو ۽ محمد علي بوگره کي وزيراعظم بڻايائين. ان کان ڪجهه ڏينهن پهرين لٺل وزيراعظم خواجه ناظم الدين جي پيش ڪيل بجيٽ کي اسيمبليءَ منظور ڪيو هو. محد علي بوگره انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ سفير هو. هو وزيراعظم ٿيڻ يا تقرير بابت ٻڌي پاڻ به حيران ٿيو هو. ان دؤران ملڪ غلام محمد پاڻ کي مضبوط ڪري ورتو هو. ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو. هن نه رڳو وزيراعظم پر اسيمبلي جي ميمبرن جي چونڊ به پاڻ ڪئي هئي. محمد علي بوگره پنهنجي دؤر ۾ ملڪ غلام محمد کي باز رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سندس غير آئيني اختيارن کي گهٽائڻ جي همت ڪئي ته غلام محمد. هن جي اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو. بوگره جي دؤر ۾ اسڪندر مرزا گهرو معاملن ۽ جنرل ايوب خان دفاع جا وزير هئا. محمد علي بوگره اسيمبلي معطل ٿيڻ کان پوءِ وزير اعظم رهيو. هن جي دؤر ۾ هن ڪجهه نيون تجويزون ڏنيون هيون، جن کي "محمد علي فارمولا" چيو ويندو آهي. ان مطابق مرڪزي اسيمبلي جا به ايوان تجويز ڪيا ويا. انهن ٻنهي ايوانن ۾ اوڀر بنگال ۽ اولهه پاڪستان کي مجموعي طرح مساوي نمائندگي ڏيڻ جي تجويز هئي. جيڪڏهن ملڪ جو صدر اولهه پاڪستان مان هوندو ته لازمي طور وزيراعظم اوڀر بنگال مان هوندو. 1954ع ۾ اوڀر پاڪستان ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ مسلم ليگ کي وڏي شڪست آئي. اوڀر پاڪستان جي مسلم ليگي ميمبرن کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃڻ لڳو. هوڏانهن اسمبليءَ ۾ فضل الرحمان گروپ گورنر جنرل جي اختيارن جو مسئلو کنيو. گورنر جنرل جا اختيار جيئن ته وڌيڪ هئا. انهن کي گهٽائڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ هڪڙو بل پيش ڪيو ويو. اهو بل نهايت تڪڙ ۾ پاس ٿي ويو. غلام محمد اجان به وڌيڪ سازش ۾ لڳي ويو ۽ نيٺ 14 آڪٽوبر 1954ع ۾ گورنر جنرل جي حيثيت سان ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪري اسيمبلي ٽوڙي ڇڏيائين.

اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿي رهيو هو. جو پنجاب ڪنهن به صورت ۾ نه ٿي چاهيو ته هن ملڪ جي اصلي طاقت ۽ اقتدار ۾ ڪو ٻيو به شريڪ ٿئي.

هي اختيارن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ. فرد واحد جي خواهش هيٺ ٿي نہ ٿي سگهيو. ان جو مثال اهو آهي تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي طاقت ۽ قوت جو مينڊيٽ نواز شريف کي مليو هو پر جڏهن هن اصل واڳ ڌڻين جي مفادن وٽان ڪم نہ ڪيو يا انهن سان ٽڪراءُ ۾ آيو تہ ڪيس سزا ملي. هتي ڳٺ جوڙ ائين ٿي ٿيندي هئي. هتان جي اصل حڪمرانن پنجاب جي بالادستي چاهي پئي. جيڪا وڏائڻ ۾ غلام محمد وڏو ڪردار ادا ڪري رهيو هو. تنهن ڪري هن جي غير آئيني قدمن کي ڪنهن بہ ڪونہ ٿي روڪيو. ان وقت جي اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي تميز الدين خان گورنر جنرل جي انهيءَ قدم کي سنڌ چيف ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو.. فيصلو اسپيڪر جي حق ۾ ٿيو ۽ ان وقت هڪ عجيب سياسي صورتحال پيدا ٿي پر ان عدالت جي فيصلي کي 1955ع ۾ فيڊرل ڪورٽ ڪالعدم قرار ڏنو ۽ گورنر جنرل جي قدم کي آئيني، قانوني ۽ جائز قرار ڏنو.

ملڪ ۾ جيڪڏهن ائين نہ هجي، قانون ساز ادارن جي حيثيت نہ هجي، ملڪ سان شامل وحدتن جي ڪا نمائندگي نہ هجي، ڪين پنهنجي وسيلن تي مالڪي جو حق نہ هجي. جڏهن تشخص ئي خطري ۾ هجي تہ ظاهر آهي تہ بيچيني تہ پيدا ٿيندي. پاڪستان جي قيام کي ڇهہ مهينا بہ ڪونہ ٿيا تہ اتر اولهہ سرحد صوبي جي ماڻهن، پاڪستان سان شامل هجڻ واري ڳالهہ تان هٿ کڻي ڇڏيو. بلوچستان ۾ بہ ابتدائي ورهين کان پوءِ شورش پيدا ٿي، بنگال جي عوام جي بيچيني بہ ڪجهہ سالن ۾ پيدا ٿي ۽ وڏي ۽ اجا بہ وڌڻ لڳي.

اهڙين حالتن ۾ پنجاب وٽ ان کان سواءِ ڪو چارو ئي ڪونہ هو تہ هو پنهنجي حاڪميت ۽ اڳواٽي قائم رکڻ لاءِ مڪمل ڪنٽرول رکي ۽ ان لاءِ وفاق سان شامل وحدتن جي خودمختياري، خوداراديءَ کي ختم ڪري، 3 ڊسمبر 1958ع تي اوڀر پاڪستان اسيمبليءَ ۾ هنگامو ٿي پيو. ميمبرن هڪ ٻئي کي ڪرسيون اڇلائي هنيون. اسيمبليءَ جو اسپيڪر شاهد علي زخمي ٿي پيو ۽ پوءِ زخمن جو تاب نہ سهي گذاري ويو. آئيني بحران پيدا ڪرڻ جي نتيجي ۾ جوڙاري نفسانفسي لڳي پئي هئي. مختلف صوبن جون اسيمبليون ناهيون ٿي

ويون ۽ ڍاهيون ٿي ويون. وزيرن جي تقرري ٿيندي هئي ۽ وري استعيفائون ورتيون ويندڙيون هيون. مثال طور بهاولپور ۾ حسن محمود جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو.

هي سڀ ائين ڇو ٿي ٿيو؟ ملڪ غلام محمد، ان قسم جا اونڌا ۽ غير آئيني ڪم ڇو ڪري رهيو هو؟ ڇا هو ارباب اختيار کان زور آور هو؟ ڇا هو وڏيڪ طاقتور هو؟ جواب آهي تہ "نہ". هو ان جو حصو هو ۽ اصل واڳ ڌڻي چاهن ها تہ کيس سڌي رخ ۾ ملڪ کي هلائڻ تي مجبور ڪري سگهيا پئي. پر اهي ائين ڇو چاهين؟ اهي اهڙا قدم هئا، جن سان پنجاب جي حاڪميت ۽ مرڪزيت مضبوط ٿي رهي هئي. ان لاءِ پنجاب جي اڳيان اهو رستو ئي بچيو هو. طاقت، بي لغام ٿيندي آهي ۽ آئيندي تان نظرون هٽائي ڇڏيندي آهي ۽ فقط ۽ فقط حال ۾ مست رهندي آهي ۽ انهيءَ مستيءَ ۾ لتاڙ جو عمل جاري رکندي آهي. 1956ع ۾ غير آئيني طريقي سان ناهيل آئين جي برڪتن سان وجود ۾ ايندڙ ون يونٽ بل، سنڌ کان پهرين ٻين صوبن جي اسيمبلين پاس ڪيو هو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جو بل خان بهادر محمد ايوب کهڙي پيش ڪيو هو ۽ ڏنڊي جي زور تي اهو بل منظور ڪرايو. ان دؤران سائين جي ايم سيد کي گرفتار ڪيو ويو هو، جنهن اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ خلاف اڳ ۾ ئي تقرير ڪئي هئي ۽ سنڌ حڪومت کي خطرو هو تہ پنهنجي سياسي ڪردار ۽ سمجهہ سبب ميمبرن تي تمام گهڻو اثر ڇڏيندو ۽ بل پاس ٿيڻ ڪونہ ڏيندو. ان حڪمت عمليءَ جو نتيجو حڪومت جي منشا ۽ مرضي مطابق ٿيو. اسيمبلي ۾ غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، پير الاهي بخش کانسواءِ ڪنهن بہ ون يونٽ جي خلاف نہ ڳالهيو.

ون يونٽ نافذ ٿي ويو. پنجاب جيئن چاهيو پئي، تيئن ٿيو. پر حيرت جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ون يونٽ سان سڌو سنئون ۽ گهڻو نقصان بنگال کي هو. تہ بہ اتان جي سياستدانن ۽ ماڻهن، ان جي خلاف آواز اتارڻ ۾ دير ڪئي. جيتوڻيڪ سنڌ کي بہ ون يونٽ سان تمام وڏو نقصان پهتو. (جنهن جي پوءِ اپٽار ڪيون ٿا) پر بنگال سان وڏو انياءُ هو. سائين جي ايم سيد سنڌ متحده محاذ

ناهي. سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. باضمير ورڪرن. اڳواڻن ۽ سياستدانن کي پاڻ سان گڏ ڪيو. 10 آگسٽ 1969ع ۾ عوامي ليگ جو صدر شيخ مجيب الرحمان ڪراچي آيو ۽ سائين جي ايم سيد سنڌ متحده محاذ جي پليٽ فارم تان شيخ صاحب کي ڪراچيءَ ۾ آجياڻو ڏنو. جنهن ۾ استقباليه تقرير ۾ ون يونٽ جي قيام. ان جي نقصانن ۽ انکي ڊاهڻ جي فائدن بابت شيخ صاحب کي آگاهه ڪيو. سائين جي ايم سيد جي انهيءَ تقرير مان هڪڙو اقتباس پيش ڪجي ٿو:

1) هيءُ سرشتو (ون يونٽ) تيرنهن سالن جي عرصي کان مختلف حڪومتن ۽ مختلف قانوني سرشتي هيٺ رهندو آيو آهي. اڄ سيني اڳيان اها حقيقت ظاهر ٿي چڪي آهي تہ ون يونٽ جو سرشتو ڪامياب ثابت نہ ٿيو آهي. ان مان جيڪي نتيجا پيدا ٿيا آهن. سي خود ان جي بانين جي اميدن جي بلڪل خلاف ويا آهن.

2) اهو سرشتو اولهہ پاڪستان (بنگال) جي باشندن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌائڻ جو هڪ خاص سبب بنيو آهي ۽ ان قومي اتحاد جي نشونما کي وڏو ضرر (نقصان) پهچايو آهي. ملڪ جي اندروني رنجشن ۽ رقابتن کي وڌيڪ جاري رکڻ ۽ طاقت جي زور تي موجوده انتظامي سرشتي کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ڪنهن بہ صورت ۾ دانائپ وارو ڪم نہ آهي.

3) در حقيقت موجوده صورت ۾ آزاديءَ جي ڪابہ معنيٰ ڪانہ ٿي رهي. جڏهن صورتحال اها هجي تہ هڪ علائقي جي آزاد شهرين کي اهو موقعو بہ حاصل نہ هجي جو هو فقط پنهنجا ميونسپل معاملا پاڻ هلائڻ جو اختيار رکندا هجن.

4) ون يونٽ جي سرشتي. بيشمار انتظامي براين ۽ خرابين کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڏني آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ رشوت خوري. لالچ. ڪامورن جي غرور. غير ذميواري. نااهليءَ ۽ طاقت جي غير دانشمندانہ استعمال سان پيدا ٿيندڙ براين سبب حڪومت جو دامن داغدار ٿي پيو آهي. بدنصيب سنڌ ننڍڙي ليول جي ڪم عقل ۽ خود سر آفيسر لاءِ هڪ "جنت" بڻجي وئي آهي. انهيءَ جو ڪارڻ

اهو آهي تہ هني مقرر ٿيل ڪارندا وڏي بيپرواهيءَ سان ڪم ڪن ٿا ۽ ساڳي وقت عوامي نمائندن جي نظر داريءَ ۽ باز پرس کان محفوظ آهن.

5) هن نظام جو بنياد /وجود جمهوريت جي بنيادي روح کان ئي انڪاري آهي. سنڌ جا باشندا متفق طور هن سرشتي کي رد ڪري چڪا آهن.

6) هن سرشتي هيٺ سنڌ جي حيثيت انگريزن جي دؤر واري "هوم رول" جي درجي کان بہ گهٽ آهي. جنهن جو هند ۽ پاڪ جي ماڻهن ستر سال اڳ مطالبو ڪيو هو.

7) هيءُ انتظامي سرشو خود ويهين صديءَ جي انهن تقاضائن کان ئي انڪاري آهي. جيڪي خود اختياريءَ واري حق جي بنياد تي سموري طاقت عوام جي حوالي ڪرڻ جو تاڪيد ڪن ٿيون ۽ ان ۾ ڪنهن جي بہ مداخلت برداشت نہ ٿيون ڪرڻ چاهين.

8) ون يونٽ جو ناهڻ بنيادي مقصد جي بہ خلاف هو. جنهن لاءِ هيءُ ملڪ وجود ۾ آندو ويو هو. هيءُ نظام 1940ع ۾ پاس ٿيل "قرارداد پاڪستان" جي لفظن ۽ معنيٰ جي ئي بنهہ ابتڙ آهي.

9) ون يونٽ جي تخليق 1943ع واري پاڪستان ريزوليوشن جي روح کان ئي انڪاري آهي. جيڪو سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ وڏي اڪثريت سان پاس ڪيو هو.

10) ون يونٽ جي تخليق 1947ع واري آزاديءَ جي ايڪٽ جي لفظن ۽ معنيٰ جي پڻ قطعي خلاف آهي. جيڪو برطانوي پارليامينٽ پاس ڪيو هو. جنهن موجب پاڪستان وجود ۾ آيو.

11) ون يونٽ جو وجود، اقوام متحده جي بنيادي اصولن جي پڻ پيچڪڙي ڪندڙ آهي. جن ۾ ننڍن قومن کي ملڪي سرحدن، زبان، ثقافت ۽ سياسي تحفظ جي بنياد تي خوداختياري جو حق ڏنل آهي.

12) ون يونٽ انهن اصولن جي پڻ برخلاف آهي. جيڪي 1930ع ۾ قائداعظم محمد علي جناح طرفان پيش ڪيا ويا هئا.

13) ون يونٽ جي تخليق قائداعظم محمد علي جناح طرفان 1930ع ۾ پيش ڪيل 14 نڪتن واري پروگرام کان پڻ انڪاري آهي.
14) ون يونٽ جي تخليق هندستان جي مڙني مسلم پارٽين طرفان 1930ع ۾ ڪونايل ڪانفرنس جي انهيءَ مطالبي جي پڻ برخلاف آهي، جنهن جي سنڌ ۽ هندستان جي مڙني مسلم اڳواڻن حمايت ڪئي هئي.
15) ون يونٽ جي تخليق قرارداد مقاصد جي معنيٰ ۽ مفهوم کان ئي انڪاري آهي. جيڪو 1949ع ۾ پاڪستان جي پهرين دستور ساز اسيمبليءَ قائد ملت لياقت علي خان جي صدارت ۾ پاس ٿيو هو. انهيءَ کان علاوه انهيءَ آئين جي بنيادي اصول جي پچڪڙي آهي، جيڪو ان وقت جي اسيمبليءَ منظور ڪيو هو.
16) ون يونٽ جي سرشتي جو قائم رهڻ 1957ع ۾ اولهه پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي پاس ڪيل نهراءَ جي لفظن ۽ معنيٰ جي پڻ خلاف آهي. جنهن ۾ ون يونٽ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو ۽ انهيءَ نهراءَ جي فائدي ۾ مجموعي اولهه پاڪستان جا سمورا چونديل ميمبر ۽ مرڪز جا نمائندا متفق هئا.

محترم سائين جي ايم سيد، اهو سڀ ڪجهه نه رڳو بنگالين جيٰ وڏي اڳواڻ کي سمجهايو. پر ساڳي وقت سائين جي ايم سيد بلوچستان جي ماڻهن کي به سجاڳ ڪيو. هن ڪوئٽا- بلوچستان متحده قائم ڪرايو. پختونن ۾ به جاڳرتا آندي. سائين جي ايم سيد ئي هو، جنهن پنجاب کي به بار بار سمجهايو ته ون يونٽ سان وفاق کي خطرو آهي. ملڪ جي وحدت جو انتشار جو شڪار ٿيڻ اوس آهي. تنهن ڪري ان ستم جي طالع آزمائي کان باز اچو. پر پنجاب ون يونٽ کانسواءِ پنهنجا وسيع تر مفاد حاصل نه ٿي ڪري سگهيو. تنهن ڪري ون يونٽ کي باقاعدي مضبوط ڪيائين.

سائين جي ايم سيد جي زماني ۾ "ون يونٽ" پنجاب لاءِ هڪ مقدس نظام هو. جنهن جي خلاف ڳالهائڻ به جرم هو پنجاب اهو طئہ ڪري ڇڏيو هو ته:

1. ون يونٽ ڊاهي اڳوڻن صوبن کي بحال ڪرڻ، پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ برابر آهي.

2. ون يونٽ جي مخالفت اسلامي نظريہ پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ وارا هندستان ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن جا ايجنٽ آهن.

3. ون يونٽ جي مخالفت اسلامي نظريہ پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ برابر آهي.

4. ون يونٽ حقيقت بڻجي ويو آهي، ان جي مخالفت بيڪار آهي، ان جي مخالفت کي ڪچليو ويندو.

5. ننڍن صوبن جو عوام، ون يونٽ جي فائدي ۾ آهي، ان جي مخالفت ڪندڙ ڌارين جا ايجنٽ، انتشار پسند، اسلام جا دشمن، ڪوتاهہ نظر ۽ فرسوده خيال جا ماڻهو آهن.

ون يونٽ سنڌ کي ڪهڙو نقصان پهچايو، ان جو ڪاٿو نہ ٿو ڪري سگهجي. پر اهو نظر ۾ آهي تہ پاڪستان انهن غلطين جي ڪري اڌو اڌ ٽٽي ويو. سچ تہ اهو آهي تہ 60 سيڪڙو آباديءَ وارو وڏو اڌ يا اڪثريتي حصو ڌار ٿي ويو ۽ بنگلاديش ٿي ويو. ون يونٽ جيڪي انياءَ ڪيا. سائين جي ايم سيد جي زباني بيان ڪجن تہ بهتر آهي، سائين جي ايم سيد لکيو آهي تہ:

1) سنڌ جي ڪروڙين اربين رپين جي خرچ تي نهرايل ڪوٽڙي بئراج تي ٽنڊو محمد خان جون زمينون سرڪاري خرچ تي سڌاري غير سنڌين (پنجابين) کي ڏنيون ويون.

2) ڪيترن ئي سنڌي آفيسرن جا حق ريٽي، پنجاب جي جونيئر آفيسرن کي مکيہ عهدن تي رکيو ويو.

3) سنڌ سرڪار طرفان منظور ڪيل جابلو ۽ ٿر جي ايراضين کي سڌارڻ جون اسڪيمون رد ڪيو ويون، جيتوڻيڪ انهن تي سنڌ جو پئسو خرچ ٿيڻو هو. سنڌ جا 30 ڪروڙ رپيا ون يونٽ وقت وفاق پنهنجي قبضي ۾ ورتا ۽ ڪتب آندا.

4) سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاهہ لطيف سينٽرل ڪلچرل بورڊ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان منظور ٿيل رقمن کي گهٽائي فقط نالي ڳڻ ڪئي وئي.

5) سنڌ سرڪاري طرفان هر سال هر هڪ تعلقي ۾ هاءِ اسڪول ۽ هر ضلعي ۾ ڪاليج ۽ اسپتالن جون بحال ٿيل اسڪيمون ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ زوريءَ تعليم جي اڳوڻي دستور کي ئي ختم ڪيو ويو.

ان کان علاوه هونئن ون يونٽ ۾ ٿيل ناانصافين ۽ اوهه زورائين جو ذڪر ڪجي ته وڏي اپٽار ٿي ويندي پر مکيه مکيه ڳالهيون هي آهن ته ون يونٽ جي ڪري سنڌ جي ڌار سڃاڻپ ۽ تشخص ختم ڪيو ويو. سنڌ جو نالو وٺڻ گناهه سمجهيو ويندو هو. سنڌ جي پيدائش يا ٽيڪسن جي وصوليءَ جو حق سنڌ وٽ نه رهيو. سنڌين جون نوڪريون ختم ڪيون ويون. سنڌين لاءِ روزگار جا دروازا بند ٿيا ۽ سنڌين جي جاءِ تي پنجاب جي ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون ويون. سنڌ جون زرعي زمينون پنجابي فوجي آفيسرن کي انعامن ۾ ڏنيون ويون. ڪين سنڌين جو حق مادي بهتر آبپاشي جو ذريعو ۽ ججهي انداز ۾ پاڻي مهيا ڪيو. سنڌ ۾ باقاعدي منظم رٿابنديءَ هيٺ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ پنجاب جي ماڻهن جي آبادڪاري ۽ سنڌ کي جديد بينڪيت بنايو ويو. وفاقي ادارن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي نوڪرين جي ڪوٽا کان محروم رکيو ويو. اعليٰ عهدن تان سنڌي ماڻهن کي هٽايو ويو. ون يونٽ کان پوءِ عملي طرح سنڌ کي فتح ٿيل علائقو سمجهيو ويو ۽ سنڌ جي ذريعن ۽ وسيلن کي مال غنيمت ڇاڻي ڦريو ويو. سنڌ جي پاڻيءَ جي چوريءَ جو بنياد رکيو ويو. سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت کي پٽ سان لڳايو ويو. اخبارن ۽ رسالن تي پابنديون لڳنديون هيون. پريسن تي ڇاپا هنيا ويا، اديبن ۽ شاعرن کي حق گوئي تي سزاياب ڪيو ويو. سنڌ ريجمينٽ ۾ پنجاب جي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو ۽ مشهور ڪيو ويو ته سنڌي ماڻهو فوج جي نوڪريءَ جي اهل نه آهن، سنڌي Non Martial race آهن. سنڌ ۾ سياسي چرپر تي پابندي هنئي وئي. حق جي ڳالهه ڪرڻ سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ وڏو ڏوهه هو. سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون گرفتاريون ۽ مٿن ڪيس ڪرڻ هڪ دستور بڻجي ويو. صنعتن ۾ سنڌي پورهيتن کي روزگار کان پري رکيو ويو. ماڻهن جي ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ تي پابندي هئي، مجبور ٿي سنڌ جي ڄاڻن، هڏڏوڪين، همدردن، سياسي ساڃاهه رکندڙ ماڻهن، سائين جي ايم سيد

جي ناهيل بزم صوفياءِ سنڌ ۾ شموليت ڪئي. ثقافتي سرگرمين جي نالي ۾ سنڌ جي مختلف ڳوٺن وسندين. واهڻن ۾ ميڙاڪا ڪيا. ثقافتي پروگرام منعقد ڪيا. جن ۾ عوام کي جاڳرتا ڏني وئي. ڪين منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ون يونٽ خلاف هلايل هلچل ۾ سموري ملڪ ۾ واحد سنڌ صوبو هو. جتي ماڻهن جو سياسي شعور ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هو ۽ هلچل جي ابتدا هتان ٿي هئي. بنگال (اوڀر پاڪستان) جي عوام کي پڻ سنڌ جي ماڻهن جي هلچل مان اتساهہ نصيب ٿيو. بلوچستان ۽ سرحد ۾ بہ بيچيني هئي. پر اتي ان بيچيني اهو وهڪرو اختيار نہ ڪيو. جيڪو سنڌ ۾ 4 مارچ جهڙن ٿيندڙ واقعن جو سبب بڻجن.

4 مارچ سنڌ جي تاريخ ۾ اهو واقعو آهي. جنهن بابت چئي سگهجي ٿو تہ اهو واقعو ون يونٽ جي تابوت جو آخري ڪوڪو ثابت ٿيو. هيءُ اهو دؤر هو جو. سنڌ مٿان پنجاب جي حاڪميت ۽ بالادستي سڌي سنئين ۽ ظاهر ظهور هئي. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ حالتن وڏو ڦيرو کاڌو. اڳتي هلي بنگالين کي وڏي ويڌن مان گذرڻو پيو. ون يونٽ ٽٽڻ سان پنجاب جي صوبن مٿان گرفت ڪمزور ٿي هئي. بنگال ان وقت وڏي ۾ وڏو صوبو هو ۽ ان جون تقاضائون بہ وڏيون هيون. پنجاب کي ڪنهن جي بہ همدردي ۽ برابري قبول نہ هئي. ون يونٽ ٽٽڻ سان پنجاب بہ وڏا سبق سڪيا ۽ پنهنجي ڏور رس رٿابندي لاءِ اهم حڪمت عمليون مليون. هڪڙو سبق اهو مليو تہ جيستائين پاڪستان سان بنگال شامل رهندو تہ پوءِ ٽن ٻين صوبن بلوچستان. سرحد ۽ سنڌ کي پاڻ سان گڏائي ...... جي هڪ هٽي لاءِ خطرا پيدا ڪندو. ٻيو تہ جنهن ون يونٽ ٽوڙڻ جو ڪم ڪيو آهي ۽ پنهنجي مٿان سڌي سنئين حاڪميت مجڻ ان بيزاري ۽ ان جي خلاف ويڙهہ ڏيکاري آهي. تنهن ڪري اڳتي سنڌ مٿان سڌي سنئين حڪمراني نہ ڪئي ويندي. پنهنجو ٿي ڪو مهرو ويهاري ڇڏبو ۽ سنڌين کي ڌارئي جي حاڪميت هجڻ جو احساس نہ ڏياربو. هيءُ ون يونٽ جيڪو اڄ نظر نہ ٿو اچي. پر پوءِ بہ اڄ سنڌ. سرحد ۽ بلوچستان پنهنجي وجود جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ ڪوشان آهن. اها جدوجهد هئي جو ون يونٽ ٽٽي ويو ۽ گهڻ رخن اثرن سبب ملڪ کي بہ

ٿوڙي وڏائين ۾ بنگال، 30 لک ماڻهن تان هٿ کڻي آزاد ملڪن جي صف ۾ شامل ٿي ويو. پر ان ون يونٽ نهڻ کان وٺي ٽٽڻ تائين سنڌ جي ماڻهن تمام ڀرپور تحريڪ هلائي. سنڌ کانسواءِ سرحد صوبي ۾ بلوچستان جي ماڻهن به ون يونٽ جي خلاف ڀرپور تحريڪون هلايون پر سنڌ ۾ تحريڪ، سڀني کان مٿانهين هئي. سنڌ جي سڀني ماڻهن ان ۾ ڀاڱو ورتو. عالم، اديب، شاعر، استاد، شاگرد، وڪيل، سياستدان پر ايتري قدر جو سرڪاري آفيسر به اندر ۾ ون يونٽ خلاف سخت نفرت رکندو هو. اُن ڳالهه ۾ ڪو به وڏاءُ ناهي ته سڄي سنڌ پندرنهن سالن تائين سراپا احتجاج رهي. سنڌ جون عورتون ۽ نياڻيون پڻ هن سڄي جدوجهد ۾ باقاعدي ۽ مسلسل شامل رهيون. سنڌ ۾ جن ماڻهن ڀرپور حصو ورتو ۽ سر فهرست رهيا، انهن ۾ سائين حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد، سائين شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ، شمشير الحيدري، ناصر مورائي، قاضي فيض محمد، پير الاهي بخش، يوسف لغاري، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو، سليمان شيخ، اشفاق ميمڻ، ڪامل راڄپر، غلام نبي مورائي، مظهر الحق صديقي، سوڀو گيانچنداڻي، رسول بخش پليجو، امداد محمد شاهه، عبدالحئي پليجو، رڪن الدين قاسمي، ڄام ساقي، علي احمد قريشي (وڪيل)، قاضي محمد بخش ڌامراهه، حفيظ قريشي، بيگم زينت چنا، حميد سنڌي، قاسم پٿر، امداد حسيني، اعجاز قريشي، صلاح الدين پنهور، حميد راهي، احمد خان ملڪاڻي، تاج جويو، خاڪي جويو، فاروق سولنگي، تاج جويو، خاڪي جويو، عبدالحڪيم ارشد، لکو مل، جي اين مغل، نواز ڀٽو، سليمان شيخ، شمس صديقي، غلام نبي مغل، امان الله شيخ (وڪيل)، راشد مورائي، غلام حسين رنگريز ۽ ٻيا هزارين ڪارڪن ۽ ورڪر شامل هئا. چوٿين مارچ 1967ع واري تحريڪ جيڪا اڳيان هلي ون يونٽ مخالفت تحريڪ بڻي، تنهن ۾ شامل سڀ جا سڀ (207) شاگرد پڻ ان تحريڪ ۾ شامل ٿيا. پندرنهن ورهين جي لڳاتار جدوجهد کان پوءِ مغربي پاڪستان جي مارشل لائي حڪومت ۾ يحيٰ خان جي حڪم سان اڳوڻا صوبا بحال ٿيا. جنرل

يحيٰ خان 31 ڊسمبر 1969ع تي ريڊيو ذريعي صوبن بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ پهرين جولاءِ 1970ع کان صوبا عمل ۾ آيا.

سنڌ صوبو جيڪو، سچي زندگي هڪ بچت وارو صوبو رهيو آهي، تنهن کي زوريءَ هڪ کوٽ واري صوبي ۾ تبديل ڪيو ويو، جيڪا کوٽ اڄ تائين پوري ٿي نہ سگهي آهي. باوجود ان جي تہ سنڌ هن مهل تائين اقتصادي ۽ مالياتي ذريعن سان مالامال رهي آهي ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل رهي آهي. هن جي ترقياتي رٿائن ۾ بار بار ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي ۽ اڄ تائين هيءُ صوبو ملڪ جي اسٽيٽ بئنڪ جو قرضدار آهي. انهن متين تقريرن ۾ جيڪي نوڪرين ۽ ترقيءَ جا دوکي وارا دلاسا ڏنا ويا هئا.تن بجاءِ بهتريءَ جي بدحاليءَ ڏانهن ڌکي ڇڏيو. وڏي صوبي سان دوستي ۽ ويرانيءَ جي صورت ۾ نظر آيو آهي. سنڌ جي اڪابرن ان وقت ئي رڙيون ڪيون هيون ۽ انهيءَ اسڪيم سان سنڌ کي نقصان ٿيندو ۽ ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو. پر سنڌن هڪ بہ نہ ٻڌي وئي ۽ زوريءَ ون يونٽ جو طوق صوبن جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. سنڌ جي تنهن وقت 33 ڪروڙ رپيا تعليمي سيس مان بچت هئي، جيڪا پڻ مغربي پاڪستان جي حڪومت حوالي ڪئي وئي، جنهن جو اڄ تائين ڪو حساب ڪتاب نہ ٿيو آهي. سنڌ جي هڪ وڏي سڄڻ شيخ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي هڪ پريس بيان ۾ ون يونٽ جي سخت مطالفت ڪندي چيو تہ انگن اکرن سان اهو ثابت ڪيو تہ سنڌ کي ون يونٽ نهڻ سان سخت نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. شيخ صاحب پنهنجي ان پريس بيان ۾ اهو ٻڌايو تہ ون يونٽ نهڻ واري سال يعني 55 - 1954ع ۾ مرڪز طرفان پنجاب کي 347.8 ملين رپيا، 52.6 ملين رپيا سنڌ کي ۽ 66.5 ملين رپيا سرحد کي ترقياتي ڪمن لاءِ قرض ڏنو ويو. ان وقت پنجاب تي سرڪار جو 22 ڪروڙ 60 لک رپيا، سنڌ تي هڪ ڪروڙ رپيا ۽ سرحد تي 75 لک رپيا سرڪاري قرض هو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ ٻئي نمبر صوبي هجڻ جي باوجود گهٽ ۾ گهٽ مقروض هئي. شيخ صاحب پنهنجي انهيءَ پمفليٽ ۾ وڌيڪ چيو تہ چڱي نموني، صوبن جي ذريعن ۽ مالياتي مسئلن جي جوڳي حل ڳولڻ کانسواءِ ون يونٽ ماٿهن جي مٿان نہ مڙهيو وڃي.

شيخ صاحب پنهنجي انهيءَ پريس بيان ۾ اهو بہ چيو آهي تہ جڏهن سنڌ. بمبئي کان جدا ٿي هئي تہ ماهر جي هڪ ڪاميٽي ويهاري وئي هئي تہ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي مالياتي رخن ۽ اثرن جي هڪ رپورٽ ناهي حڪومت کي پيش ڪري. گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ. 1935ع جي پاس ٿيڻ کان اڳ ۾ 1932ع ۾ هڪ وفاقي ماليات جي صورتحال معلوم ڪري تجويز هيٺ آيل آئيني سڌارن جي اسڪيم هيٺ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي امڪاني مالي حالتن جو ڪاٿو لڳائي. انهيءَ ڪاميٽي نہ رڳو مرڪزي وفاقي حڪومت جي انتظام هيٺ مقامي اختيارين جي ماليات جو پڻ اڳواٽ جائزو ورتو. پر بدقسمتيءَ سان اسان جي حڪومت اهڙي مسئلي تي ڪنهن سائنسي يا آئيني انداز ۾ جائزي وٺرائڻ جي زحمت وٺڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي.

اسان کي هتي اهو بہ ياد آهي تہ جڏهن سکر بئراج جي اسڪيم نهي، انگريز (هندستان) سرڪاري اڳيان پيش ٿي تہ ان تي وڏا بحث مباحثا ٿيا. فني رخن کانسواءِ مالي رخن تي بہ وڏو بحث ٿيو ۽ انهن سيني بحثن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 60 سال لڳي ويا. پر جڏهن اها اسڪيم عمل ۾ اچڻ واري ٿي تہ وري اهو اعتراض ڪيو ويو تہ سکر بئراج لاءِ سنڌ حڪومت جيڪو قرض کڻندي اهو 1980ع تائين لاهي نہ سگهندي. پر سنڌ جا مالي وسيلا ايترا تہ بهتر ۽ مضبوط هئا جو ان سکر بئراج تي ڪروڙين رپين جو ڪنيل قرض 1940ع ۾ لاهي ڇڏي ڪيو. 1932ع ۾ بئراج ٺهيو ۽ 9 ورهين ۾ ان جو قرض لٿو. هتي انهن ڳالهين ڪرڻ جو مقصد فقط هي آهي تہ سنڌ صوبو هڪ امير ۽ بچت وارو صوبو هو. جنهن پاڻ تي ڪڏهن بہ قرض چڙهڻ ڪونہ ڏنو. پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ون يونٽ جي صورت ۾ سنڌ سان تمام گهڻيون ناانصافيون ڪيون ويون. ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ سنڌي ماڻهن پنهنجي جدوجهد ۾ مختلف ادارا ۽ تنظيمون ناهيون ۽ انهن پليٽ فارمن تان تحرڪون هلايون. سنڌ جي وڏن سياستدانن محترم جي ايم سيد جي سربراهيءَ ۾ "سنڌ اينٽي ون يونٽ فرنٽ" ناهيو. جنهن ۾ ون يونٽ جا ناهيندڙ بہ اچي گڏ ٿيا. ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ سيد سان گڏ مرحوم غلام مصطفيٰ پرڳڙي، مرحوم حيدر بخش جتوئي، مرحوم قاضي فيض محمد

مرحوم. ڪامريڊ غلام محمد لغاري تمام گھڻو اڳيان وڌي چڪا هئا. حيدر بخش جتوئي شايد سنڌ جو هڪ اڪيلو ۽ ايڏو وڏو معتبر ماڻهو هو. جنهن پنهنجي همت سان ون يونٽ ناهيندڙن جي بادشاهت سان وڏو ٽڪر کاڌو ۽ ڪيئي سال جيل جون تمام خراب عقوبتون برداشت ڪيون ۽ جتوئي صاحب ون يونٽ ٽٽندو ڏسي سنڌي ماڻهو کي مبارڪون ڏنيون ۽ سنڌ کي هڪ عزت ڀرئي مقام تي پهچائڻ لاءِ سنڌي نوجوان ۽ عام سنڌي ماڻهن تائين مبارڪن سان گڏ سنڌ جي بهتر مستقبل جو پيغام موڪليو. جتوئي صاحب پنهنجي ڪتاب "ملزم جو بيان". جيڪو 600 صفحن تي مشتمل آهي، ۾ ون يونٽ بابت تفصيل قلم بند ڪيا آهن. پاڻ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ جلد ئي گذاري ويو. اهڙي نموني سائين قاضي فيض محمد جهڙو هڪ وڏو خوددار شخص تي اپريو. جيڪو آخر ۾ عوامي ليگ ۾ شامل ٿيو هو ۽ شيخ مجيب الرحمان کان مڪمل تائيد ورتي ون يونٽ جي مخالفت ۾ سنڌي ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ سنڌ مان شيخ مجيب سان ملڻ لاءِ لاهور تائين سوين ماڻهن جو وفد وٺي روانو ٿيو. ساڳي نموني ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ سائين حفيظ قريشي پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو. شيخ مجيب سان لاهور ۾ ملڻ وقت سنڌي شاگردن، سياستدانن، اديبن ۽ وڪيلن لاهور ۾ مظاهرا ڪيا ۽ پنجاب کي ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ مجبور ڪيو. اتي مظاهرن دؤران لاهور پوليس، سنڌي ماڻهن تي لٺيون وسايون ۽ رت وهايو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ واري 54 - سالن جي تاريخ تي نظر ڊوڙايون ٿا ته پتو پوي ٿو ته سنڌ ڪڏهن به سک ناهي سنبري. تاريخ جي هر ڏهاڪي (Decade) کي الڳ الڳ ڇيد ڪري ٿا ڏسون ته سنڌ جي مفاد واري حساب ڪتاب ۾ پاڇي "زيرو" آهي. ملڪ جي حڪمرانن خبر ناهي ونڊ، ضرب ۽ ڪٽ جوڙ جا ڪهڙا حساب ترتيب ڏنا آهن. جو اسان جي ئي حصي ۾ پاڇيءَ وارو خانو خالي آهي. اسان جي وسيلن تي به ڄڻ اسان جو ڪو حق ڪونهي. پنهجن قانونن تي اسان جو اختيار ڪونهي. اسان جي تعليم، صحت، زراعت، قانون ۽ اختيار اسان جي وس ۾ ڪونهن. سنڌ جيڪا صدين کان ڌارين کي اناج مهيا

ڪري رهي آهي. اها پنهنجي پونءِ واسين کي پيٽ پري ڪارائڻ کان قاصر آهي. پنهنجي ئي سرزمين تي پنهنجا پير پختا نٿا لڳن. لڳي ٿو تہ زمين ڏڏي رهي آهي. بيني بيني جهٽڪا محسوس ٿين ٿا، لڳي ٿو تہ زمين تڏي جيان ويڙهي ڪير پيرن هيٺان ڪسڪائي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن چرڪ پري اکيون ڦوٽاري ٿا ڏسون هي خواب آهي يا حقيقت! بيوسيءَ جي عالم ۾ آه نڪري ٿي. خدايا هي ڇاپيو ٿئي. خدايا پوءِ ڇا ٿيندو؟؟!!

اڄ "4 - مارچ" جي مزاحمتي ڏهاڙي کي پيٺا ڏيڻ لاءِ پاڻ گڏ ٿيا آهيون پر حقيقت ۾ هي بهانو آهي تہ اسين گذريل سال نہ پر سنڌ جي پوريءَ تاريخ جو جائزو وٺون. ڏسون تہ سنڌ جي سورن جي ڪهاڻي ڪٿان ٿي شروع ٿئي. هن ديس جي دردن جي ڪهاڻيءَ جو ڪو انت بہ آهي يا نہ!؟ ڏسؤن تہ ڪير آهي جيڪو سنڌ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي. هن هيڏي وڏي، پيانڪ ۽ خوفناڪ تاريخ جو ذميوار ڪير آهي. ڪٿي اسين پاڻ تہ ناهيون جيڪي لاشعور ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيا آهيون. جيڪي عمل اڳ ڏارين غدارن کان ڪرايا ويندا هئا، اڄ اهي ئي ڪم قومن جي پنهنجن محبن کان ڪرايا پيا وڃن. اچو تہ ڇيد ڪيون. اچو تہ سچ ڳالهايون. اچو تہ سياڻي جي مؤرخ کي سچي ۽ حقيقي تاريخ لکڻ لاءِ مواد ڏيون. ان ۾ ئي پنهنجو جيئدان ۽ اڄپو آهي.

تاريخ جو ورق ورق اها شاهدي ڏئي رهيو آهي تہ ڪيتري وقت کان وٺي سنڌ صوبي سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ روا رکيو ويو آهي. هميشہ اسان کي شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي، هميشہ طاقت جي زور تي اسان جي آواز کي دبائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هميشہ هٽرادو فارمولا جوڙي وقتي حڪمراني ڪئي پئي وڃي.

هڪ مضبوط نظام بجاءِ ۽ وقتي قانون جوڙي صوبي کي هلايو پيو وڃي. ڪڏهن صوبي ۾ گورنر راڄ، ڪڏهن فوجي آپريشن ۽ ڪڏهن وري جمهوريت جي موجودگيءَ ۾ گورنر راڄ هٽي ادارا مضبوط ڪرڻ بجاءِ فردن کي

مضبوط ڪيو پيو وڃي. تہ جيئن اسلام آباد ۾ ويھي صوبي ڪي پنھنجي مرضيءَ منشا مطابق هلائي سگھجي.

پاڪستان جي پوري تاريخ اھڙين حقيقتن سان پري پئي آھي ان پوري تاريخ مان "ون يونٽ وارو دؤر سنڌ لاءِ ڪارو دؤر ليکيو وڃي ٿو. ملڪ ۾ ون يونٽ مڙھي صوبن جي سياسي ۽ ثقافتي حيثيت ختم ڪئي وئي، انھيءَ ئي دور ۾ سنڌ ۾ ٻوليءَ، ادب، ڪلچر ۽ تاريخ ڪي ڏنڊلاڻ ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ مان لفظ "سنڌ" ڪي ڇڻ تہ ڊڪشنريءَ مان ئي غائب ڪيو ويو. ڇڻ تہ سنڌ هڪ رياست نہ پر ڪا ديھہ هجي، جنھن ڪي هڪ مختيارڪار سطح جي ڪاموري جي آرڊر تي ختم يا ٻئي رياست ۾ ضم ڪيو ويو. ھي پورو دؤر سنڌ جي مزاحمتي سياست جو روشن باب آھي. نيوٽن جي ٿرڊ لا:

***"Action and reaction are equal, but are in opposite direction"***

جيان سنڌ ڪي جيترو هيسايو ۽ دٻايو ويو، سنڌ جو ماڻھو اوترو ئي شدت سان جاڳيو ۽ اٿيو. هنن نہ رڳو احتجاج ڪيو پر عملي سياست جو هڪ نمونو پيش ڪندي "Anti one unit Tahreek" کي پايہ تڪميل تائين پھچايو. ون يونٽ تحريڪ جي ئي نتيجي ۾ وفاق صوبن جي پراڻي حيثيت بحال ڪئي. اڳ پوري جي پوري قوم ڪي پنھنجي وجود تان ئي هٿ ڌوئڻا پئجي ويا هئا. اها سنڌ مان اٿيل تحريڪ ئي هئي جنھن ملڪ جي سيني صوبن ڪي مرڪزي حاڪميت مان نجات ڏياري، ۽ اڄ سڀ فخر سان پنھنجي ڌرتي، قوم ۽ ڪلچر جي ڳالھہ ڪري سگھن ٿا.

پر افسوس ان ڳالھہ جو آھي تہ اڄ بہ اھي ساڳيون حالتون موجود آھن. جن ڪري ائنٽي ون يونٽ جھڙيون تحريڪون هلائڻيون پيون. اڄ بہ پنھنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي ڳالھہ ڪرڻ واري ڪي محب وطن جي دائري مان ٻاھر ڪڍي غدار سڏيو ٿو وڃي، اڄ بہ صوبي جي وسيلن تي صوبي جو حق تسليم نہ ٿو ڪيو وڃي. پوري سنڌ ۾ وڏي پيماني تي گئس ۽ تيل جا ذخيرا هٿ آيا آھن. پر نہ رڳو انھن جي صوبي ڪي جوڳي رائلٽي نہ ٿي ملي، پر مقامي ماڻھن ڪي ڪمپنين ۾ نوڪريون بہ نٿيون ملن. حد تہ اھا آھي جو ڪمپنيون نوڪرين ۾

مسجد جو پيش امام بہ غير سنڌي رکن ٿا. چون ٿا سنڌي ٽيڪنيڪل ناهن پر شايد سنڌين کي آذان ڏيڻ بہ ڪانہ ٿي اچي جو سيوهڻ جي پر ۾ بدرو جبل تي ڪم ڪندڙ ڪئمپ تي مؤذن بہ پنجاب جي شهر پوري والا مان گهرايو ويو آهي.

سنڌ ۾ ڪاب پلاننگ يا منصوب بندي ڪانهي، ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ٿيڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي. سنڌ جي زراعت پوئتي پوندي وڃي، زرعي مارڪيٽنگ ۾ عام آبادگار مار پيو کائي. سنڌ ۾ مال جي بهتر پالنا ۽ واپار وڌائڻ لاءِ ڪاٿي بہ ڍنگ جي ڪوشش نظر ڪانہ ٿي اچي. حالت اها آهي جو ڪراچيءَ جي ٻڪرا منڊيءَ ۾ لاهور جي مال جا واڪ لڳن ٿا. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي حالت اها آهي تہ لوئر سنڌ تہ پري، پر پاڻيءَ جي منڍ وارن ضلعن سکر ۽ خيرپور ۾ بہ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ احتجاج پيا ٿين. امن امان جي حالت هيءَ آهي جو پوليس جا آفيسر بہ اغوا پيا ٿين. انهيءَ صورتحال ۾ عام ماڻهوءَ جو ساهہ ئي سڪي ويو آهي، ماڻهو گهرن ۾ بہ محفوظ ڪونهن. اڃهو هاڻي ئي حڪمران پارٽيءَ جو مرڪزي رهنما خالدبن وليد دهشتگردن جو ڪاڄ ٻڌجي ويو. هي ماڻهن جا رکوالا پاڻ ئي پيا سر لڪائين تہ عام ماڻهوءَ جو هن سسٽم ۾ حشر ڇا ٿيندو! خدا خير ڪري! چوڻ جو مطلب تہ ٿورو غور ڪيو تہ جڏهن سنڌ ۾ ائنٽي ون يونٽ ۽ ايم آر ڊيءَ جهڙيون تحريڪون هليون تہ ان وقت ۽ هن وقت سنڌ جي حالتن ۾ ڏينهن رات جو فرق ٿو نظر اچي. 60 کان 80ع تائين وارو ڏهاڪو هن گذريل 90 واري ڏهاڪي کان گهڻو بهتر هئا. سنڌ جو ماڻهو جيترو هاڻي عدم تحفظ ۽ احساس محروميءَ جو شڪار آهي اهڙو ڪڏهن بہ نہ ٿيو. هيءَ وقت ڪنهن جاندار تحريڪ جو آهي. پر سڀ خاموش آهن. اڳ ون يونٽ ۽ مارشل جا اعلان ٿيندا هئا. هاڻي بہ اهوئي حال آهي. بس رڳو اعلان نہ ٿا ٿين. "شيون آن دي رڪارڊ" هڪڙيون آهن ۽ آف دي رڪارڊ ٻيون. بس ايترو ئي فرق آهي.

"سنڌ ڪڏهن سک سنبرندي؟!" انهيءَ سوال جي جواب جي تلاش ۾ 54 سال گذري ويا. خبر ناهي اڃا گهڻو عرصو لڳي. ڪٿان تہ ڪا ٻڙڪ ٻاهر

نڪري. ڪٿان تہ ڪا رڻ مان رڙ اچي، ڪو سڏ تہ ڏئي، ڪاٿ ڪوڪ ٿئي، ڪوتہ جهولو جهلي. ڏسئون تہ ڪير ٿو وراڻي ڏئي. ڪٿان ڪو پڙاڏو اچي بہ ٿو يا نہ!

چوڌاري ميارون آهن. رڳو ڏوراپا. تنقيدون. الزام تراشيون ۽ ڪردارڪشي. ڪٿي بہ ڪو تعميري بحث ڪونہ ٿو ٿئي، ڪٿي بہ ڪا مجموعي ڳالهہ ڪانہ ٿي ٿئي. لڳي ٿو سنڌ ۾ اجتماعيت جي جاءِ انفراديت والاري آهي. سيڪو سير ٿيڻ ٿو چاهي، "مان. آنءُ. انا. I. me ۽ mine" ماڻهن جا قد ننڍا ڪري ڇڏيا آهن. پر هي وقت آهي عملي ڪم ذريعي ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو. ماڻهو هاڻي دليل گهرن ٿا. ثبوت ۽ ثابتين کانسواءِ تقرير ۽ لباڙ اجائي آهي. رڳو تاڙين تي خوش نہ ٿجي. اهي تاڙين جا آواز ڪڏهن ڪڏهن خوفناڪ آوازن جيان اوهان جي ڪنن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رهندا آهن. جيڪي توهان جي ذهن ۽ ضمير کي آرام سان ويهڻ ڪونہ ڏيندا.

اچو تہ اعتراف ڪريون. اچو تہ سچ ڳالهايون تہ اسين پنهنجو پنهنجو اهو ڪردار نڀائي ناهيون سگهيا. جيڪو تاريخ اسان جي حصي ۾ مقرر ڪيو آهي. اها ئي حقيقت آهي. اهو ئي اعتراف آهي. اهو ئي سچ آهي. اچو تہ اڄ اهو وچن ڪيون تہ سڀ گڏجي اڄ جي سنڌ جي ترقيءَ لاءِ پاڻ جاکوڙيندا سون ۽ چوٿين مارچ 1967ع جي ان جذبي ۽ ولولي کي زنده رکنداسون ۽ ان تي عمل ڪنداسون.

# تاريخي سچائي ۽ اسان جي جدوجهد

## مشتاق ميراڻي

سيمينارُ جلسي کان مختلف هوندو آهي. سيمينار جو قاعدو اهو آهي تہ پنهنجي وقت تي شروع ٿئي ۽ وقت تي ختم ٿئي ۽ مقالن پڙهندڙن ۽ تقرير ڪندڙن کي هدايتون ڏجن تہ هو ڪيئن مقالا پڙهن ۽ ڪيترو ٽائيم وٺن. هن سيمينار ۾ ڪافي سياسي جماعتن جا دوست ويٺا آهن. ائين ٿيڻ کپي تہ هو هن سيمينار مان ڪافي مثبت سبق وٺي جڏهن پنهنجي پليٽ فارم تان سيمينارَ منظم ڪن تہ اهي شيون بيهر نہ دهرائين.

مان تہ انجنيئرنگ جو اسٽوڊنٽ آهيان ۽ پڙهائيندو بہ آهيان. اسان انجنيئرن جي نظر سدائين تعمير ۽ نظم ۽ ضبط تي هوندي آهي. شايد اسان کي تقرير بہ ڪرڻ نہ ايندي آهي ۽ پوري بولي بہ ڳالهائڻ نہ ايندي آهي. اسان جو پورو وقت گهٽي ۽ گهٽي قدر خاموشيءَ سان تعمير ۾ گذرندو آهي ۽ اها اسان جي عادت ٿي ويئي آهي. جيئن مون کي هن سيمينار جي دعوت ڏني وئي تہ مان پيپر پڙهان. مون ان حوالي سان سلائيڊ تيار ڪيا. پر ڇاڪاڻ تہ ٽائيم تمام گهٽو ٿي ويو آهي ۽ ڪافي سنا دوست ڳالهائڻ لاءِ ويٺا آهن ان ڪري وڌيڪ وقت بہ نٿو وٺي سگهان. مان حال صرف هڪڙيءَ ڳالهہ ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائيندس. اڄ جي جيڪا سنڌ جي صورتحال آهي. ان جو حل فرد ۾ ڳوليندا سين تہ ناڪام ٿينداسين. تنظيم ۾ ڳوليندا سين تہ ناڪام ٿينداسين. صرف هڪڙي يا ٻن ماڻهن جي ذات ۾ ڳوليندا سين تہ بہ ناڪام ٿينداسين. سنڌ جي صورتحال جيڪا هن وقت آهي اها 1850ع ۾ جاپان جي بہ هئي. بلڪل ساڳي اسان جهڙي. توهان کي خبر آهي تہ اڄ جيڪو جاپان آهي. جنهن کان سڄي دنيا خوفزده آهي. 1850ع کان اڳ ايتري ان جي حالت ابتر هوندي هئي. جو ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آئي ڪتاب لکڻ تي بہ پابندي هوندي هئي. بلڪ ٻيءَ ٻوليءَ جي ڪتاب پڙهڻ تي بہ پابندي هوندي هئي. دنيا سان واسطو رکڻ تي بہ پابندي هوندي هئي - جيئن اسان وٽ ڪجهہ وقت اڳ اسان جي تعليمي ادارن ۾ سنڌ جي ڪجهہ سياسي جماعتن پابندي هڻي ڇڏي هئي تہ سنڌ کان ٻاهر لاڳاپا رکڻ وارو. انهن کان سکڻ وارو. غدار آ. يا جيئن روايتي ڪميونسٽ پارٽيءَ بندش هڻي ڇڏي

هئي ذهن تي تہ جيڪو مغرب جي دنيا جا ڪتاب پڙهندو تہ اُهو عوام دشمن يا ڪميونسٽ دشمن آهي؛ ۽ پوءِ اصل ڳالهہ کلي پئي تہ انهن جا پنهنجا ڪارناما يا اهي جيڪي فاشسٽ ڪميونسٽ هئاتن جا ڪارناما ڪهڙا هئا جن ڪي هنن لڪايو ٿي. تمام خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ اڄ هڪڙي تمام مثبت ۽ ڪشاده خياليءَ جي تحريڪ شروع ٿي وئي آ. ان ۾ صرف هڪ يا ٻن فردن جون نہ پر جيئي سنڌ جا جيڪي بہ ڏڙا آهن. ۽ ٻيون تنظيمون آهن - ايس ايس ٽي يا ڊي ايس ايف آهن - سيني جي گڏيل ڪوشش سان ئي اهو ڏسون ٿا تہ اڄ اسان جو ذهن آزاد ٿي ڪري ڳالهائي سگهي ٿو. ڪا بہ پابندي ناهي ڪابہ سنسرشپ ناهي (تاڙيون). مان اهو بہ چوندس تہ ان دؤر ۾ بہ جڏهن پابندي هئي. جيڪو سماج سان سچو ماڻهو هو. سوچيندڙ هو ۽ تحقيق جو عاشق هو. ان دؤر ۾ بہ اُهو پنهنجي ڳالهہ سچائيءَ سان آڏو رکندو هو. ڪيتري ان جي اڳيان تشدد جي صورتحال هوندي هئي. ڇا بہ هوندو هو. تڏهن بہ حق ۽ سچ چوڻ جي جرئت رکندو هو. هاڻ جيئن مون پهرين چيو تہ سنڌ جي صورتحال جاپان وانگي ڪيئن آ؟ 1850ع تائين اوهان ڪي خبر هجڻ کپي تہ جاپان ۾ اُها گهٽيل ذهنيت غالب هوندي هئي. اڍائي سؤ سالن تائين (تاريخ تہ اُن اٽڃاٽائيءَ ۽ محدودو خياليءَ جي هزارن سالن جي آهي) پر اڍائي سؤ سال پورا انهن تي اُها جنگجو ذهنيت حڪمراني ڪندي هئي. ۽ ان جي نتيجي ۾ جاپان ڪمزور سماج ٿي ويو هو. جيئن اڄ سنڌي سماج آهي. بلڪل هڪڙو اهڙو ئي بيو مثال آ تہ 1952ع ۾ آمريڪا جو هڪ ڪموڊور پيڙين جو جهاز ڪٺي اچي جاپان جي مٿان بيٺو تہ يا سرحدون کوليو ۽ واپار ڪيو نہ تہ مان توهان تي حملو ڪندس. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن اڄ اسان جي سنڌ آهي. هڪ عام رينجرس جو سپاهي هجي يا ڇام صادق هجي، سنڌي ماڻهوءَ ڪي ڪجهہ بہ نہ ٿو سمجهي. اُن ڪموڊور ٽيليءَ بہ جاپاني سماج ڪي تمام ڪمزور شئي سمجهيو هو. پر آخر ۾ سچي جاپان جي سوسائٽيءَ ۾ هلچل مچي وئي تہ ڪڏهن پاڻ ڪي اسين تمام عظيم سمجهندا هئاسين. سو هاڻي اسان ڪي ڇا ٿي ويو! ان ڪان پوءِ جيئن صحيح ماڻهو ڪم ڪندو آ. قوم جو سچو ليڊر ڪم ڪندو آهي. هنن شڪست قبول ڪئي ۽ ڪموڊور ٽيليءَ سان معاهدو ڪيائون. ائين نہ جيئن اسان وٽ صدام حسين آهي. جنهن ڏسي وائسي بہ تہ اڄ ٽيڪنالاجيءَ سان ويڙهہ ٿي ٿئي پوءِ بہ ايران ڪي تباهہ ڪيائين. ڪويت ڪي تباهہ ڪيائين ۽ خود پنهنجي ملڪ عراق ڪي تباهہ ڪيائين. جڏهن سچي دنيا ڪيس چئي پئي تہ بابا

جنگ نہ ڏنر. فلسطين جي ڪاز کي اسين ڪٿون ٿا. اڄ اهو ماڻهو هن آمريڪي جنرل جي آڏو هيچ آهي، جو جيئن چئيس ٿو تيئن هن سان معاهدي لاءِ مجبور آهي.

ان کانپوءِ سڄي جاپان ۾ هلچل مچي وئي ۽ سياسي خونن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ڪڏهن انهن جو نواب پيو مري تہ ڪڏهن حڪمران پيو مري، ۽ توهان کي خبر آ تہ جاپان جي سوسائٽيءَ ۾ سياسي خونريزي هڪڙي تمام پراڻي روايت بہ هئي. انهيءَ کان پوءِ اُن دؤر ۾ اتان جا ڪجهہ شاگردن جو هڪ ڊچ ڪمپنيءَ سان تحريري واسطو پيدا ٿيو (جيڪا رڳو ڪتاب ترجمو ڪندي هئي) تن ۽ ڪجهہ سياسي اڳواڻن ۽ عوام دوست ماڻهن اِن يڪطرفي ڪتابي اثر هيٺ اهو نتيجو ڪڍيو تہ جاپان جي ذلت واري جيڪا ڪمزوري يا شڪست هئي ان جو سبب فرد يا پارٽيون يا عهدا ناهن، پر سندن سماج بذات خود خراب آهي، انهن جو هنن علاج هيئن ڪڍيو تہ 16 سالن جي هڪڙي چوڪري کي پنهنجو شهنشاهہ قبوليائون جنهن کان بہ چار قسم ڪٺايائون تہ اڄ کان پوءِ سڄيءَ دنيا سان جاپان پنهنجو واپار ڪندو ۽ سڄيءَ دنيا ۾ جتي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي هوندي، اها اسين جاپان ۾ آڻينداسين، ۽ ائين اسين پنجاهہ سالن کان پوءِ ان ئي يورپ ۽ آمريڪا کي شڪست ڏينداسين. اڄ اسان جي سنڌ جي حالت بہ اها آهي، جو اسان وٽ ڪو اليڪٽريڪل، ڪو مڪئنيڪل ماهر ڪونهي. جاپان ڇا ڪيو، جو سڄيءَ دنيا مان استاد گهرايائون، ائين نہ جيئن اسان وٽ استادن جي بيعزتي ڪئي ويندي آهي. سڄيءَ دنيا مان هنن استاد گهرايا ۽ پنهجا شاگرد ٻاهر موڪليا. انهن قومپرستي ۽ قدامت پسنديءَ کي، جيئن اسان جي هڪڙي دوست هاڻي سنڌي ڳالهہ ڪئي، عملي قومپرستيءَ ۽ عملي جدت پسنديءَ ۾ تبديل ڪيو - واپار، هنر ۽ انڊسٽريءَ ۾. ان کان پوءِ جيڪا بہ هنن کي سٺي شيءِ ملي، انهن پاڻ وٽ آندي، ۽ توهان کي خبر آ تہ صرف 20 سالن جي عرصي ۾ هنن پهرين شڪست چين کي ڏني. يعني 1865ع ۾ Meagi Revolution ۽ ويهن سال Meagi Revolution کان پوءِ چين کي شڪست ڏنائون، ۽ 1905ع ۾ روس کي شڪست ڏنائون ۽ پهرين عالمي جنگ ۾ هنن پنهنجي جنگي حڪمت عملين جي غلطيءَ جي ڪري، آمريڪا ۽ برطانيہ کان شڪست کاڌي ۽ پوءِ وري بہ ڦري گهري، 1945ع ۾ ٻيءَ مهاڀاري جنگ ۾ انهن وچي پرل هاربر تي حملو ڪيو. انهيءَ ۾ انهن کي سندن منفي انتها پسنديءَ نہ پر سندن قومي جدوجهد جي جذبي ۽ وطن دوستيءَ جي اجهل قربانين ڪم ڏنو.

وري دنيا ۾ ٻيو مثال آ مغربي جرمنيءَ جو. توهان کي خبر آ تہ 1871ع کان اڳ ۾ جرمني چار سؤ راڄن يا رياستن ۾ ورهايل هئي. جيئن اسان وٽ ضلعا يا تعلقا هوندا آهن. مون کي نالو صحيح ڪو نہ ٿو اچي، بسمارڪ آ يا ٻيو آهي، قومپرستن 1871ع ۾ فرانس کي شڪست ڏيئي جرمنيءَ کي متحد ڪيو. هن ٻيو ڪجهہ نہ ڪيو صرف جرمنيءَ ۾ روڊ ۽ رستا ٺهرايا. ان کان پوءِ ٽيون جيڪو ملڪ آهي، اهو سائوٿ ڪوريا جو آهي، جنهن جو مان مثال ٿو ڏيان تہ 1910ع کان وٺي 1945 تائين جاپان جي غلاميءَ هيٺ رهيو. ايتري قدر جو سائوٿ ڪوريا ۾ ڪورين ٻوليءَ تي بندش هوندي هئي، انهن چيو تہ اسان جاپان کي بہ شڪست ڏينداسين. صرف 20 سالن ۾ هنن جاپان سان مقابلو ڪيو ۽ هاڻي ڏسو هو ڪيتري پد تي رسيل آهن! اهي اسان لاءِ سبق آهن تہ سماج جي تعمير ڪرڻي آ. ۽ هي جيڪو مونجهارو آ سنڌ ۾ ان جي جيڪا نجات آ - منهنجي نظر ۾. ڇاڪاڻ تہ تجربي، مطالعي يا جيڪو مون کي بين الاقوامي سفر جو تجربو آ، مان يورپ بہ ڏٺو آهي، ايشيا بہ ڏٺو آهي - تہ نہ نجات فردن ۾ آهي نہ سياسي تحريڪن ۾ آهي. جيڪڏهن آهي تہ سماج جي ناهڻ ۾ آهي. جيڪڏهن اسين چاهيون تہ سؤ سال پلي تقريرون هجن، سيمينار هجن، يا مسٽر الف کي گاريون ڏيون ۽ چئون فلاڻو ذميدار هيو، فلاڻو هيئن هيو - پر جيڪڏهن اسين پنهنجي سياسي فڪر ۾ تعمير نہ آڻينداسين، تيستائين اسين اتي ئي بيٺا هونداسين جتي آهيون.

اڄ مان توهان کي پرئڪٽيڪل رزلٽ ٻڌايان تہ سنڌ ۾ پهرين جيڪڏهن واقعي ڪا تعمير ڪئي تہ اها غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪئي. هن زراعت کي ترقي ڏني ۽ سنڌ مان غربت ختم ڪئي، ان کان سواءِ سڄيءَ دنيا ۾ سنڌ شايد واحد خطو آهي جتي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڏڪر ڪونہ پيو آ. ان جو سبب اهو آهي جو اسان جي ماڻهن زراعت کي اهڙي نموني هلايو، جو هتي ڏڪر ڪونہ پيو. نہ تہ دنيا ۾ آمريڪا يا ٻيو ڪوبہ ملڪ هجي ڏڪر جا شڪار رهيا آهن. ان کان پو ءِ ٻي تعمير جيڪا انگريزن شروع ڪئي، انهيءَ جا منفي پاسا بہ هئا پر مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ انگريز ئي هئا جن اسان کي جديد دؤر ۾ پير رکڻ جو عملي سبق ڏنو. مشهور ڳالهہ آهي تہ هڪ موقعي تي چارلس نيپئر ڏٺو تہ هڪڙو سنڌي ماڻهو هيو، سرون پيو ڪٽي، پٽ ڪٽڻ لاءِ. انهيءَ کي ڏسي پنهنجي جرنيلن کي چيائين تہ سنڌ کي ناهڻ لاءِ ٻن شين جي ضرورت آهي، هڪ صبر ۽ ٻيو مسلسل جدوجهد. تہ هيءَ اسان جو خطو سون ٿي سگهي ٿو. پر هتي صبر سان تعمير ڪجي، لڳاتار جدوجهد ڪجي. ٽيون جيڪو

تاريخ ۾ تعمير جو ڪم ڪيو. اهو جي ايم سيد ڪيو. مان جي ايم سيد جو سياسي ليڊر جي حيثيت سان نہ پر هڪ سماجي حيثيت سان قدر ٿو ڪريان، جي ايم سيد ئي هو جنهن سنڌ يونيورسٽي ڏني، سنڌي ادبي بورڊ ڏنو، هارين جي لاءِ هن وڏو هڪ پروگرام ڏنو. اڄ بہ توهان جديد تاريخ کي ڏسندؤ تہ جيڪڏهن ڪو سماجي انجنيئر هو جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو جي ايم سيد هو (تاڙيون)

1930ع ۾ اهوئي جي ايم سيد هو جنهن ڏنو تہ (جاڪان تہ ان زماني ۾ سنڌ ۾ هندو مسلم جو سماجي تضاد هيو) سنڌي مسلمان واپار ۾ نٿو اچي، ان هفتو ڏينهن مقرر ڪيو. پهرين جولاءِ سڄيءَ سنڌ ۾ مظاهرا ڪرايا، پمفليٽ ورهايا ۽ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. مان جيئي سنڌ جي سمورن دوستن کي چوندس تہ اهو پهرين جولاءِ جو ڏينهن قومي ڏينهن ڪري ملهايو تہ سنڌ ۾ هنر ۽ انڊسٽري ڪيئن وڌائجي. (تاڙيون)

جي ايم سيد کان وري پوءِ جيڪو سوشل انجنيئر اچي ٿو اهو ذوالفقار علي ڀٽو اچي ٿو، ڀلي اسان هن جي ڪافي شين سان متفق نہ هجون، پر هن سنڌ کي ڇا نہ ڏنو! اڄ جيڪا اسان ۾ طاقت آئي آهي، ان ۾ هن جو وڏو هٿ هو. هن سنڌ کي گهڻو ڪجهہ ڏنو. روڊ ۽ رستا ڏنا. اسڪول ڏنائين. هن سنڌي ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب نوڪريون ڏنيون ۽ نوڪرين جي ذريعي هن دنيا ۾ سنڌي ماڻهن کي پڌر ۾ آندو. اسلام آباد تہ ڇڏيو پر ڪراچي بہ اسان لاءِ اوپري هوندي هئي، هوٽل انٽرڪام ۾ سلوار قميص پائي وڃڻ وارن تي پابندي هوندي هئي. اهوئي ڀٽو هيو جنهن پنهنجي سنڌي ڪلچر کي اڳتي ڪرڻ لاءِ ويڙهہ ڪئي ۽ اڄ توهان مان ڪو بہ سلوار قميص پائي انٽرڪام ۾ هاليڊي - ان ۾ وڃي سگهي ٿو. اختلاف ڀلي هجن پر حاصلاتون ضرور تسليم ڪجن. ڀٽي شهيد زرعي يونيورسٽي ناهي، مهراڻ يونيورسٽي ناهي ۽ تعليمي ادارن جو ڄار وڇايو. ٽيڪنيڪل ڪاليجن جو ڄار وڇايو. ۽ صرف 20 سالن ۾ جيڪا هيءَ نئين جنريشن آهي اها هن جي انهن اقدامن جو نتيجو آهي، هن کان پوءِ 20 سالن ۾ ڪا بہ بي اهڙي حاصلات ڪانہ ٿي، مان چئي سگهان ٿو ۽ منهنجي ڄاڻ آهي. ايمانداريءَ جي راءِ آهي تہ سنڌ جي ڪنهن بہ سياسي جماعت وٽ اڄ تعمير جو ڪو بہ پروگرام ڪونهي. جڏهن تعمير جو ڪوبہ پروگرام نہ هوندو تہ ڪيئن قوم ترقي ڪندي ۽ ڪيئن ان ۾ مقابلي جي طاقت ايندي ۽ ڪيئن سامهون ايندڙ زوراورين کي منهن ڏبو! اوهان جو وطن سنڌ اها سرزمين آهي جنهن جي مٽيءَ کي بہ جيڪڏهن توهان ڪڍندو تہ سون اٿو. صرف ڀاڄيون. باهر موڪلجن. تہ

هڪ جرمن ڪاٺو لڳايو آ تہ پنج ارب ڊالر ڪمائي سگھون ٿا. جيڪڏھن اڄ بہ سنڌي ماٺھو ٻيو ڪجھہ نہ ڪن رڳو ٻاڇيون ٻاھر موڪلين تہ پنج ارب ڊالر يعني سوٴ ارب رپيہ اسان صرف ٻاڇين مان ڪمائي سگھون ٿا. ھتي ڇا ناھي؟ تيل آھي. ڪوئلو آھي. ڇٺن قسمن جون موسمون آھن. جيئن اسان جي دوست امداد چانڊئي چيو تہ سنڌ ۾ ڪابہ اھڙي شيءِ ڪانھي جنھن مان اسان ڪجھہ حاصل نہ ڪري سگھون. پر جيڪا اسان کي ضرورت آھي اھا قومي تعمير جي. پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪري ڪم ڪرڻ جي بدل سدل پوءِ اھا شاگرد تحريڪ ھجي. سياسي تحريڪ ھجي يا دانشور تحريڪ ھجي. سياست اسان جي مٿان حاوي آھي. پر تعمير ڪانھي. صرف انھيءَ مان اندازو لڳايو. مان ڇئي سگھان ٿو تہ سنڌ جي سيني شاگرد تنظيمن. چار پنج مھينا ٿيا. رڳو پنھنجي پاليسي تبديل ڪئي آھي تہ پرامن ماحول پيدا ٿيو آ. سيمينار بہ ٿين ٿا. Self granted Leave بہ ختم ٿئي ٿي. پڙھائي ٿئي ٿي. رات جو 11 وڳي ڇوڪرا ھجن. ڇوڪريون ھجن. ڪيمپس ۾ گھمندا ٿا وتن. صرف ڇئن پنجن مھينن ۾ پاليسي تبديل ڪرڻ جو نتيجو اھو نڪتل آھي. ڇاڪاڻ تہ مان انجنيئرنگ سان گڏوگڏ ايڪانامڪس جو اسٽوڊنٽ بہ آھيان. مان پنھنجي رسرچ موجب - مان نہ پر اسان جا دوست جيڪي ڪم ڪن ٿا دعويٰ سان ڏسي سگھن ٿا - ڇئي سگھن ٿا تہ سنڌ جون سياسي تنظيمون تعميري پروگرام ڪن. تہ اسان پنجن سالن ۾ ڪوريا جھڙا ٿي سگھون ٿا. مان توھان کي حساب ڪري ٻڌايان تہ پوري يورپ کي ترقي ڪرڻ ۾ 2000 سال لڳا جاپان کي 50 سال لڳا. سائوٿ ڪوريا کي 20 سال لڳا. تہ سنڌ پنجن سالن ۾ ترقي ڪري سگھي ٿي. اسپين ۾ ڪيٿولڪ ھوندا ھئا. توھان کي خبر آھي عيسائين ۾ بہ فرقا آھن ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ. ڪيٿولڪ ايئن ھوندا آھن جيئن اسان سنڌين کي چوندا آھن تہ بابا ھي ڪم چور آھن. چوندا ھئا تہ ھي پورچوگيز ڪابہ ترقي ڪري ڪو نہ سگھندا. 35 سالن جي گوريلا ويڙھہ کان پوءِ جڏھن سوشلسٽ وزيراعظم ٿيو تہ پنجن سالن ۾ اسپين کي مٿينءَ ليول تي ڪٺي آيو. تہ جيڪڏھن Human Will آھي ليڊرشپ آھي ۽ Positive Attitude آھي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت اسان جي ترقيءَ آڏو رڪاوٽ نٿي بڻجي سگھي.

مون تمام گھڻو توھان جو وقت ورتو آھي. ٻيا بہ گھڻا دوست وينا آھن. آخر ۾ مان اھا ڳالھہ ٻيھر ڪندس تہ اسان جون آفاقي ڳالھيون ھجن. تنظيمون ھجن. ھڪٻئي تي الزام ھڻون. انھيءَ جو ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو. جيستائين سياسي تنظيمون. شاگرد تنظيمون يا دانشور. سنڌ جي قومي تعمير جو پروگرام شروع نٿا

ڪن. هٿ ۾ نٽا ڪٽن. سنڌ جي نجات ڪانہ ٿيندي. جيڪڏهن ڪو دوست چاهي تہ اسين ان سان Debate بہ ڪري سگهون ٿا . ۽ پوءِ جڏهن اسان وٽ زباني تدبير سان گڏ عملي تعمير ٿي وڃي، تہ پوءِ ڏسون تہ ڪو رينجرس جو سپاهي، ڪو چام صادق يا ڪو خان يا ڪو چوڌري سنڌي ماڻهن جي ڪمن ۾ عمل دخل ڏئي!

اسان جي هيٺائي صرف انهيءَ ڪري آ. جو اسان 20 سيڪڙو شهرن ۾ ٿا رهون. 67 هزار ڳوٺن ۾ سنڌي آبادي پکڙيل آهي. هاڻي 67 هزار ڳوٺن ۾ ساڍا ٽي ڪروڙ آبادي پکڙيل هوندي، وکريل هوندي. اڻ پڙهيل ۽ ڏکي ۽ بُکي هوندي، تہ ان ۾ ڪهڙي سگهہ Power هوندي ڪهڙو زور (Force) هوندو ۽ ڪهڙي طاقت (Strength) هوندي!

اِن ڪانپوءِ اسان جي اقتصاديات ڏسو تہ ويچاري هاريءَ کي اها خبر ڪانهي تہ ٻج ڪيئن چٽيان. يا گورنمينٽ سروس کي ڏسو. جتي صرف اسان جا ذهن صرف ٿا ٿين. چاڪاڻ تہ سڄيءَ دنيا ۾ ذهني صلاحيت جي تباهي ڪرڻ. معنيٰ سرڪاري نوڪري ڪرڻ. ٻي ڳالهہ توهان کي ٻڌايان تہ اڳ پاڪستان کي عالمي سطح تي، ٽوڙي اندروني طور سنڌ کان بہ سياسي رشوت ملندي هئي تہ پنجاب ۽ اسلام آباد وارا سياسي رشوت طور سنڌين کي نوڪري ڏيندا هئا. هاڻ تہ پاڪستان کي اها سياسي رشوت سنڌي قوم کان شايدئي ايتري نالهي بہ ڏي ملي! اسلام آباد وارا سنڌين کي اُن قدر ئي سياسي رشوت ڏيندا! هاڻ پاڻ کي سنڌ جي تعمير ڪرڻي آ. تہ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن سنڌ جون سياسي تنظيمون. شاگرد ۽ دانشور. ٽيئي گڏجن ۽ اهي پنهنجي پروگرام ۾ سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ جو پروگرام شروع ڪن. جيڪڏهن نہ ڪندا تہ هي اسان راڳ پيا ڳائيندا سين ۽ وري 50 سالن کان پوءِ بہ اهائي چوٿين مارچ ۽ اهائي امداد چانڊيئي جي ڏک ڀري تقرير هوندي.

*(هيءُ مضمون "4 مارچ ۽ اڄ جي شاگرد سياست" جون 1992ع تان کنيو ويو)*

# 4 مارچ قومي جدوجهد جو ڏينهن

## يوسف ميمڻ

دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي شاگردن وانگر سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تي پڻ شاگرد برادري جي عالمي سجاڳي جو ڪافي اثر پئجي چڪو آهي. اڄ جو پورهيت، شاگرد ۽ دانشور ايڏو حساس آهي جو ويٽنام، فلسطين ۽ بينگال ۾ مردن، عورتن ۽ ٻارن جي جلندڙ جسمن ۾ پنهنجي جسم ۽ روح کي سڙندو ڏسي خوني ۽ جابر سان جنگ جوٽي ٿو. هو انساني حقن، انصاف ۽ پائيداري جهڙن عالمي اصولن ۾ ايمان رکي ٿو. پيار، امن ۽ آزادي کي پنهنجي منزل سمجهي ٿو.

سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن سنڌ کي ون يونٽ جي زنجيرن کان آجو ڪرائڻ ۽ "جيئي سنڌ" تحريڪ جي بنياد رکڻ لاءِ گذريل پنجن سالن کان ڏينهن راتين جا جاکوڙا ڪيا آهن. وايو منڊل جو انسان جي سوچ تي وڏو اثر آهي، سنڌ جنهن کي هميشه ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو آهي، انهيءَ ڏاڍ ۽ بي انصافي انهن نوجوانن جي ذهن ۾ وطن سان پيار جهڙي انقلابي سوچ پيدا ڪئي. اها سوچ، جا مهلَ جي گهر هئي، تنهن سنڌ جي سورهين کي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي آزادي جهڙا دوُر رس نعرا ڏنا.

4 مارچ 1967ع تي وهيل رتُ سنڌ جي قومي تحريڪ کي هڪ نئين موڙ تي وني آيو. پنج سال اڳ فيبروري جي آخري هفتي ۾، سنڌو جي ساڄي ڪپ تي، سنڌ يونيورسٽي جهڙي عظيم اداري ۾ دڪيل باهه جو ٻنيٽ پڙڪي اٿيو. نوجوانن حق ۽ انصاف لاءِ ظالم ۽ باطل جي خلاف جدوجهد شروع ڪئي. ان وقت جي مقبول وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان کي ڪمشنر مسرور جي شرارت تي يونيورسٽي جي سرپرستي تان استعيفيٰ ونرائي وئي. ڪٿي تو اسان سيني کان اهو ڏنو تئي! سيني ڪلاسن کان بائيڪاٽ ڪيو. انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ميڊڪل ڪاليج جي محب وطن شاگردن جي ساٿ سان تحرڪ زور ورتو. اسان ڇهه ڏينهن سنڌ يونيورسٽي جي ڏهن بسن جي قافلي سان حيدرآباد شهر ۾ مسرور جي خلاف مظاهرو ڪيو. هزارن شاگردن جو مطالبو هو تہ: حسن علي عبدالرحمان کي واپس آندو وڃي. ون يونٽ ٽوڙيو وڃي. سنڌي قومي زبان بنائي وڃي ۽ مسرور کي ڪڍيو وڃي. سڄو شهر ٿرٿلي

اچي اسان جو سواگت ڪيو. اهو آچر جو ڏينهن هو. قيدي ڪپڙن ڌوئڻ ۾ ٻين ڌنڌن سان لڳي ويا. صبح جو نيرن لاءِ اڌ ڍڳڙي ۾ ڳڙ جي چانهه ملي. شام جو دال ۾ مڪئي جي ماني لاءِ لائين لڳائي بيناسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو بلوچستان مان قومي اسيمبلي لاءِ چونڊيل ميمبر دودا خان زرڪزئي، جيڪو 14 سالن لاءِ ڪجهه وقت اڳ ايوب خان طرفان جيل موڪليو ويو هو، سو اسان سان ملڻ آيو. هن صاحب اسان شاگردن سان ڪافي همدردي ڪئي ۽ اسان جي همٿ کي ڪافي ساراهيو. هن جذبات ۾ اچي زخمي شاگردن جي ڪپڙن جي لڳل رت کي چمي ڏني. شام جو اسان سڀني لاءِ پڳڙا گهرايائين، جيڪي يوسف لغاري سڀني کي ٻڪ ڀري جهول ۾ وجهندو ورهائيندو ويو.

هر روز شام ٿيندئي، اسان سڀني کي ٻن بيرڪن ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. يوسف لغاري 107 وري بيرڪ ۾ هو، يعني جنهن ۾ اعجاز قريشي، محمد علي مهيسر (ليڪچرار س - ي) لالا خالد (آمريڪا)، علي غلام (جرمني)، شمس الحق (پشاور) ۽ ٻيا اسان هئاسون. رات جو اسان بيئرڪن ۾ هو جمالو ۽ ٻيا قومي گيت ڳائيندا هئاسون. سڀ اندر پرسڪون ۽ حوصلا بلند رکيو وينا هوندا هئا، پر ڪيڏي ڪيڏي مهل گهر وارن جي حالت جو اندازو ڪري مون کي ڪجهه نراسائي ٿيندي هئي. سومر جي ڏينهن حيدرآباد شهر جي معزز وڪيلن جي ٽولي، اسان جي طرفان پوليس جي خلاف ڦرلٽ جي ڪيس متعلق صلاح مشورو ڪرڻ آئي. محمد احمد مرحوم ۽ رسول بخش پليجو انهن ۾ نمايان هئا.

جيل جي اندر خبر پئي، تہ ڊاڪٽر محمد صالح قريشي کي نئون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو آهي ۽ شاگردن جي رهائي جو ڪوششون هلن پيون. اربع جي شام جو اوچتو اسان ڏهن ڇهن کي پنهنجي سامان سميت گيٽ ڏانهن سڏ ٿيو. خبر پئي تہ اسان سڀ رها ڪيا پيا وڃون. شام جو ڇهين لڳي ڌاري ٻهريون جٿو جنهن ۾ يوسف شيخ، نصرالله، اعجاز، لياقت جتوئي ۽ مان. (باقي پنجن جا نالا ياد نہ آهن) آزاد ڪيا وياسين. ٻئي ڏينهن تائين سڀ شاگرد عبدالحميد جتوئي، حاجي نجم الدين سريوال، غني ٽالپر ۽ علي احمد قريشي ضمانت تي آزاد ڪيا ويا.

4 مارچ 1967ع جي واقعي سڄي سنڌ ۾ ظلم ۽ استحصال جي خلاف جوت جلائي ڇڏي. ان ڏينهن کانپوءِ سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد قومي جدوجهد ۾ سڄي سنڌ جي رهنمائي ڪرڻ لڳا. نئين ڪئمپس ۾ شاگردن جو ڪيل فيصلو، ڄڻ سڄي سنڌ جو فيصلو هوندو آهي. "جيئي سنڌ" جو نعرو هتان ئي حقيقت جو روپ وٺي ڪشمور

ڪان ڪارونجهر تائين طوفان وانگر پکڙجي ويو. ماضي قريب ۾ ثقافتي، معاشي ۽ علمي سجاڳي لاءِ ڍاڪا يونيورسٽي جيترو ڪم ڪيو آهي. تنهن ڪان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ئي انهن عظيم مقصدن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.

سنڌ جي رهاڪن، هتان جي شاگردن تي پروسو ۽ ويساهه ڪيو آهي ۽ کين ئي قافلي جو مهندار ڪيو آهي.

*(هيءُ مضمون رسالي "سهڻي" اپريل 1972ع تان کنيو ويو)*

# نئون نسل ۽ چوٿين مارچ

## اعجاز منگي

"چار مارچ جو ڏينهن اسان جي لاءِ آڪٽ ۽ لئي وارو ڏينهن ناهي. هي اهو ڏينهن بہ ناهي جنهن جي لاءِ اسان پنهنجي ثنا خواني ڪرڻ شروع ڪيون تہ اسان نئدي ڪنڌ جي جديد قومي ۽ جمهوري تحريڪ جي تاريخ ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ان ڪري هاٿي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويهي رهون. نہ وري چار مارچ اسان جي جدوجهد جي تاريخ جو سياسي پير آهي. جنهن تي اسان هر سال عقيدت مان هڪ ڳاڙهو جهندو چاڙهي مستقبل جون باسون باسيون پر هي ڏينهن اسان لاءِ تمام گهڻي سنجيدگيءَ ۽ پنهنجي هلندڙ جدوجهد جي تجزئي جو ڏينهن آهي."

مٿيون اقتباس مون پنهنجي لکيل ان مضمون مان ڪنيو آهي جيڪو مون ڪجھ سال اڳ لکيو هو. ان وقت "سنڌي عوام جو قومي اتحاد" هزارن سنڌي مردن ۽ عورتن کي رستن تي آڻي قومي جدوجهد جي بهترين تربيت ڪري رهيو هو پر اسان ان تربيت واري جدوجهد کي مستقل نہ رکي سگهياسين ڇو؟

ان ڇو جو جواب مان هن مضمون ۾ نہ ٿو ڏيان پر منهنجي اها شعوري ڪوشش آهي تہ هن مضمون ۾ اهو سوال. سوال بڻجي ضرور رهي ۽ اڄ چوٿين مارچ جي حوالي سان لکندي اهو لکڻو ٿو پوي تہ بدقسمتيءَ سان سنڌي قوم دنيا جي انهن قومن منجهان آهي جنهن ۾ ننڍيون وڏيون ڪيتريون ئي قومي، جمهوري ۽ انقلابي تنظيمون آهن ۽ تنظيمن جي گهڻائيءَ ڪري اسان جي قوم جي سياسي شعور ۾ اضافو تہ ضرور ٿيو آهي پر انهن تنظيمن جي باهمي ٽڪراءَ ڪري جهڙي طرح سنڌ جي سياسي سگهہ کي نقصان پهتو آهي ان جو ڪو حساب ناهي ۽ افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان تنظيمي انا ۾ ايترو تہ

جڪڙجي ويا آهيون جو اسان جي شعور جي هتن مان قومي انا ڪسڪندي ٿي وڃي. سو مٿيئن حوالي سان سنڌ جي گهڻ تنظيمي ڇڪتاڻ چار مارچ جي فتح ڪيل سرزمين تي پنهنجو جهنڊو کوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪيترن رهنمائن جي دعويٰ اها رهي آهي تہ هو ئي چار مارچ واري جدوجهد جا حقيقي وارث آهن.

ان ڪانسواءِ عام طور تي چوٿين مارچ کي پنهنجي قومي جاڳرتا جو پهرين ۽ مضبوط وک سمجهندا آهيون. اسان اهو بہ سمجهندا آهيون تہ چوٿين مارچ اسان جي قومي سوچ ۾ تمام وڏي تبديلي آندي.

ان کان پوءِ چوٿين مارچ کي اسان جي اديبن. شاعرن ۽ دانشورن مختلف پاسن کان پيش ڪري ان کي پنهنجي قومي غيرت ۽ شعور جو نشان (Symbol) قرار ڏنو.

هي سيمينار خود ان ڳالهہ جو گواهہ آهي تہ اسان جي جدوجهد ۾ چوٿين مارچ جو نالو ڪيترو نہ مان پريو. ڪيترو نہ بامعنيٰ ۽ ڪيترو نہ سدائين جوان آهي. جو بجاءِ ان بحث ۾ وڃڻ جي "مسرور احسن. پوءِ يوسف لغاري نہ. جام نہ. ها پليجو. راجپوتانہ جي سامهون نہ پر ۾. 207 نہ هئا وڌيڪ هئا" پر اڄ اسان چوٿين مارچ کي علامت بڻائي جديد مُسلن ۽ مونجهارن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ قومي جدوجهد ۾ نوجوان نسل جي شموليت ۽ ان جي حصي پتيءَ کي ڇنو ڪري رهيا آهيون.

سنڌي نوجوانن جي سياسي ڪردار جو جائزو وٺندي هڪڙي ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ کپي تہ نوجواني عمر جي هڪ مخصوص ۽ جذباتي ڪيفيت آهي. جيڪا پختي عمر جي شعور ۽ جوابداريءَ کان مختلف آهي.

چوٿين مارچ. ون يونٽ ۽ آمريت جي انڌيري ۾ پهرين ڇٽڪ ٿي جيڪا خاص طور تي نوجوان نسل جو ورثو آهي - نوجوانن جي سفر جي اها قابل تحسين شروعات اڳتي هلي ڪنهن بہ طور تي اطمينان جوڳي تنظيمي ضابطي ۽ انقلابي اصول جي گهيري ۾ نہ اچي سگهي. ان جو سبب هڪ نہ پر گهڻا آهن. پر جيڪڏهن اسان انهن سيني جزن کي هڪ ڪل ۾ تبديل ڪري ان

ڪي هڪ فلسفيانہ انداز ۾ ڏسون تہ ان جو وڏو سبب سنڌ جي سياسي ماضيءَ ۾ موجود انقلابي سنجيده فڪر جي سخت اڻاٺ نظر ٿي اچي.

دنيا جون اهي قومون ڪيتريون نہ خوشنصيب آهن جن ڪي ڪانٽ، هيگل، روسو، مارڪس ۽ لينن جهڙا سنجيده ۽ مدلل استاد نصيب ٿيا جن پنهنجي نوجوان نسل جي بهترين ذهني اوسر ۽ واڌ ويجهہ ۾ پنهنجي فڪري سگهہ کي استعمال ڪيو پر ان جي برعڪس اسان جي نوجوان نسل جي اڳواڻي، جذباتي شاعرن، رومانوي اديبن ۽ گهٽ ذهين سياستدانن ڪئي آهي. جن جا خطرناڪ آثار اسان جي اڄوڪي سياسي ماحول تي واضح نموني سان ڏسي سگهجن ٿا.

اسان جي فڪري رهنمائن اسان جي وطن دوستيءَ جي عمارت جا بنياد عقلي سنجيدگيءَ جي بدران جذباتي نعري بازيءَ تي رکيا ۽ سنڌ جي مخصوص سماجي جوڙجڪ ان جذباتي سياست سان تمام گهڻي هڪي آئي ۽ بنا ڪنهن پلاننگ ۽ ترتيب جي اسان جو سفر سياست جي ظالم ريگستان ۾ اڃا تائين جاري آهي.

چار مارچ اتفاق ٿي سهي پر سنڌ جي قومي جمهوري ۽ طبقاتي طاقت جو متحده محاذ تي آڏو آيو پر اسان ان اتفاقي تحفي کي سنڀالي نہ سگهياسين.

سو مون ڳالهہ پئي ڪئي انهن بنيادن جي جن تي اڄ اسان جي قومي سياست جي عمارت بيٺل آهي ۽ بنياد انتهائي جذباتي آهن. جهڙي طرح قومپرستيءَ کي هتي پيش ڪيو ويو آهي. جهڙي طرح جمهوريت پسنديءَ کي هتي پيش ڪيو ويو آهي ۽ جهڙي طرح طبقاتي ۽ انقلابي فلسفي کي سنڌي عوام آڏو آندو ويو آهي تہ ان جو رنگ بحيثيت هڪ علم جي نہ پر هڪ جذباتي عمل جيان آهي ۽ جذباتي عمل ڪڏهن بہ مستقل رفتار ۾ جاري نہ ٿو رهي سگهي.

ان جو مطلب اهو ناهي تہ جذبو ڪا خراب ڳالهہ آهي. نہ ائين ناهي جذبو هڪ تمام سٺي شيءِ آهي بشرطيڪ ان جذبي جي رهنمائي عقلي

سنجيدگيءَ جي هٿ هيٺ رهڻ گهرجي. پر جيستائين شاگرد سياست جو تعلق آهي تہ شاگرد سياست مڪمل طور تي جذباتيت، غير سنجيدگيءَ، ڪاوڙ ۽ انتشارجي مليل جليل رجحان جو شڪار رهي آهي.

ان حوالي سان اسان جي تعليمي ادارن جو حشر اهو ٿيو جو نہ تہ اهي وطن دوست شعور جا ڳڙهہ ٿي سگهيا ۽ نہ وري اهي علم جا سرچشما ٿي اڀريا. نتيجي ۾ سنڌي قوم کي تعليمي پاسي کان غلط سياست جي ڪري اهڙو ڪاپاري ڌڪ لڳو جو اسان جي قومي جدوجهد جرمن ۽ لاقانونيت جي گهيري ۾ اچي وئي.

شاگردن کي سياستدانن ايترو تہ پڙڪايو ۽ ايترو تہ جذباتي ڪيو جو هنن جي ڪتابن تان دل ئي ڪٽجي وئي ۽ اسان جا بهترين نوجوان ذهن، بيڪار الزامن تحت سالن جا سال جيلن ۾ سڙندا رهيا.

علم ۽ شعور جي کوٽ تمام وڏي پشيماني تي بي ايماني ۽ موقعي پرستي واري سوچ ۽ عمل کي جنم ڏنو سو عام طور تي سنڌي قوم جو هر فرد ۽ خاص طور تي شاگرد پنهنجي ذميداريءَ کان هٽي غلط رستن ڏي هليا ويا ۽ مون کي ان جو وڏو ڏک آهي تہ اسان پنهنجو پورو هڪ نسل غلط سوچ جي ڪري ضايع ڪري ڇڏيو سين.

هي اهو نسل هيو جنهن لاءِ سياست لٽ بازيءَ کان اڳتي قطعي ڪونہ هئي.

ان نسل سمجهيو پئي تہ پاڪستان هڪ سڪي ڪاني آهي. جنهن کي ٽوڙڻ يا ساڙڻ ڪائي وڏي ڳالهہ ناهي ۽ نتيجي ۾ پاڪستان تہ ائين رهيو پر اهو سڄو نسل سڪي سڙي ويو. اسان جو اهو نسل سمجهندو رهيو تہ ڪتاب ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪوئي تعلق ناهي ۽ طاقت جو بنياد علم نہ پر هٿيار آهي، سو اهي کيسا جيڪي قلم رکڻ لاءِ هئا انهن کيسن ۾ پستول جڳهہ پيدا ڪري ورتي ۽ پوءِ توهان سڀ ڄاڻو ٿا تہ ڇا ڇا نہ ٿيو آهي؟ اها صورتحال مون کان وڌيڪ سٺي ۽ ذاتي تجربي جي بنياد تي آصف وڌيڪ چٽي ۽ کري انداز ۾ بيان ڪندو آهي.

سنڌ جي ان نسل سان هڪ ايڏي وڏي ٺڳي ٿي آهي، جنهن لاءِ هو پنهنجي رهنمائن ۽ دؤر جي معتبر شخصيتن کي معاف نہ ٿو ڪري سگهي.

مان اهو مڃڻ لاءِ قطعي تيار ناهيان تہ ان نسل جي اڪثريت ڇاٽي واٽي پنهنجي پير تي ڪهاڙا پئي هنيا پر مان مڪمل ايمانداريءَ سان چوان ٿو تہ هنن پنهنجي پر ۾ انقلاب پئي آندو. هنن ائين انقلاب پئي آندو جئين پڳت سنگهہ ۽ ان جا ساٿي مٺ ۾ بم گولو جهلي اڪيون پوري انگريز جي خاتمي جو تصور ڪندا هئا. لينن ڪهڙي سني ڳالهہ ڪئي آهي تہ "مون کي دهشتگردن جي نيت تي شڪ ناهي پر مان انهن سان مڪمل اختلاف ٿو رکان" اها ڳالهہ واضح رهي تہ منهنجو مطلب اهو ناهي تہ سنڌ جو نسل دهشتگرد هيو پر ان نسل جي سوچ ۾ جيڪا ابهرائي ۽ ڪاوڙ هئي ان جو اعليٰ اظهار دنيا جا دهشتگرد ڪندا آهن ۽ حقيقت آهي تہ اڄ بہ سنڌ ۾ اهي رجحان ڏسڻ ڏڪيا ناهن.

سو دوستو! رستن تي تاثر سڙندا رهيا. هاسٽلن تي ڪتاب سڙندا رهيا. گوليون هلنديون رهيون ۽ ان وٽ وٺان جي ماحول ۾ اها سرحد ختم ٿي وئي جتي جرم ۽ سياست هڪ ٻئي کان الڳ ٿيندا آهن. اڄ اسان جو گهڻو وقت تہ ان جي الڳ نشاندهيءَ ۾ لڳي ويندو.

پر سنڌ جي سياست جو هي دؤر ساڳيو ناهي. هاڻي اهو دؤر ناهي جنهن ۾ نئون نسل ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ان شعر تي جلسي ۾ ڀرپور تاڙيون وڄائيندو تہ: "وڏي هڪ امتحان خاطر، ڇڏي ڏيو امتحانن کي."

اڄ جساف جي پاران هي سنجيده سيمينار ان ڳالهہ جو عالم آشڪار ثبوت آهي تہ سنڌ جو موجوده نسل پنهنجي اڳوڻي نسل جي غلطين مان سبق سکي ورتو آهي ۽ افلاطون جو قول بامعنيٰ ٿي پيو آهي تہ "مون عقل، بيوقوفن کان سکيو آهي"

تاريخ جي هن انتهائي اهم موڙ تي مون کي يونان جو ديوقامت ليکڪ ڪازانت زاڪس ياد اچي رهيو آهي. اڄ جڏهن اسان کي سياست جا نوان

۽ جديد معيار ڳولهي لڌا آهن تہ ان وقت ڪازانت زاڪس جي آتم ڪهاڻي جو عنوان اسان لاءِ ايترو تہ بامعنيٰ ٿي پوي ٿو جنهن جو ڪوئي ڪاٿو ناهي.

ڪازانت زاڪس پنهنجي آتم ڪهاڻي ناول جي شڪل ۾ سميٽي ان جو نالو "رپورٽ ٽو گريڪو" (Report to Greko) رکيو. يعني ڪازانت زاڪس پنهنجي عمر جي پڇاڙيءَ ۾ سڄي زندگي ديس واسين آڏو هڪ رپورٽ وانگر رکي تہ اچو ۽ منهنجي زندگيءَ جي مون ڪان رپورٽ وٺو ڇڻ سڄي زندگي ڪوئي ٽاسڪ (سونپيل ڪم) هئي.

سو ان حوالي سان اسان کي پنهنجون زندگيون تبديل ڪرڻيون آهن. ڪم ڪرڻو آهي، بي انتها محنت ڪرڻي آهي، ذاتي حوالي سان تہ پر قومي حوالي سان، هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان پنهنجو پاڻ کي بهترين قومپرست ثابت ڪريون.

پر ڪهڙي طرح؟

آڪڙ ڪري؟ ڪوڙ ڳالهائي؟ ديس واسين جو حق کائي؟ ٻين جا ذاتي ۽ جمهوري حق پائمال ڪري؟ اجايو ۽ فضول وقت وڃائي؟ ڪلاشنڪوف جا برسٽ هلائي؟

ٻلي شاهہ چيو آهي تہ "اڪ نڪتي وچ گل مڪدي اي" سو ڳالهہ سولي آهي، اسان رڳو پنهنجو پاڻ ڪان فقط هڪ سوال پڇندا رهون تہ اسان جو قومي زندگي ايڪويهين صدي جو فخر سان آڏرياءُ ڪري سگهي ٿي. اهو سوال آهي تہ، هڪ قوم پرست کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڇا هڪ قومپرست کي ڪچهرين ۾ فضول وقت وڃائڻ گهرجي؟ ڇا هڪ قوم پرست کي آڪڙ ۽ لئي ڪرڻ کپي؟ ڇا هڪ قومپرست کي ناپاس ٿيڻ کپي؟ هڪ قوم پرست کي مجرمن سان اٿ ويهہ ڪرڻ گهرجي؟ ڇا هڪ قومپرست کي ڪمزور ديس واسين سان اڃائڻ کپي؟

ڇا هڪ قومپرست کي تعليمي ادارا بند ڪرائڻ کپن؟ ڇا هڪ قوم پرست کي جديد ڪان جديد علم نہ پڙهڻ کپي؟ ڇا هڪ قوم پرست کي پنهنجي مجموعي قومي ترقي ۾ ڀرپور حصو نہ وٺڻ کپي؟

ظاهر آهي تہ انهن سڀني سوالن جا جواب اهي آهن جن تي عمل ڪرڻ سان قومون لياقت سان مقابلا ڪري دنيا ۾اڳتي ايندڙيون آهن ۽ انسان ذات جي فطرت سان ازلي جنگ ۾ پيشقدمي ڪنديون آهن.

سو دوستو! جيڪڏهن توهان مون کي اجازت ڏيو تہ مان باشعور شاگردن جي حوالي سان چوٿين مارچ کي نئين معنيٰ ڏيان. چوٿين مارچ کي اسان سڄي سال جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ مقرر ڪريون ۽ پوءِ ويهي هڪ ٻئي جي وقت تي بحث ڪريون تہ ڪنهن کهڙي نموني سان بهتر، ڪارآمد ۽ سڦل وقت گذاريو.

آخر ۾ مان هڪ دفعو ٻيهر ان ڳالهہ تي زور ڏيڻ ٿو چاهيان تہ اسان کي پنهنجي محب وطني جا سمورا بنيادي ماپا ۽ معيار ٻيهر تڪي تور درست ڪرڻا پوندا.

پڇاڙيءَ ۾ مون کي شايد احساس ٿي رهيو آهي تہ مون پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي اهڙي ترجماني نہ ڪئي آهي جهڙي مون ڪرڻ چاهي هئي. ان ڪري مون کي ان ساڳي مضمون جي شروعات ياد ٿي اچي جنهن جو اقتباس مون شروع ۾ ڏنو هيو جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي تہ: "پنهنجي پاران ڇا لکجي؟ ڇا اسان جا لفظ جيڪي هن پني تي نَنڍڙن جيتامڙن وانگي ڇهنڊيل آهن اهي اسان جي احساس، ڏکن ۽ اسان جي جدوجهد کي هوبهو پيش ڪري سگهن ٿا؟ اسان پنهنجي ٻوليءَ کي پنهنجي درد جي ترجمان طور ناڪافي ٿا سمجهون، اسان پنهنجي ان ڪمزوريءَ جو پاڻ ئي اعتراف ٿا ڪيون.

ڪاش اهو ممڪن ٿي پوي جو اسان پنهنجي رت ۾ ٻڏل دل، جنهن ۾ انقلاب جا ڪيترائي سرخ سپنا لڇي رهيا آهن.اوهان آڏو رکون ها - هي دل پنهنجي ڇاتيءَ مان ڪڍي اوهان آڏو رکون ۽ پاڻ چپ ڪري ويهون پوءِ اها دل پنهنجي ڏک... ڏک... ڏک سان ڪيترن ڏينهن ڪيترن راتين تائين اوهان کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائيندي رهي جيڪو ڪجهہ اسان نہ ٿا ٻڌائي سگهون."

*(هيءُ مضمون "4 مارچ ۽ اڄ جي شاگرد سياست" جون 1992ع تان ڪنيو ويو)*

# 4 - مارچ: قومي جدوجهد جي سفر جو شاندار آغاز

## گلشن لغاري

چوٿين مارچ سنڌ جي تاريخ جو هڪ لازوال ۽ روشن باب آهي، جنهن سنڌي قوم کي جدوجهد جي راهه ڏني ۽ سنڌي ماڻهن جي قومي شعور کي پختو ڪرڻ ۾ مدد ڏني. سنڌي شاگردن ون يونٽ جي ڦهري ڪوٽ کي ڊاهڻ لاءِ بيمثال قرباني ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سنڌي قوم پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو پنهنجي الڳ قومي تشخص جو ثبوت ڏنو. اهو 4 - مارچ جي جدوجهد مان ڦٽي نڪتل شعور جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ پاڪستان جي ڍانچي ۾ رهندڙ سڀني قومن کان سنڌي قوم وڌيڪ باشعور ۽ سجاڳ آهي. 4 مارچ کان جنهن قومي جدوجهد واري سفر جو آغاز ٿيو هو، اهو اجا تائين انهيءَ ئي جذبي سان جاري آهي ۽ اهو سفر پنهنجي آزاديءَ واري منزل ماڻڻ تائين جاري رهندو. 4 مارچ واري شاگرد جدوجهد جي حوالي سان آءٌ اهو چونديس ته، بي شمار خوبين سان گڏ شاگرد سياست ۾ ڪجهه اوڻايون به رهنديون پئي آيون آهن. اسان کي هتي ٻنهي پهلوئن کي ڏسڻو آهي. غلطين جي نشاندهي ڪري، ان جي روشنيءَ ۾ ڪي نتيجا اخذ ڪرڻا آهن.

اسان وٽ رواج اهو به رهيو آهي ته شاگرد اڪثر جوانيءَ جي جوش ۾ اچي سياست ۾ ايندا آهن. پوءِ انهن مان گهڻا مڊل ڪلاس جا شاگرد ڊگريون وٺڻ کان پوءِ، جڏهن ڪنهن عهدي تي رسندا آهن ته سندن دلين مان قوم لاءِ سموري همدردي ۽ جدوجهد جا عزم ائين غائب ٿي ويندا آهن، جيئن گڏهه جي سر تان سڱ. ان جو مثال اهي چار مارچ جا اڪثر هيرا آهن، جن پنهنجون ذاتي منزلون ته ماڻي ورتيون آهن. پر قوم کي جدوجهد جي سفر ۾ اڪيلو ڇڏي، انهن هيرن مان ڪيترا گمناميءَ جي گفائن ۾ گم ٿي ويا آهن. ۽ ٻيا وري چار مارچ جو ڇيڪ اچا پيا ڪٽش ڪرائين. اصل ۾ اسان وٽ قومي سياست خاص ڪري شاگرد سياست ايڊهاڪ ازم جو شڪار آهي. مستقل مزاجيءَ سان جدوجهد ڪندڙن جو انگ تمام ٿورو وڃي رهيو آهي.

منظم ۽ سگهاري قومي پارٽي نه هئڻ ڪري شاگرد قوت هميشه ڇڙوڇڙ رهي آهي ۽ جڏهن ان کي گڏ ڪرڻ جي ۽ پارٽيءَ يا ادارن جي تابع ڪرڻ جي ڪوشش

تي آهي، تہ اسان جا "تاحيات شاگرد ليڊر" پنهنجي ڪوڙي اناپرستيءَ جي ڪري، هميشہ رڪاوٽ بڻيا آهن. ان ڪري فائدي بجاءِ نقصان رسيو آهي. پنهنجي سر ليڊر ٿي موجون ماڻيندڙ شاگردن جي جذبن سان راند ڪئي ۽ ڪين غلط ترغيبون ڏئي سندن هٿن مان ڪتاب ڪسي، "ڪلاشنڪوف" ڏيئي ڇڏي. جنهن جو شڪار دشمن جي بجاءِ پنهنجا ٿيندا رهيا آهن. اڳتي هلي اهو ڪلاشنڪوف ڪلچر، ڌاڙيل فيڪٽر جو بنياد بڻيو. نتيجي طور اهي سنڌي شاگرد تعليم توڙي سياست ٻنهي کان هٿ ڌوئي وينا ۽ اشتهاري ڌوهاري بڻجي پيا. اسان جا شاگرد اهو ڪجهہ ڪري رهيا هئا، جيڪو دشمن چاهيو پئي. يعني سنڌي شاگردن کي تعليم کان پري رکڻ لاءِ اسان پاڻ ڪم ڪيو. اهو سلسلو اڃا تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري آهي. هيرو ازم ۽ شخصيت پرستيءَ وارا لاڙا شاگردن ۾ گهڻا هوندا آهن، ڇو تہ عمر جي ان حد ۾، هو جسماني طرح بالغ، پر ذهني طرح ڪچا گهڙا هوندا آهن. جنهن تي جهڙو ڇٽ ڇڻجي، ويندو. ان ڪري عمر جي ان حصي ۾ سنڌن سياسي تربيت تعميري انداز ۾ ٿيڻ گهرجي. تہ پوءِ سنڌن ذهن منفي ڳالهين جو اثر جلدي قبول ڪن ٿا.

ان ڪانسواءِ سياست جي آڙ ۾ تعليم جو نقصان ڪرڻ جو هڪ "ٽرينڊ" اڀاريو ويو. جنهن ڪري هر معمولي ڳالهہ تي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ، مختلف تنظيمن جي شاگردن جو پاڻ ۾ وڙهڻ، هڪٻئي تي گوليون هلائڻ، لٺي بازيءَ لاءِ هاسٽلن ۾ هٿيار رکي، حڪومت کي تعليمي ادارن کي بند رکڻ جي دعوت ڏيڻ. انهن ڇڙواڳين جي نتيجي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو نالو "بند يونيورسٽيءَ" مشهور ٿيو.

ان ڇڙواڳيءَ ۽ بدحاليءَ جو نقصان قوم کي ڪيترو ٿيو؟ اهو اندازو اڄ تعليمي حالت ڏسي لڳائي سگهجي ٿو. مطلب تہ سنڌ ۾ شاگرد ليڊر ٿيڻ سڀ کان سولو ۽ فائدي وارو ڌنڌو ٿي پيو. شاگرد سياست جي خامين ڳڻائڻ مان منهنجو مطلب اهو ناهي تہ ڪو سنڌ مڙيئو گدڙن ڪائي ڇڏي آهي. پر جن ڳالهين اسان جي قومي جدوجهد ۽ پارٽيءَ کي نقصان پهچايو آهي. مقصد انَ ڳالهہ جي نشاندهي ڪرڻ آهي.

اسان جي ڌرتيءَ تي وري واهوندي جو واءُ وريو آهي. جيئي سنڌ محاذ جي ذيلي فرنٽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) جي پليٽ فارم تان نوجوان، سنجيده ۽ باوقار سياست ڪندڙ شاگرد ليڊر ميدان ۾ آيا آهن. اڄوڪو سيمينار ان جو واضح ۽ چٽو ثبوت آهي تہ شاگرد جيڪڏهن چاهين تہ "وڏيڪ تعليم سان گڏ بهتر سياست" ڪري سگهن ٿا.

4 مارچ اسان جي قومي جدوجهد جو شاندار اوائلي اهڃاڻ آهي. جنهن کي سنڌي شاگردن پنهنجو رت ست ڏيئي نروار ڪيو. ان تي اسان کي بجا طور تي فخر ڪرڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ ان جي تنقيدي جائزي جي روشنيءَ ۾ اسان کي اڳتي وڌڻو آهي. جنهن قوم جي جدوجهد جي سفر جو آغاز ايترو شاندار هجي، ان جي منزل بہ يقينن اوتري ئي عظيم هجڻ گهرجي ۽ اها منزل آزاديءَ کان سواءِ ٻي نہ ٿي ٿي سگهي.

**پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾، مَرَ مٿا ڏيئي**
**تہ ساجن سيپيئي، واڪائيندي ويئيون!**
**(شاهہ)**

*(هيءُ مضمون "4 مارچ ۽ اڄ جي شاگرد سياست" جون 1992ع تان ڪنيو ويو)*

# 4 - مارچ ۽ قومي حقن لاءِ جدوجهد

## احمد خان ملڪاڻي

جڏهن برنـدڙ جبل اُبري ابري ڦاٽندو آهي، تـڏهن ڌرتـيءَ کي ڇيري ڦـاڙي وجهنـدو آهي ۽ ان مـان نڪرنـدڙ باهـہ جهـڙو لاوو شـهرن جا شـهر تباهـہ ڪـري ڇـڏيندو آهي. جڏهن مست درياهہ سانوڻ ۾ اوٿل ڪائيندو آهي، تڏهن ڇرڪائيندڙ ڇوليـون وڏن وڏن بندن ۾ ڏرڙ ۽ گهارا وجهي ڇڏينديون آهي. جڏن ڌرتيءَ تي خوفناڪ طوفـان اٿنـدا آهن، تڏهن سمنڊن ۾ زلزلو اچي ويندو آهي ۽ درياهن تي دهشت ڇانئجي وينـدي آهـي - ۽ جڏهن مظلوم قومون ۽ مظلوم طبقا اٿي کڙا ٿيندا آهن، تڏهن محلن ۽ محلاتـن ۾ ڏارون پئجـي وينديـون آهـن، تخت ۽ تـاج لتـاڙجي وينـدا آهـن، شـاهي ڪـوٽ ۽ قلعـا لرزجي ويندا آهن، ڏاڍ جا ڏونگر ڏري پوندا آهن ۽ ظلم جي نگري نيست و نـابود تـي ويندي آهي.

4 - مـارچ 1967ع تـي اِهـو برنـدڙ جبـل ڄامشـوري پرسـان ڦـاٽو ۽ ان مـان نڪتـل لاوي جي باهـہ سـنڌ جي شـهر شـهر ۽ ڳـوٺ ڳـوٺ تـائين پهچـي چڪـي آهـي. چوٿين مارچ واري تحريڪ مست درياهہ وانگر اُڀَتي وڏي ۽ فوجي سرڪار جي ٺڙڪـو بندن ۾ گهارا وجهي ڇڏيائين. چوٿين مارچ تي سنڌ يونيورسٽيءَ مان جيڪو طوفـان اٿيو تنهن "نظريي السلام" ۽ "نظريي پاڪستان" جي ٺيڪيدارن ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد دهشت زنده ٿي ويو. چوٿيـن مـارچ 1967ع تـي سـنڌي شاگردن ۽ سنڌي قوم جي سينن ۾ گڏريل ويهن سالن کان جيڪو لاوو پچي رهيـو هـو سو هڪ وڏي ڌماڪي سان ڦاٽي پيـو ۽ دوکي جي ديوار ۾ وڏو شگاف پئجي ويـو. انهيءَ شگاف مان اسين سنڌ دشمن قوتـن جون اصلي شڪليون ۽ اصلي روپ چڱيءَ طرح ڏسي سگهون ٿا. سنڌ صدين کان پيڙجي رهي آهي، ڌارين جي ڏاڙن ۽ پنهنجـن جي غدارين جو شڪار رهي آهي، سنڌي قوم هر دؤر ۾ ظلم ۽ ستم سنو آهي ۽ اڄان بـہ سهي رهي آهي. سنڌي قـوم لاءِ آزاديءَ جي آس، آه بڻجي وئي آهي. ڌارين جي غلاميءَ مان آزاد ٿياسين تـہ پنهنجن جي سازش ۾ گرفتار ٿياسين. هت قدم قـدم تـي دوکي ۽ فريب جو ڄار وڇايو پيو آهي، جنهن مان پاڻ بچائي اُڪَتي وڃڻ پل صراط تـان

گذرڻ جي برابر ٿو لڳي. ان جي باوجود اڄ بہ اسين چئون ٿا ۽ هميشہ چوندا رهنداسين. تہ اسان جي منزل ڏور سهي، ناممڪن نہ آهي.

سنڌ ۾ چوٿين مارچ انهيءَ عظيم عوامي جدوجهد جي يادگار آهي. جنهن کي توڙ تائين پهچائڻ اسان جو فرض بڻجي چڪو آهي. سنڌ جي هر نوجوان شاگرد، هاري، مزدور، اديب ۽ دانشور جو فرض آهي تہ هو پنهنجي جدا جدا محاذن تان هن جدوجهد جو ساٿ ڏين. اسان جو مقصد سنڌ کي هر قسم جي ظلم، استحال ۽ ناانصافي کان پاڪ ڪري پورهيت طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت قائم ڪرڻ هئڻ گهرجي.

بظاهر ون يونٽ ٽٽي چڪو آهي مگر حيقيقت ۾ اهو پنهنجي نئين شڪل ۾ موجود آهي. اصلي ون يونٽ قائم ڪرڻ جا جيڪي مقصد هئا تن تي اڄ بہ عمل ٿي رهيو آهي. ننڍن صوبن تي پنجاب جي بالادستي اڄ بہ قائم آهي. هندستان سان مستقل دشمنيءَ جو بهانو وٺي روز روز فوج ۾ اضافو ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ جو انهن کي خبر آهي تہ جي هند پاڪ ننڍي کنڊ ۾ مستقل امن ٿيو تہ ايڏي شاهي فوج جي ضرورت نہ رهندي.

سنڌ جي ڪارخانن ۽ ملن ۾ اڄ بہ ٻاهرين صوبن جا لکين مزدور ڀرتي ٿي رهيا آهن. جنهن ڪري سنڌي پورهيت وڌيڪ مفلس ٿيندو وڃي.

صدر ڀٽي ڊسمبر 1971ع ۾ اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ سنڌين کي فوج ۾ پورو حصو ڏيڻ لاءِ "سنڌ رجمنٽ" جو وعدو ڪيو هو. جيڪو اڃا تائين پورو نہ ڪيو ويو آهي. سنڌين جو ٽنهين فوجن ۾ تعداد بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو هئڻ گهرجي. پاڪستان جي مرڪزي ادارن جهڙوڪ: پي آءِ اي، واپڊا ۽ ريلوي، A.D.C, W.P.I.D.C وغيره ۾ سنڌين کي آباديءَ جي بنياد تي نوڪريون ملڻ گهرجن. سنڌ جون زمينون رٽائرڊ مليٽري آفيسرن، غير حاضر زميندارن ۽ ڪليمنٽن کان ڇڏائي مقامي بي زمين هارين ۾ ورهائڻ گهرجن ان کانسواءِ اسان جا بيا بہ ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي سواءِ عوامي جدوجهد جي حل ٿيڻ مشڪل آهن.

1940ع واري قرارداد مان ئي صاف ظاهر آهي تہ پاڪستان جي وفاق (Federation) ۾ سيني صوبن جي شموليت انهيءَ واعدي جي بنياد تي ٿي هئي، تہ انهيءَ وفاق ۾ سندن شموليت رضاڪارانہ Voluntary هوندي ۽ سيني صوبن کي هڪ جهڙا ۽ هڪ جيترا حقوق حاصل هوندا. سندن سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حقن جي حفاظت ڪئي ويندي ۽ کين مڪمل صوبائي خود مختياري حاصل هوندي. مگر

بعد ۾ انهن سيني واعدن کان انڪار ڪيو ويو. جنهن بہ انهن حقن جي گهر ڪئي آهي ان مٿان طرحين طرحين جا الزام عائد ڪيا ويا آهن.

پاڪستان جي گذريل پنجويهن سالن جي تاريخ شاهد آهي تہ پاڪستان جي پنجن ئي صوبن مان سواءِ پنجاب کان، ٻين صوبن کي سندن هر قسم جي بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو. اڳئين پاڪستان جي چئني صوبن سنڌ، بنگال، سرحد ۽ بلوچستان جي حيثيت پنجاب جي ڪالوني جهڙي رهي آهي - اسين مسلسل پنجاب جي استحصال جو شڪار رهيا آهيون. ننڍن صوبن جي عوام کي "نظريي اسلام" ۽ "نظريي پاڪستان" جي آڙ ۾ لٽيو ڦريو ويو آهي. حقيقت ۾ گذريل پنجويهن سالن کان اسان صرف لفظ "آزادي" ٻڌو آهي پر ان کي حاصل نہ ڪيو آهي. اسين انگريزن کان آزاد ٿي پنجابين جا غلام ٿيا آهيون.

پاڪستان ۾ گذريل پنجويهن سالن کان پنجاب جو ڪردار سامراجي رهيو آهي. ننڍن صوبن جي حقن غصب ڪرڻ ۾ پنهنجن ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي آهي ۽ انهيءَ لٽ مار ۾ "نظريي اسلام" ۽ نظريہ پاڪستان" پنجاب جا مکيہ هٿيار رهيا آهن. پنجاب اڳيان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو واحد مقصد ننڍن صوبن جو مڪمل استحصال ۽ مٿن پنجاب جي سياسي برتري قائم ڪرڻ آهي. ننڍن صوبن جي عوام جڏهن بہ پنهنجن حقن جو مطالبو ڪيو، تڏهن انهن مٿان "پاڪستان جا دشمن"، "اسلام جا دشمن"، "هندستان جا دشمن"، "اسلام جا دشمن"، "هندستان جا ايجنٽ" ۽ ٻيا هزارين الزام مڙهيا ويا. سنڌي شاگردن، اديبن، دانشورن جڏهن بہ سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو، ڪين هڪدم جيلن ۾ بند ڪيو ويو. مگر اهو آواز پوءِ بہ دٻجي نہ سگهيو آهي. جيئن پوءِ تيئن اهو آواز نئين قوت ۽ نئون ولولو حاصل ڪري رهيو آهي. هينئر اهو آواز پڙاڏو ٻڻجي سڄي سنڌ ۾ گونجي رهيو آهي.

سنڌ ۾ مهاجر طبقو پنجابي سامراج جو ايجنٽ بڻجي ڪم ڪري رهيو آهي. پنجاب جو حڪمران ٽولو مهاجرن کي سنڌين خلاف پنهنجي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي. هن وقت باقي بچيل پاڪستان ۾ سنڌ صوبو مهاجر - پنجابي مستقل مفاد جو مکيہ اڏو بڻجي چڪو آهي. سنڌ جي سڄي معيشت تي اهي ٻئي ذريون قابض آهن. ناني رڌڻ واري ۽ ڏهنا ڪائڻ وارا. جيئن تہ سنڌ صوبو معاشي طرح سان ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ تمام شاهوڪار آهي، اسين محسوس ڪريون ٿا تہ بنگال جي الڳ ٿيڻ کانپوءِ پنجابي سامراج سنڌ جي ماس ۾ پنهنجا چنبا وڌيڪ مضبوطيءَ سان کوڙڻ جي هر ڪوشش ڪندو. پاڪستان جي ڪارخانن جو 80 سيڪڙو صرف

سنڌ ۾ آهي، جنهن مان هر سال ڪروڙن جي آمدني حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ آمدنيءَ کي سنڌ ۾ خرچ ڪرڻ جي بجاءِ ان جو وڏو حصو فوج ۽ پنجاب جي ترقيءَ تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ مهاجرن جو وڏو تعداد آباد آهي، جيڪو نوڪرين ۽ واپار تي مڪمل قابض ٿي چڪو آهي. بنيادي طرح سان اهي ئي مفاد آهن جنهنڪري پنجابي ۽ مهاجر طبقو "هڪ پاڪستان" ۽ " هڪ قوم" جي نظرئي جي تبليغ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هي ان نظريي سان واقعي سچا هجن ها ته پوءِ ننڍن صوبن جا حق خود انهن کي ڏين ها ۽ نه انهن جو ائين ڦرمار ڪن ها.

اسان جو پراڻو نسل جيڪو مسلم ليگ جي سازشي ۽ فرسوده قيادت ۾ ايمان آڻي نئين نسل لاءِ موجوده انيڪ مسئلن جي پيدا ڪرڻ جو ذميوار آهي، هينئر آخري هڏڪين ۾ آهي. سندس "نظريي پاڪستان" ۽ "نظريي اسلام" جي مُرلي پڇي پئي آهي. سنڌ ۾ باهرين سامراج کان اندريان غدار وڌيڪ خطرناڪ آهن. اسان کي سوچڻ گهرجي ته 1948ع ۾ سنڌ کان ڪراچي ڪنهن الڳ ڪرائي ۽ سنڌ ۾ مهاجرن کي وڏي پيماني تي آباد ڪرائڻ لاءِ ڪير پريشان هو. آهو ڪير هو جنهن سنگينن جي زور تي ون يونٽ جو بدنام بل پاس ڪرايو. اهي ڪير آهن جيڪي هن وقت به سنڌ ۾ مهاجر - پنجابي سامراج جي ايجنٽن جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اسان کي گهرجي ته اسين اندروني دشمنن کان هوشيار رهون ۽ سامراج کان مقابلو ڪريون.

هن وقت سنڌ لاءِ سڀ کان بنيادي مسئلو مڪمل صوبائي خودمختياري حاصل ڪرڻ آهي - تنهن کان پوءِ ئي اسين سنڌي ٻولي ۽ ٻيا درپيش معاشي مسئلا حل ڪرڻ جي قابل ٿي سگهنداسين. سنڌ جي مڪمل صوبائي خودمختياري هڪ خاص سياسي مسئلو آهي، جيڪو موجوده حالتن مطابق بيحد پيچيده صورت اختيار ڪندو ٿو وڃي. ائين ٿو محسوس ٿئي، ته موجوده حڪومت مڪمل ته ڇڏيو پر معمولي خودمختياري به ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن سنڌ کي ٿوري گهڻي به صوبائي خودمختياري ٿي ملي ته ان جا مهاجر - پنجابي لٽ مار ۽ استحصال تي ٿو اثر پوي. تنهن ڪري جيستائين تمام عوامي قوتون متحد ٿي پنهنجن سياسي ۽ معاشي حقن لاءِ گڏجي جدوجهد نٿيون ڪن، تيستائين مڪمل صوبائي خودمختياري ملڻ بيحد مشڪل آهي.

هن وقت قوم اڳيان پنهنجا تمام مسئلا واضح آهن ۽ اها به حقيقت آهي ته جيستائين اسين سڀ متحد ٿي قومي حقن لاءِ جدوجهد نه ڪنداسين تيستائين ڪاميابي ناممڪن آهي. ته پوءِ اسان کي پنهنجين صفن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ گهرجي.

اسين پورهيت ۽ مظلوم طبقن جي اتحاد ۾ ايمان رکون ٿا. جيستائين سنڌ جو هاري - مزدور پورهيت طبقو اسان جي جدوجهد ۾ شامل نہ آهي، تيستائين اصلي منزل تي پهچڻ ناممڪن آهي. سنڌ جو جاگيردار ۽ سرمائيدار هميشہ پنهنجي طبقي جي مفاد لاءِ ڪم ڪندو ۽ هو ڪنهن وقت بہ وزارت لاءِ وڪامي سگهي ٿو. هن کي سنڌ جي شاگرد، هاري، مزدور جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. هن جي ڪابہ قوم، زبان يا نظريو نہ آهي. هو هر نئين دؤر ۾ پنهنجو رنگ مٽائيندو آهي ۽ قلابازي ڪائيندو آهي. اسان کي پنهنجي جدوجهد کي ڳوٺن ۽ واهڻن تائين پهچائڻ گهرجي ڪارخانن ۽ ملن تائين وسيع ڪرڻ گهرجي.

اڄ چوٿين مارچ جي عظيم ياد ملهائڻ ۾ سڄي قوم سنڌي نوجوانن سان شامل آهي. اڄ هي سنڌي اهو قسم کڻي چڪو آهي تہ 4 - مارچ تي سنڌي جوڌن جي هاريل رت جي قربانيءَ کي رائگان نہ وڃائبو. انهيءَ رت مان هر سنڌيءَ جي سيني ۾ آزاديءَ جي مشعل روشن ٿي چڪي آهي ۽ يقينن هڪ ڏينهن سنڌ ۽ سنڌي قوم مٿان ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ استحصال جي انهيءَ رات جو خاتمو ايندو ۽ سک جو سورج اڀرندو.

*(هيءُ مضمون رسالي "اڳتي قدم" مارچ 1973ع تان کنيو ويو)*

# چوٿين مارچ جي هيري يوسف لغاري سان ملاقات

## مدد علي سنڌي

مدد علي: اوهان پنهنجي زندگيءَ جو مختصر احوال اسانجي پڙهندڙن کي ٻڌايو.
يوسف لغاري: آءٌ جولاءِ 1946ع ۾ ڳوٺ فقير غلام علي لغاري، تعلقي ڏگڙيءَ ۾ پيدا ٿيس. مون شروعاتي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏگڙيءَ ۾ ورتي. مئٽرڪ 1961ع ۾ ميرپورخاص مان ڪيم. انٽر آرٽس سنڌ مسلم ڪاليج ٺٽي الهيار مان ۽ بي اي (آنرز) ايم اي ۽ ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيا اٿم. منهنجو ننڍپڻ ڏاڍو غربت ۾ گذريو. ايتريقدر جو مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪوٽ تڏهن پاتو جڏهن مان شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج يونين ۾ جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجي آيس. منهنجو پيءُ هڪ وڪيل وٽ منشي هو. مون جڏهن مئٽرڪ پاس ڪيو، تڏهن گهر جي مالي حالت نهايت خراب هئي. مون کي هڪ عريضي نويس وٽ ڇاليهن رپين جي پگهار تي ٽائپ جو ڪم ڪرڻو پيو. مون جڏهن يونيورسٽيءَ بي اي (آنرز) ۾ داخلا ورتي، تڏهن نسروانجي آئيس فيڪٽري، ڪاري موري حيدرآباد ۾ منشي ٿي گذران ڪندو هوس. جلد ئي ان نوڪري مان بہ جواب مليو. پوءِ حيدرآباد جي انگريزي اخبار "انڊس ٽائيمس" جو ميرپورخاص ۾ نمائندو ٿي ڪم ڪرڻ لڳس. مان روز ميرپورخاص مان اسر ويل ساڍي ٽين وڳي ريل ۾ چڙهي حيدرآباد ايندو هوس ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي واپس ويندو هوس. بهرحال مون جيڪي پرايو آهي سو انهن ڪٺن حالتن مان!

مدد علي: انهن حالتن تہ اوهان تي ڏاڍو اثر ڪيو هوندو. اسڪول ۾ پڙهڻ وقت اوهان پنهنجي ڪلاس ۾ ڪيئن هوندا هئا؟

يوسف لغاري: مان ڇميوئي انهن حالتن ۾ هوس، ان ڪري انهن ڪي منهن ڏيڻ منهنجي لاءِ ڪو ايڏو ڏکيو مسئلو ڪونہ هو. آءٌ پنهنجي ڪلاس جي هوشيار شاگردن مان ليکيو ويندو هوس. پر مان شرارتي بہ ڏاڍو هوس. ايتري تہ شرارت ڪندو هوس جو منهنجو استاد هميرو مينگهواڙ مون کي سزا ڏيڻ جي لاءِ ميز جي هيٺان ويهاري، مون تي پنهنجا پير رکي ٻين ڇوڪرن کي پڙهائيندو هو. پر ان حالت ۾ بہ ڇوڪرا استاد کي دانهون پيا ڏيندا هئا.

مدد علي: اوهان کي سياست سان دلچسپي ڪيئن پيدا ٿي؟
يوسف لغاري: 1958ع ۾ ايوب خان واري مارشل لا لڳي، ان وقت آءٌ انين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. اخبارن ۽ ريڊيو جي پروپيگنڊا کان متاثر ٿي آءٌ به ان انقلاب جي اچڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيس. مارشل لا لڳڻ کان ٻه ڏينهن پوءِ ڪلاس ۾ هڪ استاد ضياءُ الحسن اسان کي چيو ته "اوهان ڏاڍا خوش ٿيا آهيو ته ايوب خان ملڪ ۾ انقلاب آندو آهي. پاڪستان جي ماڻهن ان جي زبردست آجيان ڪئي آهي. آءٌ فقط ايترو چوڻ گهران ٿو ته پاڪستان جا ماڻهو اپرنڊڙ سڄ جا سلامي آهن. اهي ڪالهه اسڪندر مرزا تي ڪلمون پڙهندا هئا، اڄ ايوب خان جو ڪلمون پڙهن ٿا. سياڻي ڪنهن ٻئي جو. جي سياڻي ضياءُ الحسن صدر ٿيو ته ان جو به ڪلمون پڙهيو ويندو." ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ جڏهن آءٌ اسڪول مان گهر آيس ته ڏٺم امان روئي رهي هئي. منهنجي پڇا تي امان ٻڌايو ته منهنجي مامي، ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ کي ايوب سرڪار گرفتار ڪري جيل ۾ هنيو آهي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مون امان کان پڇيو ته "ماما کي ڇو ٻڌو اٿن؟" امان رڳو ايترو ٻڌائي سگهي ته ڪيس سياست ۾ ٻڌو اٿن. ٻن اڍائي مهينن کانپوءِ وزير آبادڪاري جنرل اعظم خان ڏگڙيءَ جي انسپيڪشن بنگلي تي تقرير ڪندي چيو ته اسين عوام جا سڀ مسئلا حل ڪنداسين. هن پارٽي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شيخ عبدالله کي ترت آزاد ڪيو وڃي. تقرير کانپوءِ هن چيو ته جنهن کي به ڪو سوال پڇڻو هجي سو پڇي. تڏهن مون جذبات ۾ اچي سوال ڪيو ته اوهان پارٽي حڪومت کان شيخ عبدالله جي آزادي جو مطالبو ڪيو آهي، پر منهنجي مامي ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ کي اوهان ڇو گرفتار ڪيو آهي؟ ان تي جنرل اعظم خان جواب ڏنو ته "اس ڪو ڀي ڇوڙ دين گي" مون پڇيو ته "ڪڏهن؟" ان جو جواب ملي ئي ملي، تنهن کان اڳ صوبيدار علي اڪبر بروهي مون کي ڪنڌي باهر ڪڍي ويو. هن مون کي ٿاڻي تي وٺي وڃي ٿيڙ هنيا. بابا ڏگڙي ٽائون ڪاميٽيءَ جي چيئرمن کي پاڻ سان گڏ وٺي اچي مون کي آزاد ڪرايو. ان ڏينهن کان مون کي سرڪار کان نفرت ٿي ويئي ۽ مون پڪو عهد ڪيو ته پاڪستان جي سرڪار ظالم آهي ۽ ظالمن سان وڙهندس. سال 63 - 1962ع ۾ شاهه عبداللطيف ڪاليج جي يونين اليڪشن ۾ آءٌ جوائنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ بيٺس. ان کان اڳ ۾ ڪڏهن به ڪو سنڌي شاگرد چونڊن ۾ ڪامياب نه ٿيو هو. لاچار ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ چونڊيو هوندو ته اهو به مهاجرن جي حمايت حاصل ڪرڻ کانپوءِ. ڪاليج جي پرنسپال راجا ايف ايم ماجد منهنجو اليڪشن فارم رد ڪري ڇڏيو. مون سول ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. پرنسپال نيٽ

لاچار ٿي مون کي چيو تہ ڪيس تان هٿ ڪڻ ۽ فارم پلي پر. مون کي بہ تہ اهوئي ڪپندو هو. بهرحال مون اليڪشن ۾ زبردست ڪاميابي حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ شاگردن جي مسئلن تي وڙهڻ جي ڪري مون کي ڪاليج مان ڪڍيو ويو. جنهن بعد مون انٽر ٽنڊي الهيار جي ڪاليج مان ڪيو.

مدد علي: اوهان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دؤران هڪ شاگرد جماعت "حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن" بہ تہ قائم ڪئي هئي. ان بابت ڪجهہ ٻڌايو؟

يوسف لغاري: ان وقت سنڌ جي سياست تي جمود طاري هو. ڪنوينشن ليگ جو راڄ هو. سنڌ جي مسئلن تي ڪوبہ ڳالهائڻ جي لاءِ تيار ڪونہ هو. اسان ٿورن ترقي پسند دوستن جهڙوڪ ڄام ساقي، شمشير الحيدري، عبدالحق عالماڻي، ناصر، عبدالواحد بروهي، عنايت ڪاشميري، جهانگير آذر ۽ شفيق پراچا گڏجي حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي قائم ڪيو. ان جو پهريون صدر مون کي چونڊيو ويو. انهن ڏينهن ۾ زبان جو مسئلو زور هو. سنڌ جي سيني شهرن ۾ هڪ پوسٽر لڳو تہ "قومي زبانون کو ذريعہءِ تعليم بنايا جائي." ان جي حمايت ۾ ڪراچي يونيورسٽي کي بند ڪيو ويو. پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ قومي زبان اردوءَ کي ذريعہءِ تعليم بنايو ۽ سنڌيءَ کان اتان نيڪالي ڏني ويئي. ان بعد سنڌ يونيورسٽي ۾ بہ هڪ ميٽنگ رکي، جنهن ۾ ذريعہءِ تعليم جو موضوع ايجنڊا تي هو. ان موقعي تي حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي هڪ تڪڙي ميٽنگ سڏائي وئي، جنهن ۾ اها رٿ پيش ڪئي ويئي تہ سنڌيءَ کي بہ ذريعہءِ تعليم بنايو وڃي. پر مهاجر ترقي پسند شاگردن هڪ ٻي رٿ پيش ڪئي، تہ قومي زبانن ۽ مادري زبانن کي ذريعہءِ تعليم بنايو وڃي. اها هڪ سازش هئي. ڇو تہ هنن کي خبر هئي تہ سنڌي شاگرد بہ ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويندا ۽ سنڊيڪيٽ اهو مطالبو پورو ڪري نہ سگهندي، ان ڪري جو پنجابي، بلوچي، گجراتي وغيره مادري زبانن کي يڪدم ذريعہءِ تعليم بنائڻ مشڪل هو. هنن چالاڪي ڪري سنڌيءَ جهڙي ترقي يافتہ زبان کي انهن غير ترقي يافتہ زبانن سان ڳنڍي ڇڏيو. مون ڳالهہ کي سمجهي ورتو ۽ مطالبو ڪيو تہ مادري زبان جي بدران سنڌي زبان لکيو وڃي. ان تي اتفاق ٿي نہ سگهيو. مون محسوس ڪيو تہ هي مهاجر ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ اسان کي رڳو استعمال ٿا ڪن. باقي سنڌ جي مسئلن تي هو سچا ڪونہ آهن. بهرحال، اسان ٻئي ڏينهن تي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جو گهيراءُ ڪيو. سنڊيڪيٽ جي هڪ ميمبر جناب عبدالباقي شيخ

سنڌي شاگردن جي حمايت ڪئي، هن جي زور پرڻ تي اهو سوال ويچار هيٺ نہ آيو ۽ ملتوي ٿي ويو.

ان وقت ڪان حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ٻہ گروپ ٿي ويا: 1 - ڇام ساقي، جيڪو مهاجر ترقي پسندن ۽ ڪميونسٽن جي اثر هيٺ هو، 2 - آءٌ ۽ منهنجا همخيال سنڌي دوست، 1966ع ۾ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ چونڊون ٿيون. اسان فيصلو ڪيو تہ يونيورسٽي توڙي سڀني ڪاليجن ۾ حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا نمائندا بيهارجن. ان فيصلي موجب مهر حسين شاهہ کي سچل ڪاليج ۾ جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ، عنايت ڪاشميريءَ کي سٽي ڪاليج مان ۽ آءٌ يونيورسٽيءَ مان چونڊن ۾ بيناسين. مهر حسين شاهہ بنا مقابلي ڪامياب ٿيو، عنايت ڪاشمير سٽي ڪاليج مان فقط 11 ووٽ کنيا. انهن ٻنهي جي چونڊن تي فيڊريشن طرفان چندو ڪري پمفليٽ ڇپرايا ويا هئا. پر منهنجي لاءِ هڪڙو بہ پمفليٽ ڪونہ ڇپرايو ويو. پڇاڙيءَ ۾ ايتريقدر مخالفت ڪيائون تہ "تون حيدرآباد اسٽوڊنٽس فدريشن جي نالي تي چونڊون نہ لڙ ۽ هٽ ڪڻ." مون هٽ ڪڻڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي مٿي ڪٽي چونڊون لڙي ڪامياب ٿيس.

امداد علي: پوءِ اوهان حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪان الڳ ڪيئن ٿيا؟

يوسف لغاري: چوٿين مارچ واري تحريڪ جي دؤران اسان جا اختلاف زور وٺي ويا. جڏهن تحريڪ هلي رهي هئي تڏهن فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽريءَ ڇام ساقيءَ ان جي مخالفت ڪئي. ان راءِ جو هو تہ هي جهڳڙو وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان ۽ ڪمشنر مسرور حسن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن اسين ان ۾ حصو وٺنداسين تہ سنڌي مهاجر جو مسئلو پيدا ٿيندو ۽ شاگرد تحريڪ کي نقصان پهچندو. پر منهنجي راءِ ان جي ابتڙ هئي، منهنجي خيال موجب مسرور حسن سنڌين جو دشمن هو ۽ هن حسن علي عبدالرحمان تي ڪليو ڪلايو سنڌي نواز هئڻ جو الزام لڳائي ڪيس ڪيرايو هو، ان ڪانسواءِ هي بهترين موقعو هو تہ سنڌي شاگردن کي منظم ڪري اڳتي هلي سنڌ جي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي. مون هن موقعي کي ڪنهن بہ حالت ۾ وڃائڻ نٿي چاهيو. اوهان کي خبر آهي تہ سنڌي شاگردن اها تحريڪ بهادريءَ سان هلائي پر اڳيان هلي حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو وجود ختم ٿي ويو.

مدد علي: اوهان جڏهن سنڌي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، تہ ان وقت يونيورسٽيءَ جو ماحول ڪهڙو هو؟ ۽ ان وقت سنڌ ۾ ڪهڙيون شاگرد جماعتون ڪم ڪري رهيون هيون؟

يوسف لغاري: ان وقت جي ماحول جي لاءِ آءٌ هڪڙو مثال ڏيندس. بلوچستان جو قومپرست ليڊر نواب نوروز خان تڏهن حيدرآباد جي جيل ۾ هو. اسين ڪجهه شاگرد گڏجي ساڻس جيل ۾ ملڻ وياسي. هن اسان کان پڇيو ته سنڌ جي نوجوانن جي ڪهڙي حالت آهي؟ اسان چيو ته سنڌ جو نوجوان سجاڳ آهي ان تي نوروز خان ڏک مان چيو ته "اوهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو. مون کي خبر آهي ته سنڌ جو نوجوان ڪيڊلڪ ڪار ۽ نيلو ائڪٽريس جي پٺيان آهي. ان ڪري هو ڪنهن به قومي تحريڪ ۾ حصو نٿو وٺي سگهي. مون اجا تائين ڪنهن به سنڌي شاگرد کي قومي تحريڪ جي لاءِ جيل ۾ ويندو نه ڏٺو آهي." اها حقيقت هئي. شاگرد يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ان لاءِ وٺندا هئا ته اتي سهٽيون ڇوڪريون ڇوڪرن سان گڏ پڙهن ٿيون. ان ڪري پڙهائيءَ جي دوران ڇوڪرين سان عشق ڪن ۽ پوءِ ڪا سٺي نوڪري وٺي ويهي رهن. مون ان وقت اهو خيال ڪيو ته آءٌ ڪوشش ڪري سنڌ جي نوجوانن جي سوچ کي بدلائيندس. تڏهن ون يونٽ جي خلاف لڪ چوريءَ ۾ پمفليٽ ڪڍڻ ۽ ديوارن تي نعرن لکڻ جو ڪم شروع ٿيو هو. اسين ڪجهه نوجوان شاگرد ۽ اديب گڏجي ڪم ڪرڻ لڳاسين. ان دور ۾ ڪجهه اديب حضرات سنڌ سان ٿيل ناانصافين تي گمنام پمفليٽ ڪڍندا رهندا هئا. هنن هڪ پمفليٽ ڪڍيو: "سرڪاري نوڪريون ۽ سنڌي" هنن کي ڪو اهڙو ماڻهو هٿ نٿي آيو جيڪو ڇپائيندڙ جي حيثيت سان پنهنجو نالو ڏئي. نيٺ هڪ دوست. منهنجي پريٽ منهنجو نالو ڏيئي ڇڏيو. ان وقت خوف ۽ هراس جي اهڙي فضا قائم ٿيل هئي جو ماڻهو لفافن تي حيدرآباد سنڌ جي بدران حيدرآباد ويسٽ پاڪستان لکندا هئا.

1947 کان 1967ع تائين سڄي سنڌ جي شاگردن جي ليڊرشپ مهاجر شاگردن جي قبضي ۾ هئي. علي مختيار رضوي. معراج محمد خان. رانا اظهر علي خان. شهنشاهه حسين. طاهر حسين جعفري ۽ طاهر رضوي شاگردن جا ليڊر هئا. ڪراچيءَ مان هڪ آواز ايندو هو ته سڄي سنڌ ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ٿي وينديون هيون. 1962ع واري شاگرد تحريڪ هنن جي ليڊرشپ جو واحد ثبوت هو. ڪو به سنڌي شاگرد ڪنهن به جماعت جو صدر يا عهديدار ڪونه هو. جيتريقدر مون کي ياد آهي ته ان وقت سنڌ ۾ اسلامي جميعت طلبا واحد منظم جماعت هئي. جيڪا سنڌ جي ڪاليجن. يونيورسٽين تي قابض هوندي هئي. ڪابي ڌر جي جماعت نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن هئي. پر اها ڪراچيءَ تائين محدود هئي. انهن کانسواءِ انڊس اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن پڻ هيون. انهن سڀني جا ورڪنگ

ڪان سواءِ ڪين سنڌي شاگردن جو هڪ ووٽ بہ ڪونہ ملندو. ان سان ظاهر آهي تہ اسان جي نوجوانن ۾ قوم پرستيءَ جو جذبو تہ آهي، پر تنظيم نہ هئڻ سبب ان کي غلط نموني ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي.

رهيو سوال اهو تہ آءٌ اليڪشن ۾ ڪهڙي مقصد سان بيٺس؟ آءٌ شروع ۾ پنهنجو سياسي پس منظر بيان ڪري چڪو آهيان. مون کي سياسي سان دلچسپي هئي ۽ سنڌ سان ٿيل ناانصافين جو احساس هو. مون کي خبر هئي تہ هر زنده قوم ۾ شاگردن کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ يونيورسٽيون تہ قومن جون زندگيون آهن. ان ڪري مون مناسب سمجهيو تہ سنڌي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن کي جيڪي ان وقت ڇڙوڇڙ هئا تن کي متحد ڪري، سنڌ جي قومي حقن جي لاءِ تحريڪ هلائجي ۽ سنڌي شاگردن کي مهاجر ليڊرشپ کان آزاد ڪرائجي.

مدد علي: اهو الزام ڪيتريقدر صحيح آهي تہ ان وقت سنڌي شاگردن ۾ سياسي شعور ڪونہ هو؟

يوسف لغاري: نہ! سنڌي شاگردن ۾ سياسي شعور تہ هو، پر ليڊرشپ نہ هئڻ جي ڪري ڪابہ تنظيم ڪانہ هئي.

مدد علي: هاڻي مهرباني ڪري "چوٿين مارچ" جي تحريڪ جو پس منظر ٻڌائيندا.

يوسف لغاري: ان دؤر ۾ ايوب خان جي آمريت جو ايڏو هراس وينل هو، جو سنڌي سڏائڻ عذاب هو. سنڌ جو نالو وٺڻ پاڪستان سان غداري هئي. سنڌ جا مخلص ليڊر جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ سنڌ جو شاعر شيخ اياز جيلن ۾ هوندا هئا. مون کي ياد آهي تڏهن شيخ اياز سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد ۾ مشاعري جي صدارت ڪرڻ آيو تہ سرڪار عين وقت تي مشاعري تي پابندي وجهي ڇڏي ۽ شيخ اياز کي شهر بدر ڪيو ويو. جيڪو سنڌي رسالو ٿورو گهڻو سنڌ جي مسئلن تي لکندو هو، ان کي بند ڪيو ويندو هو. فقط "روح رهاڻ" ئي هڪ اهڙو رسالو هو جيڪو بهادري سان سنڌ جي مسئلن تي لکندو رهندو هو. "روح رهاڻ" جو سنڌ جي قومي سجاڳيءَ ۾ وڏو حصو آهي. اڄ ڪلهہ تہ هرڪو رسالو پنهنجي ڪاروباري فائدن جي لاءِ قومي حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو، پر ان وقت ٻي ڳالهہ هئي. ايوب سرڪار نيٺ روح رهاڻ تي بندش وجهي ڇڏي. ڪابہ سياسي پارٽي سنڌ جي مسئلن کي کڻڻ جي لاءِ تيار ڪانہ هئي. نيشنل عوامي پارٽي ڪابي ڌر جي واحد جماعت هئي جيڪا ننڍن صوبن جي حقن جي علمبردار هوندي هئي، پر حقيقت ۾ ان تي مهاجر ڪميونسٽن جو قبضو هو، جن کي سنڌ جي قومي حقن سان ڪابہ دلچسپي

يا همدردي ڪانہ هئي. رڳو منشور ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو ذڪر هو. باقي اُن سنڌ ۾ ڪابہ تحريڪ ڪانہ هلائي. جماعت اسلامي، مسلم ليگ ۽ ٻين ساڄي ڌر جي جماعتن جو ٿوجي جنتا سان سنڌ جي حقن کي غصب ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ۾ ناهہ ٺيل هو. سنڌ مان چونڊيل اسيمبلي ميمبر گهٽو ڪري ايوب خان جا چاڙتا هئا. سنڌي ماستر ۽ ٽيپيدار جي بدليءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ مطالبو ڪونہ ڪندا هئا. ڪامورا شاهيءَ تي پنجابين ۽ ٻناهگيرن جو قبضو هو. سنڌي وڏيرا انهن جي دلالي ڪندا هئا. سنڌ ۾ گهٽ ۽ ٻوساٽ وارو ماحول هو. ون يونٽ نهڻ ڪان وٺي 1968ع تائين ٿيل حق تلفيون ۽ ظلم وڏا سبب هئا. جن سنڌي شاگردن کي مجبور ڪيو تہ چوٿين مارچ واري واقع کي سبب بنائي احتجاج ڪن ۽ غصب حقن کي واپس وٺڻ جي لاءِ تحريڪ هلائڻ جي ابتدا ڪن. باهہ تہ اندر ئي اندر گهڻي وقت کان پئي دکي. نيٺ چوٿين مارچ تي اهو برندڙ جبل ڦاٽي پيو.

مدد علي: ظاهري طور ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ اهو واقعو اصل ۾ ٻن آفيسر يعني حسن علي عبدالرحمان ۽ ڪمشنر مسرور حسن جو ذاتي جهڳڙو هو، جنهن ۾ آفيسري انا جو دخل هو. ان متعلق اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

يوسف لغاري: منهنجي راءِ ساڳي آهي جيڪا ان وقت هئي. اهو غلط آهي تہ اهو رڳو ٻن آفيسرن جي وچ ۾ جهيڙو هو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي مهاجرن زوري استعيفا ڏياري. هن ڪانپوءِ مهاجر وائيس چانسلر آيو. ان دؤر ۾ مهاجرن کي ناجائز مراعاتون ملڻ لڳيون. ايتريقدر جو ڪوبہ سنڌي ليڪچرار يا شاگرد سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسڪالرشپ تي ٻاهر نہ ويو هو. حسن علي عبدالرحمان جي اچڻ سبب مهاجرن کي حاصل ناجائز مراعاتون ختم ٿي ويون. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪوٽا سسٽم جي ڪري ٻهراڙيءَ جي شاگردن کي وڌيڪ داخلائون ملڻ لڳيون. اردوءَ کي ذريعي تعليم بنائڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي. ڪمشنر مسرور حسن ايوب خان جو خاص چاڙتو هو. هن چاهيو ٿي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪک بہ منهنجي حڪم ڪانسواءِ نہ چري. حسن علي عبدالرحمان هن جي لامحدود اختياريءَ جي اڳيان ڪري جهڪيو ۽ استاديءَ جي معزز پيشي کي برقرار رکيو. مهاجرن سنڌ يونيورسٽيءَ تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ حسن علي عبدالرحمان کي هٽائڻ ضروري سمجهيو. هنن جي خوش قسمتيءَ سان ڪمشنر مسرور، ڊپٽي ڪمشنر علمدار رضا ۽ ايس پي قاضي اعظم سخت مهاجر پرست هئا. انهن سان گڏ مخالف پارٽي جي سنڌي دشمن سياستدانن جهڙوڪ ڪائونسل مسلم ليگ جي حافظ مبارڪ علي شاهہ، نواب ياسين، نواب زاهد علي

فيڊريشن جي صدر جي حيثيت سان سپاسنامو پڙهيو هو. جنهن ۾ مون شاگردن جي مسئلن سان گڏ ون يونٽ جي مسئلي تي پڻ ڳالهايو. جلسي ۾ سنڌي شاگردن ون يونٽ کي ٽوڙڻ جا خاص نعرا لڳايا. مون سپاسنامو سنڌ جي مسئلن تي پيش ڪيو. پر ڀٽي صاحب جنهن کي ان وقت سنڌي ڪانه ايندي هئي تنهن انگريزيءَ ۾ رڳو ڪشمير ۽ بين عالمي مسئلن تي ئي ڳالهايو. بهرحال مون، اها ڳالهه ان ڪري ٻڌائي ته اسان چوٿين مارچ کان به اڳ ون يونٽ ٽوڙڻ جو نعرو هنيو هو.

مدد علي: ڀلا ان تحريڪ سنڌ کي ڪهڙا نوجوان اڳواڻ ڏنا، جيڪي اڄ سنڌ جي سياست ۾ اهم مقام رکندا هجن؟

يوسف لغاري: ان تحريڪ يوسف ٽالپر، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو، لالا قادر، ڪامل راڄپر ۽ چام ساقيءَ جهڙا نوجوان اڳواڻ پيدا ڪيا. جيڪي رڳو چوٿين مارچ جي ڪري ئي مقبول ٿيا. باقي انهن جو اڄ سنڌ جي سياست ۾ ڪهڙو مقام آهي. ان بابت بهتر آهي ته اوهان پاڻ فيصلو ڪريو.

مدد علي: اوهان به ته پنهنجي راءِ ڏيو، ته اڄ اهي نوجوان اڳواڻ ڪٿي بيٺل آهن؟

يوسف لغاري: هن وقت سنڌ جي قوم پرست تحريڪ تي جمود طاري آهي. اسان جي ماڻهن جيئي سنڌ جي قومي نعري کي نيوڙي ۽ بدلائي جيئي ڀٽو جي شخصي نعري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. بدقسمتيءَ سان اسان ۾ مفاد پرستيءَ جو مرض گهٽو آهي. مٿين اڳواڻن مان ڪيترا همراهه اڄڪلهه پيپلز پارٽيءَ ۾ اثر رسوخ رکن ٿا. اوهان چوندا ته اها پنهنجي مقصدن تان هٽي چڪا آهن. پر اهي پاڻ ائين ٿا چون ته " اسين پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ جي حقن جي لاءِ استعمال پيا ڪريون!" آءٌ رڳو ايترو چوندس ته اهي پاڻ استعمال پيا ٿين.

مدد علي: ڀلا اوهان پنهنجي باري ۾ به ته ڪجهه ٻڌايو. اڄ ڪلهه اوهان ڇا پيا ڪريو؟

يوسف لغاري: منهنجي روزگار جو ذريعو وڪالت آهي. باقي سياست ۾ جيئن ته هن وقت سنڌ بنياد تي ڪابه سياسي پارٽي ڪانه آهي، ان ڪري آءٌ موجوده وقت ۾ جيئي سنڌ محاذ جي حمايت ڪريان ٿو جنهن جو مقصد سنڌ جي سياسي اقتصادي ۽ ثقافتي آزادي آهي. بهرحال اسين ان ڪوشش ۾ آهيون. ته محاذ اڳتي هلي سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ واحد سياسي پارٽي بنجي.

مدد علي: سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال جي باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڳَن، چپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)